UNIVERSITY OF SINDH

# سنڌ جي ادبي تاريخ

خان بهادر
محمد صديق ميمڻ

Institute of Sindhology

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي ادبي تاريخ

مصنف

خان بهادر الحاج محمّد صديق ميمڻ

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
يونيورسٽي آف سنڌ
ڄام شورو
2000ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 172
چوٿون ايڊيشن © 2000
اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

محمد حسين شيخ، ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو،
ضلعي دادو، سنڌ مان شايع ڪيو.

سنڌيونيورسٽي پريس، سنڌ يونيورسٽي، ايلسا قاضي ڪئمپس، حيدرآباد ۾ ڇپيو

ٽائيٽل ڪور ڊزائين: ممتاز علي چنه

مُلھہ: 00. 450 رُپيا

ڀاران : ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ISBN-969-405-053-7

# SINDH JEE ADABI TAREEKH

(A Literary History of Sindh Before British Rule)

By

Khan Bahadur Al-Haj Mohammad Siddique Memon

Published by Muhammad Hussain Shaikh,
Director, Institute of Sindhology, University of Sindh,
Jamshoro, Sindh, Pakistan.

Printed by Sindh University Press, Elsa Kazi Campus,
Hyderabad, Sindh, Pakistan.

Fourth Edition © 2000 Institute of Sindhology

Price Rs. 450.00

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies,
www.sindhsalamat.com Jamshoro books.sindhsalamat.com

# فهرست


| نمبر | عنوان | | صفحو |
|---|---|---|---|
| * | فهرست | ............. | (V-iii) |
| * | پبلشر پاران | (چوٿون ايڊيشن) | (Vi) |
| * | مهاڳ | (ٽيون ايڊيشن) | (Vii) |
| * | مهاڳ | (پهريون ايڊيشن) | (Viii) |


## پاڳو پهريون


| | | |
|---|---|---|
| 1 | علم ادب يا ساهت ڇا کي چئجي؟ | 1 |
| 2 | سنڌ جو علم ادب | 1 |
| 3 | سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت | 3 |
| 4 | عربي - سنڌي صورت خطي | 8 |
| 5 | اوائلي سنڌي شعر | 16 |
| 6 | سنڌيءَ جو جهونو ۽ نج شعر | 22 |
| 7 | سنڌ جو علمي عروج | 24 |
| | سنڌ جو بنيادي تحريري شعر | |
| 8 | قاضي قاضن | 27 |
| 9 | شاهه عبدالڪريم | 32 |
| 10 | سنڌي علم ادب جو بنياد وجهندڙ ميان ابوالحسن | 39 |
| 11 | مخدوم ضياءُ الدين | 46 |
| 12 | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | 50 |
| 13 | مولوي عبدالخالق ٺٽوي | 60 |
| 14 | مخدوم عبدالله | 62 |
| 15 | شاهه عبداللطيف ڀٽائي | 75 |
| 16 | سنڌ جو موزون ڪلام وارو شاعر مخدوم عبدالرئوف ڀٽي | 114 |
| 17 | مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي | 117 |
| 18 | مولوي محمد حسين | 118 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي ادبي تاريخ

## علم ادب يا ساهتيہ ڇا کي چئجي؟

ڪنهن بہ ملڪ جي ٻوليءَ ۾ گذريل زماني يا هلندڙ زماني جي علم وارن ماڻهن جا جيڪي خيال نظم يا نثر ۾ ڪتابن ۾ لکيل هجن، تن لکيتن کي ڄڻجي ان ٻوليءَ جو 'علم ادب يا لٽريچر (Literature) يا ساهتيہ'. دنيا ۾ اهڙي ڪا بہ قوم ڪانهي، جنهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ 'علم ادب' يا لٽريچر نہ هجي. سڌريل قومن جو علم ادب سڌريل ۽ گهڻو ٿئي ٿو ۽ اڻ سڌريل قومن جو "علم ادب" وري ان قوم جي حالت سارو ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ پنهنجي ديس جي گذريل حالتن بابت نظم يا نثر ۾ ڪجهہ بہ موجود نہ هجي، تہ اها قوم هوند گهور اونده ۾ هٿوراڙيون ڏيندي نظر اچي. دنيا جي ڪهڙي بہ اڻ سڌريل قوم، جا لکي پڙهي بہ نہ ڄاڻندي هجي، تنهن وٽ پنهنجن وڏن جي بهادريءَ جا داستان، غم ۽ خوشيءَ کي همٿائڻ وارا ڪلام، لکيل صورت ۾ نہ، تہ بہ زباني روايتن طور نظم يا نثر ۾ ضرور موجود هوندا. گذريل زماني جي علم ادب يا ساهتيہ، هلندڙ زماني وارن ماڻهن لاءِ، ۽ هلندڙ زماني جو علم ادب ايندڙ زماني وارن ماڻهن لاءِ نهايت سچي رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿو.

## سنڌ جو علم ادب

ڪن صاحبن کي ايئن راءِ ڏيندو ڏٺو ويو آهي، تہ "سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب آهي ڪونہ، ۽ جي آهي، تہ بلڪل ٿورو آهي." اهڙي راءِ ڏيڻ وارا صاحب گهڻو ڪري اهي آهن، جن جو عربي پارسي ٻولين سان واسطو ۽ قرب ڪونهي، نڪي ڪي انگريز سرڪار جي اچڻ کان اڳ جيڪو صاف سنڌي لٽريچر (گهڻو ڪري نظم جي صورت ۾) گهڻي انداز ۾ موجود هو ۽ اجا تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارهن سون ورهين ۾ سنڌي ٻولي عربي، پارسي وغيره ٻولين جي لفظن سان اهڙي ڀرپور ٿي ويئي، جو ڪن لفظن جي سڃاڻپ ئي مشڪل ٿي پيئي، ته اصل ڪهڙيءَ ٻوليءَ جا آهن.

هيٺ ڏنل لفظن مان معلوم ٿيندو ته ڪيتري قدر ڌاريا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳتجي ويا آهن. ڪن لفظن جون اصلوڪيون درست صورتون ئي مٽجي ويون آهن جيئن ته ڪڙتو، چوغو، گريبان، پاجامو، رومال، شال، دوشالو، تڪيو، برقعو، دسترخوان، پلاءُ، قورمه، مربو، آچار، فالوده، گلاب، طبق، رڪابي، ڪفگير ۽ ڪاتي، ٿوم، دٻلو، سٽ، ٽنپو، ڏڏ، ڊولڪ وغيره، عربي پارسي ٻولي مان سنڌي ۾ ملي ويا آهن.

ڪي ته عربي ۽ فارسي لفظ اهڙا سنڌيءَ ۾ ملي ويا آهن، جو انهن جي عوض ٻيو ڪوبہ سنسڪرت يا ڀاشا جو لفظ ڪم اچيئي ڪونہ ٿو. جيئن ته دلال، فراش، مزور، وڪيل، اصيل، جلاد، صراف، مسخرو، صورت، مشڪل، طبيعت، مزاج، برف، ڪبوتر، بلبل، طوطو، قلم، عينڪ، ڪرسي، لگام، زين، نعل، جهاز، پردو، دالان، تهہ خانو، تازو، غلط، صحيح ۽ ڪاريگر وغيره.

اوطاق، چقمق، چاقو، چاق (تندرست)، قئنچي، نڪمون، چلمچي، بورچي ۽ ايلچي، وغيره. ترڪي ٻوليءَ جا لفظ آهن.

ڏهاڙو، ڏون، پرائي ڪنان وغيره. سرائڪي ٻوليءَ مان سنڌي ۾ آيا آهن.

وڳہ، اٽالو، ڇانگهو، گهٽو، ليڙو، ڊوم يا ڏوم وغيره. اهي بلوچي ٻوليءَ مان آيل آهن.

ڊوڊو، ڏاڙو، گيدي، گهل، ڊال وغيره پشتو ٻوليءَ مان آيل آهن.
پورچوگيزن، فرينچن ۽ انگريزن جي ٻولين جا لفظ بہ سنڌي ۾ داخل ٿي چڪا آهن، ۽ انگريزي ٻوليءَ جا لفظ، اڃا بہ وڌن زياده ٿيندا جيئن ته ڪمرو (اطالوي)، نيلام، فالتو، ڦيٽ، پگهار، ترنگ اهي پورچوگيز ٻولي جا لفظ آهن. پادري (لئٽن ٻولي جو لفظ)، لالٽين، اسٽامپ، اسڪول، ڪاليج، بسڪوٽ، پينشن، پستول، بوتل، پتلون، ڪوٽ، ڪف، درجن، بٽڻ، بگي، گلاس، مڊم، اردلي، سٽيشن، ٽڪيٽ، ريل، پوليس، سٽل، فس ڪلاس، چاپ، پلٽڻ، اسپتال، ڪتلي، رپورٽ وغيره. ڪئين انگريزي لفظ آهن، جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي ڏينهن ۾ جڏهن مولوي پنهنجي سنڌي شاگردن کي ڪنهن عربي يا پارسي جي معنيٰ سمجهائيندا هئا، تڏهن لفظي ترجمو پاڙهيندا هئا. جيئن تہ:

اهدنا الصراط المستقيم

ترجمو اصلوڪو نمونو: ڏيکار اسان کي واٽ سڌي.

انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو، جو اوائل ۾ جيڪي سنڌي نثر جا ڪتاب مسلمانن خواه هندن لکيا آهن، تن ۾ سنڌي ٻوليءَ انهيءَ نموني جي ڪم آيل آهي، جنهن کي 'ملائين سنڌي' چئبو آهي، يعني ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٻي طرح سنڌي ڳالهائبي هئي ۽ لکڻ ۾ مٿيون نمونو ڪم ايندو هو.

انگريز سرڪار جي حڪومت تائين، سنڌي ٻوليءَ بابت ڪو بہ گرامر يا صرف نحو ٺهيل ڪونہ هو، تنهنڪري اوائل وارن سنڌي نثر جي ڪتابن ۾ ٻي قاعدي ٻولي ڪم آيل آهي. جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ تمام گهڻي ڦيرڦار آهي، جيئن مٿي سمجهايو ويو آهي، تنهن هوندي بہ سنڌي ٻولي پنهنجون اصلوڪيون گرامر واريون صورتون ۽ نحوي بناوتون قائم رکندي آئي آهي. انهن تي عربي ۽ پارسي گرامرن جي قاعدن جو ڪو اثر ڪونهي.

گرامر جا ڪيترا جهونا لفظ، جيئن اڳي ڪم ايندا هئا، تنهن ڪان هينئر بلڪل ٻي طرح ڪم اچن ٿا. جيئن تہ ڪنان جي بدران ڪان، جانڪيتان جڏهانڪر يا جيستائين.

| | | | |
|---|---|---|---|
| تاڪي | تيستائين | ڪر | جڻڪ |
| جيڪس | شايد | اوڙڪ | نيٺ |
| اُتي | تي | پٺان | پٺيان |
| اپر | گهر | ملاءِ | ڪان |
| ات | تمام | مٿي | ڏانهن ۽ پيا |
| نڪٽي | بلڪل | | |

سنہ 1854ع ۾ سنڌي گرامر ٺهڻ ڪان پوءِ جلد ئي سنڌي نثر وڌيڪ سڌرڻ ۽ درست طرح ڪم اچڻ لڳو. پنجاه ڪن ورهين تائين جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي نثر جا ڪتاب پي نهيا آهن. تن ۾ اصل سنڌي لفظ ۽ عربي پارسي لفظ گهڻا پي ڪم آيا ۽ ڳرا سنسڪرت لفظ بلڪل ورلي ڪم ايندا هئا. پر ويهين صديءَ ۾، جڏهن سنڌ ۾ ڇاپخانا گهڻا ٿيا، سنڌي اسڪولن ۽ ٽريننگ ڪاليجن مان پارسي تعليم صفا نڪري ويئي، ۽ انگريزي اسڪولن ۾ به پارسي تعليم نالي خاطر وڃي رهي، تڏهن سنڌي نثر جي صورت بدلجڻ لڳي. ڪتاب لکندڙ پنهنجن نون ڪتابن ۾ ڳرا ڳرا سنسڪرت ۽ عربي لفظ ٽنبڻ لڳا آهن. ائين ڪرڻ ۾ ٻوليءَ جي وڌائڻ ۽ سينگارڻ جو ڪو به ارادو ڪونه ٿو پائنجي، پر فقط ٻوليءَ تي هرويرو مذهبي رنگ چاڙهڻ جي نيت ٿي ڏسجي. هينئر سنڌي ٻولي ٽن صورتن ۾ پيئي لڪجي: (1) نظم يا نثر جي اها صورت، جنهن ۾ مسلمان شاعر ۽ مصنف ڳرا ڳرا عربي ۽ پارسي لفظ ۽ محاورا ڪم آڻڻ پنهنجو فخر ڄاڻندا آهن. (2) نظم يا نظر جي اها صورت، جنهن ۾ هندو شاعر ۽ مصنف زور ڪري ڳرا ڳرا سنسڪرت لفظ ٽنبيندا آهن. (3) نظم يا نثر جي اها صورت، جنهن ۾ مسلمان خواه هندو شاعر خواه مصنف، صاف ۽ سليس سنڌي ڪم آڻيندا آهن، جنهن ۾ نڪي عربي ۽ پارسي جا ڳرا ڳرا لفظ ۽ محاورا هوندا آهن، نڪي سنسڪرت جا.

اڄ ڪلهه جي علم دوست صاحبن کي ٽوئين قسم واري سنڌي ٻولي پسند ايندي آهي ۽ سچ پچ آهي به اها سنڌي سهڻي. انهيءَ جو سبب هي آهي، ته ڪنهن به ٻوليءَ جي فصاحت ۽ بلاغت ثابت ٿيندي آهي، لفظن جي پارسائي ۽ پختائيءَ مان، جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي نظم يا نثر ۾ عربي، پارسي يا سنسڪرت جا اهڙا ڳرا لفظ ٽنبيا جن جي معنيٰ ئي عام ماڻهن جي سمجهه کان مٿي هوندي، ته ائين ڪرڻ ڄڻڪ پنهنجي ٻوليءَ جي فصاحت ۽ بلاغت کي برباد ڪرڻو آهي.

## عربي سنڌي صورتخطي

ڪابه ٻولي تيستائين بلڪل ناقص ليکبي آهي، جيستائين ان ٻوليءَ لاءِ ڪا مقرر صورتخطي نه هوندي آهي. انسان پنهنجا خيال لکڻ جي رستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي جي اڳيان پيش ڪري سگهي، تنهن لاءِ ٻوليءَ جي مقرر صورتخطي جو هئڻ ضروري آهي. صورتخطي به اهڙي هئڻ گهرجي، جنهن جي وسيلي ٻوليءَ جا سڀ آواز جدا جدا نشانين سان معلوم ٿي سگهن ۽ ٻوليءَ جو هرهڪ لفظ لکيل صورت ۾، پنهنجي اصليت ڏيکاري سگهي.

سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ، سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ديوناگري (شاستري) يا سنسڪرت يا هندو سنڌي اکرن ۾ لکندا هئا. پر عربن جي اچڻ ڪري عربي ٻوليءَ جا لفظ گهڻي انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏجي مسجي ويا. تن لفظن جي صحيح صورت ڏيکارڻ لاءِ ديوناگري (شاستري) سنسڪرت يا هندو سنڌي صورتخطي بلڪل اڻپوري هئي، سو هن ڪري، جو عربي ٻوليءَ جا ڪيترائي آواز سنڌ جي قديم ٻوليءَ ۾ موجود ئي ڪين هئا. تنهن ڪري اهڙن آوازن وارن لفظن جي صحيح صورت به سنسڪرت يا ديوناگري وغيره صورتخطي ۾ قائم رهي نه ٿي سگهي. مثلا: حفاظت، حضرت، غريب، زيارت، فضيلت وغيره لفظ سنسڪرت، ديوناگري يا هندو سنڌي صورتخطي ۾ ٿين ٿا هفاجت، هجرت، گريب، جيارت، ڦجيلت وغيره. انهن سببن ڪري عربن پنهنجي صورتخطي قائم رکي ۽ دفتر جا سڀ ڪم ڪار به عربي ٻوليءَ ۾ ٿيڻ لڳا ۽ ماڻهن کي تعليم به عربي ٻوليءَ ۾ ملڻ لڳي. سنڌ جا مسلمان اول عربي ٻوليءَ ۾ پوءِ پارسي ۾ جڏهن ماهر ٿيا ۽ پنهنجي وطني ٻوليءَ (سنڌي) ۾ پنهنجا شعر يا نثر لکڻ جا خواهان ٿيا، تڏهن انهن کي به وڏي مشڪلات پيش آئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا آواز آهن، جي عربي يا پارسي ٻوليءَ ۾ آهن ئي ڪين، نڪي عرب ۽ ايراني ماڻهو، انهن نج سنڌي آوازن کي پنهنجي واتان صحيح طرح ڪڍي سگهندا آهن. مثلا: ڪراچي، ٺٽو، ڇوڪر، ڪنڌ، ڊور، گهوڙو وغيره. اهي لفظ جيڪڏهن ڪنهن عرب کان ڇوائبا ته چوندو: ڪراصي، تتو، شوڪر، قند، دور، غورو وغيره.

سنڌ جا پڙهيل ماڻهو، نج سنڌي آواز درست طرح واتئون ڪڍي سگهيا ٿي، مگر انهن آوازن کي لکڻ ۾ آڻڻ لاءِ انهن وٽ ڪي به صورتون مقرر ڪين هيون. نج سنڌي آواز هي آهن: ٻ، ڀ، ٽ، ٺ، ٿ، ڦ، ڄ، جهه، ڃ، ڇ، ڏ، ڌ، ڊ، ڍ، ڙ، ڪ، ڳ، گهه، ڱ، ڻ. شاهه عبدالڪريم بلڙي واري

جي زماني (عيسوي سترهين صدي) کان وٺي سنہ 1854ع تائين ٻن سو ورهين جي اندر ڪيترائي ڪتاب (خاص ڪري شعر ۾ لکيل) سنڌي ٻوليءَ ۾ تيار ٿي چڪا، جن مان ڪي اڄ تائين دستخط لکيل ۽ ڪي ڇاپيل موجود آهن. خاص سنڌي صورتخطيءَ جي مقرر نہ هئڻ ڪري انهن ڪتابن ۾ مصنفن مٿين نج سنڌي آوازن جون صورتون، پنهنجي خيال موجب علحديون علحديون لکيون آهن. نہ رڳو ايترو بلڪ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر نہ هئڻ ڪري لفظن جون ملاوتون بہ سڀڪنهن مصنف پنهنجي پنهنجي خيال تي لکيون آهن.

مثلاً:

(1) منجيا صدق دل جي س ملڪ مڙيئي.

(2) ڪوري آنگريون جيني پير جون قبلي منه ڪجاه.

(سنڌي مخدوم ضياءُ الدين).

اڄوڪي سنڌي ۾ جيڪر اهي سٽون هن طرح لکجن:

(1) مڃيا صدق دل جي سين ملڪ مڙيئي.

(2) ڪوڙي آڱريون جيٽي پير جون قبلي منهن ڪجا.

ٻيو مثال:

(1) مورن واڻ لدي ٻسي ڳهي پريان.

(2) مارو مرو پکهن پري ملڪ مت سجاڻ.

(سنڌي ابوالحسن قديم ڇاپو)

اڄوڪي سنڌي صورتخطي ۾ جيڪر اهي سٽون هن طرح لکجن:

(1) موڙهن واٽون لڌيون ٻسي ڪي پريان.

(2) ماٺهو، مرون، پکڻ پرِ ملڪ مت سڄاڻ.

مٿي جيڪي جهوني سنڌي صورتخطي جا نمونا ڏيکاريا ويا آهن. تن ۾ ٻولي سنڌي ۽ صورتخطي عربي ڪم آندي ويئي آهي. انهيءَ ڪري قرآن شريف پڙهڻ کان پوءِ مسلمان ٻار اها جهوني سنڌي صورتخطي تمام گهڻي سولائيءَ سان پڙهي سگهندا هئا. جيتوڻيڪ نج سنڌي آوازن ڪي لکڻ لاءِ ڪا مقرر صورتخطي ڪانہ هئي تہ بہ جهڙي نموني ۾ اهي نج سنڌي آواز لکيا ويندا هئا، تهڙي نموني ۾ نڪي لفظ جي معنيٰ قريو سگهندي هئي ۽ نہ اصليت گم ٿيو ويندي هئي. اڄ تائين بہ جهوني زماني جا مولوي ملان ٺوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦير گهير بعد اهائي جهوني سنڌي صورتخطي ڪم آڻيندا آهن. جن ماڻهن جو پارسيءَ سان گهڻو واهپو هوندو هو، سي وري سنڌي ٻوليءَ جو نظم يا نثر پارسي صورتخطي ۾ لکندا هئا. اهي به نج سنڌي آواز علحده علحده صورتن ۾ لکندا هئا. سنڌ جا امير ماڻهو سنڌي مرثيا ۽ ٻيا سنڌي نظم گهڻو ڪري پارسي صورتخطي ۾ لکارائيندا هئا. اهڙي نموني جا بياض اڄ به سون جي انداز ۾ مسلمان خاندانن وٽ موجود آهن. انهيءَ صورتخطيءَ جو نمونو هيءُ آهي:

(1) سـاتهـه ري سـردار قـيـدي، کـربلا مظلوم جـا،
سـر کـهليا مـاتام کندا، جـڏهن شـام ڏي رئندا هليـا،
تهي پچهـيـو جـهـه کـهـه، کـه بيوات آهن کـهـه سندا،
ان تهي چـو، آهيـون مـديني جـا مـسـافـر مـبـتـلا.

(دستخط مرثيه ثابت علي شاه)

اجوڪوي سنڌي صورتخطيءَ ۾ مٿين عبارت جيڪر هيئن لکجي:
سـاٿ ري سـردار قـيـدي، ڪربلا مظلوم جـا،
سـر ڪليا مـاتم ڪندا، جـڏهن شـام ڏي رئندا هليـا،
ٿي پڇـيـو جنهن ڪنهن، ڪ هي بي وارث آهن ڪنهن سندا،
ان ٿي چـيـو، آهيـون مـديني جـا مـسـافـر مـبـتـلا.

عـربي صورتخطي ۾ لکيل سنڌيءَ کان پارسي صورتخطي ۾ لکيل سنڌي، پڙهڻ ۾ تمام گهٽي ڏکي هئي. انگريز سرڪار جي حڪومت کان اڳ گهٽي وقت لاڪر وقت جي حاڪمن وٽ سموري لکپڙهه پارسي ۾ هلندي هئي، تنهن ڪري انهن حـاڪمن خـاص سنڌي صـورتخطي مقرر ڪرڻ جي ڪجهه ضرورت ڪانه ڄاتي. انهيءَ ڪري مسلمان پڙهيل ماڻهو، پنهنجي سنڌي ٻوليءَ وارا خيال مٿين نموني سان پيا لکندا ۽ ظاهر ڪندا هئا ۽ سنسڪرت، ديوناگري ۾ هندو سنڌي صورتخطي ڪم آڻيندڙ. پنهنجي سنڌي ٻولي لکندي عربي ۽ پارسي لفظن جون بگڙيل ۽ اڻ پوريون صورتون پيا ڪم آڻيندا هئا. سنڌ ۾ انگريز سرڪار جي حڪومت شروع ٿيڻ کان پوءِ به سرڪاري لکپڙه پارسيءَ ۾ پيئي هلندي هئي. اٺن ورهين کان پوءِ سنه 1851ع ۾ سربارٽل يوروپي عملدارن کي حڪم ڏنو ته سنڌي ٻولي سکو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ۾ امتحان پاس ڪريو، ته اوهين ديسي ماڻهن کان حال احوال به وٺي سگهو.

يوروپي عملدار، سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ تيار ٿيا، پر سنڌي ٻولي جي ڪا به خاص مقرر ٽيل صورتخطي ڪانه هئي، نڪو اسلامي لٽريچر کان سواءِ ٻيو ڪو لٽريچر ئي موجود هو. ان وقت جي يوروپي عملدارن ۾ ڪي عربي، پارسي ۽ سنسڪرت جا ماهر هئا. انهن مان ڪي جهونا نظم هٿ ڪرڻ ۾ لڳا، ته ڪي سنڌي گرامر ناهڻ ۾، ڪي سنڌي ڊڪشنري ناهڻ ۾ مشغول ٿيا ته ڪي ترجمن ڪرڻ ۾. ٽرمپ صاحب شاه جو رسالو هٿ ڪري گورنمينٽ آف انڊيا جي خرچ سان جرمنيءَ جي ليپزگ شهر ۾ ڇاپائي سنڌ ۾ آندو. پر ان وقت سنڌي ٻوليءَ جي نج آوازن ڏيکارڻ لاءِ ڪي مقرر ٽيل صورتون نه هيون. تنهن ڪري ٽرمپ صاحب واري رسالي ۾ انهن لاءِ اهڙيون نراليون ۽ عجيب جڙتو صورتون ڪم آنديون ويون آهن، جو اڄڪلهه جا سنڌي دان ٽرمپ صاحب جي رسالي جي عبارت پڙهي به نه ٿا سگهن.

مثال:

(1) پانهين سبحاني پان، پان کر پان لهي.

(2) سر ڊهونڊيان دهڙ نه لهان، دهڙ ڊهونڊيان سر ناه.

(3) مون ابيتهي هيليا، بندر جي تڙن.

اڄوڪي سنڌي صورتخطي ۾ جيڪر مٿين عبارت هن طرح لکجي:

(1) پاڻهي سجاڻي پاڻ، پاڻ ڪر پاڻ لهي.

(2) سر ڍونڍيان ڌڙ نه لهان، ڌڙ ڍونڍيان سر ناه.

(3) مون ابيٺي هليا، بندر جي تڙن.

ان وقت سربارٽر فريئر صاحب ڪي مٿان حڪم آيو، ته جيئن ٻين ملڪن ۾ سرڪاري لکپڙه اتي جي ديسي ٻولين ۾ هلي ٿي، تيئن آئنده سنڌ ۾ به سرڪاري دفتر سنڌي ٻوليءَ ۾ هلڻ گهرجي. پر جنهن صورت ۾ اڳ ڪا به اهڙي سنڌي آئيوٽا (الف بي) مقرر ٿيل ڪانه هئي، جنهن جي وسيلي سنڌي ٻوليءَ جا نج آواز به ڪنهن خاص مقرر ٿيل صورت ۾ ڪم اچن، تنهن صورت ۾ سربارٽر فريئر صاحب سنه 1853ع ۾ پنهنجي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايلس صاحب (جنهنجي هٿ ۾ تعليم کاتي جون واڳون هيون) جي

زيرصدارت هڪڙي پڙهيلن ماڻهن جي ڪميٽي مقرر ڪئي، جنهن جا هيٺيان ميمبر هئا:

(1) راءِ بهادر نارائڻ جگننات، جنهنجي نالي ڪراچي هاءِ اسڪول ٿو سڏجي، (2) ديوان نند يرام ميراڻي سيوهاڻي (3) ديوان پرڀداس اندرام رامچنداڻي حيدرآبادي، (4) ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي حيدرآبادي، (5) خانبهادر مرزا صادق علي بيگ مرحوم حيدرآبادي، (6) ميان محمد (پوءِ نارمل اسڪول جو ماستر) (7) قاضي غلام علي ٺٽي جو وينل ۽ (8) ميان غلام حسين ٺٽي جو وينل.

سنڌي صورتخطي مقرر ٿيڻ تي گهڻو بحث هليو. ڪنهن زور ڀريو، تہ اهڙي آئيوٽا ناهجي، جنهنڪري ا ۽ ع جي بدران يڪو حرف ڪم اچي. اهڙي طرح ت ۽ ط، ث، س ۽ ص، ح ۽ هہ، ز ۽ ذ، ض ۽ ظ، ڪ ۽ ق جي بدران يڪو آواز پيدا ڪندڙ اکر مقرر ڪجن. باقي جيڪي نج سنڌي آواز آهن، تن جي لاءِ نشانيون مقرر ڪجن. اهڙي زور ڀريندڙن جي راءِ هيٺين سببن ڪري رد ڪئي ويئي:

[1] سنڌي ٻولي اڳيئي عربي صورتخطي ۾ لکڻ ۾ ايئي اچي، تنهنڪري باقي فقط نج سنڌي آواز ڏيکاريندڙ حرفن لاءِ صورتون مقرر ڪجن.

[2] سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسي لفظ گڏجي ويا آهن. جيڪڏهن عربي حرفن جون صورتون مٽائي ڇڏبيون، تہ پوءِ لفظن جي صحيح معنيٰ ۽ اصليت بلڪل گم ٿي ويندي. عربي ۽ پارسي حرفن کي اصلوڪي صورت ۾ قائم رکڻ ڪري اهڙي مونجهہ پيدا نہ ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ عربي ۽ پارسي ٻولين جون نهايت عمديون ڊڪشنريون (لغاتون) موجود آهن.

[3] مسلمانن جا ٻار هيئنر پنهنجا عربي حرفن گڏيل نالا درست ۽ بامعني لکي سگهن ٿا. جيڪڏهن سنڌي آئيوٽا مان عربي لفظ ڪڍي ڇڏبا تہ بہ مسلمان پنهنجو لاڳاپو عربي ۽ پارسيءَ سان ڇڏي ڪين سگهندا. پوءِ مشڪلات هيءَ پيدا ٿيندي، جو مثلاً هڪڙي ڇوڪر جو نالو آهي "محفوظ علي" هاڻي جيڪڏهن سنڌي آئيوٽا مان عربي حرفن جون صورتون ڪڍي ڇڏبيون تہ پوءِ ان ڇوڪر کي سڪول ۾ پنهنجو نالو (مثال خاطر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ٿيو هو، تنهنڪري جيتوڻيڪ آئيوينا نئين ڪم ۾ اچڻ لڳي پر لفظن جي گڏيل آوازن ۾ نحوي ملاوتن لکڻ لاءِ سيکو پنهنجي سر اختيار وارو هو. خود تعليم کاتي جي اوائلي ڪتابن ۾ جدا جدا نمونن سان لفظن جون ملاوتون لکڻ ۾ ايندڙيون هيون. مثلاً:

(1) ڪيڏهن کي ڪيڏهہ، ڪيڏهن، ڪيڏانهہ پيا لکندا هئا.

(2) جنهن کي جنهہ، جنهن پيا لکندا هئا.

(3) اسين کي اس.

(4) مون کي من.

(5) چڱيون کي چڱيءَ وغيره وغيره.

جڏهن سنہ 1888ع ۾ جيڪب صاحب سنڌ جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿي آيو؛ تڏهن ان صاحب جهڙو سڪول جي تعليم کي سڌاريو ۽ وڌايو، تهڙو عربي سنڌي صورتخطي کي سڌاريائين. هن صاحب وڏا نقشا تيار ڪرايا، جن ۾ جيڪي جيڪي سنڌي لفظ جدا جدا صورتن ۾ لکڻ ۾ ڪم ايندا هئا، سي سڀ داخل ڪرائي. انهن جون پڪيون صورتون مقرر ڪيائين، جي اڄ تائين سنڌي نثر يا نظم جي ڪتابن ۾ ڪم پيون اچن. جيڪب صاحب اهي درست لفظن وارا نقشا پنهنجي صحيح سان ڇاپائي، وڏين دفترين تي چنبڙائي، سنڌ جي هرهڪ سڪول ۾ موڪلي ڏنا هئا. اهڙي طرح بيهڪ جي نشانين بابت جدا جدا نقشا ڇاپارائي سڪولن ۾ رکارايائين. جيڪب صاحب واري سڌاريل صورتخطي ۾ اڃا بہ علم دوستن کي ڪي خاميون نظر آيون مثلاً: فعلي صورتون يا ٻين ڪن لفظن ۾ بہ زيرون ۽ بہ پيشون ڪم پيون ايندڙيون هيون، جيئن تہ: ڪياءِ، ڇياءِ جيستاءِ وغيره. اهڙيءَ طرح ڪن لفظن جون صورتون اڃا بہ جدا جدا پيون لکبيون هيون؛ مثلاً ڪرف، ڪفل، ڪلف، ڪئنچي قئنچي، چاڪ (تندرست)، چاقو چاڪو؛ چاقو؛ وغيره.

تنهنڪري سنہ 1915ع ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب بهادر سنڌ جي زيرصدارت حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهيلن ماڻهن جي ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن ۾ خاص طرح ڪم ڪندڙ خان بهادر مرزا قليچ بيگ صاحب مرحوم هو. انهيءَ ڪميٽي لفظن جي هڪ وڏي يادداشت تيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـــاڻـــيلو ملتـــان نــہ نـيـــپـــائو پـــانـيـــان
توکي ڏينـدي ســــومـــــري آءُ لڄ مـــــران
جي جيئري آئون مران تہ ڪر لڄايان پانهنجو."

"راڻي راءُ نــہ ڏي وجي چـــئـــو سلطان کي
ســمـون سـر مـتي جـهلي بيـنـو جـهـڳڙو."

ابڙي پنهنجو پٽ "ممٽ" نالي جنگ جي ميدان ۾ ڏياري موڪليو. ممٽ جهڙو هو سهڻو جوان اهڙو هو جنگي جوڌو. اهڙي جوش سان وڙهيو جو رت جون نديون وهي هليون.

تون ياڻ ترڪ ترار هوڏانهن مانجهي ممٽ پٽ اهڙي
جـيـئـن ڳـاهجي ڳـاهہ ۾ ڪـافي ڪـٽـڪـون ڏار
وجي آرون پار، خــــون خنجــــر ان جــــو.

علاوالدين ڏاڍو اچي ششدر ٿيو ۽ چيائين تہ آهي ڪو جوان جو وجي ممٽ سان مقابلو ڪري؟ پنهنجي ترار دربار ۾ رکيائون تہ جيڪو هي ترار کڻي ممٽ سان مقابلو ڪندو، سو مانجهي مڙس آهي.

"تيـــرهن ڏينهن ترار پيـــئي رهي پڙ ۾،
دانـهـن سـڀ دهـلـيـــــــا اچـي ڪـونـہ دربـار،
پوءِ ســيــد ســالار، چـــمي کنئي چـاه مـــون".

سيد "سالار" ترار کڻي ميدان ۾ آيو ۽ ابڙي جي ياڻي سبڙ جي سامهون ٿيو.

"سنئين سـانجـهـي وارا چڪي آيا چـوگـان ۾
ڏيئي منهن مـــاٺهن کي ڪيـــائون مــاروـمــار
ســــبـــڙ ۽ ســـــالار، پورت ڪئي ياڻ ۾".

ڏاڍي سخت جنگ لڳي. نيٺ بادشاهہ ۽ ابڙو پنهنجي سر ميدان ۾ آيا.

"سچ نہ نـڪـري ســوجـهــرو، ڏان ڏان ڏوڏڪار
اتي ابڙو ائين وڙهي، جـــيـــئـن پاڻي پوڙي تار".

"اڙ جـــــهـلـي ابـڙي نـو ويـهــــــــو ڏه لـک،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گـــوڙي ڪنڌ ورايو مـــاري گـــهـــٽي خلق،
پوءِ ٿي ابڙي کي پڪ، تہ هاٿي جيـئڻ ناہ ڪو."

قصو نيٺ اتي ختم ٿئي ٿو تہ سومرن جي صاحبي پوري ٿي.

سنڌ ۾ اهڙا قصا ۽ ڪهاڻيون گهڻيون آهن، جن سمن، سومرن واري زباني شعر کي قائم رکيو آهي.

# سنڌي جو جهونو ۽ نج شعر

زباني سنڌي شعر پيو بہ گهڻوئي آهي، پر جيئن تہ ڪا ثابتي ڪانہ ٿي ملي تہ اهو ڪنهن چيو ۽ ڪڏهن نهيو تنهن صورت ۾ انهيءَ جي وڏيڪ اپٽار ڪرڻ سان ديس جي علم ادب کي ڪو لاڀ ڪونہ ملندو. تحفتہ الڪرام وارو ڪن سنڌين جا نالا ڏئي ٿو، جي سنڌي شعر ۾ طبع آزمائي ڪندا هئا. پر جيڪي ڏوهيڙا يا بيت چيا اٿن سي ميسر ٿي نہ سگهيا آهن. شيخ حماد، اسحاق آهنگر ۽ درويش راجو سمن جي حڪومت ۾ (1351 کان 1521 تائين) سنڌيءَ ۾ بيت چوندا هئا. ماموئي جا بيت، پيشن گوئي جي صورت ۾ چيل آهن، سي بہ انهي زماني جا ليکجن ٿا. انهن مان ڪي ڪي بيت اڃا تائين ماڻهن جي وات ۾ آهن. مثلاً:

هاڪ وهندو هاڪڙو پــــجندي پنڌ اروڙ،
بهہ مڇي ۽ لوڙہ سمي ويندي سوڪڙي.

سمن جي زماني ۾ اها علمي لاٽ عشق جا آلاپ ۽ شعر جو جولان، جو ارغون حڪومت ۾ ظاهر ٿيو، تنهن جو وجود ئي ڪونہ هو. سمن جي ذهنن ۾ ايراني شعر جو اثر، بحر ۽ قافيہ، تشبيهون، صنعتون ۽ عشق جو راز ۽ نياز پيدا ڪونہ ٿيو هو. ايراني شاعر ۽ عالم ارغون حڪومت ۾ آيا ۽ انهن جو بيان اڳتي ڏنو ويندو. علم عروض ۽ بحر ۽ قافيہ جون بندشون فارسي شعر سان شروع ٿيون جنهنجو اثر سنڌي شعر تي ڪيئن پيو؟ تنهنجو ذڪر بہ اڳتي ايندو. سنڌي بيت جن جي شروعات سمن جي ذهنن ۾ ٿي سي هندي ڏوهيڙا يا دهرن جي اثر هيٺ ظاهر ٿيا. سمن جو تعلق ڪڇ ۽ گجرات سان گهڻو هو تنهنڪري لازم هو تہ هندي دهرن جو اثر بہ سنڌ م ظاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي. هندي دهرا اجا تائين به سنڌ ۾ ڪيترن درگاهن تي ڳائبا آهن. مثال لاءِ هينئيون دهرو جو عام طرح سنڌ ۾ ٻڌبو آهي تنهن مان به ڏسبو ته اسانجو سنڌي بيت ڪيتري قدر صورت ۽ مضمون ۾ انهيءَ جي ويجهو ٿو پوي.

"پريتم هم تم ايک هين ديکهن ڪي هين دو،

من سي من ڪو تولئي ڪبهي نه دومن هو."

معنيٰ:- "اي پيارا آئون ۽ تون حقيقت ۾ هڪ ٿي آهيون. رڳو ڏسڻ ۾ ٻه آهيون، جهڙيءَ طرح ساهميءَ جي هڪڙي پڙ ۾ مڻ (ان جو) ۽ ٻي پڙ ۾ مڻ (وٽ) وجهي توريو ته ٻه ساڳيو مڻ ٿيندو ۽ نه ٻه مڻ. اهڙيءَ طرح آءٌ ۽ تون هڪ ٿي آهيون. هن بيت عاشقاڻي رنگ ۾ هڪ عاشق دل جو جذبو ظاهر ڪيو آهي. فارسيءَ واري به انهيءَ محبت جي جذبي کي هيئن ادا ڪيو آهي:

من تو شدم تو من شدي من تن شدم تو جان شدي

تا کس نه گويد بعد ازين من ديگرم تو ديگري.

پر جيڪو لطف هن هندي دهري ۾ آهي، سو فارسيءَ ۾ نه آهي. من جي معنيٰ هندي دل به آهي، تنهنڪري هندي دهري مان وڌيڪ لطافت ظاهر ٿئي ٿي.

سمن جي دور ۾ هندي دهري جو اثر گهرو ٿيندو ويو ۽ سنڌي بيت ۾ اهائي صورت وٺندو ويو. تان جو شاه عبدالڪريم، صادق ۽ شاه عبداللطيف اصلوڪي بيت ۾ قيرقار ڪري ان کي وڌيڪ منو ڪيو. تحفته الڪرام واري هن دور جي علم ادب جي گهڻي اپٽار ڪانه ڪئي آهي ۽ نڪي وڌيڪ ماهيت هيلتائين ملي سگهي آهي، تنهنڪري انهيءَ جو ذڪر هتي بند ڪرڻ مناسب سمجهجي ٿو. شايد ائين به هجي ته سمن جي دور کان پوءِ جيڪا ادبي ترقي ارغون ۽ ترخاني زماني ۾ ٿي تنهن جي شعاع، سمن جي جهڪي سوجهري کي ڍڪي ڇڏيو.

# سنڌ جو علمي عروج

سنڌ جو علمي عروج ارغونن کان شروع ٿئي ٿو جيئن ته ارغون اصل مغل هئا. تنهنڪري انهن پنهنجي حڪومت ۾ ايران جا شاعر ۽ عالم آندا. خود پهريون ارغون حاڪم "شاه بيگ" وڏو پڙهيل هو. ۽ پاڻ قرآن شريف جو ترجمو ۽ تفسير پارسيءَ ۾ تيار ڪيائين. ارغونن جي حڪومت ۾، جا 1521ع کان شروع ٿي، تنهن ۾ سنڌ جي سڀني وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ فارسي مدرسا برپا ٿيا ۽ فارسيءَ جي تعليم رائج ٿي. اهو ارغوني حڪومت جو علمي سلو ترخاني ۽ نوابن جي حڪومت ۾ وڏي ويجهي وڻ ٿيو جنهن جي ميون ۽ گلن جي خوشبوءِ سڄي سنڌ کي واسي مسرور ڪيو. انهيءَ زماني يا دؤر (1521 کان 1732ع) کي سنڌ جي لاءِ علمي عروج سڏجي ته جڳائي. فارسي زبان ۾ هر قسم جا ڪتاب تيار ٿيا. فارسيءَ ۾ سنڌين ايتري مهارت حاصل ڪئي، جو انهيءَ زبان ۾ پختو شعر چوڻ لڳا. سنڌ جون تاريخون جن مان اڳوڻيءَ سنڌ جو احوال ملي ٿو، سي به انهيءَ زماني جون لکيلون آهن فقه، حديث، تفسير ۽ تصوف ۾ عجيب ڪتاب لکيا ويا. عشق جا اسرار ۽ اشارا ڪيترن پارسي ديوانن ۾ موجود آهن، جي ان وقت سنڌي شاعرن لکيا. نه رڳو پارسي علم ادب ۾ ترقي ٿي، پر سنڌيءَ ۾ قاضي قاڌن جهڙي اهل الله، شاهه عبدالڪريم جهڙي ڪامل ولي، مخدوم محمد هاشم جهڙي فقيهه ۽ مولوي ابوالحسن جهڙي محدث جيڪا خدمت ڪئي آهي سا ڪنهن کان ڳجهي نه آهي. سندن مفصل احوال مناسب جاءِ تي ڏنو ويندو. سنڌي علم ادب تي مفصل تبصره ڪريون تنهن کان اڳ اهو ڄاڻڻ لازمي آهي، ته جنهن بنياد تي اها سنڌي علم ادب جي عمارت نهي راس تي سا ڪهڙي هئي ۽ انهيءَ جو ڪهڙو اثر ٿيو. سنڌي علم ادب، جو ارغوني حڪومت ۾ شروع ٿيو ۽ نظم نثر، جو مختلف صورتن ۾ پيدا ٿيو، تنهن جو انهيءَ بنيادي پارسي علم سان ڪهڙو تعلق هو، تنهن جو مختصر احوال ڏيڻ ضروري آهي. تحفته الڪرام مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ زماني ۾ پارسيءَ جو نثر ۽ نظم هر رنگ ۾ ظاهر ٿيو. هيٺيان مشهور نثر نظم جا ڪتاب پارسي زبان ۾ انهيءَ وقت جا لکيل آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نثر (تاريخ)

(1) آئين اڪبري ابوالفضل سيوهاڻيءَ جو. (2) تاريخ طاهري مير ابوالقاسم نتي واري جي. (3) تاريخ معصومي سيد معصوم شاه بکر واري جي. (4) تحفته الڪرام علي شير نتي واري جو. (5) تذڪره الاوليا قاضي محمود نتي واري جو. (6) چنيسر نامو ابوالقاسم نتي واري جو. (7) روضة السلاطين شاه تڪدري نتي واري جو ۽ (8) فتح نامو سيد عظيم الدين نتي واري جو.

## انشاءِ يا مضمون نويسي

(1) انشاي عيشي محمود خان نتي واري جو. (2) انشاي ابوالفضل سيوهاڻيءَ جو. (3) انشاي فيضي شيخ فيضي سيوهاڻيءَ جو. (4) انشاي قابل خان مخدوم ابوالفتح شاه بندر واري جو ۽ (5) انشاي محمد شريف شاه بندر واري جو.

## تفسير قرآن شريف

(1) حاشيه تفسير بيضاوي مولوي مصلح الدين لاڙيءَ جو ۽ (2) تفسير شيخ رحمت الله دربيلي واري جو.

## حديث

(1) شرح مشڪوات مخدوم عبدالعزيز ڪاهان جي ڳوٺ جو. (2) حواشي متين قاضي محمود نتي جو ۽ (3) شرح اربعين مخدوم رڪن الدين نتي جو.

## نظم (ديوان)

(1) ديوان اشرف محمد اشرف، قاضي قاذن جي پوٽي سيوهاڻيءَ جو. (2) ديوان جويا عبدالرؤف لاڙيءَ جو. (3) ديوان حسيني عبدالسبحان نتيءَ جو. (4) ديوان حسيني مير محمد نتيءَ جو. (5) ديوان حيدري حيدر ڪلوخ جو. (6) ديوان شهر تي دانشور خان نتي جو. (7) ديوان عطا ملا عبدالحڪيم نتيءَ جو. (8) ديوان عيشي عاقبت محمود خان جو. (9) ديوان عزوري غيوري مير عزوري نتيءَ جو. (10) ديوان غيوري، جو عرف شڪر اٿس. (11) ديوان فيضي سيوهاڻيءَ جو. (12) ديوان ڪليجه حيدر هروي پاتائيءَ جو. (13) ديوان محسن محمد محسن پاتولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نـٿيءَ جو، (14) ديوان مومن مـرزا غلام عليءَ جو، (15) ديوان منير مير جان شاه رضوي روهڙيءَ واري جو ۽ (16) ديوان نامي مير معصوم شاه بکر واري جو.

## مثنوي

(1) ترنم عشق (مومل راڻو) محمد مقيم ٺٽيءَ جو، (2) طوطي نامو مير نجم الدين بکر واري جو، (3) مثنويات عطا، (4) مثنويات غيوري، (5) مثنويات فيضي، (6) مثنوي سليمان و بلقيس مير ابوالمڪارم ٺٽيءَ جو، (7) مثنوي مظهر الآثار مير معصوم شاه جي ۽ (8) مثنوي نازو نياز (سسئي پنهون) ملا محمد حسين ٺٽيءَ جي مثنوي نغمات شوقي.

مٿين ڪتابن کان سواءِ ٻيا به ڪيترا ڪتاب پارسي ۾ لکيل آهن. مثلاً بيان العارفين، تنبيه الغافلين، آداب المريدين، تذڪرت المراد، زادالمسافرين ۽ نزهته الارواح. اهي سڀيئي تصوف جي اونهن نڪتن ۽ رازن سان ڀرپور آهن. منطق ۽ فلسفه تي به ننڍا ننڍا ڪتاب لکيا ويا هئا. مطلب ته ارغون ۽ ترخاني حڪومت ۾ هر فن ۾ پارسي ڪتاب لکيا ويا. ڪتابن جي عبارت رنگين ۽ مضمون فصاحت ڀريو هو.

مصنفن پارسي زبان ۾ هرڪو مضمون چٽائيءَ ۽ روانيءَ سان لکيو ٿي، نظم علم عروض جي قاعدن موجب بلڪل پختو هو. اها عجب جي ڳالهه آهي، جو سنڌ ۾ سنڌي زبان هوندي به سڄو علم ادب پارسي زبان ۾ ٿي ويو. سنڌي اهل قلم ۽ علم وارن علمي ميدان ۾ ايرانين کي به شهه ڏيئي ڇڏي. ارغوني حڪومت سنڌ کي علمي ميدانم ايران بنائي ڇڏيو. حڪومت جي قدردانيءَ ۽ نوازش جي ڪري، خود سنڌين کي سنڌي زبان ۾ خط پٽ لکڻ ۾ به عار ٿي لڳو. قلم جي جنبش به پارسيءَ ۾ هئي، شعر جي تيزي ۽ رواني به پارسيءَ ۾ هئي ۽ علمي گفتگو ۽ مباحثا به پارسيءَ ۾ هئا. مرزا شاه حسين ۽ شاه بيگ جي مشاعرن ۾ سنڌي شاعر پارسي شعر ۾ طبع آزمائي ڪري درباري ايرانين کان داد حاصل ڪندا هئا.

ديس ۾ ڏارين ٻولي ڪيتري به ترقي ڪري وڃي ۽ پڙهڻ جي دلين ۾ گهر ڪري وڃي ته به ممڪن نه آهي ته عام ماڻهن لاءِ اها زبان مقبول ۽ محبوب ٿيندي. ڪيترن عالمن ۽ رمز شناس عارفن اهو ڪجهه پروڙي ورتو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين پنهنجي مادريءَ زبان کي علمي ميدان نہ بڻائبو، تيستائين عام مائهن کي علم جي فيض کان محروم رکبو. اهڙن عارفن ڪڏهن سنڌي زبان ۾ بيتن جا پٽڪا پي ڪيا جن مان ڪي ماڻهن جي زبان تي ئي رهجي ويا ۽ قلمبند نہ ٿيا. ۽ ڪي تحرير ۾ اچي ويا جي انهيءَ زماني جا شاهد آهن. زبردست عالمن، ارغوني دربار جي اثر کان بيزار ٿي وڏي جرئت سان سنڌي علم ادب جي خدمت شروع ڪئي. انهيءَ تحريڪ جا مکيہ علم برادر شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، مولوي ابوالحسن ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽئي، هئا. مخدوم محمد هاشم ۽ ان جي شاگردن سنڌي علم ادب جي اها خدمت ڪئي آهي جو بنا مبالغي جي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي عمر جو خادم ۽ مخدوم ئي مخدوم محمد هاشم هو.

## سنڌ جو بنيادي تحريري شعر
## قاضي قاضن

اڳوڻي مضمون ۾ اسان ڏيکاري آيا آهيون تہ سنڌ ۾ سنڌي زباني شعر ڏوهيڙن جي صورت ۾ گهڻو ئي هو. بنيادي تحريري شعر قاضي قاضن کان شروع ٿو ٿئي. قاضي قاضن سيوهڻ جي بزرگن مان هو. سندس جمڻ جي تاريخ معلوم ڪانہ ٿئي ٿي، مگر وفات جي تاريخ 958هجري مطابق 1551ع ۾ آهي. هي بزرگ وڏو عالم هو. دنيا جو گهڻو سير ڪيو هئائين ۽ حرمين جي زيارت جو شرف بہ حاصل ڪيو هئائين. بنارس جي مشهور سيد محمد مهدي جونپوري جو مريد ٿيو. جو مشهور صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سيد صاحب جي خدمت ۾ ڪجھ وقت گذاريائين ۽ معرفت ۽ حقيقت جي راه پروڙيائين. مرزا شاه حسن سنڌ جي مشهور حاڪم جي ڏينهن ۾ سن 1581ع ۾ بکر جو وڏو قاضي يا ججج بہ هوندو هو. جو سڀ قسم جا فيصلا نبيريندو هو. پيريءَ جي وقت انهيءَ عهدي تان استعيفا ڏنائين. هن بزرگ جو پارسيءَ ۾ تهيل هڪ ديوان بہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن سنڌيءِ ۾ بيت جوڙيندو هو. انهن بيتن مان رڳو 7 بيت شاهہ ڪريم جي رسالي ۾ موجود آهن جي شاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پنهنجي مجلس ۾ مريدن کي ٻڌائيندو هو. اهي ست سنڌي بيت شاه عبداللطيف، شاه عبدالڪريم ۽ ساميءَ جي شعر جا بنيادي پٿر آهن. هيٺئين تبصره مان ڏسڻ ۾ ايندو، ته مٿين شاعرن. قاضي قاضن جي شعر مان گهڻو ڪي پرايو آهي. بيتن جي صورت به قاضي صاحب واري اختيار ڪئي اٿن. ۽ سندن مضمون جو متو به ساڳيو وحدانيت وارو آهي. قاضي قاضن پنهنجي مرشد جي صفت هيئن ٿو ڪري ته:

"جوڳيءَ جاڳايوس ستو هوس ننڊ ۾."

جوڳي واري لفظ مان، قاضي صاحب جي ڪشاده دلي ۽ ڪشاده خيالي جو پتو پوي ٿو. قاضي صاحب کان اڳ ۾ ڪنهن به مسلمان عالم اهو ديسي يا هندڪو لفظ مرشد جي نسبت ڪم نه آندو هوندو.

اهو سبب آهي جو انهيءَ وقت جا ظاهر پرست عالم قاضي صاحب کي سندس اهڙي روش ۽ بيت گوئي کي نديندا هئا.

مولوي ابوالحسن ڏاهري "جوڳي" جي لفظ بابت هيئن چوي ٿو:

"نه جوڳي ست عارف نه سمني گهي،
شده هريڪ ملحدو گمر هي."

قاضي صاحب جيتوڻيڪ هڪ زنده دل عالم هو ته به درويش فقيرن جي محبت ۾ اهڙو رنگجي ويو هو، جو شرع وارن جي ٽوڪ جو مٿس اثر نه رهيو. هن جو پنڌ ۽ طريقت جو رستو ٻئي رنگ ۾ هو جو هو پاڻ ۽ سندس مرشد سيد محمد مهدي بنارسي سمجهندا هئا. پنهنجي علم ۽ عمل جو خاڪو هن بيت ۾ ڏئي ٿو:

"ڪنز قدوري ڪافيه ڪي ڪين پڙهيوم
سو پارئي پيو جتان پرين لڌوم"

هڪڙي اهل دل پارسيءَ ۾ هيئن چيو آهي:

"در ڪنز قدوري ڪافيه نتوان يافت خدارا،
سيپاره دل بين ڪه به ازين ڪتابي نيست."

سيد محمدي هڪ اهل الله عابد ۽ تارڪ الدنيا شخص هوندو هو، جو الله وارن جي صحبت ۾ گذاريندو هو. سندس محبت ۾ بنارس جا مشهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڳي ۽ سناسي رهندا هئا ۽ پاڻ ۾ انهيءَ محبت جي ميدان ۾ هڪ اسلام جو جوڳي [مرشد] ٿي پيو. اهڙن جوڳين، جيڪو فيض هند ۽ سنڌ کي ڏنو آهي، سو ڪنهن کان ڳجهو نہ آهي. مرشد جي معنيٰ کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ هندستانين لاءِ جوڳيءَ لفظ کان وڌيڪ ٻيو لفظ ڪارائتو ڪونهي. انهيءَ ڪري اسان جي سنڌي، قاضي صاحب بہ مرشد جي لاءِ جوڳي لفظ ڪم آندو آهي، جو سنڌ جا اصل رهاڪو پوري طرح سمجهي سگهيا ٿي. سنڌي علم ادب يا لٽريچر ۾ "جوڳيءَ" جو لفظ ٻهريائين قاضي صاحب استعمال ۾ آندو. جو پوءِ ٻين سنڌ جي بزرگن ڪم آندو. "جوڳي" ۽ "جاڳائڻ" جا لفظ ڪهڙا نہ موزون ۽ لذت وارا آهن. جوڳ جيڪو جوڳ پچائي ۽ ننڊ حرام ڪري سوئي سنتل کي "جاڳائي" جي لفظن ۾ صنعت رکيل آهي، جنهن کي صنعت هم آواز چئبو آهي. انهيءَ بيت جو مضمون شاه لطيف بہ سر سهڻيءَ ۾ آندو آهي تہ "ستي جاڳايوس سانير سپرين جي." شاه صاحب جاڳائڻ جو ڪم سانير يا يادگيريءَ تي رکيو آهي، جو اهڙو سهڻو نہ ٿو لڳي جهڙو "جوڳيءَ جاڳايو". يادگيري جڏهن لهي ويئي تڏهن تہ ننڊ آئي. يادگيري ڏيارڻ واري ٻي ڪا شيءِ سُئندي آهي جا قاضي صاحب جي خيال موجب جوڳي يا مرشد آهي. جوڳي لفظ شاه صاحب رامڪلي سر ۾ گهڻو آندو، پر جيڪو مطلب قاضي صاحب انهيءَ لفظ سان ڇڏايو آهي سو پوري طرح شاه ادا ڪري نہ سگهيو آهي. شاه صاحب جوڳي لفظ وارا بيت گهڻيئي چيا آهن پر قاضي صاحب جو هڪ ئي بيت "هڪ ئي رانجهو لک دا" مصداق بڻجي ٿو.

قاضي صاحب جي باريڪ بيني ۽ قدرت جي مشاهدي جي طاقت بہ مضبوط ڪڙيءَ تي هئي. دنيا جي علم ۽ معلومات کي واڳوءَ سان مشابهت ڏيڻ سندس خيال جي نزاڪت کي ظاهر ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ:

"سيئي سيلهہ ٿيام پڙهيام جي پاٺان
اڪر اڳيان اهڙي واڳو ٿي وريام."

اسان جي ملڪ ۾ ٻيو ڪو بہ اهڙو پرندو يا سرندو خوفناڪ جانور ڪونهي، جهڙو واڳو آهي. واڳوءَ جي جهڙي شڪل آهي ڀيانڪ، تهڙو سندس حملو اهي زيانڪار. ماڻهو ڪيس مليو تہ هڙپ ٿيو. اهڙيءَ طرح بيت ۾ فرمايل آهي تہ ظاهري علم واڳوءَ وانگر منهن حملو ڪري اوڙاه ۾ نيئي رهيو

# شاھ عبدالڪريم

شاھ عبدالڪريم مٽيارين جي شهر ۾ تاريخ 20 شعبان سنه 944 هجري (مطابق 1536ع) ۾ تولد ٿيو هو. اتان پنهنجي وڏي ڀاءُ سيد جلال (عرف جوار) سان گڏ لڏي اچي ڳوٺ بلڙي تعلقه گونيءَ ۾ رهاڪو ٿيو. جتي هينئر سندس درگاھ آهي.

شاھ عبدالڪريم پنهنجي وڏي ڀاءُ جلال شاھ جي سنڀال هيٺ رهندو هو. جنهنجي بزرگي ۽ خدا رسيدگيءَ بابت تاريخ تحفتہ الڪرام پارسي جلد 2 ۾ گهڻي تعريف لکيل آهي. ان شاھ عبدالڪريم کي مڪتب ۾ تعليم لاءِ ويهاريو هو ۽ پڙهڻ لاءِ گهڻو ضربيندو هوس. پر شاھ صاحب پڙهڻ تي گهڻو ڌيان نہ ڏيندو هو. سندس والده شريفه پنهنجي پٽ کي فرمائيندي هئي. تہ نندي ڀاءُ کي پڙهڻ لاءِ نہ چيننب. ڇاڪاڻ جو هو جائي ڄم کان خدا تعالي جو نوازيل آهي.

شاھ عبدالڪريم مڪتب ۾ تعليم حاصل ڪئي يا وڏي هوندي عالمن جي صحبت مان علم پرايو. تنهن بابت بحث ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. جو ڪجهيءَ کان وٺي بندگيءَ جو سخت پابند. فقيرن جي صحبت جو طالب. سماع ۽ راڳ جو شائق ۽ خدا رسيدو بزرگ هو. سندس ڪلام ۾ مجلسي تقريرون جي اڄ تائين موجود آهن. تن جي مطالع مان صاف ثابت آهي تہ هو قرآن شريف، حديث، تفسير ۽ تصوف ۾ ماهر ۽ عربي توڙي پارسي ٻوليءَ ۾ هوشيار هو.

سيد عبدالڪريم اڃا ننڍڙوئي هو. تہ پائس شادي ڪرائي ڇڏي هيس. ڀاءُ جي وفات کان پوءِ سڄي ڪٽنب جي پرورش جو بار سيد عبدالڪريم جي سر تي اچي ويو. هو پنهنجن هٿن سان ٻني ٻارو ۽ ڪانڌي ڪرڙي جو ڏنڊو ڪري، عيال پاريندو هو. مگر انهي عيال پروريءَ ڪڏهن بہ شاھ جي خدا پرستي ۽ روحاني شغل ۾ اٽڪاءُ ڪونہ ڪيو.

شاھ صاحب سني مذهب جو صوفي طريقي وارو بزرگ هو. هو پاڻ کي سيد جي بدران فقير سڏائيندو هو ۽ نهايت صابر، تحمل وارو ۽ بردبار هو. سندس آواز تمام مٺو ۽ بلند هو. شاھ صاحب اناسي ورهن جي عمر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ناهيل سنڌي شعر زبان مان بي نڪتو آهي، تنهن جو مضمون. مثنوي شريف جي مضمون مان نهڪندو ٿهڪندو ايو آهي. مثال:

(1) مثنوي شريف جي دفتر جوٿين، حڪايت ڇهين ۾ چيل آهي:

خار از چشم دل گر بر ڪني
چشم جان را حق بخشد روشني

يعني: "جيڪڏهن دل جي اکين مان ڪنڊ ڪڍي ڇڏيندين. ته خدا تعاليٰ تنهنجي روح جي اکين کي روشني بخشيندو." انهيءَ ساڳئي مضمون کي سيد صاحب هن طرح سنڌي لباس پهرايو آهي:

پاٽيءَ جان نه ڪڄن، روئي ڌوئي اکيون،
ڇر ڪچر جن وچ ۾، سي ڪيئن پرين پسن؟
(رسالو ڪريمي بيت 81)

(2) دفتر چوٿون حڪايت ڇهين:

خشڪ باسي بر لب جو خشڪ لب.
ميدوي سوئي سراب اندر طلب.

يعني: "اي اجايل، درياءَ جي ڪناري تي اجايل رهين ۽ رڃ جي پنيان پاڻيءَ جو ڳولائو ٿيو، ڊوڙندو ٿو وتين."

ساڳيو مضمون سيد صاحب هن طرح ٿو پنهنجي ڪلام ۾ چوي:

پاٽي اتي جهوپڙا مورک اڃ مرن،
دانهون ڪن منن جان دم نه سڃاڻن.
(رسالو ڪريم بيت 56)

(3) دفتر پهريون حڪايت ٽين:

جان نا محرم نه بيند روءِ دوست،
جز هما جان ڪه اصل اوزار ڪوءِ دوست.

يعني: "جنهنجي روح جي پاڙ، حقيقي دوست جي گهٽيءَ ۾ ڪتل آهي، تنهن روح ڌار ڪو غير محرم روح حقيقي دوست جو ديدار ماڻي نه سگهندو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گـوش ظاهر ضـبط اين افـسـانـہ ڪن
گـــوش باطن با ادب اســـرار " ڪن "

چـــشـم ظاهر ضابط حليـــہ بشــــر
چـشـم دل حــيـران مــازاغ الـصــبـر
دست ظاهر مي ڪند داد و ســـتـــد
دست باطن برور فـــرد صـــمـــد
پاءِ ظاهر در صف مــسـجـد صـواب
پاءِ باطن فــوق گـــردون در طواف.

يعني:- سچي عاشق جو ظاهر وات هم نشينن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ لڳل رهي ٿـو ۽ سندس دل جو وات خداتعاليٰ سـان ڳالهائيندڙ ۽ وندرندڙ رهي ٿـو. تون بہ پنهنجن ظاهر ڪنن سان هن زماني جون آکاڻيون سڻ، پر اندروني ڪنن کي " ڪن فيڪون " جي اسرارن ڏي رڌل رک. ظاهري اکيون پل تہ ماڻهن جي منهن مهاندن ڏسڻ ۾ لڳيون رهن، پر اندريون اکيون حقيقي ديدار ۾ مست هجن. ظاهر هٿ زماني جي ڏيتي ليتي ڪن ٿا، پر اندريان هٿ واحد خدا جي چانئٺ تي چمبڙيا رهن ٿا. ظاهري پير مسجد ۾ صفون ٻڌايو بيهن ٿا، پر باطني پير عرش تي طواف ڪرڻ لڳا رهن ٿا.

مثنوي شريف جي مٿين پنجن بيتن جو مضمون تفصيل سان آيل آهي، سو سمورو مضمون سيد صاحب فقط هڪڙي بيت ۾ اهڙي نزاڪت سان آندو آهي، جو گويا ڪوزي ۾ درياءُ سمائي ڇڏيو اٿس:

هنيـون ڏجي حـبـيب کي، لڱ ڳـڏجن لوڪ.
ڪـــڏيون ۽ ڪـــروتون اي پڻ سگر ٿــوڪ.

(رسالہ ڪريمي بيت 8)

مـثـيـان ڏهـہ مـثـال فـقـط نـمـونـہ طـور ڏنـا ويـا آهـن. حـقـيـقـيـت جي ڳـالهـہ هيءُ آهي، تہ سيد عبدالڪريم رح جي ڪلام جو سارو مضمون مثنوي شريف جي رنگ ۾ رڱيل آهي. تفاوت صرف هيءُ آهي، جو مولوي رومي عليه الرحمت طرحين طرحين آکاڻيون ۽ نقل ڏيئي تن مان روحاني نڪتا ۽ نصيحتون ڪڍي ٿو، پر سيد صاحب آکاڻيون ۽ نقل ڇڏي فقط روحاني گفتا ۽ فقيري هدايتون پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) طرز تي اثر: سيد عبدالڪريم (عليه الرحمتہ) جي ڪلام جو مضمون ايراني آهي، مگر سندس ساخت ۽ طرز نج هندستاني آهي. قديم زماني کان وٺي هندستان جا شاعر تاريخي، مذهبي خواه روحاني مضمون وارو شعر هڪڙي خاص طرز تي چوندا آيا، جنهن طرز کي "دوها" يا "دوهرا" چوندا آهن. دوها يا دهرا جي معنيٰ آهي ٻن سٽن وارو نظم.

## شاه عبدالڪريم جي ڪلام جو پوين شاعرن تي اثر

سيد عبدالڪريم (عليه الرحمتہ) کان پوءِ ويجهي ۾ ويجهو جيڪو شاعر سنڌ ۾ پيدا ٿيو، جو سنڌ جي شاعرن جو سرتاج ۽ نج سنڌي راڳ جو بانيڪار ليکجي ٿو، سو هو سيد عبداللطيف ڀٽائي (عليه الرحمتہ). سيد عبدالڪريم جي ڪلام ۽ ان جي مثال تي شاه ڀٽائيءَ جي ڪلام جي پيڙهہ ٻڌل آهي، ۽ شاه ڀٽائيءَ کان پوءِ جن جن شاعرن علم موسيقيءَ جي اصول تي شعر ٺاهيا آهن، تن شاه ڀٽائي جي ڪلام جي طرز اختيار ڪئي آهي ۽ ان طرز ۾ مٿون سٽون ڪيون اٿن. تنهنڪري سنڌ جي شاعريءَ تي سيد عبدالڪريم عليه الرحمتہ جي ڪلام جو اثر غالب ليکبو.

رسالہ ڪريمي جي پهرئين بيت ۾ شاه صاحب جي مٿئين بيت جو مضمون هوبهو ساڳيو آهي، فقط لفظ ٻيا ٻيا آهن.

# سنڌي علم ادب جو بنياد وجهندڙ ابوالحسن

## (1075 هجري مطابق 1661ع)

"اجاڻن جون ابوجهون سڄاڻ سنيون ڪن،

ڏلا پٽ پلن جي رڙهي راه پون."

(مقدمه الصلواه صفحه 57)

1650ع کان پوءِ نواب حفظ الله جي حڪومت ۾ ننگر ٺٽي ۾ هڪ اهڙي تحريڪ جاري ٿي، جنهن ڪري سنڌي عالمن مجبور ٿي پارسيءَ ۽ عربي جي بدران سنڌي زبان ۾ تصنيف شروع ڪئي. بغداد جي مشهور قطب رباني سيد شيخ عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان شيخ يوسف الدين بغدادي

ابوالحسن پنهنجو ڪتاب مقدمه الصلوات سال 1700ع ڌاري لکيو يعني سنڌي ۾ پهرين ڪتاب کي لکئي 249 سال ٿيا آهن. 1700ع کان اڳ ڪو به سنڌي ڪتاب لکيل ڪونهي هو. مولوي ابوالحسن صاحب پنهنجو مقدمه الصلوات 1715ع تائين پاڻ ٺني ۾ پاڙهيندو هو ۽ سمجهه ڏيندو هو. انهيءَ سال ڌاري پاڻ حج جي ارادي سان مڪي معظم ڏانهن روانا ٿيا. مولوي صاحب جي اسهڻ کان پوءِ مخدوم محمد هاشم مولوي صاحب جو برپا ٿيل ڪم زور شور سان ڪرڻ لڳو. مقدمه الصلوات جي فقهي جي مسئلن ۾ ڪي اوٿايون ڏنائين، جي ڪيس نه وڻيون. روايت طور ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته مخدوم صاحب جو ارادو هو ته مقدمه الصلوات مرڪو بند ڪجي ۽ ان جي عوض سندس "فرائض اسلام" ڪتاب پڙهجي، پر مولوي صاحب جي شاگردن اعتراض ورتو. تنهن تي مخدوم صاحب انهن شاگردن جي مرضي رکي مقدمه الصلوات ۾ ٻن ٽن هنڌن تي درستيون ڪيون ۽ ڪتاب جي حاشيہ تي پنهنجي صحيح وڌائين. اهي درستيون ۽ مخدوم صاحب جي صحيح اجان تائين مقدمه الصلوات ۾ موجود آهن.

ابوالحسن مرحوم کي سنڌي صورتخطي ناهڻ ۾ جا دقت پيش آئي سا خاص طرح نج سنڌي آواز ڏيکاريندڙ حرفن ناهڻ ۾. نج سنڌي آواز ڏيکاريندڙ حرفن جي هاٿوڪي مقرر ٿيل صورت هيءَ آهي:

ٻ ڀ ٿ ٽ ٺ ڦ ڄ جهہ ڃ ڇ ڏ ڌ ڊ ڍ ڙ ک ڳ گهہ ڱ ۽ ڻ.

مولوي صاحب مٿين نج سنڌي حرفن لاءِ هيٺيون صورتون مقرر ڪيون هيون:

ٻ = (هاٿوڪي صورت) ٻ: ڀ = ٻهہ: ٿ = تهہ: ٽ =ٽ (ڪٿي ڪٿي وري) ڻ يا تر: ٺ = ٽهہ: ڦ = ف (ڪٿي ڪٿي وري) پهہ: ڄ ۽ جهہ = ڄ: ڃ = نج (جيم جي اڳيان نون غنہ): ڇ = چهہ: ڌ = دهہ (ڪٿي ڪٿي وري) ڏ: ڌ = ڻ: ڊ = در: ڍ = ڊ: ڙ = ر: ک = ڪهہ: ڳ ۽ گهہ = گ. ڱ = نگ (گاف اڳيان نون غنہ): ڻ= ن.

## ابوالحسن جو شعر

اصلوڪي هندستاني شعر، جنهن کي "دوها" يا "دوهرا" سڏين ٿا تنهن جا (3) نمونا آهن: (1) ڪبت (2) دوهرا (3) بيت علم موسيقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ٻيرا تسبيح کي ڳجهوئي ڳڻيج
پنجون ٻيون پيرن جون نظر نهاريج
تانپي ڳريا تن جا ريڙهي ٻئي لائيج
اي پڻ آهي اڳري سنت سا جاڻيج
پر صحيح قول ڪتاب ۾ هن پر پروڙيج
جڻن لائڻ ڳريا پاڻ ۾ ڪراهت سمجهيج
سي ٻئي حال رڪوع ۾ مورا م جوڙيج
چئين آڱرين جو فاصلو ٻنهي وچ ۾ رکيج
قيام ۽ سجدي ۾ پڻ ايءُ ئي پر پاريج
ڇهون اکيون ٻذريون ستون قرم ڪريج
پر قومان تي سجود ڏانهن سنئين ٻني منيج
جيڪي ذڪر جتهين سو تتهين پڄائيج.
هڪڙي جو هنڌ ٻئي نيئي م رسائيج.

اهو نظم جو نمونو مولوي صاحب سڄي ڪتاب ۾ فقط ٻن ٽن هنڌن ڪم آندو آهي.

## مثال ٻيو: (نماز جي ضرورت بابت)

1 - هاڻي سڻ سيجاڻ تون هنئين جن ڪنن
تہ صحي پڇيو سيڪو ڪارڻ پاڻ ڪمن

2 - پر پڄ ٻهرين قيام ڏينهن وحدت ڏٺيان ٻوءِ
ٿيندي صحي صلوات جي شڪ ميائج ڪوءِ

3 - تانت ترسي تنهنجا شرط سيئي سک
ڪنان جيري جيئيين پاڻ ٻرا هون رک.

ابوالحسن پنهنجي سنڌي ۾ گهٽي قدر اهو دوهري جو نمونو ڪم آندو آهي.

## مثال ٽيون: (بيمار جي بدني صفائي بابت)

1 - مڙس محرم مڙس ٿئي جو محرم جوءِ
توٽي ماءُ ڀيڻ سڳي توڙي ڳولي هوءِ

سنہ 632ھ ۾ وفات ڪئي هئائين. تنهن جي اولاد مان ضياءُ الدين هو.

مخدوم ضياءُ الدين جو ٻڙ ڏاڏو مخدوم الياس سومرن جي صاحبيءَ ۾ عراق کان لڏي سنڌ ۾ آيو. 'جوڻ' *شهر ۾ اچي رهيو، جو انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو تخت گاهہ شهر هو. مخدوم الياس جو پوٽو مخدوم هارون جوڻ مان لڏي ٺٽي ۾ اچي رهيو. جتي 1091 هجري ۾ يعني 1677ع ۾ مخدوم ضياءُ الدين ڄائو.

مخدوم عنايت الله جوڻي جي عالمن سڳورن جو سرتاج ليکبو هو. تنهن وٽ مخدوم ضياءُ الدين تعليم حاصل ڪئي.

مخدوم ضياءُ الدين اسي (80) ورهين جي عمر ۾ سنہ 1171هجري ۾ وفات ڪئي. مخدوم صاحب جو سنڌي نظم ۾ ناهيل ڪتاب اڄ تائين مشهور آهي، جنهن کي "مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي" سڏيندا آهن.

## مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي

**(1) مضمون:**

مولوي ابوالحسن، جنهن اول اول سنڌي نظم ۾ "مقدمتہ الصلوات" ڪتاب لکيو هو (جو "ابوالحسن جي سنڌيءَ جي نالي سان مشهور آهي) سو مخدوم ضياءُ الدين کان ٿورو اڳيرو گذري ويو هو. ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ جيڪو وضوءَ ۽ نماز بابت مضمون ڏنل آهي، سو ساڳيو (پر نرالي نموني سان) ۽ ٻيا گهڻا وڌيڪ مسئلا گڏ ڪري مخدوم ضياءُ الدين پنهنجو علحدو ڪتاب تيار ڪيو، جنهن کي نالو ڏنائين "مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي".

مخدوم صاحب ڪتاب جي منڍ ۾ فرمائي ٿو:

"مسائل جي دين جا سي گهڻا ۽ گهاڻا،
سيني ڪتابن جي عالمن لکيا ۽ ڇپيا،
تنهي منجهان ڪيترا مون سنڌي ۾ لکيا،
تہ سنڌي سکهي سيڪو مان پهي سچ منجهان."

---

* جوڻ شهر لاڙ ۾ هو، ڦتل شهر جا دڙا اڃا تائين انن ڏهن ڪوهن ۾ پکڙيل آهن. جوڻ پرڳڻي جي ميندي اڄ تائين مشهور آهي. اهو پرڳڻو ٽنڊي غلام حيدر تعلقو ڪوني سان لڳو لڳ آهي.

ماڳهين ضرور (9) ڌهي = ڌکي (10) ٿوڪ = شئي (11) مهس = منجهس (12) ڳهون = ڪڻڪ.

## (3) راحت المومنين يا ذبح شڪار

مخدوم محمد هاشم جو ٽيون سنڌي نظمي ڪتاب آهي راحت المؤمنين (مومنين جي آسودگي) يا ذبح شڪار (شڪار ڪيل جانور حلال ڪرڻ)

'راحت المؤمنين' جي ديباچي ۾ مخدوم صاحب لکڻ ٿو فرمائي:

" هائي سڀ مؤمنا هئين جن ڪن؛
تہ آهي لازم دين جو سکڻ مٿي مڙن؛
عاقل بالغ جي ٿيا منجهان مؤمن؛
اوءِ ور شريعت کي سدا ٿا سکن؛
حلال حرام سيکي ور ساريو سچائن؛
تہ ميڙي منجهہ منهدئين مرکن وڃ پين."

[2]

" هنئين منجهہ حقير جي اچي وهم پيو؛
تہ ماٿهو مسئلا ذبح ۽ شڪار پڇن ڪهڙيرو؛
کي لکجي تن منجهان ڪهڙو جي ٿورو."

[3]

" پر عربي آهي اهکي ابوجهن اپار؛
نکا پروڙ پارسي جي ناموزن نبار؛
پوي نہ اجاتن کي کا سنڌيءِ بنان سار."

[4]

تڏهن سنڌي کيم سهکي کڍي عربيا؛
تہ پڙهيس مومن سڀڪو سکي مسئلا؛
هڪڙو بب ذبح جو پيو شڪار لاءِ؛
اسر پريو آهين موني جي مهرا؛
تہ مان کريم قبول کري ڪميني ڪنا؛

گلا ڪرڻ منافقي آهي. (ڪنهن ظالم ۽ بدڪار جي گلا ڪرڻ درست آهي). 4- نسب تي نہ مرڪڻ گهرجي، پر چڱن عملن تي مرڪجي تنهن بابت قرآن شريف جا حڪم ۽ حديثون نقل ۽ مثال. 5- محبت. خدا تعاليٰ سان محبت ڪهڙن ڪمن ۾ ثابت ٿيندي" مومن سان محبت رکڻ جون ريتيون غير مذهب وارن سان محبت رکڻ جا رستا. 6- ڪهڙين حالتن ۾ ڪنهن انسان کي قتل ڪرڻ وڏو گناه آهي؟ 7- زناء کان پري رهڻ بابت خدا تعاليٰ جا حڪم ۽ حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلوات والسلام جن جا فرمان. 8- پرهيزگاري، اکين جي پرهيز، جسم جي پرهيز، قلب جي پرهيز، زال ذات لاءِ پرهيز جون حدون. 9- چوڪرن ۽ زالن سان عشق اڙائڻ کان پاسو ڪرڻ ۽ فقط رب تعاليٰ جو عشق دل ۾ سانڍڻ. 10- پنڻ جي عادت کان پاسو ڪرڻ بابت قرآن شريف ۽ حديثن جا حڪم، ڪهڙي سواليءَ کي خير ڏيڻ لازم آهي. هنر يا ڌنڌي ڪرڻ مان فائدا. 11- امانت ۾ خيانت ڪرڻ کان پري رهڻ بابت حڪم احڪام ۽ مثال. 12- راڳ ۽ ناچ جي منع بابت حڪم ۽ احڪام. 13- سماع ڪهڙن ماڻهن کي جائز آهي ۽ ڪهڙن کي ناجائز. 14- اونيائن تي ميڙا ملاکڙا ڪرڻ ۽ سکائڻ ڏيڻ بابت منع. قبر پرستي قبن کي اڏائڻ جي منع بابت حڪم احڪام- مقام ۾ زالن جي وڃڻ بابت سخت منع جا حڪم احڪام. قرآن شريف ۾ دعائن بخشڻ جو ثواب مئن کي پهچڻ درست آهي. مردن کي جائز آهي تہ پنهنجن فوتي عزيزن جي زيارت ڪرڻ ۽ انهن کي ختما بخشڻ لاءِ وڃي، خاص ڪري جمع جي ڏينهن مقام ۾ زيارت ڪرڻ لاءِ وڃڻ وقت ڇا پڙهڻ گهرجي؟ ۽ ڪيئن وهجي اتجي؟ 15- شراب، آفيم ۽ ٻين نشيدار شين جي منع بابت حڪم احڪام. 16- وياج ونڻ بابت منع ۽ حڪم احڪام. 17- دنيا جي مال متاع سان ڪيتري قدر دل رکڻ گهرجي؟ 18- چڱي ڪم لاءِ سيڪنهن کي صلاح ڏيڻ ۽ بري ڪم کان سيڪنهن کي روڪڻ فرض آهي. ابليس جي عداوت انسان ذات سان. 19- اسلام ۾ داخل ٿيڻ جو درجو. 20- علم حاصل ڪرڻ بابت قرآن شريف ۽ حديثن جا حڪم احڪام. 21- دين تي مستقيم رهڻ جا حڪم احڪام. 22- حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ نمرود ڪافر جو قصو. 23- حضرت موسيٰ عليه السلام جو سربستو احوال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هائي سنڌو مؤمنا هنٽين جن ڪنن،
اوصاف احمد صلعم جام جا پار سندا پرين.
ته ڪهڙا رکايا رب هئا اخلاق عجيب منجهن
سيد سونهاڻون تن سين جي صفتون سڻن سندين،
ته ڪر شفاعت آن مئي نور نبين،
اوصاف افعال اڪمل جا سکي صحيح ڪجن،
جنهنڪري سچاتجي سيد سندو سين،
ته ويتر تني ورنهن ڏونهي محبت ڪنان مڙن،
پڻ ايمان ۽ اسلام بچي ڪنان آفتن."

**نظم:**

مولوي ابوالحسن جي سنڌي، مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي، فرائض السلام، زادالفقير وغيره جهونن ڪتابن ۾ جيڪو سنڌي نظم ڪم آيل آهي، تنهن بنسبت قمرالمنير ۾ ڪم آيل نظم نرالي نموني جو ۽ وڌيڪ پختو، ميناج پريل ۽ مزيدار آهي.

نرالي نموني جو هن طرح آهي، جو شاعر جيڪو قافيو "آن" پهرين بيت کان شروع ڪيو آهي، سو ساري ڪتاب ۾ نباڻيندو وڃي توڙ ڪئي اٿس. گويا سارو ڪتاب ئي هڪڙو لمبو ڏوهيڙو آهي، جنهن ۾ پنج هزار کن مصرعون آهن. وڏي خوبي هيءَ آهي، جو ڪن جزوي هنڌن ڏاران ٻيا سڀ قافيا پختا ۽ وزندار ڪم آيل آهن.

جيئن ته مخدوم عبدالله هڪڙي عاشق رسول جي حيثيت ۾ قمرالمنير تيار ڪيو آهي، تنهن ڪري نزاڪت پريل تشبيهن، استعارن ۽ تمثيلات جو به گهڻو انداز ان ۾ ڪم آندو اٿس. طبيعت جي رواني ۽ فصيح بليغ عبارت جي مدنظر تي جهوني زماني جي ٻين عالمن شاعرن بنسبت مخدوم عبدالله صاحب بلڪل پختو پايه وارو شاعر پيو نظر اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪتاب جي شروع ۾ زماني بابت

”عادت ٿي احسان جي منجهان ٿي ماڻهن.
وڏا شڪ سين ڪي سرهي شيطان.
مهر محبت لڌيو هيچ نہ منجهہ هنين.
پڇڻ ناهہ پريت سين منجهان محبت.
ويا ڪر لاهو قلب جا پسي ڄاڻن.
مائڪ موتي تنهين مرتبو مان لهن.
جتي پاڪ پڌرا صراف هون سندن.
۽ راعي جي رڏن جا سچ منجهہ سهڙن.
جوهر ياقوت جي سي ڪوهہ قيمت ڄاڻن؟
هيري لعل فيروز جي برڪ نہ ٻنوهارن.
لهي پاڙ پتل جي سون ري صرافن.“

## واقعہ نگاريءَ جو نمونو

## معراج شريف واري براق جي تصوير

”تڏن پاتو پير رڪاب ۾ جان رحمت عالمن.
تان براق ٻچي اڳهون ٿيو اپي نہ اسپ سندن.
پٺ نہ جهلي پنهنجي سو اڳيان عجيبن.
ڪري رقص رءِ پئي نچي سي نازن.
هينئڙي هٽڪار ڪري ڪڏي پر قدمن.
سهڪو اپي نہ ساترو مهندا مقبولن.
تڏن حضرت جبرئيل هڪل ڪري سان هيبتن.
چيس چنيءَ زبان سين وٺي واڳ هٿن.
ڪونہ تو سڃاتين نبيءَ ڪي جو مهندار محبوبن.
جي گهڻو سڃاڻن ڪوهر ايءَ دادلو ڏتين.
مولي سندو محبوب جو. سو سيئي سڃاڻن.
اکين تي آ ڪـتـنـ ٻيـرا روز ٻرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جاڻي ڪيم سرڪشي اي اڪيان عجبين،
تان مون سين ڪري وعدو ورتهان پوء چڙهن."

مٿين نڪرن مان ظاهر آهي تہ سلاست، فصاحت ۽ بلاغت سان سارو ئي ڪلام سينگاريل آهي.

'سنگنامي' سان گڏ ٻيا بہ چار رسالا شامل ٿيل آهن: (1) رسالہ ايمان مجمل ۽ ايمان مفصل، (2) نڪاح جي ترتيب ۽ خطبو. (3) ميت جو وقت وارث، (4) ميت جو ترڪو ۽ ورثو. انهن رسالن مان ميت جي وقت وارث واري سالي جو مصنف مولوي عبدالرزاق نالي ڪو بزرگ آهي، "سنگنامو" ڪهڙي سن ۾ تيار ٿيو، سو دستور موجب منجهس ڏيکاريل ڪونهي، فقط هيترو احوال ڏنل آهي:

"هاڻي هن حقير جيو ڪن نيڪنئا،
تہ ڪي مسئلا محرما تن جا ۽ پڻ رضاع سندا،
۽ ڪي مسئلا طلاقن جا ڪي پڻ قسم سندا،
ڪدي عربي فارسيان ڪر تون سنڌي واء،
تہ نفعو رسي تن ڪي جي عاري عربيا،
نڪي جاڻن فارسي آهين ناموورا،
تڏهن شروع ڪيم تنهن ڪي سان ٻيليي الله،
آهيم اميد تنهن صاحب ڏونهہ اهائي اصلا،
تہ بخش ڪري گناهن ڪي سين پنهنجي مغفرتا."

## (1) غزوات

"غزوات" لفظ جمع آهي "غزوه" جي، غزوه جي معنيٰ جنگ. ڪتاب غزوات ۾ انهن جنگين جو مفصل احوال لکيل آهي، جي حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلوات والسلام جن پنهنجي ۽ پنهنجي همراهن جي بچاء ۽ اسلام جي حفاظت خاطر ڪيون.

## (2) شجاعت سيدانام عليه الصلوات والسلام

مجموعہ جو ٻيو ڪتاب آهي "شجاعت سيدانام". هن رسالہ ۾ حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلوات والسلام جن جي بدني طاقت ۽ پهلوانيءَ جو ذڪر ڏنل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (3) حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جو اسلام آڻڻ

مجموعہ جو ٽيون ڪتاب آهي ”حضرت عمر رضہ جو اسلام آڻڻ“.

”هاتي ڪريون امير عمر جي ڪي اسلام ذڪرا.

تہ ڪنهن پر آندو اسلام تنهن عادل عمر شاہ.

جنهن جيهو مڪي منجهہ ڪونہ هو پهلوان شجاع.

جنهن ڪنبندا سڀ قريش هئا تنهن ها تڪ جي هڪلا.

رئندا پار مات ڪرين سڀ سندس اسما.“

## (4) خلفاءَ الراشدين

مجموعہ جو چوٿون ڪتاب آهي. ”خلفاءُ الراشدين“:

”خلفاءُ الراشدين“ جي معنيٰ ”سنئين رستي تي هلڻ ۽ هلائڻ وارا جاءِ نشين“ حضرت صلعم جن جو فرمودو آهي تہ:

الخلافت بعدي ثلاثون سنعہ ثم تصير بعدها ملڪا غضوضا

(مون کان پوءِ پورا ٽيهہ ورهيہ خلافت رهندي، تنهن کان پوءِ ڏنگيندڙ حاڪم ٿيندا رهندا.)

”حضرت جن جي انهي فرمودي موجب خلافت راشده (سنئين سواتي خلافت) هن طرح آهي:

”موجب مذهب اهل سنت جماعت جي موافق حديثا.

آهين خلفاءُ الراشدين پنج جڻا سڪي ياد ڪجاہ.

هڪڙو ابابڪر صديق ٻيو امير عمر شاہ.

ٽيون عثمان ذي النورين چوٿون علي مرتضيٰ.

پنجون خليفو پويون حضرت حسن مجتبيٰ.

جنهن تي ٿيو ختم خلافت جو موجب حديثا.

تيلانهن حضرت معاويہ بن ابي سفيان ڀڻ عالم لکن تا.

تہ آهن داخل حاڪمن ۾ خلفاءُ الراشدين منجهان نہ اهہ.

بلڪ هو خيفو معاويہ سو امير حسن جي پاران.“

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي
## (1689ع- 1752ع)

جو وڃين وڻڪار، هت نہ ڳولين هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چئي پاروڇو ٻي پار،
ٿيءُ سي ٻڌ سنڌرو، ڀرت ڀريان سين پار،
تاڻين نيڻ نهار، تہ تو ۾ ڏيرو دوست جو.

شاهہ عبداللطيف جنهن کي شاهہ ڀٽائي جي نالي سان سڏجي ٿو، سو سيد شاهہ حبيب جو فرزند هو. سنڌ جو مشهور ولي، سيد عبدالڪريم شاهہ بلڙي وارو سندس پڙ ڏاڏو هو. جڏهن تہ شاهہ عبداللطيف بن سيد شاهہ حبيب بن سيد عبدالقدوس بند سيد جمال شاهہ بن سيد عبدالڪريم.

شاهہ ڀٽائيءَ جا وڏا مائٽ امير تيمور جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيا هئا ۽ حيدرآباد ضلع جي هالا تعلقہ ۾ اچي رهاڪو ٿيا هئا. شاهہ ڀٽائي ڳوٺ هالا حويليءَ ۾ (جو ڀٽ کان ٿو ڪوهہ ٻري هو). سنہ 1102 هجري برابر سنہ 1689ع ۾ ڄائو هو. سندس ڄمڻ کان پوءِ شاهہ حبيب لڏي اچي ڪوٽڙي ڳوٺ ۾ وينو، جو ڀٽ کان ٻہ ڪوهہ ٻري هو. شاهہ ڀٽائي ڄائي ڄم کان اندر جي سوجهري وارو ۽ فطرتي شاعر هو. تنهنڪري جيتوڻيڪ ظاهري تعليم ڪا واجبي ورتي هئائين، تہ بہ هو فارسي ۽ عربي علم ۾ ماهر ۽ ٻين بہ ڪيترين ئي ٻولين ۾ پڙ هو.

شاهہ صاحب ننڍي هوندي کان ئي گوشہ نشينيءَ کي پسند ڪندڙ فقيري چال چلت وارو انسان هو. ويهن ورهين جي عمر ۾ شادي ڪئي هئائين، پر اولاد ڪونہ ٿيس.

شاهہ صاحب جوڳين ۽ فقيرن سان گهڻا سير ڪيا هئا ۽ جدا جدا هنڌن جا قدرتي نظارا اندر جي اکين سان جاچي ڏٺا هئائين. جئن جئن عمر ۾ پڪو ٿيندو ويو، تئن تئن سندس روحاني طاقت زور وٺندي ۽ سندس ڪلام ۽ راڳ ويا ماڻهن جي دلين کي ڪشش ڪندا. جنهنڪري ڏينهون ڏينهن سندس مريدن ۽ فقيرن جو انداز ويو وڌندو.

سنہ 1742ع ۾ شاهہ حبيب وفات ڪئي. تنهن کان پوءِ شاهہ عبداللطيف ڪوٽڙيءَ مان لڏي ڀٽ تي اچي آستان ڪيو. هجري سنہ 1165

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن شاعرن جي طرز تي قائم رکي آهي. جڏهن جو شاهه ڀٽائي کي هندي دوهرن سان دلچسپي رهندڙ فقيرن جي صحبت جي ڪا به ڪمي ڪانه هئي (ڏسو شاه جو رسالو سر بروو هندي) ۽ شاد ڪريم جي ڪلام سان به اهڙي دلچسپي هوندي هيس. جو اهو ڪلام هميشه پاڻ سان هوندو هوس. تنهنڪري پاڻ به جيڪو ڪلام چيو اٿن، سو ڏوهيڙن ۾ چيو اٿس.

اصلوڪن هندي دوهرن يا قاضي قاضن ۽ شاه ڪريم جن جي ڏوهيڙن مان هرهڪ ڏوهيڙي ۾ به مصرعون آهن. ٻنهي مصرعن جا قافيا، ڪن دوهرن ۾ ٻيءَ يا چوٿينءَ تڪ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿيندا آهن ۽ ڪن ۾ پهرينءَ ۽ ٽينءَ تڪ جي پڇاڙيءَ ۾.

مثال 1- (ٻيءَ ۽ چوٿينءَ تڪ جي پڇاڙيءَ ۾ قافيه)

"ڪبير سرير سراءِ هي، ڪيون سوکي سک چين.
ڪوچ نگارا سانس ڪا، باجت هي دن رين."

اي روح هي جسم مسافرخانو اٿيئي. تنهن ۾ غافل ٿيو ڇو سمهيو پيو آهين؟ تون رات ڏينهن، جي پساهه پيو کڻين، سي سمجهه ته لڏڻ جي تياريءَ لاءِ نغارا پيا وڄنئي.

"ڪنز ڪدوري قافيه، جي پڙهي پروڙين سڀ.
ته ڪر منڊي ماڪوڙي ڪوهه ۾ پيئي ڪجي اڀ."

(قاضي قاضن)

"چاري پلؤ چڪ ۾، پڇين پاريهر وٺ،
ان اهڙي احتياط سين، ڦٽ پڇاتان ڦٽ."

(شاهه ڪريم رح)

شاهه ڀٽائي صاحب جن جي ٻن مصرعن وارن ڏوهيڙن ۾، ٻيءَ تڪ ۾ قافيه ڪم آندو آهي، تن ۾ ٻيو قافيو وري ٽئين تڪ جي پڇاڙيءَ ۾ اٿس، نه مٿين مثالن وانگر چوٿينءَ تڪ جي پڇاڙيءَ ۾ جيئن ته:

ائين وسهڻ ۾ ايندو آهي، ته شاهه ڀٽائيءَ "دوهرا" ۾ ڦير گهير ڪئي آهي، جو ان ۾ ٻن مصرعن جي بدران ٽي، چار، پنج بلڪ ڏهن تائين مصرعون به ڪم آنديون اٿس. مگر اسان جي تحقيقات مان معلوم ٿو ٿئي، ته شاهه ڀٽائيءَ کان اڳ ڪيترن ئي هندي زبان جي شاعرن ٽن، چئن، پنجن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميان ابوالحسن جي سنڌيءَ وارو "مقدمة الصلوات" اهڙن ڏوهيڙن سان ڀرپور آهي. منجهس ٽن مصرعن وارن ڏوهيڙن کان وٺي ويهن ٽيهن مصرعن وارن ڏوهيڙن تائين موجود آهن.

ان مصرعن کان وڏيڪ مصرعن وارن هندي ڏوهيڙن، ۽ ميان ابوالحسن جي سنڌيءَ وارن ڊگهن ڏوهيڙن جي وچ ۾ قافيه بنسبت ڪوبه تفاوت ڪونهي. جئن هندي ڏوهيڙن جي سڀني مصرعن جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو رکيو آهي. تئن ميان ابوالحسن جي ڏوهيڙن ۾ بہ آهي. مگر شاهہ ڀٽائيءَ صاحب جا جيڪي ڏوهيڙا ٻن مصرعن کان وڏيڪ مصرعن وارا آهن، تن ۾ پڇاڙيءَ واري مصرع جي وچ ۾ قافيہ رکندو ويو آهي. جئن تہ:

"ڪاراڪن. ڪاري نڱي، جتي ڪاريهر ڪڙڪا.
مـٿي مـتـي مـهـراڻ ۾، اڄن دوپارا ڏڙڪا،
ويندي ساهڙ سامها، جهول ڏنس جهڙڪا،
ڪرڪن جا ڪڙڪا. سونها ٿيٽڙس سير ۾."

"ڏاگهنٿون ڏيرن، جي آندا بره ڀنڀور ۾،
هٿي چيل چرا ڪيا، وهہ پٽي وهڙن.
ڪڙي ڪڙڪو ان جو، هوند سـتي سـٿـو سبن.
ڏاندن سات سيد چئي، پيادبون پهچن.
جن جو پير لڳو نہ پٽئين، تن آيم ساڻ ائن،
ڱنگن ۽ جنگن، مند آسونهين ميڙئين."

مٿين هندي ۽ سنڌي مثالن مان يقين ٿيو تہ ٻن مصرعن کان وڏيڪ ڏوهيڙي جي ايجاد شاهہ ڀٽائي صاحب نہ ڪئي آهي. پر اڳيئي هندي شاعرن ۽ سنڌ ۾ ميان ابوالحسن اها ايجاد ڪري ڇڏي هئي. شاهہ ڀٽائيءَ صاحب فقط ايترو ڪيو. جو ڊگهن ڏوهيڙن ۾ پڇاڙيءَ واري مصرع جي وچ ۾ قافيو، ڪم آندو اٿس. جو ڳائڻ جي مدنظر تي سنو ۽ سوادي پيو لڳي.

شاهہ ڀٽائي صاحب جا همعصر شاعر، جن مذهبي مسئلا سنڌي ڏوهيڙن ۾ لکيا آهن. جهڙوم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم عبدالله، مخدوم عبدالخالق، مخدوم عبدالسلام وغيره، تن مان ڪن پنهنجن ڊگهن ڏوهيڙن ۾، هندي ڊگهن ڏوهيڙن ۾ ميان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابوالحسن جي ڏوهيڙن وانگر، سڀ قافيا مصرعن جي پڇاڙين ۾ رکيا آهن، ته ڪن شاهه ڀٽائيءَ جي ڏوهيڙن وانگر، ٻوئين مصرع جي وچ ۾ قافيو ڪم آندو آهي. باقي شاهه ڀٽائيءَ کان پوءِ، جيڪي ويجهڙي وقت ۾ شاعر پيدا ٿيا، جهڙوڪ: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، سچل سائين سرمست، درويش صديق فقير صوفي، سامي وغيره تن سڀني پنهنجن ڏوهيڙن ۾ قافيه انهيءَ ترتيب سان ڪم آندا آهن. انهيءَ وقت کان پوءِ اڄ تائين ٻوئين مصرع جي وچ ۾، قافيه ڪم اچڻ جو رواج هليو اچي ٿو.

شاهه ڀٽائي صاحب جي جيڪا ايجاد آهي، سا آهي وائي. وائي يا ڪافي شاهه ڀٽائيءَ کان اڳ ڪنهن به سنڌي شاعر ڪا نه ڳاهي هئي. البته شاهه صاحب جي همعصر مخدوم عبدالرؤف ڀٽي بزرگ جيڪي مولود ڳاهيا آهن، سي ساخت ۽ بناوت بنسبت وائيءَ جهڙائي آهن. تفاوت رڳو هي آهي، جو وائيءَ ۾ سنئون سڌو مجازي عشق ۽ حقيقي محبت جو مضمون پريل آهي، ۽ مولود ۾ خاص طرح پيغمبري پريت، يا عشق رسول الله صلعم ڳايل آهي. شاهه ڀٽائيءَ هجري سنه 1165 ۾ رحلت ڪئي آهي، ۽ مخدوم عبدالرؤف سنه 1166 هجريءَ ۾. ٻئي وڏيءَ عمر وارا ويجها پاڙيسري هئا، پوءِ خبر نه آهي، ته "وائي" اڳ ۾ ايجاد ٿي يا "مولود."

درحقيقت وائي يا مولود جي ساخت جو نمونو خواه سندس عاشقانه مضمون هندستان جي قديم راڳ "ٺمري" تان ورتل آهي. "ٺمري" ۾ پهريائين "آستائي" يعني: "ٽُل" هوندو آهي ۽ پوءِ وري "انترو" هوندو آهي. "انتره" جي معنيٰ آهي حشويا ڀراءُ، جنهن کي مصرع به چئبو آهي.

## شاهه صاحب جي مضمون تي ٻ... جو اثر

شاهه ڀٽائيءَ جي زماني ۾ تصوف ۽ فقيريءَ ڏانهن ماڻهن جو خاص چاهه ۽ دلچسپي هوندي هئي. صوفين جي سرتاج مولانا جلال الدين رومي جي "مثنوي" جنهن ۾ روحاني راز ۽ تصوف جا مسئلا سٽيا پيا آهن، تنهن سان شاه صاحب جي اهڙي دل هوندي هئي، جو "رسالہ ڪريمي" سان گڏ اها به هميشه پاڻ سان رکندو هو. فقيراڻن هندي دوهرن مان به شاه صاحب خوب واقف هو، تنهنڪري شاه صاحب جي ڪلام جو مضمون خاص طرح صوف...

آهي. جيتري قدر شاه ڪريم جي ڪلام جو مضمون مثنوي شريف جي رنگ ۾ رتل آهي، تنهن کان ڪيترائي درجا زياده شاه ڀٽائي جي ڪلام ۾ مضمون ۽ عبارت مثنوي شريف جي اثر ۾ رتل آهي.

شاهه صاحب جا ڪي ڪي ڏوهيڙا تہ اهڙا آهن، جو ڄڻڪ مثنوي شريف جي بيتن جو ترجمو آهن؛ پر درحقيقت اُهي ترجمو نہ آهن. فقط مثنوي شريف سان دلچسپيءَ جو اثر آهن. مولانا رومي مثنوي شريف شروع ڪرڻ وقت چوي ٿو:

بشنو از ني چو حڪايت مي ڪند
وز ز جدائيها شڪايت ميڪند

(نڙ ٻيو وجي، تنهن جو آواز ٻڌ، هو فراق جون دانهون ٻيو ڪري.)

مولانا رومي، متئين بيت ۾ پنهنجي وجود کي "نڙ" سان مشابهت ڏئي ٿو، جو ڦوڪ اچڻ تي درد ڀريو آواز ڪندو آهي. نڙ واري ڪاني پنهنجي وڻ (ٿڏي) کان ڪپجي ڌار ٿيندي آهي، تڏهن ڦوڪ سان آواز ڪندي آهي، جيڪڏهن ان کي اصل ٿڏي کان ڪپي ڌار نہ ڪجي. تہ جيڪر منجهانئس آواز ئي ڪونہ نڪري. اهڙيءَ طرح سچن عاشقن جو روح بہ حق جي ذات پاڪ کان وڇڙي، هن جسم ۾ اچي ڦاٿو آهي، تنهنڪري ئي درد جون دانهون ٿو ڪري. ساڳيو مضمون شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هن طرح ٿو آڻي:

"وڍيل تي واڪا ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هن پڻ پنهنجا ساريا، هوءَ هنجون ٿي هاري."

مثنوي شريف ۾ چيل آهي تہ:

"هر ڪہ را اسرار حق آموختند،
مهر ڪردند و دهانش دوختند."

(جنهن کي خدائي راز معلوم ڪرائڻ ٿا، تن جو ڪچڻ ڀچڻ بند ڪندا آهن. شاه صاحب ساڳيو مضمون هن طرح ڪم آندو آهي:

"سڪي سوريءَ چاڙهيا، بيان ڪن نہ ٻات،
توئي ڪسن ڪات، تہ بہ ساڳي سلن ڪينڪي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاهه ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ مضمونن جي ورڇ

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ جيڪو مضمون ڪم آيل آهي، سو خاص طرح پنجن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) صوفيانو مضمون (2) اخلاقي مضمون (3) عاشقانو مضمون (4) فطرت نگاري (5) مدحيه مضمون.

### صوفيانو مضمون:

درحقيقت شاهه صاحب جو سارو ڪلام صوفيانو مضمون آهي. جن مضمونن کي اخلاقي، عاشقانو يا طبعي مدحيه سڏجي ٿو، تن مان به ڪوئي مضمون تصوف جي رنگ کان ٻاهر نه آهي. صوفياني مضمون جو تعلق خاص طرح "روح" ۽ "رب" سان آهي.

روح ۽ رب جي وچ ۾ قرب ۽ محبت جو ازلي لاڳاپو آهي. "يڪرنگي" رب جي پاڪ ذات سان يڪرنگ ۽ سمايل رهڻ ۾ ئي روح لاءِ سچي راحت آهي.

1- سو هيءُ، سو هو، سو پرين، سو پساهه،
سو اجل سو الله سو ويري، سو واهرو.

2- ساهڙ سا سهٽي، سائر پڻ سوئي،
آهي نجوئي، ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي.

نه رڳو انساني روح، بلڪ سڀ مرون، پکي، جيت، جناور، وڻ ٻوٽا، جبل، نديون، آسمان، سج، چنڊ ۽ تارا وغيره شين ۽ انهن شين جي ڪارروائين ۾ به رب جي پاڪ ذات جي "يڪرنگي" سمايل آهي، تنهنڪري جيتوڻيڪ ساري مخلوق جي گهڻائي (ڪثرت) پئي نظر اچي، مگر انهيءَ "ڪثرت" ۾ سارو ڪم پاڪ ذات پروردگار جي "يڪرنگي" ڪري رهي آهي. اها يڪرنگي آهي "وحدت".

"وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
هو هلاچو هل، بالله سندو سچڻين".

(2) "مرئان، موران، پکڻان وائي ٻي م ڀل،
هو هلاچو هل، بالله سندو سچڻين".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) "ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون لکن لک هزار،
جيءُ سيڪنهن جيءَ سين درسن ڏارو ڏار،
پريتم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان".

'رب تعاليٰ' جي خواهش پٽاندڙ ۽ محبت جي آزمائش خاطر 'روح' کي جسماني قيد ۾ اچڻ پيو. جسماني قيد ۾ اچڻ شرط 'ڪثرت' ۾ گهيرجي ويجي ٿو. اگرچ روح جي سچي راحت آهي حق جي پاڪ ذات ۾ وڃي سمائجي، پر جو ميلو اٿس، سو ڪثرت سان مشغول رهڻ ۽ ڪثرت مان راحت حاصل ڪرڻ لاءِ روح کي زبردست ڪشش ڪري ٿو. اها زبردست ڪشش آهي "نفس" ۽ روح" کي جسماني پليتاين کان صاف ۽ پاڪ رهي موٽي حق جي پاڪ ذات ۾ وڃي سمائجڻ کان روڪڻ لاءِ "نفس" ان کي جن خواهش ۽ خيالن جي نوڙين ۾ ٻڌڻ جي ڪري ٿو، سي نوڙيون ڪپي نفس کي ماري مات ڪري وڃي پنهنجي سچي سائين ۾ 'سمائجڻ' اهو آهي تصوف جو اصلي مقصد ۽ سچي مراد.

(1) "مون کي پاڻ پرين: ٻڌي وڌو تار ۾،
ايا ائن چون: ته متان پاند پسائين".

(2) "صوفي صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود جو،
تنها پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو".

"روح" ڪهڙيءَ طرح "نفس" تي فتحياب ٿئي، تنهن لاءِ ضروري ڳالهه آهي، "آپو" يا "خودي" وسارڻ يا "پاڻ ڇڏڻ" يعني حق جي سڪ ۾ رهي نفساني خواهشون قبول نه ڪرڻ.

(1) "آءُ سين ان پار، ڪڍهن تان ڪونه ٿيو،
هيڪڙائيءَ وٽ هار، هنجون جي هئڻ جون".

(2) "جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناه نماز،
سڀ وڃائي ساز: تنهان پوءِ تڪبير چئو".

(3) "لائي خنجر "لا" جو هن خچر کي هڻ،
سڌن جو سيد چوي وٺون سڀ وڪڻ،
پيـر پروڙي کڻ، ته هلڻ ۾ هوري وهين".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀاڻ وساري ڇڏڻ يعني نفساني خواهشون قربان ڪرڻ سٿرو ڪم نه آهي. انهيءَ لاءِ وسيلا ڪين:

(1) عشق (2) رياضت يا مجاهده (3) ڪامل مرشد. عشق اها سچي محبت آهي، جا عاشق کي معشوق ڏاران ٻيو ڪجھ وساري ڇڏي:

1- جاٽي سجاٽي، وهان ڪئن مات ڪري؟
اندر آڳ عشق جي اپر اڌاٽي،
العشق نارالله الموقده ڪوري جئن ڪاٽي،
آهي آباٽي، ٻيو سرتيون سجهي ڪينڪي".

2- "ڀاڻ مَ ڪٽج ڀاڻ سين، ريءَ وسيلي وانءِ،
نينهن ڳنهندي نانءِ، ونئن ٻريان جي پار ڏي".

جسم جون آسائشون ۽ آرام ڦٽا ڪري ڌڻي تعاليٰ جي محبت ۽ يادگيريءَ ۾ رهڻ آهي 'رياضت' يا 'مجاهده'. رياضت ڪري روح اهڙو صاف ٿيو پوي، جو انساني خواهشون ۽ جسماني سڌون طرحين طرحين نمونن سان ڀاڻ سينگاريو اچيو اڳيانئس بيهن، ته به ان جي نظر ۾ نيست معلوم ٿين ٿيون.

عشق ۽ رياضت جون منزلون جفاڪشيءَ سان طي ڪري سلامتيءَ سان منزل مقصود تي وڃي پهچڻ اڻ ڄاڻ جو ڪم نه آهي، انهيءَ لاءِ ڪامل مرشد جي رهنمائي حاصل ڪرڻ ضروري ڳالهه آهي.

سيا سياهي آهي آري ڄام ري،
"ڪڌهن پسي ڪانه ڪا، ريءَ لالن لالائي،
دور دل تان دور ڪري، ڪر ساجن صفائي،
من لا شيخ له فشيخه الشيطان ان ري اونداهي،
بلاشيخ من يمشي في الطريق ڪمن يمشي،
في البحر بلا فينه اهڙي اوائي،
تنهن ري توائي، ڪوڙين ٿين ڪيتريون."

عشق جو مدار آهي حسن. حسن جي موجودگيءَ ڌاران عشق بي نور آهي. قدرت جا خلقيل رنگارنگي نظارا، جن جو هڪڙو جزو آهي انساني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت، انساني سيرت، سي سڀ حقيقي معشوق جي سچي حسن جا تجلا آهن. فطرت ۾ پکڙيل قدرتي حسن کي اندر جي نظر سان جاچڻ حقيقي عشق لاءِ ڏاڪڻ آهي.

"المجاز قنطره الحقيقت"

(فطرت ۾ پکڙيل حسن جو عشق حقيقي عشق جو ڏتيل خزانو آهي).

"حوصلو حيرت ۾، کري کين درک،
جو حسن سندو حق، سو کور پروڙي کينکي".

(2) "ايڪ قصر در لک، سهسين سندس ڳڙکيون،
جيڏانهن کريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون."

روح جو جسم جي پڃري ۾ ڦاٿو رهڻ آهي، جدائي وڇوڙو، فراق يا دوزخ. ۽ روح جو رب جي پاڪ ذات سان يڪرنگ رهڻ يا سمائجي وڃڻ آهي ميڙائو، يا ميلاپ يا وصال يا بهشت (دائمي سک). شاه صاحب جي ڪلام ۾ جيڪو وڇوڙو يا ميلاپ ڳايو ويو آهي سو اهوئي آهي.

**اخلاقي مضمون:**

روح کي نفس جي چنبي مان ڇڙڻ آسان ٿئي، تنهن لاءِ اخلاق ضروري آهي. جنهن ڳالهه کي 'شريعت' سڏجي ٿو، سائي اخلاق جو سرچشمو آهي.

"ساري سک سبق، شريعت سندو سهٽي!"

شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جيي جيي تي اخلاقي نصيحتون ڏاڍي اثرائتيءَ عبارت ۾ ڪندو ويو آهي. ٿورڙا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**عبادت ۽ ذڪر:**

(1) "جي پائين جوڳي ٿيان، ته پر ڪلمي جي پار،
پنجن سان پورو رهه، آيا ٿيهه نه ٿار،
تڏهن ڏاڳا ڏار جڏهن راهه سڃاڻين رب جي."

(2) "مان پڇني سپرين، ڇتان ڇر م لاهه،
پرين اڳيان پاءِ، پلو مڱڻهار جئن."

(3) "جاڳڻ مجھان جس- آهي الله جن کي،
لاهي تو لطيف چئي، متان قلب ڪس،
ورنه ڪجان وس، صبح سانڻ سيد چئي."

**سچ اختيار ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڦٽو ڪرڻ:**

"مان پڇني سپرين، چت ۾ چيتاريج؛
ڪڏي ڪائي ڪچ کي ڪوڙ م ڪمائيج،
وڻج وهائيج سڀ سوداگر سچ جو."

**اخلاص يعني نيت جي اڇائي:**

تن ۾ تراز[1] توهه[2] جي گهٽو آهه گهوري،
ادب ۽ اخلاص جا سڙهه ٻڌج سوري،
وکر وينتيءَ جو تنهن ۾ پاءِ توري،
ته عادنئون اوري، تنهنجو توائي نه ٿئي."

(2) "آدمين اخلاص، متائي مانو ڪيو؛
ڪونه ڪائي ڪڏهين سندو ماڻهوءَ ماس،
ٻيو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪ دل هوندو هيڪڙو."

**صبر ۽ تحمل:**

(1) ڏمر پاسو ڏک سين، ڪانڌ ڪٿوري هوءِ،
والله مع الصابرين[3] آکو ائين جوءِ،

(2) ڪمر، ڪمندن ڪتيو هارايو هوڏن،
چکيو نه چوندن، هو جو ساءُ صبر جو،
نمي ڪمي نهار تون، ڏمر ڏولائو،
ٿئي سانجائو، جي اڀين انهيءَ پير تي.

**نياز ۽ نئڙت:**

(1) هيڪر هئڻ چڏ، ته اوڏي ٿئين عجيب کي،
هوت توهين کي هڏ، پرين پاسي نه ٿئي."

(1) ٻيڙي (2) توڪل (3) ڏٺي تعالیٰ صبر وارن سان همراهه آهي.

(2) هو چنن تون م چن، پاءِ اميري ان سين،
هو اوڳڻ ڏيني سسئي، تہ تون ڳڻ ڏيئي ڳن."

(3) قرب[1] ڪبرياءَ[2]، ماءُ[3] ملاقي نہ ٿئي،
پورو ايءُ پرياءَ صوفي جي صلح ۾.

**جفا ڪشي ۽ اورچائي:**

(1) "سوريءَ تي سو وار، ڏيهاڻي چنگ چڙهن،
جر ورچي چڏئين، سڪڻ جي پچار،
پرت نہ پسين پار، نينهن جيائين نگيو،

(2) پتنگ چائين پاڻ کي، تہ جيري پئو جاٽي،
تان تان تاڃ تاءَ ڏي، جان آگ نہ اجهاٽي،
وسه وهاٽي، آڳ نہ ڏجي عام کي."

**دنيا کي چنبڙي نہ پوڻ:**

فاني ني فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو،
لٽي لوڙهہ لٽن سين جوڙيندءِ جاني،
ڪوڏر ۽ ڪاني، آهہ سر سپڪنهن.

شاهہ صاحب هر نموني جون اخلاقي نصيحتون پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آنديون آهن. زال ذات جو پنهنجي پتار سان وفادار رهڻ ۽ پريت ان جي خيرخواهي ڪرڻ (سر ساموندي)، زال ذات جي سچي اشرافت ۽ وطن جي حب (سر مارئي)، پنهنجي چوڪ قبول ڪري پڇتايائين (سر ليلان چنيسر)، مرداني سچي غيرت (سر مومل راڻو)، پائرن جو قرب (سر گهاتو)، وغيره وغيره.

## عاشقانو مضمون

هن ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي، تہ شاعريءَ جو نور آهي عشق: عشق ڌاران شاعري معذور آهي، پوءِ اهو عشق پنهنجي سچي مالڪ سان هجي، مرشد يا هادي سان هجي، فطرت جي نظارن سان هجي، قوم ۽ ديس

(1) خدائي وصال (2) هٺ ۽ وڏائي (3) ڪڏهن بہ ڪڏ نيبه ٿي نہ سگهندا.

سان هجي يا انساني حسن سان هجي. شاهه صاحب انهن سيني عشقن جا ڀرپيالا پيتا هئا ۽ سندس سارو ڪلام انهن عشقن جي مذڪور سان ڀرپور آهي، مگر هت عاشقانو مضمون فقط انهيءَ کي ٿا سڏيون. جو انساني حقن جي عشق بابت آهي.

عاشقاني مضمون ۾ معشوق جي حسن جي تعريف، معشوق جي جفا ۽ بيپرواهي، عاشق جي وفا ۽ نهنائي، خلق جون چڙيون، حاسدن ۽ رقيبن جون فتنه انگيزيون ۽ اتڪاءَ؛ آخر سچائيءَ ۽ وفاداريءَ جي سوڀ؛ اهي ڳالهيون اچيو وڃن ٿيون. شاهه صاحب معشوق جي حسن جي تعريف ۾ ايراني شاعرن جي پيروي بلڪل نه ڪئي آهي، جيئن اڄڪلهه جي شاعرن جي شعر ۾ آهي. نه نرگس ۽ لاله سان معشوق جي اکين ۽ ڳلن جي ڀيٽ ڪئي اٿس. نه سرو ۽ شمشاد سان يار جو قد ڀيٽيو اٿس؛ نه صبا ۽ نسيم کي قاصد بنايو اٿس، انهن شين جو سنڌ ملڪ سان سڀنڌ ئي ڪونهي. شاهه صاحب معشوق جي سونهن بيان ڪرڻ وقت اهڙين شين جي ڀيٽ ڪم آندي آهي، ۽ اهڙيون شيون تمثيل طرح پيش ڪيون اٿس، جن کي سنڌ جو سيڪو ماڻهو ڄاڻي ۽ سڃاڻي ٿو. اهوئي سبب آهي، جنهنڪري شاهه جي شاعري جي عبارت نقلي شاعرن جي داغ کان آجي آهي. شاهه جي عاشقاني مضمون مان ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**معشوق جو حسن:**

(1) ”پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، ڀلائيءَ جا ڀير؛
اڱڻ اُڪنڊين جي، ڏئي پابوهيو پير؛
قمر پاڙي ڪير؟ شمس سپيرين سين.“

(2) چنڊ! تنهنجي ذات، پاڙيان نه پرين سين؛
پلڪ پريان جي نه پڙين، جي حيلن ڪرين هزار؛
جهڙو تون سڀ جمار، تهڙو دم دوستن جو.“

(3) ”ڪٽي نيڻ خمار مان، ناز ڪيائون نظر؛
سورج شاخون جهڪيون ڪوماٽو قمر؛
تارا ڪتيون تائب ٿيا ديکيندي دلبر؛
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) "جھڙا پانن پن، تھڙيون شالون مٿن سائيون؛
عطر ۽ عنبير سان تازا ڪيائون تن؛
مڙھيا گھڻو مشڪ سين؛ چوتا ساڻ چندن؛
سونھن ربي سون سين سندا ڪامڻ ڪن؛
ڪيائين لعل لطيف چئي، وڏا ويس ورن؛
منجھہ مرڪيس من سوڍي سين سڳ ٿيو."

## معشوق جي جفا ۽ عاشق جي وفا:

(1) "صورت" گھڻو سھڻا، تاڻا سندن توھہ،
ريلو ڏئي روح، جو ڪائي سو ڪامي مري."

(2) "تون صاحبزادو سپرين، آءٌ نسورو نوڪر؛
بي حد ڪريان بندگي، ھٿ ٻڌي حاضر؛
جن ڇڏيندس ڪينڪي، دوست اوھان جو در؛
مون تان مھر نظر، پرين لاھہ م پنھنجي."

(3) "ھوڏ ڇڏي ھوڏي، جي مان گھر اچين سپرين،
ڳالھيون ڳجھہ اندر جون، رتن گھريون توڏي،
جي وھين گڏ گوڏي، تہ دور سٽائين دل جا."

## عاشق تي چٽرون ۽ اٽڪاءُ:

(1) "پورب تي مارياس، ڪنھن در ڏيان دانھڙي؟
متيون ڏيندي لوڪ کي، چري پاڻ ٿياس؛
جنھين نہ جيھاس، مون لڳي تن سان."

(2) "ککي ھاٿيون ڪاريون، ڇيڄيءَ ھاٿا ڇڄ؛
پاند جن جي پاند سين، لڳو تنئي لڄ؛
سمو جام سھڄ، اپو ڪري ان سين."

(3) "ڪرڪي ڪپر ڪاءُ نانگ مٽيارو نڪري؛
اپي جو اوناءِ، سر پر سندي سڄٽين."

(4) "خبر تي ڪرن ڪي تہ مون ڪي ڪندا ڪوھہ؟
صورت سپريان جي، ڏني ڪونھي ڏوھہ؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوري لڳم لوءِ، جنهين رت رئاريو.“

(5) ”الله ڪر جين، مدي جن جي من ۾،
اسان ۽ پرين جون اميدون پسن،
تنهان پوءِ مرن، سڙي انهيءَ سور ۾.“

عاشقاني مضمون جا تفصيل وارا ياگا سر سهڻي، سر آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني، بروي ۽ مومل راڻي ۾ بيان ٿيل آهن.

## فطرت نگاري يا طبعي مضمون:

فطرت يا سرشتيءَ جا نظارا ڪنهن به روشن دل شاعر جو ڪشادو ڪتب خانو آهي. شاه صاحب انهيءَ ڪتب خاني جي هرهڪ ڪتاب کي اندر جي اکين سان مطالع ڪيو هو. قدرت جو پکڙيل حسن ئي آهي، جو حقيقي حسن ڏانهن روح کي رجوع ڪري ٿو ۽ حقيقي معشوق جي پاڪ هستيءَ بابت پڪو ويساه ڄمائي ٿو. انهيءَ ڪري قدرت جا نظارا پاڻمرادا شاعر جي دل ۾ امنگ پيدا ڪندڙ آهن. فطرت جا سرشتيءَ جي نظارن کي سليس ۽ چيندڙ لفظن ۾ اهڙيءَ طرح بيان ڪرڻ، جو بي جان شيون به جاندار نظر اچن ۽ اڻ ڏٺل نظارا به اکين اڳيان تري اچن، تنهن کي چئجي فطرت نگاري يا شاعراڻو طبعي مضمون.

شاه صاحب پهريون ئي شاعر آهي، جنهن سنڌ جي طبعي مضمون وارا شعر چيا آهن. سر سارنگ جي سر ۾، برسات جون عجيب عجيب ڪيفيتون ۽ آسمان جا نظارا، سهڻيءَ ۾ درياءَ ۽ ان جي ڪنارن ۽ ڪُن جو نقشو، سر سامونڊيءَ ۾ سمنڊ جون لهرون، طوفان جون تيزيون ۽ ملاحن جي چستي ۽ سستيءَ جا نتيجا، سر آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسينيءَ ۾ جبلن ۽ ڏونگرن جا فوٽا. هاڙهي جي حب ۽ رڻ جون رونقون، سر مارئيءَ ۾ ٿر ۽ پٽن تي برسات جي ڪري پيدا ٿيل ڇهڇٽا. سر ڍهر ۾ ڍنڍن ۽ ان ۾ گذاريندڙ مڇين جي دلچسپ احوال، ڪونجڙين جون قطارون ۽ انهن جا درد ڀريا آواز. سر سينهن ڪيڏاري ۾ جنگ جي جانورن جون چلولايون. سر ڪاموڏ ۽ سر ڪارايل ۾ مڇي ماريندڙ ماڻهن جي رهڻ، ڪڙهين، مڪڙين ۽ چارين جا داستان ۽ ڍنڍ جي پکين جا پيغام ڳايا اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مدحيہ مضمون:**

شاعرن جو اصل ڪان وٺي دستور آهي تہ پنهنجي شعر ۾ ڪن بزرگن ۽ گڻائتن انسانن جي تعريف ڪندا آهن. اهڙي قسم جي شعر کي مدحيہ يعني ساراھ جي مضمون وارا شعر چوندا آهن. شاہ صاحب سر ڪلياڻ ۽ سر ڏناسري ۾ حضرت نبي ڪريم صلعم جي تعريف ڪئي آهي. سر بلاول ۾ علاؤالدين بادشاہ، ڏونگرراءِ ابڙي، سمي، جادم جکري جهون واکاڻون بلڪل سهائيندڙ لفظن ۾ ڪيون اٿس. سر پرڀات ۾ وري سپڙ سخيءَ جي سخاوت جي ساراھ ڪئي اٿس.

ساڳئي سر بلاول جي پڇاڙيءَ واري داستان ۾ وڳنڌ فقير سان خوش طبعي ٿيل آهي، جنهن کي ظريفانہ يعني چرچي ڀوڳ جهڙو شعر چئبو آهي.

## شاہ جي ڪلام جو پوين شاعرن تي اثر:

شاہ ڀٽائي جي وقت ۾ توڙي ڪانئس پوءِ، جيڪي سنڌ ۾ شاعر ٿيندا آيا، سي شاہ صاحب جي سڌاريل نموني تي ڏوهيڙا ناهيندا آيا. سنڌ ۾ علم عروض جي قاعدن تي شعر ناهڻ جو رواج پيو، تنهن کان پوءِ بہ شاہ جي طرز تي ڏوهيڙن ناهڻ جو رواج بند ڪونہ ٿيو آهي. اڄ ڪلهہ بہ ٻهراڙين ۾ سوين گمنام شاعرن جا شعر ڏوهيڙن جي طرز تي پڌرا ٿيندا رهن ٿا. شاہ عنايت، صادق فقير، سچل فقير، سوامي چئنراءِ، ميينگهو ڀڳت، دلپتراءِ صوفي ۽ ٻين هزارن شاعرن جا شاہ صاحب جي ڏوهيڙي جي طرز تي ڏوهيڙا لکيل آهن.

انهيءَ طرز تي سنڌ جي شاعرن نہ رڳو متفرقا ڏوهيڙا ناهيا آهن. پر سڄا سڄا قصا بہ انهن ڏوهيڙن ۾ لکيا اٿن، جهڙوڪ: سسئي پنهون، مومل راڻو، سهڻي ميهار، ڪامروپ وغيرہ.

شاہ صاحب سنڌ ۾ "وائي" جو رواج پيدا ڪيو. انهيءَ وائيءَ مان وري "ڪافي" جي صورت پيدا ٿي. سنڌ ۾ هزارين شاعر ٿي گذريا آهن ۽ اڃا بہ آهن: جن شاہ صاحب جي وائيءَ جي طرز تي ڪافيون ناهيون آهن. جيئن شاہ صاحب پنهنجيون وايون جدا جدا سرن راڳن ۽ راڳڻين تي ڳائڻ جو رواج پيدا ڪيو، تيئن ڪانئس پوءِ وارا شاعر بہ پنهنجيون ڪافيون جدا جدا سرن ۽

راڳڻين تي جدا جدا سازن تي ڳائيندا اچن ٿا. انهيءَ ڪري سنڌ جي سنڌي راڳ جو اڳواڻ شاهه ڀٽائي ليکيو وڃي ٿو.

جئن شاهه ڀٽائي مشهور عشقي قصن جو خاص خاص ٽڪرن تي شعر ناهي روح ريجهايو آهي، تئن ڪانئس پوءِ وارن ڪافين ناهيندڙن شاعرن به ڪيو آهي. سهڻي جي قصي مان ڪن شاعرن فقط سهڻيءَ جي ٻڏڻ واري حالت تي ڪافيون ناهيون آهن، سسئيءَ جي قصي مان فقط جبل جهاڳڻ وارو ڀاڱو ڳايو آهي ۽ ڪن فقط ڃنيسر اڳيان ڀڄتاءُ ظاهر ڪيو آهي، ته ڪن مارئي ٻڄي فقط وطن، جي سڪ ڳائي آهي، ته ڪن مومل ٻڄي ميندري ڪي پرچائڻ لاءِ ٻاڌايو آهي. مطلب ته شاه صاحب جي ڪلام جي طرز ۽ مضمون جو اثر اڄ تائين سنڌ ۾ قائم آهي. شاه صاحب کان پوءِ سنڌ ۾ اهڙو ڪوبه شاعر پيدا نه ٿيو آهي، جنهن کو نئون گس پيدا ڪيو هجي. علم عروض جي قاعدن تي شعر ناهيندڙن شاعرن شعر جي طرز بيشڪ مٽائي آهي، پر مضمون ۾ يا ته هرويرو ايراني شاعرن جو نقل ڪٽي اختيار ڪيو اٿن يا ساڳيا شاه صاحب وارا پير اچي ورتا اٿن.

## شاه صاحب جي ڪلام جي سنڌي

شاه عبداللطيف جي سنڌي ساڳي آهي جا مخدوم ابوالحسن ۽ هن جي همعصرن ڪم آندي آهي. نحوي ترڪيبون ۽ صورتخطيءَ جا قاعدا به ساڳيا آهن.

شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڪم آندي آهي، تنهن کي نج سنڌي ٻولي چوڻ درست آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ سنڌ جي طبعي (پراڪرت) ٻوليءَ جا لفظ به موجود آهن، مڪمل سڌريل (سنسڪرت) ٻوليءَ جا لفظ موجود آهن ۽ عربي ۽ پارسي لفظ به قائم آهن. اهي سڀ اهڙا عام فهم آهن، جي سنڌ جو هرڪو هندو خواه مسلمان آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.

شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ نڪي اهڙا ڳرا سنسڪرت ٻوليءَ جا لفظ ڪم آندا آهن، جهڙا سامي صاحب پنهنجن سلوڪن ۾ ڪتب آندا آهن ۽ نڪي اهڙا ڳوڙها عربي ۽ پارسي لفظ ۽ محاورا ڪم آندا اٿس، جهڙا اڄ ڪلهه جا مسلمان شاعر پنهنجن پنهنجن ڪلامن ۾ ڪم آڻي رهيا آهن. جتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي قرآن شريف جون آيتون يا حديث شريف جا جنسي حوالا ڏنل آهن، تن هنڌن کان سواءِ باقي ڪلام ۾ شاه صاحب اهڙي سنڌي ٻولي ڪم آندي آهي، جا سنڌ جي هندن خواه مسلمانن لاءِ هڪ جهڙي مروج آهي.

(1)

"اکر جتي هيڪڙي، ڀهون جي نہ ٻجهن،
کوه کبو کي تن، سجي سٽائي ڳالهڙي".

(2)

"پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٺان ڏوه چڙهن، جئن ورق ورائين وترا".

مٿيان ٻہ بيت مثال طرح ڏنا ويا آهن. انهن ۾ سنسڪرت بنياد وارا لفظ بہ آهن جهڙوڪ: اکر ڀهون، ٻجهن، سجي ۽ ڏوه، سنڌ جي طبعي (پراڪرت) ٻولي جا لفظ بہ موجود آهن، جهڙوڪ: کوه، ڳالهہ ۽ وترا، ۽ عربي ٻوليءَ جا لفظ بہ آهن جهڙوڪ: قلوب ۽ ورق، مگر انهن ۾ اهڙو ڪوبہ لفظ ڪونهي، جو ڪنهن هندو يا مسلمان کي سمجهہ ۾ نہ ايندو هجي.

سڀڪنهن ٻوليءَ جو اهو دستور آهي، تہ جئن جئن حڪومتون وينديون آهن متبيون ستبيون ۽ نوان لفظ ۽ محاورا ويندا آهن ڪتب ايندا، تئن تئن اصلوڪا پراڻا لفظ ۽ محاورا ويندا آهن گم ٿيندا. شاه صاحب جي گذرئي هينئر بہ صديون ٿي ويون آهن، تنهنڪري سندس ڪلام ۾ ڪم آيل ڪيترائي پراڪرت لفظ هينئر ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪم ڪونہ ٿا اچن، ۽ ڪيترن ئي سنسڪرت ۽ عربي خواه پارسي لفظن جون صورتون اهڙيون مٽجي ويون آهن. جن جو بنياد صحي ڪرڻ مشڪل ڪم آهي.

[1]

اڄ ٻڻ امارو چوڏهين ماه چنڊ جو

[2]

من م ٻاري مچ، جم وڃني اوهري

[3]

ڪرهو نکي ڪان، ٻيرين آءٌ نہ ٻجتي

[4]

سڳر ســـونـــائون، تـــيـــا رحـــمـــان سين

[5]

اســـــان اڏارا آٽي آونگ چـــــاڙهـيـــــا.

مٿين مثالن ۾ (1) "امارو" = نرواري، پڌرائي. (2) "جم" = مٿان. (3) "اورهڻ" = کسڪي وڃڻ، تڳي وڃڻ. اهي اهڙن جهونن پراڪرت لفظن جا مثال آهن، جي اڄ ڪلهه جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ نٿا اچن.

"ڪان" اصل سنسڪرت لفظ آهي "ڪانڊ" = گهوڙو پر سنڌيس صورت اهڙي متجي ويئي آهي، جو ان جو بنياد لهڻ آسان نه آهي.

اهڙيءَ طرح "سڳر" = (رسـتـو) اصل ۾ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي "ثنر"، "آونگ" = (برتن يا ٿـانءُ) اصل ۾ پارسي ٻوليءَ جـــو لفظ آهي "آوندا".

ڪيترائي سنسڪرت، عربي ۽ پارسي ٻولين جا بگڙيل لفظ جي شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن؛ سي سنڌس زماني ۾ ئي اهڙين بگڙيل صورتن ۾ ڪم پيا ايندا هئا ۽ انهن مان ڪيترائي لفظ اڄ تائين به ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪم پيا اچن ۽ صاف سنڌي پيا ڀائنجن.

## شاه صاحب جي ڪلام ۾ شاعرانيون خوبيون

### زبانداني:

زبانداني يعني ٻوليءَ جي واقفيت شاعر لاءِ ضروري خوبي آهي. شاه صاحب سنڌيءَ ٻوليءَ جو نه نهايت قابل ڄاڻو هو، پر عربي ۽ پارسي ٻولين ۾ به ماهر هو. عربي آيتون ۽ گفتا پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ موقعي موقعي تي اهڙي طرح ويو آهي جڙيندو، جو ڄڻڪ عربي به ڪا مادري ٻولي هيس. حيرت انگيز قابليت هيءَ ڇئبي جو قرآن شريف جي آيتن، حديث شريف ۽ عربي مقالن کي پنهنجي سنڌي مضمون جي مراد سان اهڙي طرح ملائيندو ويو آهي، جو گويا انهن آيتن، حديثن يا مقالن جو تفسير ٿو بيان ڪري. مثال:

يقين ڄمي ٿو ۽ سندس قدرت، ڪاريگري ۽ ڪرم تي انسان جو روح قربان ٿئي ٿو.

شاهه صاحب جو ڪلام ڏيکاري ٿو، ته فطرت جو اڀياس شاهه صاحب تمام چڱيءَ طرح ڪيو هو. تنهنڪري ئي قدرت جا نظارا اهڙي دلچسپ نموني ۾ بيان ڪيا اٿس، جو سنڌ جو ٻيو ڪوبه شاعر پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي فطرت نگاري ڏيکاري نه سگهيو آهي. شاهه صاحب جهنگن، جبلن، ماٿرين ۽ ميدانن جا جي گشت ڪيا هئا. سي ڪيس فطرت جي اڀياس جي ڪشش ئي ڪرايا هئا.

سر سارنگ ۾ برساتي نظاري جو بيان ڪنيو اٿس، ته سادن سودن لفظن ۾ برساتي نظاري جي جيئري جاڳندي تصوير، پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي پيش ڪري ڇڪو آهي. هارين ۽ مالدارن کي برسات جو انتظار، تاڙي جو تنوارڻ ۽ سنگهارن کي پيٽ ۾ ساهه پوڻ. ڪڪرن جا ڪارا ويس، وڄ جا چمڪا، گوڙ جا دهل دماما. ٿر بر ٻلر جي پاٽيءَ سان ٿمتار ٿي وڃڻ، هارين جو آباديءَ کي لڳي وڃڻ، ڏيهه ۾ سڱ ۽ سڪار پيدا ٿيڻ. سر مارئيءَ ۾ ٿرن ۽ ميدانن تي برسات جا پيدا ڪيل نظارا، نهايت دلڪش عبارت ۾ بيان ڪيا اٿس. سر ڪنڀات ۾ چنڊ ۽ چانڊوڪيءَ کي ڳايو اٿس. سر سامونڊي ۾ سمنڊ جو قدرتي نظام اهڙو بيان ڪيو اٿس، جو ڄڻڪ اکين سان نظارا پيا ڏسجن. سر سهڻيءَ ۾ درياءَ جون موجون ۽ ڪنن جا ڪڙڪا. سر آبري، معذوري، ديسي. ڪوهياري ۽ حسيني ۾ جبلن ۽ ڪوهستان جي تصوير. سر ڪاموڏ ۾ ڍنڍن ۽ ڍورن جي رونق. سر ڪارايل ۾ ڪونجن جون قطارون ۽ ٻچن جي پياس. سر بسنت ۾ وڻن جا پراڻا پن ڇڻڻ ۽ ساوا ويس ڍڪڻ.

**انساني طبيعتن جو اڀياس ۽ سيرت نگاري:**

شاهه صاحب انسان ذات جي طبيعتن جو اڀياس به بلڪل ڳوڙهي طرح ڪيو هو. انهيءَ ڪري هر نموني جي انسان جي سيرت پنهنجن سادن ۽ سليس لفظن ۾ اهڙي چٽي اٿس، جو ڄڻڪ ايامن جا گذريل انسان اکين اڳيان اچيو بيهن. سامين ۽ سنياسين جي سيرت بيان ٿو ڪري ته گويا پاڻ ئي سچو پچو جوڳي آهي. سهڻيءَ جي فلڪ ۽ جرئت. سسئي جو ڪلهي ڦاٽو

ڪنجرو ۽ رائي ۾ پير رت ٽيڻ، مومل جي شاهاڻي ڇنڊ ڦوڪ ۽ عيش مزاجي، ليلان جي ڳهيلائي ۽ پڇتاءُ، مارئي جي لاڪ رتي لوئي ۽ ٿر جي ٿڌي واري، گنڌڙيءَ جي خوش نصيبي ۽ مهاڻن جون موجون، ڪلاچيءَ جو ڪن ۽ گهاتن جي بي ڏڙڪائي، آهيڙين ۾ شڪار جي چالاڪي ۽ ڪتن جي سچائي وغيره وغيره. هستين جي سيرت نگاري جهڙي شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڏيکاري آهي. تهڙي اڄ تائين سنڌ جو ڪو بيو شاعر ڏيکاري نہ سگهيو آهي.

**بيت:**

"دهشت ڏوم دريا ۾، جت ڪڙڪا ڪن ڪري،
پڇل پاڻيءِ ۾ لهريون لوڏا ڏين،
سناور ساميا، جت سيٽاهيا نہ سنڌين،
ويريون واٽ نہ ڏين، ساهڙ سير لنگهائين."

مٿئين بيت ۾، شاه صاحب اول درياءَ جو فطرتي نظارو ڏيکاري ٿو، تہ "درياءُ ڦوڪيو پيو وهي. ڪن ۾ پاڻيءَ جا ڪڙڪا پيا پون، وڏا وڏا بنڊ بہ پاڻيءَ جي تڪائيءَ ڪري هيٺ مٿي ٿيندا لڙهندا وڃن ٿا." انهن ٻن سٽن ۾ شاه صاحب گويا درياءَ جي تصوير نهايت چٽائيءَ سان ڏيکاري آهي.

هاڻي اچي ٿو سيرت تي: "سانداريڻ ترڻ وارا تارو ماڻهو، جن کي درياءَ جو ڪو ڀؤ نہ رهندو آهي، سي بہ درياءَ جي دهشت ۽ تيزي ڏسي، پنهنجيون سيٽاهيون جهلي بيهي رهيا ۽ درياءَ ۾ گهڙڻ لاءِ ڇاتي نہ پئي جهلي سگهيا. مگر سهڻي جي فلڪ ۽ سڪ پريل جرئت ڏسو: جو "پيارا ساهڙ تون مددگار تُجِ." اهي لفظ، چئي دلو پيٽ جي هيٺان ڏئي ڏوڪي پئي درياءَ ۾."

**بيت:**

پير ڪنيائون پر ۾، پياريڻ پهون،
سنجڻ سالڪن تي؛ وڏيءَ وير رهون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پايو جـــــر جنڊن ۾، ڪوٽان ڪن ڪهـــــون،
ڏينهـان ڏينهن ٽٺـون، مـونکي ورهـ ويڙهيچن جـو.

"برسات نـ هئڻ جي حالت ۾ ٿر جا ماٺهوپونن ۾ ڪوٽيل ڪوهن تي ٻڪرين کي پاڻي پياريندا آهن. اهي کوه، سانيڪا يعني سٺ گز کن هيٺ (تمام اونها) هوندا آهن. جوان ڇوڪريون يا زالون صبح جو سوير پاڻي ڪڍڻ ويندڀون آهن ۽ جنڊ جهڙيون ڳريون چڙهيون شوق سان ڊوڙون پائي انهن کوهن مان پاڻي سان ڀري ڇڪي ٻاهر پيون ڪڍنديون آهن. انهن ساهيڙين ۽ عزيزن جي اکير مون کي نئين سج، نئين دل ۾ پيدا پيئي ٿئي."

مٿئين بيت ۾ شاه صاحب لفظ ٿورا ۽ سادا ڪم آندا آهن، پر انهن ٿورڙن ۽ سادن لفظن ۾ مارئي ۽ ان جي ساهيڙين جي سيرت جو نقشو تمام ڪشادو ۽ دلچسپ ڇٽي وجي پار پيو آهي. فطرت نگاري ۽ سيرت نگاري جي مثالن جي شاه صاحب جي ڪلام ۾ ڪمي ئي ڪانهي. فقط غور سان سندن ڪلام کي مطالع ڪرڻ جي ضرورت آهي.

**ديس جي رسمن رواجن جو اڀياس:**

سنڌ ديس جي اهڙي ڪا قـوم ڪانـ هئي، اهڙو ڪو بـ ڌنڌو ۽ رسم رواج نـ هو: جنهن جو شاه صاحب غور جي نظر سان اڀياس نـ ڪيو هجي ۽ انهيءَ ڌنڌي يا رسم رواج مان روحاني سبق نـ پرايا هجنس.

صـراف، وينجـهـر، سـونـارا، لوهار، رنگريز، ڪوري، ڪاســائي، ڪتيندڙ، واڳيندڙ، ڪاتب، درزي، گتيوال، سوداگر، ملاح، موالي، مهاڻا، مڇي وڪڻندڙ، پکين جو شـڪـار ڪندڙ، جهنگ جي جانورن جو شـڪـار ڪندڙ، زنانيون رسمون ۽ رواج، مطلب تـ شـاهـ صاحب جي ڪلام ۾ اهي نڪتا ڏسي ڪيس "هر فن مولا" سڏجي، تـ وڌاءُ نـ آهي، حالانڪ هو فقيرن ۾ بـ سچو فقير هو. نموني خاطر فقط بـ ٽي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(1) "ڪاتب لکي جـئن، لايو لام الف سين،
اســان ســجڻ تـئن، رهيـو آهي روح ۾."

انهيءَ هنر مان هي سبق ٿو سمجهائي تہ "سچي سڪ وارن جو حقيقي عشق کهڙين بہ تڪليفن ۽ جاکوڙن پيش اچڻ ڪري دل جي فرهيءَ تان ڊهي نٿو سگهي.

(4) "پوڄا ڏنم پير، ڏڪڻ مٿي ڏول جا؛
مون پانيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو پرتڙي."

هندن خواه ڪن مسلمانن ۾ قديم رواج هو، تہ شاديءَ وقت گهوٽ کي لٺ سان ڏڪڻ ڀڃائيندا هئا. (اڃان بہ ڪن هندن ۾ اهو رواج آهي). جيڪڏهن گهوٽ جو پير ڏڪڻ تي سولو اچي پيو ۽ هڪڙيئي داڦوڙي سان ڏڪڻ پرزا پرزا ٿي پيو، تہ گهوٽ ۽ ڪنوار جي عاقبت چڱي سمجهندا هئا. پر جيڪڏهن ڏڪڻ تي پير پوري طرح نہ آيو، تہ بدسوڻ سمجهيو ويندو هو. ليلان چنيسر جي رسامي وقت چوي ٿي، تہ جڏهن چنيسر سان منهنجي شادي ٿي ٿئي، تڏهن ئي مون کي چنيسر جو پير ڏڪڻ تي پورو آيل نظر ڪونہ آيو. ان وقت ئي منهنجي دل ۾ ڪٿڪو پيدا ٿيو، تہ چنيسر مون سان جڳي توڙ ڪين نڀائيندو.

شاه صاحب جي باريڪ بين نظر کي آفرين آهي، جنهن ڪان ڏڪڻ ڀڃائڻ جهڙي زناني رسم بہ گسي نہ سگهي آهي.

## جدت ۽ بلند خيالي:

شاعر خداداد لياقت سان ڪابہ نئين طرز يا مضمون ادا ڪرڻ جو نئون نمونو پيدا ڪري، تنهن لياقت کي چئجي "جدت" يا "ايجاد". ڪلام جي طرز ۽ مضمون جي ادائگيءَ ۾ نئون نمونو پيدا ڪرڻ انهيءَ فطرتي شاعر جو ڪم آهي، جو همہ صفت موصوف هوندو. سنڌ جي شاعرن ۾ شاهہ صاحب پهريون ئي شاعر آهي، جنهن پنهنجو ڪلام نئين طرز تي ناهي تيار ڪيو ۽ پنهنجا مضمون نرالي نموني ۾ ادا ڪيا آهن. ڏوهيڙي جو نمونو سڌارڻ، وائيءَ ۽ ڪافيءَ جو سنڌي ٻولي ۾ بنياد وجهڻ، سنڌي ٻوليءَ جي شعر کي هندستان جي راڳن ۽ راڳڻين موجب ڳائڻ جو رواج پيدا ڪرڻ؛ پراڻن قصن ۽ آکاڻين جا چونڊ چونڊ ڀاڱا وٺي، انهن کي روحاني رنگ ۾ بيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ: هر قسم جي ڏنڌي ۽ رسم رواج مان روحاني سبق سمجهائڻ اهڙيون سڀ نيون نيون ڳالهيون شاه صاحب سنڌي شاعريءَ ۾ پيدا ڪيون.

شاه صاحب جي طبيعت ۾ خدا تعاليٰ نه رکيو "جدت" جو مادو رکيو هو: پر منجهس خيال به نهايت بلند ۽ اعليٰ سمايائين. ڪهڙي به سادي شيءِ بابت سادن لفظن ۾ شاه صاحب اهڙا اهڙا بلند خيال ظاهر ڪيا آهن. "يڪ مشت" نمونه خروار" وانگر هت هڪ ئي مثال ڪافي آهي.

"پاڇاهي نه پاڙيان، سرتيون سئيءَ ساڻ:
ڍڪي اگهاڙن ڪي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
ٻيهر ڇاپي ڇاڻ، ابر جي اوصاف ڪي."

ڪپڙن سڀڻ جي سئي ڪنهن نه ڏٺي هوندي؟ پر ان سئيءَ مان سبق پرائڻ ڏانهن ڪنهن جو خيال ئي ڪونه ڊوڙندو آهي.

شاهه صاحب مارئيءَ جي زبان ۾ چوي ٿو ته "منهنجيون سرتيون، جا سئي ڪتب آڻين ٿيون، تنهن سان ڪنهن بادشاهيءَ ڪي برابر ڪري نٿي سمجهان: ڇاڪاڻ جو ڪيس پنهنجي پاڻ ڍڪڻ جي پرواه ئي ڪانهي، ته به ڪپڙا سبيو ٻين اگهاڙن ڪي پيئي ڍڪي. اي انسان! تون پاڻ ماري ٻوءِ جيئرو رهندين، تڏهن انهيءَ ننڍڙي سئيءَ جون وصفون پروڙي سگهندين."

ڇا لڳي سئي، ته ڇا ان بابت شاه صاحب جي بلند خيالي!

**سوز ۽ اثر:**

"سوز" آهي دل جو درد. شعر آهي، شاعر جي دل جي اندروني تصوير يا هنئين جو پاٽي. جيتري قدر شاعر جي دل ۾ درد هوندو، اوتري قدر سندس ڪلام ۾ سوز سمايل رهندو. سنڌ جي ڪنهن به شاعر جي ڪلام ۾ ايترو سوز نه آهي، جيترو شاه صاحب جي ڪلام ۾ آهي. صديون گذري ويون آهن، ته به شاه صاحب جي ڪلام ۾ سوز تازو ئي تازو رکيو آهي.

شاه صاحب جنهن طرز ۽ طريقي سان پنهنجو ڪلام پاڻ ڳايو هو، سا طرز ۽ طريقو اڄ تائين ڀٽائي جي فقيرن وٽ موجود آهن. شاه صاحب جي ڪلام جي سوز جي پروڙ تڏهن پوي ٿي، جڏهن هيڪر ڀٽائي جي فقيرن جي واتان شاه جو ڪلام سڻجي ٿو، جنهن انسان ڪي خدا تعاليٰ جي طرف جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان ۽ سڪ هوندي، يا مجازي عشق جي لهر من ۾ هونديس، يا ڪن پيارن عزيزن جو وڇوڙو لڳل هوندس، سو جڏهن به شاه جو سوز ڀريل ڪلام ٻڌندو، تڏهن ان جي ظاهري حالت اڻ ڀڇيو متجي ويندي. فقير طبع انسانن کي ته شاه صاحب جي ڪلام ٻڌڻ وقت حال ۽ وجد ۾ ڦٿڪندو ڏسبو آهي.

سنڌ ۾ جيترو شاه صاحب جي ڪلام جو اثر آهي، اوترو ٻئي ڪنهن به شاعر جي ڪلام جو اثر نه آهي. شهرن ۾، ٻهراڙين ۾ بلڪ ٻنين ۽ جهنگن ۾ به شاه صاحب جي ڪلام جون تنواروں ٻڌبيون آهن.

## شاه صاحب جي ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت

### (الف) فصاحت ۽ بلاغت جي وصف:

ڪلام ۾ عام فهم ۽ نزاڪت دار ٻولي ڪم آڻڻ، لفظن جي باقاعدي جڙت ۽ ساڳيو مطلب جدا جدا لفظن ۾ بيان ڪرڻ کي چئجي فصاحت. شاه صاحب اهڙي ٻولي پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندي آهي، جو سنڌ جو سيڪو ماڻهو آسانيءَ سان سمجهيو سگهي ٿو. ڪلام ۾ نزاڪت ۽ لسائي وري اهڙي رکيل آهي، جو ڪيترا به ڀيرا ڪلام پڙهبو ته ڀيري ڀيري سان نئون لطف پيو حاصل ٿيندو. سنڌ جا شاعر هيءَ قابليت شاه صاحب جي ڪلام مان ئي سکيا آهن، جو شعر جي هرهڪ مصرع ۾ ساڳئي آواز سان شروع ٿيندڙ لفظن جون قطارون لڳيون بيٺيون آهن. مثال:

"سنهيءَ سئيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساهه؛
ويني ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاهه؛
هنيون منهنجو هت ٿيو، هت متي ۽ ماهه،
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾."

لفظن جي جڙاءَ بنسبت شاه صاحب جو ڪلام اهڙو پختو آهي؛ جو سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جا اصول ئي شاه جي ٻوليءَ کي مثال طور اڳيان رکي ٻوءِ ٺاهيا ويا آهن.

ساڳيو مطلب جدا جدا لفظن ۾ ادا ڪرڻ ته شاه صاحب جي ڪامل ذهن جو ئي شيوو هو. "روح" ۽ "رب" جي تعلق کي ڪئي سهڻي ۽ ميهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو لباس ڏيکاريو اٿس، ته ڪٿي گنڌريءَ ۽ ڄام تماچيءَ جو، ڪٿي سمنڊ جهاڳيندڙ سوداگرن ۽ سنڌن وفادار زالن جو پوش پهرايو اٿس، ته ڪٿي مڱڻهار ۽ سپڙ سخيءَ جو وغيره وغيره. شاه صاحب هڪڙيءَ هڪڙيءَ شيءِ کي جدا جدا نالن ۾ بيان ڪرڻ جو ڪارستان هو. مثلاً وڏڦڙو مينهن وسڻ، اگوندرو آب وسڻ، جهڙن جي جهونگار، سارنگ جي طرفان سار لهڻ، صراحيون پلٽڻ، بادل، وسڻ، جهڙ ڦڙ جو جهات ڏيڻ وغيره. لفظ فقط "برسات پوڻ" بابت ڪم آندا اٿس.

چانگو، ليڙو، ميو، ڪرهو، ڪنوات، ناقو، ڱئونرو، ڏاگهو، مهري، بردو وغيره نالا هڪڙي "اٺ" لفظ جي بدران ڪم آندا اٿس.

جنبور، ڪارائل، سگ موتيڙو، ڪلاب اهي نالا "ڪتي" لاءِ ڪم آندا اٿس.

لفظن جي اهڙي ملاوت ڪرڻ، جو ڪنهن شيءِ جو لڪل گڻ به تمام پڌرو نظر اچي، يا سادي سودي لفظ کان سندس رواجي معنيٰ کسي ان کي ٻي اعليٰ درجي جي معنيٰ ڏيڻ کي چئجي "بلاغت". بلاغت جي معنيٰ آهي، سادن لفظن کي معنيٰ بنسبت اعليٰ درجي تي پهچائڻ. مثال:

(1) "پايو جر 'جندن' ۾ ڪوڏان ڪن ڪهون."

(سر مارئي)

"جنڊ" لفظ جي رواجي معنيٰ آهي، پٿر جي چڪي، جا ان پيهڻ جي ڪم ايندي آهي. پر مٿئين ڪلام ۾ شاه صاحب "جنڊ" لفظ مان سندس رواجي سادي سودي معنيٰ نه ورتي آهي، بلڪ "جنڊ" جي معنيٰ ورتي اٿس "پاٽيءَ سان پريل کوس يا چڙهي." جنڊ کي انهيءَ نئين معنيٰ ڏيڻ ڪري پڙهندڙن کي هڪدم ذهن نشين ٿيو وڃي، ته پاٽيءَ سان پريل کوس؛ شڪل ۾ گول ۽ وزن ۾ تمام ڳرا ٿين ٿا. اهڙن ڳرن کوسن کي خوشيءَ سان ڊوڙون پائي انهن کوهن مان ڇڪي ڪڍڻ مان ذهن ۾ اچيو وڃي ته مارئي جون ساهيڙيون ڏاڍيون جفاڪش ۽ خوش گذاريندڙ هيون.

شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ انيڪ تشبيهون ڪم آنديون آهن، جن مان ٻه ٽي مثال هت ڏجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) "سورا! م وڌي ڌوڻ، آءٌ آهيان اڳيهي ڪاهري،
جا پر پاٽيءَ لوڻ، سا پر منهنجي جندڙي."

سسئيءَ جو اندر وڇوڙي جي درد ۾ کهڙيءَ طرح ڳري رهيو هو، سا ڳالهہ ٻڌندڙن جي ذهن تي پورو اثر ڪري نٿي سگهي ؛ پر شاه صاحب "پاٽيءَ ۾ لوڻ پوڻ" جي حالت سان جڏهن ڀيٽ ڪري ٿو ڏيکاري، تڏهن ٻڌندڙن جي ذهن تي آسانيءَ سان اثر ٿي سگهي ٿو تہ سسئي جو اندر کهڙيءَ طرح درد ۾ ڳرندو ٿي ويو.

(2) "ڪڙو مجهہ ڪڙي، جئن لهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپيريان سوگهو ڪيو."

عاشق جو جيءُ معشوق سان کهڙيءَ طرح ڳنڍيل آهي، سا ڳالهہ ٻڌندڙن کي چڱيءَ طرح تڏهن ذهن نشين ٿئي ٿي، جڏهن ان کي لهار جي ڪڙو ڪڙي ۾ ڳنڍڻ سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي.

(3) "جر ۾ سپون، جئن آهن ابر آسري؛
جئن ڪونجون سارين روهہ کي، مون تن اندر تئن؛
ڪونين وهان ڪئن؟ جي نظربنديائي نہ هئان."

مارئي کي پنهنجن عزيزن سان ملڻ جي سڪ ۽ انتظار ڪيتري قدر هو تنهن کي زوردار نموني ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ شاه صاحب ان جي ڀيٽ ٻن شين سان ڪئي آهي، جن جو انتظار ۽ سڪ عام طرح مشهور آهي: هڪڙي سپ، جا برسات جي بوند جهڻ لاءِ وات ڦاڙيو سمنڊ جي سطح تي پيئي ترندي آهي، جڏهن برسات جي ڦڙي وات ۾ پوندي اٿس، تڏهن وڃي تر ونندي آهي، ٻي ڪونج جا پنهنجا ٻچا جبل ۾ ڇڏي چوڳي لاءِ ڏورانهن ملڪن ۾ وڃيو نڪرندي آهي ۽ تيستائين پئي دانهون ڪندي آهي، جيستائين وري وڃي پنهنجي ٻچن کي ڏسندي آهي.

مٿين مثالن مان هيءَ ڳالهہ بہ معلوم ڪرڻ گهرجي تہ شاه صاحب جن شين سان تشبيهون ڏنيون آهن سي سڀ اهڙيون آهن جي سنڌ ديس جي ماڻهن کي چڱيءَ طرح معلوم آهن جهڙوڪ: لوڻ جو پاٽيءَ ۾ ڳرڻ، لوهار جو ڪڙو ڪڙي ۾ ملائڻ، سپ جو بوند لاءِ انتظار، ڪونجن جو ٻچن لاءِ ڪرڪڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪلھ جا شاعر اڪثر ڪري ايراني شاعرن جي پيروي ڪندا آهن ۽ اھڙيون تشبيھون ڪم آڻيندا آهن، جن جو سنڌ ديس سان لاڳاپو ئي نہ هوندو آهي. مثلاً "عاشق" کي "بلبل" سان، معشوق جي اکين کي "نرگس" سان، "قد" کي "سرو" ۽ "شمشاد" سان وغيره وغيره. اهو دستور ديسي ٻوليءَ لاءِ سينگار نہ ليکبو.

**استعارا:**

هونءَ تہ اسين پنھنجي روزمره جي گفتگو ۾ استعارا آل جال پيا ڪم آڻيون، پر پنھنجي ڪنھن روحاني اخلاقي، عاشقاني وغيره ڪلام ۾ سھڻا استعارا ڪم آڻڻ فصيح ۽ بليغ شاعرن جو ڪم آهي. ڇاڪاڻ جو اهڙن ڪلامن ۾ لفظن کي اڌاري معنيٰ ونئي ڏيڻ وقت سببن ۽ حالتن کي ٺھڪائي ڦهڪائي ٻيھارڻ ڏکيو ذهني ڪم آهي.

جيئن دنيا جا سڀ مذهبي ۽ روحاني ڪلام استعارن سان ٽمٽار آهن، تيئن شاه صاحب جو ڪلام بہ عجيب عجيب ۽ دلچسپ استعارن سان ڀرپور آهي.

شاه صاحب ايراني شاعرن جي استعارن جو نقل نہ ڪيو آهي، پر سڀ پنھنجا ۽ ديس سان تعلق رکندڙ استعارا ڪم آندا اٿس. ٻہ ٽي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(1) "ماڻڪ" مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجھرو؛
حشر ويل حساب ۾ جڏي نا ويندوم."

"ماڻڪ" لفظ جي اصلوڪي معنيٰ آهي "هيرو" جو جبلن ۽ کاڻين مان لڀندو آهي. پر ڪلام جي عبارت مان اسين ڀڪ سان چئي سگھون ٿا. تہ اتي "ماڻڪ" لفظ مان سندس حقيقي معنيٰ ورتل نہ آهي. ڇاڪاڻ جو جبلن مان لڌل هيرو اونداهي ۾ برابر چمڪي ٿو. پر مرڻ کان پوءِ انسان سان گڏجي نہ هلندو. نڪا ان ۾ ايڏي طاقت آهي، جو آخرت ۾ پاڻ ڀيڙو ڪري سگھندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ناٿي ناه ڪڪوه؛ ڪي ملهه مهانگو منڌ،
سنباهج سيد چئي، ڪانئڻ ڪارڻ ڪنڌ،
هي تنهن جو هنڌ، ماتن پاس مرن جي."

پهريان به لفظ "ن" جي شروعات وارا وري به لفظ "ڪ" وارا،، وري ٽي لفظ "م" وارا؛ وري به لفظ "س" وارا، وري ٽي لفظ "ڪ" وارا وغيره. اها آهي تنجيس حرفي.

(2) به هم جنس لفظ ڪم آڻڻ، جي صورتخطيءَ ۾ هو بهو هڪجهڙا هجن، پر معنيٰ ۾ ڌار ڌار هجن، انهيءَ صنعت کي تجنيس تام چوندا آهن. تجنيس تام جي لفظ معنيٰ آهي پورا پورا هم جنس لفظ ڪم آڻڻ. مثال:

"جتن ڪج جتن جو آيا ڪي ايندا،
وٺي پنهون پنهنجو وٺان تو ويندا،
دم نه دميندا، سڏاريندا ساٿيه ڏي."

(1) جتن = ڏيان (2) جتن = جت.

(2) ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڌو ڪيو.
نهاريندس نڪٽي، بوتن ڪارڻ بر...."

(1) ور = مڙس، پتار، (2) ور = ڏنگ، ڏنگائي. (3) ور = ڦيرو. پنڌ جو چڪر.

تجنيس تام واري صنعت شاه صاحب جي ڪلام ۾ گهٽي قدر آيل آهي.

"هلندي هاڙهو مٿي گسان ڪين گسان"

اهو تجنيس ناقص جو مثال آهي.

"رجن ۾ رڙ ٽي، ڪر ڪرڪي ڪونج،
نعرو منجهه نڪونج، ايءَ تان آه عشق جي."

اهو تجنيس زائد جو مثال.

**صنعت تضاد:**

به برخلاف معنائن وارا لفظ هڪٻئي جي پرسان ڪم آڻڻ کي صنعت تضاد چئبو آهي. مثال:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) مٺو منيان گهڻو، ڪڙو ناه ڪلام".

"مٺو" ۽ "ڪڙو" هڪٻئي ڪان برخلاف معنائن وارا لفظ (ضد) آهن.

(2) هونديان هوت پري، اوڏو آهه اڻ هوند کي.

"هوند" ۽ "اَڻ هوند" هڪٻئي جا ضد آهن.

(3) نڪا ابتدا عبد جي، نڪي انتها.

جن سين تو سپرين، سي وڃڻ کي ويا.

"ابتدا= شرعات، "انتها" = پڇاڙي. اهي لفظ پاڻ ۾ ضد آهن.

صنعت تضاد ۾ شاه صاحب جي ڪلام ۾ گهڻي قدر آيل آهي.

## معنوي صنعتون:

لفظن جي معنائن ۾ نزاڪت رکڻ کي چئبو آهي صنعت معنوي، شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جئن لفظي صنعتون ڪم آنديون آهن، تئن معنوي صنعتون به عمديون عمديون ڪم آنديون اٿس. ٻه ٽي مثال هت ڏجن ٿا:

## صنعت حسن التعليل:

ڪنهن به حقيقت جو مشهور سبب ڪو ٻيو هجي، پر شاعر پنهنجي ڪلام ۾ انهيءَ حقيقي لاءِ ڪو سهڻو خيالي سبب پيش ڪري ته ان کي چئجي حسن التعليل. اها صنعت عبارت جي لفظن مان ڪين پروڙبي آهي، پر عبارت جي معنيٰ مان پروڙبي آهي.

مثال:

(1) "اداڙي پاندڻ، توکي ڪڙهان ڪ پاڻ کي،

سوڏا خبر سڄڻين، تو ڪا تڙ آندي؟

تون پاتار ۾ پاندي، اسان پنڌ پرين ڏي."

سهڻي گهڙي جي وسيلي ميهار ڏي ترندي وڃي ٿي. ته ڪو بند درياءَ جي سير مان ترندو اچي ٿو. ان بند کي درياءَ مان ڪيڏي، ڪناري تي ڦٿو نه ڪرڻ لاءِ سهڻيءَ کي درحقيقت هيءُ سبب هو، جو سندس ڪوبه واسطو بند سان ڪونه هو. هن کي فقط پنهنجو پاڻ ميهار تائين پهچائڻو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻي قدر حضرت جن جي ساراهه ۽ ساڻن سچي حب ۽ سندن زيارت لاءِ سچي ۽ ڪامل سڪ ظاهر ڪيل آهي. ڪن ڪن مولودن ۾ حضرت جن جي پاڪ زندگيءَ جا ڪي واقعا به بيان ڪيل آهن، جهڙوڪ سندن شادي ۽ سندن معجزا. ڪن مولودن ۾ حضرت جن جي ڏهٽن حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنه جن جو احوال ۽ ميدان ڪربلا جو ذڪر ٿيل آهي ۽ ڪن مولودن ۾ حضرت پيران پير دستگير جي ساراهه ۽ سندن دربار ۾ التجائون ڪيل آهن. مخدوم صاحب جون به ٿي مداحون هٿ آيون آهن، تن ۾ حضرت نبي ڪريم صلعم جن جا معجزا ۽ روحاني نصيحتون ڏنل آهن. مضمون ڏيکارڻ خاطر به ٿي نمونا هيٺ ڏجن ٿا.

**حضرت جن جي ولادت جي خوشي ۽ شان بابت:**

ٿل- آيو محمد عربي نوري ٿيو نروار،

شمس قمر شرمايو.

(1) وڳي نوبت ناتيءَ جام جي چڙها چارئي يار،

دارون دين وڌايو.

**ساراهه ۽ سڪ بابت:**

ٿل- مير معراج هلي دامن پاسي جهلي

متي عرش عظيم تي رقيبن ساڻ رکي

عاصي "عبدالرئوف" چئي سيد ساڻ هلي،

پيرانديءَ پرين رسول جي جنت جاءِ ملي.

هينئين مولود ۾ مخدوم صاحب مرحوم، اهو سارو رستو بيان ڪري ٿو، جو انهن ڏينهن حاجين کي اچڻ وڃڻ ۾ ڪم ايندو هو.

ٿل- منارا مير مرسل جا ڏسان شل ڏيهه سڀ ڏوري

1- هلي هالا مٽيان، ميسا، انڙپور کي ڇڏيا اوري

2- مٽيارين جي محابي کان گهيليون، مانحهو ڇڏيان گهوري،

3- ڪنگو ۽ ڪوٽڙي، ڪوڪر، سنڌا سيريون ڇڏيان سوري

4- ننگر بندر ۽ باگاٽا، ڪراچيءَ کان وڃان ڪوري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (3) نظم جو نمونو

مخدوم عبدالرئوف مرحوم جو جيڪو ڪلام آهي، سو سڀ مولود ۽ مداحون آهن. ڪافي ۽ مولود بناوت بنسبت هوبهو ساڳئي قسم جو نظم آهي. ٻنهي ۾ تفاوت هيءُ آهي:

(1) ڪافي ۾ مضمون صوفيانہ ۽ عاشقانہ ڪم ايندو آهي؛ مگر مولودن ۾ خاص طرح حضرت نبي ڪريم عليہ الصلوات و السلام جن جي تعريف ۽ ان جي زيارت جي سڪ جو مضمون ڪتب ايندو آهي.

(2) ڪافين جي ڳائڻ جو ڍنگ نرالو آهي ۽ مولودن ڳائڻ جي طرز نرالي آهي.

(3) ڪافيون جدا جدا راڳن ۽ راڳڻين جي سرن سان موافق ڪري ڳائبيون آهن. مگر مولود عام طرح يڪي سر ۽ يڪي طرز تي ڳائبا آهن. ڪي ڪي مولودي ڪن مولودن کي جدا جدا راڳڻين جي سرن سان موافق ٺاهي ڳائيندا آهن.

(4) ڪافيون ڪنهن نہ ڪنهن ساز تي ڳائبيون آهن، جهڙوڪ: تنبورو، يڪتارو، ستار، سارنگي، سرندو، دلو، ڏڪڙ، پڪواز وغير وغيره. پر مولود ڳائڻ ۾ ڪو بہ ساز ڪم نہ ايندو آهي. تنهنڪري ئي عبادتگاهن ۾ چئبو آهي.

(5) ڪافي اڪيلو ماڻهو بہ ڳائي سگهي ٿو. مگر مولود هميشہ اٺ ڏهہ ڄڻا ٻن ٽولين ۾ ويهي، ڳائيندا آهن: هڪڙي ٽولي مولود جو ٽل يا مصرع چئي رهندي، تہ ٻي ٽولي وري وراڻي ڏيندي ايندي.

### (4) موزون ڪلام

اڳي ائين وسهڻ ۾ ايندو هو، تہ موزون (علم عروض جي مقرر ڪيل وزنن تي ٺهيل) سنڌي ڪلام اول اول آخوند گل محمد مرحوم هالائي جو شايع ٿيل آهي، جنهن هجري 1273 برابر سنہ 1857ع ۾ وفات ڪئي، پر ائين نہ آهي. سنڌ ۾ پهريون پهريون موزون سنڌي ڪلام جو عام ٽوڙي خاص ماڻهن جي زبانن تي آيو، سو مخدوم عبدالرؤف جا مولود شريف ئي آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن موزون مولودن مان هڪڙو مولود متي ڏنو ويو آهي؛ جنهن جو "ٽل" آهي.

"منارا مير مرسل جا، ڏسان شل ڏيهہ سڀ ڏوري." اهو مولود شريف "بحر هزج مثمن سالم" تي ٺهيل آهي.

ٽل- ڪري سينگار اچ آيو، عجب اسرار بسم الله

1- سرهي سيج سينگاريو، عطر عنبير ڇنڪاريو،

چڱا چندن هيرا هاريو، عطر هبڪار بسم الله.

هينيون مولود شريف "بحر رجز" مثمن سالم تي ٺهيل آهي.

ٽل- محمد ڏسي من ناريان، جنهن لاءِ اڪندو آهيان،

سيد ڏسي لاهيان، جنهن لا اڪندو آهيان.

هينيون مولود شريف "بحر رمل" مثمن محذوف تي ٺهيل آهي.

ٽل- دل ڪسي وئين دوست دلبر، چاه چشمن ناز سان.

(مخدوم صاحب جي مولودن وارو ڪلام)

## مخدوم محمد ابراهيم ٺٽي

## 1690ع

قافيي ۽ بندش جي لحاظ سان بلڪل پورو ۽ دلچسپ آهي. مخدوم محمد ابراهيم هالن پراڻن جي ٺٽي بزرگن مان هو ۽ مخدوم عبدالرؤف جو سڳو ڀاءُ هو. هي شريعت جو صاحب هو. ان وقت مذهبي مسئلا جي عربي ۽ پارسي ۾ ئي هوندا هئا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ جو چاه ۽ ذوق سنڌ جي علمائن ۾ گهٽي قدر هو. مخدوم ابراهيم بہ پراڻي سنڌي نظم ۾ هڪڙو ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو نالو آهي "محمد ابراهيم جي سنڌي" مخدوم پنهنجي سنڌيءَ ۾ فقط اهي ئي سئو پنجاه ضروري مسئلا لکيا آهن، جن جو ڄاڻڻ هرهڪ مسلمان لاءِ ضروري امر آهي.

مخدوم محمد ابراهيم صاحب جي سنڌيءَ ۾ بہ سنڌس همعصر علمائن جي تصنيفات وارو ڏوهيڙو ڪم آيل آهي. هن ڏوهيڙن جي ترتيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حديث موجب نبين جون ڳالهيون ۽ انهن مان اخلاقي نتيجا ڇڏيءَ طرح سمجهايل آهن.

**نظم جو نمونو:**

قصص الانبياء جو نظم تمام سادو آهي. شروعات کان وٺي پڇاڙيءَ تائين يڪو قافيه "آ" هليو اچي. جڏهن فرائض الاسلام ڪتاب ۾ آهي. مصنف جي ٻوليءَ ۽ عبارت به اهڙي آهي جهڙي ٺٽي جي عالمن ابوالحسن، مخدوم هاشم ۽ مخدوم عبدالله جي.

## مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي
## 1739ع

سنگ سرهو رب جو، پيا سنگ سور ٿين
ساراه سڳ صاحب جو، پئنون هٿ ڌوئجن.

(تفسير)

مخدوم عبدالرحيم شهيد گرهوڙي تفسير، حديث ۽ فقه جو زبردست عالم ۽ نقشبندي طريقي جو متشرع صوفي هو. سندس والد صاحب يا ٻين وڏن جا نالا معلوم نه آهن، مگر اينتري تسلي آهي، ته سندس مائٽ مگريه قوم جا وڏا زميندار هئا. هي بزرگ سنه 1152هه ۾ ڄائو هو. مخدوم صاحب پنهنجي ڪلام ۾ به ڪٿي پاڻ کي عبد، ڪٿي عبدالرحيم ته ڪٿي مگريه ته ڪٿي گرهوڙي سڏيو آهي جيئن ته:

"ڄاڻ وڃايو ناڻ، ڪيرت راه گم ڪيو؛
ان در مٿي 'مگريا'، پاڻ م ڪٽج ساڻ؛
روڄاٽي راڄاڻ، آهي ابوجهن جو."

مخدوم صاحب کي گرهوڙي هن ڪري ٿا سڏين، جو سندس وطن هو. ڳوٺ گرهوڙ تعلقه سامارو (اڪڙي) ٿوري جي اسٽيشن کان ڇهه ميل پري، جتي هينئر سندس عاليشان قبو قائم آهي. مخدوم پنهنجي ڪلام ۾ گرهوڙ بابت هئن ٿو فرمائي:

"اتران ٿي عيد ٿي، ڏکڻ ڏنو چنڊ؛
جهڙيو ڦڙيو جنڊ، ڳجي ٿو 'گرهوڙ' تي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تتر ڪرڙي اُپ ۾، منڌ م پاڻيءَ وڄ،
يول مريئي ٻچ، آيو گر ’گرهوڙ‘ ۾.

مخدوم عبدالرحيم سندس همعصر عالمن کي ليکي ۾ ئي ڪين آڻيندو هو، ۽ وقت جي پيرن، فقيرن ۽ ساداتن جي پرواهه به ڪا نه ڪندو هو. ”لواري“ وارن بزرگن تان به جنسي ننوليون ڪندو هو.

هڪڙي پيري ڪو درويش مخدوم عبدالرحيم سان مليو. جڏهن مخدوم صاحب کي معلوم ٿيو، ته اهو درويش پنهنجي مرشد سلطان الاولياءَ محمد زمان لواريءَ واري ڏانهن ٿو وڃي، تڏهن ننولي طرح چيائينس ته يار، تون پنهنجي مرشد کي منهنجي پاران سلام ڏج ۽ پڇجانس، ته ”معراج خاص طرح حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن لاءِ هو، يا ٻين لاءِ به آهي؟“ درويش جڏهن حضرت سلطان الاولياءَ جي خدمت ۾ پهتو، تڏهن صحبت جي فيض ۽ محويت ۾ مخدوم عبدالرحيم وارو پيغام ئي وسري ويس. جڏهن اهو درويش موڪلائي پنهنجي وطن ڏي ٿي موٽيو، تڏهن حضرت سلطان الاولياءَ فرمايس، ته ”ابا توکي هيڏانهن اچڻ وقت اسان ڏانهن ڪو نياپو مليو هو، سو ته اسان کي پهچايو ئي ڪونه. هاڻي انهي نياپي ڏيندڙ ميان عبدالرحيم کي چئج ته بغداد جي خليفي لاءِ هڪ پل اڏائي ويئي هئي، جا اڄ ڏينهن سوڌو قائم آهي. اگرچه اها خاص سندن لاءِ جوڙائي ويئي هئي، تڏهن به جو چاهي، سو اڄ تائين ان مٿان لنگهي سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت حضرت نبي ڪريم جن ٻڻ معراج جي وسيلي هن جهان کان هن جهان تائين گويا هڪڙي پل ٺهرائي. اها ڪا ڍهڻ جي آهي؟ البته ان تان لنگهڻ جو حق ۽ شان حضرت پيغمبر جن کي هو. پر سلطان پنيان سندس لشڪر به لنگهي سگهي ٿو. انهيءَ ڳالهه ۾ ته پاڻ سلطان جو فخر آهي.“

اهو نياپو جڏهن مخدوم صاحب کي پهتو، تڏهن اکين جا اولا لهي پيس ۽ گرهوڙ کان ڪهي لواريءَ ۾ آيو ۽ حضرت سلطان الاولياءَ محمد زمان جو اچي صادق مريد ٿيو ۽ وڏي روحاني منزل تي وڃي پهتو. پوءِ بار بار چوندو هو، ته ”مون کي فخر هوندو هو، ته مون جهڙو عالم ملڪن ۾ ڳوليو ليندو؛ پر جڏهن حضرت جن جي روبرو ٿيس، تڏهن سڀ وڃا وسري ويم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن اڳيان پاڻ کي اهڙو هيچ سمجهندو هوس، جهڙو جاهل ڪنهن فاضل اڳيان.“

محبوب الصمد خواجہ گل محمد کي مسندنشين ڪرڻ کان پوءِ بہ مخدوم صاحب ڪُجھ ڏينهن لواريءَ ۾ رهيو پيو هو ۽ پوءِ پنهنجي وطن ويو ۽ اتي وڃي خلوت ۾ گذارڻ لڳو. ڪاچ بلڪل ٿورو کائيندو هو. ٽئين ٽئين ڏينهن جلاب وٺي معدو صاف ڪري ڇڏيندو هو. رات ڏينهن ڪٿو اوڍيو تڏي تي پيو هوندو هو ۽ نهايت ڪمزور ٿي پيو ۽ هڏن جي مٺ وڃي رهيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن خلوت مان نڪري تڙپاٽي ڪري نئون وڳو پهري دهلاري کي سڏي ڍنڍورو ڏيارئين تہ ”جو ماڻهو اڄ اچي منهنجي بيعت ڪندو، تنهن کي سيان دوزخ جي باہ کان بچائڻ جو ذمو آءٌ پاڻ تي کڻڻ لاءِ تيار آهيان.“ چون ٿا تہ مير بجار خان ٽالپر، ڪلهوڙن سان جنگ ڪرڻ وقت، مخدوم عبدالرحيم صاحب کان اچي دعا گهري هئي، جنهن فتحيابيءَ جي دعا ڪيس. پاڻ فرمائيندو هو، تہ مون کي مشائخي جي طمع ڪانهي. پر مرشد هاديءَ جي فرمودي موجب خلق کي طريقت جو سبق ڏيڻ پاڻ تي فرض ٿو سمجهان. مخدوم صاحب جي جيئري ئي هزارين سندس مريد ٿي ويا ۽ سندس شهادت کان پوءِ بہ هزارين مريد، سندس جاءِ نشين جا اچي ٿيا ۽ اچا بہ پيا ٿين. مخدوم صاحب کي دين جي دشمن سان جهاد ڪري شهادت پائڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. پاڻ فرمائي ٿو:

”سپر سور ڪندياءِ، مرڻ باس، تہ مير ٿيين؛
وينو تير وساءِ، ساٽيہ ۾ سڄڻ جا.“

بيت 142

”پريان جي پچار ۾، اچي جن آرام؛
دنيا تن کي دام، پچن موسم موت جي.“

بيت 18

تانسين تون نہ فقير، جانسين سانگ سسئي جو،
ماٺيو تن ملير، جن جسو مال مباح ڪيو.“

بيت 14

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سامي ڪنڌ ڪپاءِ، ڪن ڪپاءِ م ڪاپڙي،
هيءَ تنهين جي جاءِ، جنهين ٻيئي ڇڏيون."

بيت 30

گرهوڙ ڪان 60 ميلن جي مفاصلي تي ٿرپارڪر ضلع ۾ هڪڙو بتخانو هوندو هو، جنهن ۾ هر قسم جون ٻجڙايون پيبون ٿينديون هيون. ان بتخاني جو سنڀاليندڙ هڪڙو زبردست جادوگر جوڳي هوندو هو، جنهن سارو ملڪ ڪنبائي ڇڏيو هو. مخدوم صاحب پنهنجي ويجهڙائيءَ ۾ اهڙو ظلم ۽ بيديني سهي نہ سگهيو، تنهنڪري ڳچ جيترا همراه ساڻ ڪري، انهيءَ ساميءَ تي ڪاهي ويو. رواني ٿيڻ وقت، پنهنجي مرشد حضرت محبوب الصمد خواجہ گل محمد صاحب ڏي (جو ان وقت پنڌرهن ورهين جي عمر جو هو) هي بيت ڪنهن فقير هٿان ڏياري موڪليائين:

"جنهن ڪن تونپايا ڪوڏ مان، تنهن کي ڪڃاڙو؟
من ٽا ستاڙو، پٽس نالو ڪينڪي."

حضرت خواجہ صحب سنيهي جو مطلب سمجهي نهايت گهڻو افسوس ڪيو. واٽ ويندي مخدوم صاحب کي ڪنهن شخص چيو، تہ "حضرتا، توهان سان ٿورڙي فوج آهي ۽ جوڳيءَ وٽ چيلن جي ڪمي ڪانهي، پوءِ ڪيئن مقابلو ڪري سگهندؤ". تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ ادا:

"جي هوءِ مڙهي پڳي، تہ بہ فتح اسان جي،
پر جي هيءَ مڙهي پڳي، تہ بہ فتح اسان جي."

مخدوم صاحب همراهہ وٺي وڃي بتخاني تي ڪڙڪيو. جوڳي مارجي ويو ۽ بتخانو پيجي زمين دوز ڪري ڇڏيائون. مخدوم صاحب کي بہ تيرن ۽ تلوارن زخمي ڪري وڌو ۽ اتيئي شهادت پاتائين. سندس مبارڪ لاشو "گرهوڙ" ۾ آڻي دفن ڪيائون. اهو حادثو هجري 1192 برابر عيسوي سنہ 1778 ۾ ٿيو، جڏهن سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڇتا پيٽي چالو هئي، ان وقت مخدوم صاحب جي عمر چاليهہ ورهيہ هئي.

مخدوم صاحب شريعت توڙي طريقت بابت تمام گهڻا ڪتاب تصنيف ڪيا هئا، مگر مدد خان پٺاڻ جي ڦرلٽ وقت، لڏ پلاڻ جي تڪليفن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڪيترائي قيمتي ڪتاب نابود ٿي ويا. هن وقت سندس فقط ٽي ڪتاب دستخط صورت ۾ موجود آهن:

(1) سنڌي ڪلام ۾ ابيــات، (2) فـتح الفـضل، جنهن ۾ پنهنجي مرشدن جا ملفوظات ۽ انهن جي سنڌي بيتن جي شرح، جا عربيءَ زبان ۾ لکيل آهي ۽ (3) ابيات مثنوي (جنهن ۾ فقط مرشد جي ساراه لکيل آهي). هتي فقط سندس "سنڌي ڪلام ۽ ابيات" بابت ادبي نظر سان ڪجهه لکجي ٿو:

## مخدوم صاحب جو ڪلام:

مخدوم عبدالرحيم شهيد جو سنڌي ڪلام ۽ ابيات هڪڙي وڏي رسالي جي صورت ۾ آهي. ان رسالي جا نقل سنڌ ۾ گهڻن ئي علم دوست اصحابن وٽ موجود آهن، پر ڪن وٽ ٿورو ڀاڱو نقل ٿيل آهي، ته ڪن وٽ گهڻو. اسين فقط انهيءَ ڪلام بابت ادبي نظر سان بيان ڪريون ٿا، جو اسان وٽ موجود آهي.

### مضمون:

گرهوڙي صاحب جو ڪلام ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهريون ڀاڱو "شريعت" سان تعلق رکندڙ آهي ۽ ٻيو ڀاڱو "طريقت" سان. پهريون ڀاڱو ڏگهن ۽ سادن قافين وارن ڏوهيڙن ۾ ٺهيل آهي ۽ ٻيو ڀاڱو رواجي بيتن يا باقاعدي ڏوهيڙن جي صورت ۾.

پهرين ڀاڱي ۾ اهي مسئلا بيان ڪيل آهن، جن جو شريعت سان سڌيءَ طرح واسطو آهي، جهڙوڪ: ايمان، توحيد، رسالت، تفسير سورت الفاتحه، تفسير سورت الاخلاص، تفسير سورت الڪوثر، ايمان جون ست صفتون، موت ۽ سڪرات جو بيان، قبر يا عالم برزخ جو ذڪر، قيامت جون ست صفتون، توحيد، رسالت، موت، قبر ۽ قيامت جا ذڪر اذڪار گرهوڙي صاحب کان اڳ ۽ سندس وقت ۾ ٻين علماءَ شاعرن به پنهنجين منظوم تصنيفن ۾ ڪيا آهن، جهڙوڪ: مولوي ابوالحسن، سندس سنڌيءَ ۾، مخدوم ضياءَ الدين سندس سنڌيءَ ۾، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي "فرائض الاسلام" ۾، مخدوم عبدالخالق "زادالفقير" ۾ ۽ مخدوم عبدالله ڪنزالعبرت ۾ وغيره

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره. مگر انهن سڀني علمائن سڀني سگهورن مٿيان مسئلا سنئين سڌيءَ طرح شريعت جي رنگ ۾ بيان ڪيا آهن. گرهوڙي صاحب هرهڪ مسئلي جو شرعي پاڱو بيان ڪري پوءِ اڳي ان جي اخلاقي ۽ روحاني مرادن بيان ڪرڻ ۾ پلٽيو آهي. هرهڪ شرعي مسئلي کي فنا في الله ۽ فنا في الرسول جي رنگ ۾ رڱيندو ويو آهي.

پهريائين "ايمان" جي بيان کي ڪلمهٔ طيب جي معنيٰ کان شروع ڪري ٿو ۽ معنيٰ کي بہ قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن سان ملائيندو پنهنجو حقيقي عشق ۽ مدني مرسل جي محبت کي نروار ڪندو وڃي پار پيو آهي.

"لاالہ الاالله آهي هيڪڙو جو موڙ مڙني جوءِ،
سڃاڻڻ ۾ ان سندي عقل جائز هوءِ،
سڀ ڪا صورت جوڙ تنهن پڻ پراهون سوءِ،
سڀن ذاران تنهن سري ان ري سري نہ ڪوءِ،...
ان ري صورت نہ ٿئي، صورت ري سو هوءِ،
واحد پاڪ ورڃ کان جٺن نہ هوءِ ذروءِ،...
جيڪي تنهن ري پوڄجي سڀ پاپ ٿيوءِ."

ڪلام جو ٻيو پاڱو "سنڌي ابيات" آهن. اهي اهڙائي باقاعدي ڏوهيڙا آهن، جهڙا ان وقت جي درويش شاعرن جا آهن. جهڙوڪ قاضي قاضن، شاه ڪريم، شاه پناٽي وغيره جا ڏوهيڙا.

مخدوم گرهوڙي صاحب جي ڏوهيڙن ۾ بہ مضمون اهڙوئي نج طريقت ۽ عشق حقيقي جو آهي، جهڙو ٻين بزرگن جي ڏوهيڙن جو. مثال طور ٿورا ڏوهيڙا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) "جڏهن 'ڪين' لڌوءِ، تڏهن لڌوءِ سپرين،
جانسين لهي نہ 'ڪين' کي تانسين هوت نہ هوءِ،
'اِن ربي علیٰ صراط مستقيم' رندن راه اهوءِ،
'نفي' ۽ 'اثبات' کان پرين پاڪيزوءِ،
لالن سندي لوءِ، تن تناقص ناهہ ڪو".

(2) سڪ روحاني سامين جسمي جاهلن،
لڳن مچي من، پارس ڪينکي."

سچل فقير پنهنجي پارسي ڪلام ”ديوان آشڪارا“ ۾، پاڻ کي آشڪارا جي تخلص سان سڏيو آهي ۽ ”رازنامہ“ ۽ رهبرنامہ“ ۾، پنهنجو تخلص خدائي ڪم آندو اٿس.

هو فاروقي خاندان، يعني حضرت عمر فاروق رضي الله تعالي عنه جي اولاد مان هو. سچل فقير درازن جي ڳوٺ ۾ هجري سنہ 1152 مطابق عيسوي سنہ 1739 ۾ تولد ٿيو. هو اڃا ننڍو ئي هو، تہ سندس والد ميان صلاح الدين رضا ڪئي، تنهن ڪري هو پنهنجي چاچي ميان عبدالحق جي سنڀال هيٺ رهيو. فقير صاحبڏنہ درويش جي وفات کان پوءِ ان جي فقيراڻي گاديءَ جو ڌڻي ميان عبدالحق ٿيو. تنهنڪري ميان عبدالحق سچل جو مرشد بہ ٿيو. سچل فقير سان ميان عبدالحق جو ڏاڍو پيار هوندو هو، ۽ ان پنهنجي پاڻ کي روحاني فيض بہ چڱو بخشيو. سچل فقير پنهنجي پارسي ڪلام، توڙي سنڌي ڪلام ۾، پنهنجي چاچي (مرشد) جي فيض بخشڻ جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي.

جنهن وقت سچل فقير پنجن ورهين جي عمر جو هو، تنهن وقت شاهہ ڀٽائي، فقير صاحبڏنہ درويش جي ملاقات لاءِ درازن جي ڳوٺ ۾ آيو هو، ۽ سچل فقير کي ڏسي، فقير صاحبڏنہ کي چيائين: تہ ”اسان جيڪو ڪنون رڌو آهي، تنهن جو ڍڪڻ، هي ڇوڪرو لاهيندو“ (يعني پنهنجي ڪلام ۾ الاهي راز کولي ڳائيندو).

سچل فقير جو تعليمي استاد حافظ عبدالله مرحوم هو، جنهن جي تربت سچل فقير جي قبي جي ايوان ۾ سائي رنگ جي سرن سان ٻڌل اڃا موجود آهي. سچل فقير قرآن شريف بر زبان ياد ڪيو. پر پارسيءَ ۽ تصوف جا پارسي ڪتاب بہ گهڻا مطالع ڪيا هئائين. انهي تصوف جي ڪتابن مان ڪيس شيخ فريدالدين عطار جو ”منطق الطير“ ۽ وصلت نامہ“، شيخ شمس الحق تبريزي جو ”ديوان شمس تبريزي. اهڙا روحانيت پريل ۽ پر فيض نظر آيا، جو شيخ عطار ۽ شمس تبريزي کي پنهنجي پارسي ڪلام ۾، روحاني مرشد ڪري مڃيو اٿس، روميءَ ۽ جاميءَ کي انهن کان گهٽ ڪري ليکيو اٿس. مثال:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اي دلا خوشبو ز شه عطار در جانم رسيد،
آن زمان يکبارگي از کفر و دين مارا کشيد.
چه جلال الدين چه جامي غاشيه بردار او،
اين چنين تعريف من از پير عبدالحق شنيد."

(ديوان آشڪارا)

سچل فقير جوانيءَ جي شروعاتي زماني ۾، پنهنجن وڏن وانگر روزي نماز ۽ ٻين شرعي ڪمن تي پورو هوندو هو. چشتيه طريقي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن موج ۽ مستيءَ ۾ اچي ويو، تڏهن ظاهري شريعت جي پابندي ڇڏي ڏنائين، ۽ "استغراق" جي حالت ۾ پيو هوندو هو. طبلي، سارنگي يا ٻئي ڪنهن ساز تي هٿ لڳندو هو، ته فقير صاحب بيخود ٿي ويندو هو. ڪئي جا وار ڳڙا ٿيو ويندا هئس ۽ اکين مان پاڻي جاري رهندو هوس. شعر به انهيءَ حال جي حالت ۾ چوندو هو.

فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌ، اهڙي بيوسيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جئن ته:

ٿَل: هو ڪهڙي وات ويام،
آءٌ تان ڳوٺ رهيس سڀ ڳولي.

(آخرين مصرع)

"سچل" آءٌ تان ناهيان، پوءِ ساري سڌ پيام،
تو پاڻ پاروچو پولي. (ڪافي نمبر 452)

سچل فقير، شاهه پنائيءَ وانگر وڏا وڏا سفر ۽ مسافريون ڪين ڪيون هيون: هو فقط روهڙي، سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي تائين ايندو ويندو هو، ۽ جتي جتي منزل انداز ٿيو هو، اتي فقيرن ۽ صحبتين جا ميڙا لڳيو ويندا هئا.

فقير صاحب نوي ورهين جي ڄمار ۾، تاريخ 14- رمضان مبارڪ سنه 1242 هجري، مطابق 1829ع درازن ۾ وصال ڪيو.

**تصنيفات:**

جنهن زماني کان وٺي سنڌ جي شاعرن جا ڪلام ظاهر ٿي چڪا آهن، تنهن زماني کان وٺي اڄ تائين ٻئي ڪنهن به شاعر پارسي، اردو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي سچل سائينءَ بي ڌڙڪ ٿي، کليون ڪلائيون ڇڻي ڏنيون آهن. شاهه صاحب جو ڪلام درد، سوز ۽ نماڻائيءَ سان ڀريل آهي، پر سچل سرمست جو ڪلام درد، سوز ۽ جرئت (جوش) سان ٽمٽار آهي.

**(1) شريعت ۽ حقيقت:**

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾، جيتوڻيڪ طريقت ۽ حقيقت جو درجو شريعت کان مٿيرو ڏيکاريو آهي، تہ بہ شريعت جو ادب توڙ تائين رکندو آيو آهي، ۽ جيتوڻيڪ مجيو اٿس، تہ خدا تعالي جي راضپي ۽ وصال حاصل ڪرڻ جو وسيلو فقط طريقت (روحاني عمل ئي آهي، تہ بہ جسماني عمل، يعني روزن نمازن کي سهڻو ڪم ڪري سڏيو اٿس. جئن تہ:

ساري سک سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتان تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشق جو.

[2]

روزا نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
پر او ڪيو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي.

(شاهه صاحب جو رسالو)

مگر سچل سرمست "دين ۽ بيديني"، "ڪفر" ۽ "اسلام" جي وچ وارا پردا ئي، عشق حقيقي جي آتش سان جلائي ڦٽا ڪري ڇڏي ٿو.

ڪافي نمبر 49

اتي ڪفر نہ اسلام آهي سين کي سلام،

1- ڪڏهن ڏسي ڪينڪي اهو آرانيو آرام.
2- مذهب مور نہ مجيان آءٌ مشرف منجهہ مدام.
3- قيد ڀڃي ظاهر ٿيا آءٌ جاري پيان جام.
4- هادي سائين پاڻ سچوءَ کي عشق ڪيو انعام.

**(2) روح ۽ رب جي وچ ۾ ڪوبہ ويڇو ڪونهي:**

شاهه ڀٽائي صاحب بہ اها دعويٰ ڪئي آهي تہ "آءٌ خدا آهيان"، مگر پوش ۽ پردي ۾. جئن تہ:

"پنهون هيس پاڻ، سسئي تان سور هئا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال:

تنهنجي طالب آهيان محب مون تان ميثاقي.

تنهن کان سواءِ حرف جر ۽ ظرف مڪان جا لفظ بہ اترادي ورجيس موجب ڪم آندا اٿس جئن تہ:

ڪون= ڪان. اوڏاهون = اتان. ڏانهن = ڪان. مون = منجهان. تون = تان. ڪاڏي، جاڏي، تاڏي وغيره.

## سيد ثابت علي شاهہ
## (1740ع- 1810ع)
## پهريون سنڌي مرثيہ گو

" ڪربلا رڻ ۾ قضا جڏهن جوت بازار ڪئي،
جنس تيغ و تبر و خنجر آڻي ات انبار ڪئي."

سيد ثابت علي شاهہ اصل ملتان شهر جو وينل هو. شاهہ صاحب هجري سنہ 1153 برابر عيسوي سنہ 1740 ۾ ڄائو هو. جڏهن پڙهڻ جيڏو ٿيو، تڏهن پهريائين آخوند عبدالرحمان وٽ ۽ پوءِ آخوند محمد الياس وٽ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين ۽ پوءِ سيد چراغ شاهہ وٽ پارسي پڙهيائين، جو سختي رکي پاڙهيندو هوس. ثابت علي شاهہ مرحوم پاڻ پنهنجي احوال ڏيندي هڪڙي شعر ۾ چيو آهي:-

" هڪڙي ڏينهن مون کي سبق وسريو ۽ ان کي ٿيو ڏمر ان هنيون مون کي تماچو. مون کي رت قطرا وهيا. ان تماچي جو هٿ مون پاڻيءَ جان پيئڻ. جڻ تماچو هئي هدايت، بل عنايت ٿي عطا."

سيد ثابت علي شاهہ مرحوم کي ننڍي هوندي مداحون ۽ منقبت ياد ڪرڻ جو گهڻو خفت هوندو هو. جيتوڻيڪ معني بہ ڪين سمجهندو هو، تہ بہ جتي ڪو چوندو هوس، اتي مداح يا منقبت پڙهيو ٻڌائيندو هو. پارسي مان چڱي واقف ٿيڻ کان پوءِ پارسي ۽ هندي ڪلامن پڙهڻ سان گهڻو محاورو رکيائين. سيد صابر علي شاهہ جا هندي ڪلام ۽ انيس ۽ دبير جا مرثيا پڙهندي پڙهندي، پنهنجي شعر ٺاهڻ جو شوق پيدا ٿيس ۽ وڏن وڏن شاعرن جي شعرن، مداحن ۽ مرثين جي تتبع تي نظم ٺاهڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهليءَ جي مغل شهنشاه جي طرفان ڪو نواب سنڌ جو صوبو مقرر ٿيو هو، سو نئي اچڻ لاءِ جڏهن ملتان مان اچي لنگهيو، تڏهن خوش قسمتيءَ سان سيد ثابت عليءِشاهہ جو ان سان ملڻ ٿيو. نواب ڪيس پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکي نئي وئي ويو. نوڪريءَ جي مشغوليءَ سبب هو سيوهڻ وڃي نه سگهيو، پر جڏهن اهو نواب موقوف ٿيو، تڏهن سيد ثابت علي شاهہ سيوهڻ ۾ آيو.

سيد ثابت علي شاهہ نواب جي نوڪريءَ مان پئسو بہ چڱي طرح ڪمايو هو ۽ هينئر سيوهڻ ۾ بہ سکيو آسودو پيو گذاريندو هو. تنهنجيءَ سندس والد سيد مراد علي شاهہ ۽ سندس پائر ۽ پيا مٽ مائٽ بہ ملتان مان لڏي سيوهڻ ۾ اچي رهيا ۽ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن انهن سيني اتيئي گذاريا. سيد ثابت علي شاهہ بہ سيوهڻ کي ئي پنهنجو وطن ڪري سمجهندو هو ۽ ان جي تعريف ۾ پنهنجي ڪتاب "زيارت نامہ" ۾ هئن ٿو چوي:

"سير گاهہ صادقان خلوص سراءِ عارفان،
مامن مئو ڪلان آرام گاهہ اوليا.
بارڪ الله شهر سيوهڻ سنڌ جو دارالامان،
آه دار اوليائي سنڌ نالش اصل ڪان.
شهر سيوهڻ جاءِ امن و شاهہ عالم جي پناه،
شهر سيوهڻ ڪشتي نوح و قلندر ناخدا.
شهر سيوهڻ جنهن جو شهباز حسيني شهريار،
اي خدا هي شهريار ۽ شهر هوئي دائم بقا.
واه سيوهڻ، لعل جو جنهن ۾ حسيني لاڏلو،
لعل گوهر بدخشان جي جئن هي گوهر بي بها."

سيوهڻ ۾ اچڻ شرط سيد ثابت علي شاهہ عالمن جي مجلس مان فائدو وٺندو رهيو. مخدوم نورالحق کان شعر جي اصلاح ۽ تعليم حاصل ڪيائين. مخدوم محمد احسان حڪيم وٽ عربي پڙهيو ۽ مخدوم مراد واعظي وٽ علم تفسير، علم حديث ۽ فقه جي تعليم ورتائين. پوءِ نئي جي مشهور شاعر ۽ عالم مولوي محسن جو فرزند مولوي مداح، جو شهزادي محمد سرفراز ڪلهوڙي جو استاد هو، تنهن سان اچي ثابت علي شاهہ صحبتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مير فتح علي خان ۽ مير مراد علي خان ٻين انعامن اڪرامن سان گڏ ڪيس ماهيانہ لوازما ۽ نذرانا گهر ويٺي پهچائيندا هئا.

سيد ثابت علي شاهہ ٻاهتر ورهين جي عمر ۾ تاريخ 27- جمادي الثاني هجري سنہ 1225 برابر سنہ 1810ع ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪئي.

**تصنيفات:**

سيد ثابت علي شاهہ مرحوم پارسي، هندي ۽ سنڌي شعر تمام گهڻو چيو آهي، جنهن سموري کي گڏي "ڪليات" يا "گنج" ٿا چون، جو هڪڙو وڏو دفتر آهي. ان جي شعر جو تفصيل هي آهي:

چاهٺ (66) مرثيا، هڪ سؤ سترهن (117) منقبت، اٺ (8) جنگناما فارسيءَ ۾ "هجويہ نظم" ۽ ٽي مذهبي مباحثي جا منظوم ڪتاب (هڪڙو ردالخوارج، ٻيو شهاب ثاقب ۽ ٽيون ردالمواث)، هڪڙو زيارت نامہ. جنهن ۾ پنهنجي اصل نسل جو بيان ۽ زيارتن جا احوال ڏنا اٿس، هڪڙو سنڌي هجويہ ڪلام، جنهن کي "چٽنگ" ڪري سڏيندا آهن، تنهن ۾ سيوهڻ جي پڙهيلن جي هجو ڪئي اٿس. "چٽنگ" سنڌيءَ ۾ ڀهرين هجو يا ٺوڪبازيءَ وارو شعر آهي، جنهن جو هتي تفصيل وار ذڪر ڪرڻ ٺي خود شاهہ صاحب جي شان وٽان نہ آهي. سيد امداد علي شاهہ صاحب (مرحوم ثابت علي شاهہ جي اولاد مان) جنهن کان اسان کي مرحوم ثابت علي شاهہ جو گنج ڏسڻ لاءِ مليو تنهن جي بہ اها مرضي نہ آهي، تہ "چٽنگ" مان ڪي شعر درج ڪجن. اهڙي طرح ٻيو بہ هجوي ڪلام آهي، جنهن جو نالو آهي "لڪڙو" جو بني اميہ خاندان جي شان ۾ دشنام دهي جي صورت ۾ ڏنل آهي. انهن ٻنهي هجون جا جواب ٻين سنڌ جي شاعرن ڏنا آهن، جهڙوڪ سيد خير شاهہ ۽ سيد فاضل شاهہ مرحوم. "سڳڙي" واري هجو ۾، "سڳڙي" ۾ شخصي طرح سيد ثابت علي شاهہ جي گلا ٿيل آهي، جا بہ اسين مناسب نہ ٿا سمجهون، تہ ان جو ذڪر ڪريون.

سيد ثابت علي شاهہ جيتوڻيڪ گهڻن ئي قسمن جو شعر چيو آهي. مگر سندس مشهوري مرثين جي ڪري ٿيل آهي، جي چئن جلدن ۾ ڇاپيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مرثين جو نظم:

"مرثيہ" لفظ جي معنيٰ آهي اهو شعر، جنهن ۾ ڪنهن بہ دردناڪ حادثي جو ڏک پريل لفظن ۾ بيان ٿيل هجي، جهڙوڪ بغداد جي قتل عام ۽ ان وقت جي ٻين دلسوز واقعن وقت شيخ سعدي شيرازي جا ناهيل عربي مرثيا (ڏسو ڪليات سعدي). پر اڄ ڪلهہ عالمگير اصطلاح موجب "مرثيہ" جي معنيٰ اهو رزميہ ڪلام، جنهن ۾ خاص طرح ڪربلا جي واقع بابت دلسوز بيان هجي.

سنڌ ۾ سيد ثابت علي شاه مرحوم پهريون شاعر آهي، جنهن موزون شعر ۾ سنڌي مرثيا ناهيا آهن.

سيد ثابت علي شاه مرحوم جي مرثين مان ڪي غزل جي صورت ۾ آهن، ڪي مربع جي صورت ۾. گهڻا ڳڻا مسدس جي صورت ۾ آهن.

## ٻولي ۽ عبارت:

سيد ثابت علي شاه مرحوم مرثين ۾ لسي ۽ دلچسپ سنڌي ٻولي ڪم آندي آهي، جنهن ڪري سندس ڪلام پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن تي جلد اثر ڪري ٿو. جيئن تہ شاه صاحب عربي ۽ پارسي ۾ بلڪل پڙ هو، تنهنڪري سنڌي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي عربي ۽ پارسي لفظن ۾ محاورن جي آميزش بہ سهائيندي طرز ۾ ڪندو ويو آهي.

مرثين ۾ ڪم آيل عبارت جي رنگيني ۽ فصاحت بلاغت ۾ سيد ثابت علي شاه مرحوم ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. لفظي صنعتون، معنوي صنعتون، تشبيهون، استعارا، مجاز، ڪنايا ۽ اصطلاح ٻي انداز ڪم آندا اٿس، جيتوڻيڪ انهن تي پارسي جو رنگ سرسيرو چڙهيل آهي. بہ ٽي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

طبيعت جي رواني ۽ برجستگيءَ جو نمونو:

ميدان ڪربلا ۾ حضرت امام قاسم رضي الله تعاليٰ عنه جي جرئت ۽ بهادري جو بيان ڪندي شاهہ صاحب چوي ٿو:

"هنڪي ڇا افرا سياب ۽ هنڪي ڇا اسفنديار؟

ڇا هي نيزن؟ ڇا هي بروز؟ ڇا فراموز؟ الفرار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيو هت گوشو ڪري، نرمي نريمان جو شعار؛
طوس جو ڇا تاب هت؟ گودرز و گرين گيرودار.
هي مجي رب جي رضا سر ڏئي، ته ڏئي ورنه محال
ناهي ملڪ الموت ڪي هن جي تقابل جي مجال."

مٿئين مثال طبيعت جي رواني، چوٽ زباني ۽ برجستگيءَ سان گڏ صنعت تلميح (لفظي صنعت) ۽ صنعت جمع، صنعت تجريد ۽ صنعت مبالغه (معنوي صنعتون) به نهايت عمدي نزاڪت سان ڪم آيل آهن.

**صورتخطي:**

سيد ثابت علي شاه مرحوم جي وقت ڪان وٺي ڏيڍ صدي تائين سنڌي مرثيا گهڻو ڪري پارسي يا اردو صورتخطي ۾ لکيل هوندا هئا. اڄ به ثابت علي شاه جا سنڌي مرثيا پارسي ۽ اردو صورتخطيءَ ۾ لکيل موجود آهن. سنه 1925ع مرحوم مرزا قليچ بيگ صاحب، سيد ثابت علي شاه جي مرثين جا چار جلد هلندڙ وقت جي رواجي صورتخطيءَ ۾ ڇاپايا آهن. جي ساري سنڌ ۾ ڪم پيا اچن. ڇئن ئي جلدن ۾ ڇاپي جون چڪون البته سرسيريون رهيل آهن. ايندڙ ڇاپي وقت ڇاپائيندڙ صاحبن جيڪڏهن پروفن ڏسڻ ۾ سچيتائي ڪئي، ته پوءِ اميد آهي؛ ته نهايت درست ڪلام ڇاپجي پوندو.

## آخوند عزيزالله

## (1746ع - 1824ع)

## سنڌيءَ ۾ پهريون نثر نويس

"حضرت نبي ڪريم (صلي الله عليه وسلم) منجهه جنگ احزاب ڪاهو مديني شريف ڪي ٿي ڪٽايو. ڇپ ڏاڍي تنهن مان ظاهر ٿي. تنهن ڪي ياڻ هٿن مبارڪن سان چنجور هٽندي فرمايائين ته يمن، روم ۽ قسطنطنيه اهي سڀ ملڪ فتح ڪندا اصحابي منهنجا. تڏهن منافقن ڪليو ته مدينه ۾ ڪافي مٿس غالب ٿيا آهن. ڪاهو ڪٽي ٿو سر بچائي- سڌ ڪري ٿو روم ۽ شام جي".

(ترجمه قرآن شريف صفحه 77)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخوند عزيزالله صاحب مرحوم متيارين جو وينل هو. سنہ 1160 هجري مطابق سنہ 1746ع ۾ سندس ولادت ٿي هئي. سندس وڏا اصل ٺٽي جا ميمڻ هئا، پر مدرسن ۾ پڙهائڻ جي ڪري آخوند سڏبا هئا. آخوند عزيزالله صاحب دائري واري ساداتن سان گڏ مولوي محمد عثمان صاحب وٽ تعليم وٺندو هو. عربي علم جي تحصيل مخدوم محمد عثمان صاحب وٽ ڪئي هئائين. علم حديث، تفسير، فقه، تصوف ۽ معقولات ۾ ماهر هو. مخدوم عبدالڪريم صاحب متيارين وارو سندس همعصر هو. آخوند عزيزالله صاحب مرحوم لنواري وارن بزرگن وٽ گهڻو گذاريندو هو ۽ سندس هميشہ جو ڏنڏو هو تعليم ڏيڻ. آخوند عزيزالله صاحب ٽالپرن جي حڪومت وقت ڪلام الله شريف جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. جنهنجو هن هيٺ اسان ڪي ذڪر ڪرڻو آهي.

آخوند عزيزالله صاحب مرحوم اسي ورهين جي عمر ۾ هجري سنہ 1240 مطابق 1824ع ۾ وفات ڪئي. سندس پڙپوٽن مان ميون احمد اڃا حيات آهي: جو نصرپور ۾ مولوي عبدالحق صاحب واري مدرسي ۾ هڪڙو مدرس آهي.

آخوند عزيزالله صاحب وارو تفسير درحقيقت تفسير نہ آهي، فقط سنڌي نثر ۾ قرآن شريف جي عربي عبارت جو تحت اللفظ ترجمو (Literal translation) آهي ۽ حاشيہ تي آيتن جو "شان نزول" (نازل ٿيڻ جا موقعا ۽ سبب) سنڌي نثر ۾ لکيل آهن. قرآن شريف جي اصلي عبارت جي هيٺيان آخوند صاحب سنڌيءَ ۾ تحت اللفظ ترجمو لکيو آهي ۽ انهيءَ سنڌي ترجمہ جي هيٺان وري مشهور علامہ شاه ولي الله صاحب محدث دهلوي عليہ الرحمتہ جو پارسي ۾ ڪيل قرآن شريف جو ترجمو بہ ڏيندو ويندو آهي. اهو آخوند صاحب ڏاڍو سهڻو ڪم ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو انهن ڏينهن ۾ سنڌي زبان ۾ نثر لکڻ جو رواج ئي ڪونہ هو، تنهنڪري عبارت جي تحت اللفظ سنڌي ترجمو سمجهڻ ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي ڏکيائي لڳي تہ اهو پڻ پارسي ترجمي تان تسلي ڪري سگهي، ڇاڪاڻ جو پارسي ٻوليءَ جي نحوي ترڪيب عربي سان مواقف آهي. اهڙي طرح آخوند صاحب مرحوم آيتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا جيڪي " شان نزول" سنڌي نثر ۾ لکيا آهن. سي انهيءَ پارسي عبارت جو ترجمو آهن، جا پارسي عبارت حضرت شيخ سعدي شيرازي پنهنجي تصنيف ڪيل پارسي تفسير جي حاشئي ۾ لکي آهي. آخوند صاحب مرحوم شيخ سعدي واري پارسي عبارت به حاشيه تي لکي، پوءِ سنڌي نثر ۾ ترجمو لکيو آهي.

اسان جي خاص مراد آهي انهيءَ سنڌي نثر جو نمونو پڙهندڙن جي پيش ڪرڻ، جو آخوند صاحب مرحوم ڪم آندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون پهريون جيڪو نثر ۾ لکيل ڪتاب هن وقت تائين ثابت ٿيو آهي، سو جنهن صورت ۾ هيءَ ٿي آهي، ۽ اهو نثر وري آهي به عربي عبارت جو تحت اللفظ ترجمو. تنهنڪري هت آخوند صاحب مرحوم وارو نثر (اصلي عربي عبارت سميت) ڏجي ٿو پوءِ جتي جتي ضرور پوندو، اتي آخوند صاحب جي نثر کي وري اج ڪلهه جي بامحاوره نثر جي صورت ۾ به پيش ڪيو ويندو.

**ذڪر ۽ تڪليف خداتعاليٰ جي طرفان انسان جي ايمان جي پرک**

"ياءَ يهاالذين آمنو استعينو باالصبر و الصلوات".

..... الائڪ هم المهتدون ط

(صورت البقر آيت 152 کان 157 تائين)

آخوند صاحب جو تحت لفظي ترجمو: اي مومنا همراهي وٺو منجهه مشڪل ساڻ صبر ۽ نماز، تحقيق خدا ساڻ صبر ڪندڙن آهي ۽ م چئو واسطي تن جي جي ڪسن تا منجهه وات خدا جي اوءِ مئل آهين، بلڪ اهي جئرا آهن پر نٿا جاڻي آءِ (توهين) ۽ آزمايون تا آن (اوهان) کي ساڻ ٿولن ڪنان خوف ۽ ڏکن ۽ بکن ۽ ٿورو ٿئڻ مالن جي ۽ مرڻ مڙسن جي ۽ نه ٿئڻ ميون جي (تہ ڪ ڪريون تا ڪ نٽا ڪريون) ۽ بشارت ڏي تن صابرن کي، او صابر سي آهين، جڏهن رسي ان کي سختي، چؤن "اسين خدا جا آهيون ۽ خدا ڏانهن موٽهون تا" "اوءِ صابر، تن تي آهين رحمتون ڪنان رب ان جي ۽ رحمت خاص ۽ اوءِ هدايت وارا آهين".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**شان نزول:**

جڏهن صحابن پڇاڻا ڪسڻ بدرين جي غم تي ڪاڏو تہ اسان جا مائٽ ڪنا منجهہ دينہ بدر جي، سي، لذتن دنيا جي ڪان ۽ نعمتن حياتيءَ جي ڪان ناميد رهيا. تڏهن الله تعالى هي آيت موڪلي. "

(قرآن شريف صفحہ 35)

**خداتعالىٰ هر جاءِ حاضر:**

" واله المشرق والمغرب فاينما تولوا فثم وجه الله ان الله واسع عليم ". (سورت البقر آيت نمبر 114)

ترجمو: " واسطي الله جي ايرندو ۽ الهندو آهي، پوءِ جيڏانهن مهار ڪندا، اوڏانهن آهي خدا. تحقيق خدا جو فضل ڪشادو آهي ۽ ڄاڻندڙ آهي. "

**صنعت ڏسي صانع کي سڃاڻو:**

ان في خلق السماوات والارض واختلاف الليل والنهار والفلڪ التي تجري في البحر بما ينفع الناس وما انزل الله من السماءِ من ماءِ فاحيا به الارض بعد موتها و بث فيها من ڪل دابت و تصريف الرياح والسحاب المسخر بين الماءِ والارض آيات القوم يعقعون.

(سورت البقر آيت نمبر 163)

ترجمو: " تحقيق منجهہ جوڙڻ آسمانن ۽ زمين جي ۽ ڦرڻ راتين ۽ ڏينهن، ۽ ٻيڙيون جي هلن درياءَ ۾ ساڻ تنهن سودي جو نفع ڪري ماڻن کي ۽ جيڪي نازل ڪيو الله ڪنان آسمان مينهن پوءِ جياريائين ساڻ ان زمين کي پڇاڻا سڪڻ ان جي، پکڙيائين، ان ۾ سڀ حيوان، ۽ منجهہ ڦرڻ وائن جي، ۽ منجهہ ڦرڻ ڪڪرن جي، جي اپاريل آهين وچ آسمان ۽ زمين جي، معجزا آهين واسطي قوم عاقلن جي (متي هيڪڙائي الله تعالىٰ جي ۽ پورو ڪرڻ ڪمن سڀني جي).

**شان نزول:**

" جڏهن ڪافرن چيو سؤ سٺ بتن الله آهين اسان جا، ايترا الله ڪم سڀ هيڪڙي شهر مڪي جو جوڙي نٿا سگهن ۽ محمد جو هيڪڙو الله ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سين عالمن جا ڪيئن ڪري سگهندو؟ ان ڳال تي مر تہ دليل آڻي. تڏهن الله تعاليٰ مٿي ڳال حضرت نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جي اٿ دليل منجهہ هن آيت ذڪر ڪيا.

(قرآن شريف صفحہ 37)

# خليفہ حاجي عبدالله

## 1753ع

حال وڃي ڪال جي ڪلي ٿــيــان ڪمــال
شــائق ســدا شــوق جــا مــور نہ مڱن مــال

(ليليٰ مجنون)

ڪتاب مجنون ليليٰ جو مصنف خليفہ ميان حاجي عبدالله نظاماڻي هو. سندس والد خليفہ محمود صاحب عليہ الرحمت ميان سرفراز ڪلهوڙي جي حڪومت وقت هڪ مشهور خدا رسيده بزرگ ٿي گذريو آهي. هو روهڙي واري پير صاحب پاڳاري جو ڪرامت وارو خليفو هو. اول هو وڏو زميندار ۽ امير هو، پوءِ جڏهن مرشدن جي فيض جي نظر مٿس ٿي، تڏهن اميري ڦٽي ڪري ڪامل فقير ٿي پيو ۽ ڪڇ، ڪاٺياواڙ، بمبئي ۽ اپرندي آفريڪا وارا لکاپتي ماڻهو سندس مريد اچي ٿيا. سندس عاليشان درگاه ڳوٺ ڪڙيہ گهنور تعلقو گوني ۾ آهي، جتي سال بسال ربيع الاول مهيني ۾ وڏو ميلو لڳندو آهي، جنهن تي سندن ڪڇ، ڪاٺياواڙ، بمبئي ۽ زنجبار وارا مريد هزارين روپيا اچي نذر ۽ خير خيراتن ۾ خرچ ڪندا آهن. خليفہ محمود جو ڪتاب "ملفوظات" مشهور آهي، جنهن ۾ عجيب عجيب فقيرانہ گفتا ۽ نڪتا لکيل آهن. خليفہ محمود ڪان پوءِ سندس جاءِ نشين پٽس خليفو ميان حاجي عبدالله ٿيو. جو ڪتاب مجنون و ليليٰ جو مصنف آهي. هن اهو ڪتاب هجري سنہ 1208 برابر عيسوي سنہ 1793 ۾ تصنيف ڪيو هو، جڏهن سنڌ ۾ ٽالپرن جي پهرين چوياري جي حڪومت هئي. هو هڪڙو عامل ۽ ڪامل فقير هو. مجنون ۽ ليليٰ جو قصو بہ ساروئي حقيقي عشق جي رنگ ۾ لکيو اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجنون بہ قافلي پٺيان روانو ٿيو ۽ ليليٰ جي محل (ڪجاوه) ۾ اڪيون اڙايون پئي ويو. مائٽن کي پڪ هئي، تہ مجنون مصر ۾ رهجي ويو ۽ قافلي کي پڄي نہ سگهندو. پر هڪڙي ڏينهن رستي هلندي مجني کي ڏسي ورتائون ۽ پنهنجي ڏيءَ کي چيائون تہ مجني کي منع ڪر تہ قافلي پٺيان نہ اچي. ليليٰ ڏاڍي لاچاريءَ سان مجني کي منع ڪئي.

ليليٰ وارو قافلو هليو ويو. ليليٰ مجني لاءِ رت روئيندي ويئي ۽ مجنون جنهن هنڌ ليليٰ جي چوڻ موجب بيهي رهيو اتيئي بيٺو رهيو. آرهڻ، سانوڻ ۽ سيارا گذري ويا تہ بہ مجنون اتي جو اتي سڪو بنڊ ٿيو بيٺو رهيو. مٿانئس وليون ۽ گاهہ وري ويا. قمرالدين عراق جي قدوس شهر ۾ وڃي رهاڪو ٿيو ۽ اتي وڃي مڪتب کوليائين. ليليٰ اتي حال کان بي حال گذاريندي رهي. مٽ مائٽ هزارين نصيحتون ۽ دڙ دلاسا ڏيئي ٿڪا؛ مگر ليليٰ تي اثر ڪونہ پيو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ، سندس مائٽ وري مصر ۾ لڏي آيا. اتي ليليٰ پنهنجي پر ۾ پرينءَ جون پڇائون پي ڪيون پر ڪوئي پتو ڪونہ ٿي پيس. هڪڙو ڪاٺر جهنگ ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويو، تنهن بر پٽ ۾ بنڊ بيٺل ڏٺو. ڀانيائين تہ اهو بنڊ ڦوڙي بہ چار لڏون ڪاٺين جون منجهائنس ڪريان. جهڙو بنڊ کي ڪهاڙي جو ڌڪ هنيائين، تهڙو آواز آيس:

"ماري مون مسڪين کي جدي کي جانا،
ضايع زور زياده ڪيئي ظالم زيانا."

ڪاٺر اهو آواز ٻڌي ڇرڪ ڀري وڃي پري بيٺو. بنڊ کان سوال ڪيائين، تہ تون ڪو جن آهين يا ديو آهين يا ڪير آهين؟

"جئي نڪي ديو آهيان، نڪي پري پريان،
اولاد حضرت آدم جو جڙيس منجهہ جهان،
محبت ڪيو محبن جي مون کي پريشان،
جانب ويا جنهن جوءِ تي حاذق وريا نہ هاڻ،
مون کي جدي جيرين ڪل لڏائون ڪانہ."

ڪاٺر کي ساري حال حقيقت معلوم ٿي ويئي، تنهن مصر ۾ اچي ليليٰ کي خبر ڏني. ليليٰ آڌيءَ رات جو پنهنجي نوڪرياڻي سان ڪري اٺ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهي اچي ٻر ۾ ٻينل محبتيءَ وٽ حاضر ٿي. ولبون ۽ گاهه پاسي ڪري مجني جو وجود ظاهر ڪيائين.

"تڏهن مرڪيو، مبارڪ منهن مان مجنون سو موچار،
تہ مون ڪين وڃايو ولين منجهہ ولهار،
ڏيهنان ڄاڻ ڏيل ڪي راتيان ڦلن ڦهار،
لذان ڪانہ قريب مون ساجن سگهي سار."

ليليٰ، مجني جي سچائي پسي اتيئي سندس قدمن تي ڪري ساه ڏنو ۽ مجنون بہ انالله و انا اليه راجعون چئي اتي جو اتي پنهنجو روح، ليليٰ جي روح سان رلائي ڇڏيو:

## نظم جو نمونو:

"مجنون ليليٰ" وارو نظم اهڙوئي نهايت پختو، رسيلو ۽ دلچسپ آهي. جهڙو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمت جي ڪتاب زادالفقير ۾ ڪم آيل آهي. مصنف ٻن ٻن مصرعن يا چئن چئن مصرعن وارن ڏوهيڙن جي سلسلي سان سڄو ڪتاب وڃي پورو ڪيو آهي. قافيا بہ بلڪل پختا ۽ باقاعدي ڪم آندا اٿس، جن جا مثال مٿي ڪم آيل ڏوهيڙن مان روشن ٿيندا. خليفو عبدالله مرحوم اگرچہ لاڙ جو چاول نپيل هو، تہ بہ پنهنجي نظم ۾ ٻولي اهڙي پڪي ۽ پختي ڪم آندي اٿس، جو ايئن ڪوئي ڪونہ چئي سگهندو: تہ اهو نظم ڪنهن لاڙ جي شاعر جو ناهيل آهي. جتي ليليٰ جي سونهن جي "تعريف" ڪري ٿو، اتي تشبيهون ۽ استعارا بہ خوب ڪم آندا اٿس، جن مان گهٽيون ٺٽيون تشبيهون ۽ استعارا نج سنڌي آهن.

مثال:

(1) "مرگهہ نيني، چاربدني، گنبر چال ٻلت

(2) پڙهي آهي موتين سان مورتون موچاري

لڏي لامن وچ ۾ ڪو ڏاڙهونءَ جي تاري.

بدن جي سڊولائي (هرڻ ڪڪائي) ۽ اکين جي تشبيهہ مرگهہ (هرڻ) سان، هلڻ جي ٽور جي تشبيهہ گنير (هاٿي) جي چال سان، هار سينگار ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميان محمد سرفراز خان حافظ شيرازي عليه رحمت جي غزلن جي تتبع تي پارسي غزل ٺاهيندو هو ۽ سيد ثابت علي شاه ۽ ٻيا هم صحبت وري ميان محمد سرفراز جي غزل جي تتبع تي پارسي غزل چوندا هئا.

سيد ثابت علي شاه ته پوءِ سنڌي مرثيا جام ٺاهيا. جن جو ذڪر مٿي ڏنو ويو آهي. مگر محمد سرفراز خان جو سنڌي ۾ موزون ڪلام فقط هڪڙي مدح آهي. جو سنڌي ۾ مشهور آهي.

هي بيان مشهور آهي. ته ميان محمد سرفراز خان جڏهن حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد هو، تڏهن ان نهايت سچي سوز سان اها مدح ٺاهي هئي.

اها ساري مدح بحر هزج مثمن مڪفوف محذوف تي ٺهيل آهي. جنهن جا ارڪان آهن. مفاعيل، مفاعيل مفاعيل فعولن.

اها مدح يڪ بيتو ترجيح بند آهي، جنهن ۾ هرهڪ بيت (ٻن مصرعن) کان پوءِ ساڳيو بند:

"ٻلا جام هن غلام سندو سوال سڻج تون" وريو وريو اچي ٿو.

ميان محمد سرفراز خان پارسي ڪلام ۾ ته اهڙو قابل هو، جو سيد ثابت علي شاه جي لکڻ موجب سندس هم صحبت شاعر سندس ڪلام جي تتبع تي ئي پارسي ڪلام چوندا هئا. مگر سنڌي زبان ۾ سندس ٻهريون ٻهريون موزون ڪلام شايد اها مدح آهي. اها مدح ڳائڻ ۾ بلڪل سپڪ ۽ بي اٽڪ آهي.

آهيان ڏڏ- غمن ڪڏ - سڻج تون
پسي پاڻ - ڪرم ساڻ - ڏکين ڏاڻ - ڏئين تون
ٻلا جام - هن غلام - سندو سوال - سڻج تون
هدايت - حمايت - عنايت - ڪرين تون
(ٻلا جام ...)
امانت - سلامت - اچي لڪ - لنگهاياءِ ئون
يڪسبون - ڪم زبون - ڪيم خون - خطائون
مٿي ڏوه - ٻنان توه - ڪريين بخش - - عطائون
(ٻلا جام ...)

ٽاليرن جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ مير صاحب هڪڙيءَ ٻيڙيءَ مظلوم عورت جي دانهن ٻڌي داد نہ ڪيو. جنهن تي فقير غصي مان هيٺيون بيت چيو هو. جنهن جي پيشنگوئي جلد ئي پوري ٿي.

پورا اچي پيل - ساري سنڌ صديق چئي،
ٻارو چاڻي ٻيل - ٻڌي نہ ٻڌئي جهڙي.

صديق فقير کان پوءِ سندس وڏو فرزند فقير بايزيد ڊوري ٽاري جي درگاه جو مسندنشين ٿيو. ان کان پوءِ سندس اولاد اها مسند سنڀاليندو اچي ٿو.

هن رسالي جي ترتيب هوبهو شاه ڀٽائي جهڙي آهي. جيڪي سر "شاه جي رسالي" ۾ آهن، سي سڀ هن ۾ موجود آهن. فقط ٻہ سر وڌيڪ ڏنل آهن، هڪڙو "وهاڳڙو" ۽ ٻيو "موکي". حقيقت ڪري اهي ڙگو ٽالا وڌيڪ ڏنل آهن، نہ تہ مضمون انهن ۾ ساڳيوئي آهي. جو شاه جي رسالہ جي سر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ پرڀاتي ۾ آهي. ٻين سڀني سرن مان هرهڪ سر ۾ مضمون بہ اهو ساڳيوئي آهي. جو شاه جي رسالي جي ساڳئي ٽالي واري سر ۾ آهي. نہ ڙگو ايترو بلڪ هرهڪ سر ۾ وڏو انداز انهن ڏوهيڙن جو آهي، جي شاه ڀٽائيءَ جي رسالہ ۾ موجود آهن. انهن ڏوهيڙن کي ڪنهن بہ شاعر جو ٽالو ڏنل ڪونهي. شاه جي رسالہ ۾ بہ اهي ڏوهيڙا بنا ٽالي ڏنل آهن. ازانسواءِ رسالہ صادق فقير جي جدا جدا سرن ۾ ڪي اهڙا بہ ڏوهيڙا آهن. جن ۾ ٻين شاعرن جا ٽالا ظاهر ظهور پيل آهن. رسالہ جا بنا ٽالي ڏوهيڙا، جن مان گهڻو انداز شاه جي رسالہ ۾ موجود آهي، سي ۽ ٻين شاعرن جي ٽالن وارا ڏوهيڙا ڪڍي ڇڏبا، تہ باقي صديق فقير جي ٽالن وارن ڏوهيڙن جو انداز تمام ٿورڙو وڃي بچندو.

شاه جي رسالہ ۽ صديق فقير جي رسالہ ۾ هي بہ تفاوت آهي، جو شاه صاحب جي رسالہ ۾ هرهڪ سر جا داستان ڪيا ويا آهن ۽ هرهڪ داستان ۾ ڏوهيڙن جي پنيان وايون ڏنيون ويون آهن. صادق فقير جي رسالہ ۾ هرهڪ سر داستانن بنا يڪوئي ڏنل آهي ۽ بيتن تي انگ بہ لڳل ڪينهي ۽ هرهڪ سر جي منڍ ۾ بہ وايون (صدائون) ۽ پڇاڙيءَ ۾ بہ وايون آهن ۽ وچ ۾ بيت آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسالي جي هرهڪ سر جو مضمون اگرچ شاه ڀٽائي جي ساڳئي نالي واري سر جي مضمون سان هوبهو هم صورت آهي، تہ بہ هرهڪ سر ۾ ڪي ڪي خيال فقير صاحب جي رسالہ ۾ نرالي دلچسپ طرز سان ڏنل آهن مثلاً سر ڪيڏاري ۾ "ميدان ڪربلا" جي تصوير چٽيندي صادق فقير نفس سان جنگ ڪرڻ ۽ صوفي شهيدن جي سرويچيءَ وارو جيڪو مضمون آندو آهي، سو شاه صاحب واري رسالي ۾ ڏنل ڪيڏاري جي مضمون کان بلڪل علحدو آهي.

فقير صاحب جي ڪلام جي ٻوليءَ ۽ شاه ڀٽائيءَ جي ڪلام واري ٻوليءَ جي وچ ۾ ذرو بہ تفاوت ڪونهي. مثال:

سمهي سمهي مگڻا، اچا اٺئين هير،
نياڳا ننڊون ڪرئين ڊکها ڪريو پير،
وڏيءَ ڪنهين وير، مگي ويا مگڻا. (وهاڳڙو)
ٻاجهہ بہ ايڏيائي گهران، جيڏوئي تو نام
تو منجهہ تون ٽوٽيون؛ تون ڇپر تون ڇان،
جوان ڪجاڙو آن، توکي معلوم سيڪا.

## فتح فقير

فقير فتح محمد، جنهن کي عام خواه خاص فتح فقير ڪري سڏيندا هئا. سو اصل ڪڪڙ تعلقہ جي ڪنهن ڳوٺڙي جو وينل ڪلهوڙو هو. فقيريءَ خيال ۽ داٽي ٻاٽيءَ جي ڪشش ڪري، هو پنهنجو وطن ڇڏيو حيدرآباد شهر ۾ ڊومڻ واهہ جي ڪناري تي شاهي اوتارو ٺائي اچي وينو، جو اڄ تائين فتح فقير جو اوتارو مشهور آهي.

حيدرآباد وارا مير صاحب شيعہ فرقہ جا هوندا هئا ۽ فتح فقير پڪو سني هوندو هو ۽ وقت بہ وقت مير صاحب جن کي ڀري دربار ۾ يارن سڳورن جي سب وشتم تان ڳالهائيندو هو، تہ بہ مير صاحبن تي اهڙو سندس رعب ۽ اثر وينل هو، جو سيڪجهہ سهيو ويندا هئا ۽ فقير صاحب جي لنگر جي رسائيءَ ۾ ڪڏهن ناغو نہ وڌائون. هڪڙي ڀيري فتح فقير جا لفظ مير

آخري بند:

چـــــار والي چـــــارئي وير | چارئي عـــالم منجـــهـــ امـــيـر
چارئي آگي کـيـا اکسيـر | چـئن ئي جـا آهيـون دامنگيـر
فضل کندا سان "فتح فقير" | هينئـــــڙي ڏيندا سي دلڏير
کلمـو مـنـئي محـمـد مـيـر | چـارئي ســرور ســان سنهن

چئن ئي جي رک محبت من

# سيد ميان خير شاه

حيدرآباد سنڌ ۾ "خيرشاه" جي نالي سان ٻه سيد مشهور هئا ۽ ٻئي همعصر هئا: هڪڙو سيد خير شاه پنجابي، جنهنجي پوٽن جي نالي حيدرآباد ۾ خيرشاه جو پڙ مشهور آهي ۽ ٻيو ٻه سيد خير شاه پرديسي، جو عالم ۽ مشهور شاعر هو. اسين هت سيد خير شاه پرديسيءَ جو ذڪر ۽ ان جي سنڌي ڪلام جو احوال ڏينداسون.

سيد خير شاه پرديسيءَ جي ڳوٺ جي پوري خبر نه آهي. مگر اها خاطري آهي، ته هو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي وقت ۾ حيدرآباد شهر کان ٻاهر پرو پراڻي ڦليليءَ جي ڪپ تي سيالن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. اهو سيالن جو ڳوٺ اڃا قائم آهي. ان ڳوٺ ۾ خير شاه پنهنجي ٻوٽري جي اڱڻ ۾ نم جو وڻ پنهنجن هٿن سان پوکيو هو. سو اڃا تائين بيٺل آهي. مگر اوتارو ۽ مسجد ڊهي ويا آهن.

هي شاه صاحب باشرع فقير هو. ٽالپرن جي صاحبي شروع ٿيڻ بعد مير فتح علي خان جا پائر؛ جي سنڌ جا حاڪم هئا. سي سيد خير شاه کي نذرانا ۽ لوازما ڏيندا هئا.

سيد خير شاه جو ناميل "جنگنامو" مشهور آهي، جو اڄ تائين مولود پڙهندڙ ماتهو مدح وانگر پڙهندا آهن. انهيءَ جنگنامي ۾ ٻهرياڻين انهن تڪليفن ۽ سختين جو احوال ڏنل آهي، جي جدا جدا نبين صبر سان سٺيون. تنهن کان پوءِ حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين جي شهادت جي مفصل احوال ۽ ڪربلا جي واقعي جو ذري پرزي بيان ڏنل آهي. اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگنامو "مخمس" جي نموني تي ڏوهيڙي جي صورت ۾ ٺهيل آهي، جنهن جا ڪل چوهٺ بند آهن. ان مان ٽي بند نموني خاطر هت ڏجن ٿا:

صالح فرزند ٿيا تولد گهر عليءَ جي شير شجاع
چايا جام وڏا تن چمندي باري بخت بلند هئاءِ،
حسن حسين رکيا تنهن نالا خاصو جو ختم الانبياءُ،
نانو جن جو مير محمد، پدر علي، ماءُ خيرالنساءِ،
جيد جن جو شان ٿيو شاهد قادر جو قرآن ٿيو.

قلم قضا جو ڪتاب لکيو ري رب تنهن کي ڪير رسي؟
خداوند جي گهر، جنهن پر جهڙي؛ تنهن پر تهڙو مينهن وسي،
جيڪي جاڻي جاڻڻ وارو ٻئي نه ڪنهن کي ڪل قصي،
ايڏا ڪم ڪريم سندا، جو دشمن سانڍيو دوست دسي،
آل عبا سان غير گنه ڏس ڪيڏو قهرستان ٿيو.

جن حمايت مير محمد حضرت علي شير خدا
غم وهم نه آڏو تن کي، ڪوسو تن کي لڳي نه واءُ،
پنجن تن جي پاڪ مون کي ديگر دل دليل نه ڏاءُ،
حسن حسين حمايت منهنجي جنت خاتون خيرالنساءِ،
خير شاه جو حضرت شافع آخر نبي زمان ٿيو.

"سيد خير شاه، محرم واري مهيني ۾ پنهنجي مڪان تي خاص طرح اهو جنگنامو پاڻ به پڙهندو ۽ سندس به فقير پڙهندا هئا ۽ سندس صحبتي سوز ۽ صبر سان پيا ٻڌندا هئا. انهيءَ حال هوندي به شاهه صاحب سيج ۽ تابوت ناهڻ، گهوڙا گهمائڻ، پڙن ۾ زالن جو گڏ ٿيڻ ۽ پٽڻ، دلدل نچائڻ جهڙا ڪم جي محرم جي ڏينهن ۾ عام طرح ٿيندا هئا، تن جي بلڪل برخلاف هوندو هو. انهن ڪمن جي سٽ ۽ مذمت بابت سيد خير شاه مرحوم هڪڙو "موزون مخمس" ناهيو هو. اهو مخمس بحر مضارع مثمن محذوف تي ٺهيل آهي، انهيءَ سٽ تي سيد ثابت علي شاه اعتراض ورتو ۽ هجو ناهي.

سيد ثابت علي شاه جي مثنين هجو ۾ به چاليهارو کن بند آهن. جڏهن ثابت علي شاه جي مثنين مخمس جو سيد خير شاه تي ڪو به اثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سامي ۽ سندس شلوڪ

## (1743ع - 1850ع)

"عجائب عقل سالڪ ڏنو سڪ سان،
سمجهي روح رازي ٿيو ڇڏي هنگامون هل،
چڙهي نور محل ۾ ڪيائون حق حاصل،
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان."

سلوڪ 30

ڀائي چئن راءِ بچومل لُنڊ، جنهنجو تخلص هو 'سامي'، سو شڪارپور شهر جو وينل هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي گرو سوامي مينگهراج برهمڻ کي شرف ڏيڻ لاءِ پنهنجي اسلوڪي نالي (چئن راءِ) جي بدران "سامي" يا "ٻانيڻ" جي تخلص سان پاڻ کي سڏيو آهي. ڀائي چئن راءِ جو پيءُ ڀائي بچومل شاهوڪار ماڻهو. ان پنهنجي پٽ کي سوامي مينگهراج وٽ ڌرمي سکيا وٺن لاءِ ڇڏيو. سوامي مينگهراج بهاولپور رياست جي احمدپور ڳوٺ جو وينل هو ۽ شڪارپور ۾ هاٿي در تي هيمنداس برهمڻ جي مڙهيءَ ۾ رهندو هو. سوامي مينگهراج سنسڪرت ۾ تمام ڀڙ هوندو هو ۽ شعر بہ چوندو هو. هن جي پنهنجي چيلي ڀائي چئن راءِ سان تمام گهٽي دل هوندي هئي، تنهنڪري ان کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ "ويدانت" مان چڱي طرح واقف ڪيائين. ڀائي چئن راءِ کي ڏهين ٻارهين ورهين جي عمر ۾ اچي فقيري رنگ ۽ ويراڳ لڳو. پٽس شادي بہ ڪرايس پر هو پنهنجيءَ گهرواريءَ کي بہ ساڻ ڪري هليو ويو، امرتسر، اوڏهين ڪجھ وقت فقيرن ۽ پنڊتن سان صحبتون ڪري پوءِ پنهنجي زال سميت فقيرائي ويس ۾ شڪارپور ۾ آيو ۽ چاليهن ورهين جي عمر کان وٺي شلوڪ چوڻ لڳو.

سامي صاحب پنهنجا سلوڪ ڪنهن ڪتاب ۾ ڪونہ لکندو هو. پر ڪاغذن جي ٽڪرين تي شلوڪ لکي، هڪڙي مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. سندس پٽ ڀائي گهنشامداس اهي شلوڪ گڏ ڪري گرمکي اکرن ۾ لکايا. جتان پوءِ راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ 1873ع ۾ وري عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکايا ۽ تعليم کاتي ٽن جلدن ۾ ڇاپيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامي صاحب 1743ع ڄائو هو. جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت سنڌ ۾ هئي. هو ٽالپرن جي صاحبيءَ وارو سمورو عرصو حيات هو ۽ هڪ سئو سٺن ورهين جي عمر ۾ 1850ع ۾ چالاڻو ڪيائين: جڏهن انگريزن جي حڪومت جا اوائل وارا ڏينهن هئا.

سامي صاحب جو فقط هڪڙو پٽ هو. ڀائي گهنشامداس. جو گهڻو ڪري امرتسر ۾ گذاريندو هو. ڀائي گهنشامداس ٻه ٻاهتر ڪن ورهين جي عمر ۾ چالاڻو ڪيو. ان جا سڳا پوٽا هينئر ڪراچيءَ ۾ دلاليءَ جو ڌنڌو ڪندا آهن.

سواميءَ ۾ سلوڪن جو انداز گهڻو هو. پر هن وقت فقط ايڪويهه سؤ سلوڪ گڏ ٿيل آهن. جي ٽن جلدن ۾ ڇاپيل آهن.

## شلوڪن جو مضمون:

سامي "ويدانت" متي جو فقير هو. ۽ پنهنجي ڪلام ۾ اهي نج ويدانت وارا اصول ڪم آندا اٿس. جن جو تصوف ۾ ذڪر نه آهي. ۽ نڪي تصوف وارا اصول ٻه بيان ڪيا اٿس. جي سڀني صوفين عام طرح پنهنجن ڪلامن ۾ ڳايا آهن. انهي طرح ڪي نج تصوف جا اصول. جن جو صوفي ۽ درويش خاص طرح ذڪر ڪيو آهي. سي ساميءَ پنهنجي ڪلام ۾ بيان نه ڪيا آهن. جهڙوڪ: روزميثاق يا روز الست، "ڪن فيڪون" جو مسئلو. "نفي" ۽ "اثبات" وغيره.

## ويدانت جا نرالا اصول:

### پنر جنم يا تناسخ:

سامي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هن عقيدي تي گهڻو زور ڪيو آهي. ته "آتما" (روح) پنهنجين بداعمالين (ڪرتوتن) جي ڪري "ڪوٽ جنم" (ڪروڙين جنم) ڀوڳي. پوءِ خوشي قسمتيءَ سان انساني بدن ۾ آيو آهي. انسان کي "مانک ديهي" (انساني جامه) جو قدر سڃاڻي پنهنجي ڌڻيءَ سان عشق رکڻ گهرجي.

درويشن جي صحبت ڪري ۽ بندگيءَ ۾ محو رهي. جيڪڏهن انسان پنهنجي ڌڻيءَ جو عشق حاصل ڪيو. ته هو "نرباڻ پد" (دائمي نجات جو درجو) حاصل ڪندو ۽ پنهنجي مالڪ سان اڻين هڪ ٿي ويندو. جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بوند. سمنڊ ۾ يا ڪنڊ. پاڻيءَ ۾. پوءِ هو مرڻ جيئڻ جي ڏک کان ڇٽي پوندو، پر جيڪڏهن هن دنيا جي لوڀ ۽ خواهشن ۾ ڦاسي پاڻ کي مالڪ کان غافل رکيو، ته پوءِ هو هن انساني جامي ڇڏڻ کان پوءِ، وري به وڃي طرحين طرحين جانورن جي جسم ۾ جوڻ (جنم) وٺندو ۽ مالڪ جي ميلاپ کان وانجهجي پٽڪندو ۽ رلندو وتندو. مثال:

1- مالک جنم امول، ڪنهن پاتو پورن پن تي،
سوپيو ساگر جي پيٽ ۾ ويڙهي ڪرم رول،
’سامي‘ سنجن سان ملي لهي آنم ڏن اڏول،
هر هر اهڙو تول، هٿ ۾ ايندءِ ڪينڪي.

2- ورلي ڪنهن قدر، جاتو مالک ديهه جو،
اچي مليو اوچتو، جنهن کي غيبي گر،
تنهن متايس من جي، سامي سڀ هر ڪر،
هر ڏسي حاضر، چيتي ۽ ڪنچر ۾.

3- ڪنهن گرمک لڌو گيات سان اليئي گهاٽ گهڙي،
اچي ڪين ڦري؛ سو جنم، مرڻ جي ڏک ۾.

4- ڪنهن ورلي کي آهي، قدر مالک ديهه جو،
ڏنو جنهن گر نيات سان منهن مڙهي پائي.

## پنج ڀوت:

سيني درويشن شاعرن ’نفس اماره‘ (گناهن ڏي ڇڪيندڙ من) جو پنهنجي ڪلام ۾ چڱيءَ طرح ذڪر ڪيو آهي. مگر سامي صاحب انهيءَ ”نفس اماره“ کي ”من مواس“ (مستانو من) سڏي ان جي پنجن خاصيتن کي ’پنج ڀوت‘ سڏي ٿو ۽ انهن پنجن ڀوتن کي مات ڪرڻ ۾ ئي ’دائمي نجات‘ يا نرياڻ پد حاصل ڪرڻ جي اميد ڏيکاري ٿو. انهن پنجن ڀوتن کي ناس ڪرڻ جو بار بار تاڪيد ڪري ٿو. مثال:

جاڳي جنهن جوڌي، جيتيو من مراس کي؛
1- ڪڍيو تنهن ڪليت جو لشڪر سڀ لوڌي؛
سامي لاٿائين لک ۾ پنج ئي پر ٻوڌي،
وينو گهر سوڌي، ساکي ٿي سنسار جو.

### 9- دوست جو ديرو تنهنجي اندر ۾ آهي:

1 - الک پرک آئي ديرو کيو ديهہ ۾؛
سامي پنهنجي گهر جي ڪنهن کي سڌ ڪانهي؛
ورلي ڪنهن صحي کيو درد وند داني؛
پرچي پرواني، سڄاتو جوت کي.

### 10- سچن عاشقن جو احوال:

1 - پرين بي پرواه قيمون ڪن ڪنن کي؛
سامي سر صدقي ڪري، عاشق ڪڍن نہ آهہ،
پل پل پين پريم رس، اندر ۾ اسگاه؛
سلڻ ناهہ صلاح، متان چلي چول چلا ڪري.

2 - عاشق سي چئجن، سي سوري سهن سر تي؛
پنهنجي هٿين پنهنجي لاهي کل ڏين؛
جيئڻ ۽ مرڻ جو سنسو شوڪ نہ ڪن؛
سدا غرق رهن، سامي ساز سروپ ۾.

مٿين مضمون کان سواءِ پيا بہ ڪيترائي صوفيانہ خيال ۽ روحاني رمزون سامي صاحب جي ڪلام ۾ سمايل آهن. جهڙوڪ سڀ مذهب ۽ متا ساڳئي مقصد ڏانهن وات ڏيکارين ٿا؛ روح غيرفاني شيءِ آهي؛ دل دوست کي ڏجي ۽ بدن سان دنيا سازي فرض ادا ڪجن؛ عشق جو راز دل ۾ سانڍڻ گهرجي؛ دنيا فاني ۽ ڪوڙو ڏيک آهي، مرشد جي فرمانبرداري ۽ درويش جي صحبت جو تاڪيد. سامي صاحب جي ڪلام ۾ ناصحانو ۽ اخلاقي مضمون بہ گهڻي انداز ۾ ڪتب آيل آهي؛ جهڙوڪ: نهٺائي ۽ سادگي؛ ڪايا، مايا ۽ ڪل تي فخر نہ ڪرڻ؛ صبر، تحمل، قناعت، نڪي ۽ مڪر کان پاسو ڪرڻ وغيره.

ڪٿي ڪٿ سامي صاحب بہ اهڙيون ئي روحاني ڳجهارتون ڏنيون آهن، جهڙيون شاھ ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ آهن. مثال:

1 - سامي کهر گهر، تنهن ۾ کهر اگهر ٿئي؛
من پڌ[1]، واٽيءَ[2] ڪون پري اندرين[3] اگوچر[4].

2 - مارڳ[5] چورائي، پيو پانڌيڙو پنڌ ۾،
سامي چڙهيو سير تي[6] ساگر سڪائي؛
وينو وانجهي[7] پتر سان ستـه[8] نئون لائي؛
بنان مک ڪائي امرت[9] ڦل آڪاس[10] جا.

3 - عجائب اسرار، غيبي ڏنو گيان سان،
اوديا[11] تي عاشق ٿيو، سامي سنڌ جو پار؛
جنهنجو روپ نہ رنگ نڪو انگ آڪار؛
سپني ۾ سنسار، رچي مچي نت رين[12] ۾.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ ڪي ڏوهيڙا ٻين فقيرن جا بہ گڏ وچڙ آهن، جن ۾ انهن فقيرن جا نالا پيل آهن، تنهن ڪانسواءِ ساميءَ جي سلوڪن جي طرز عبارت ۽ انهن ڏوهيڙن جي طرز عبارت ۾ گهڻو فرق آهي.

جهڙوڪ: سلوڪ نمبر 299 کان 304 تائين لاڳيتا ڇهہ ڏوهيڙا عنايت شاه جا آهن، تنهن کان سواءِ موهن، مينگهو ۽ دادو فقيرن جي نالي وارا ڏوهيڙا بہ گڏيل آهن.

## نظم جو نمونو:

سامي صاحب جا سلوڪ باقاعدي ڏوهيڙا آهن. سلوڪ جي ٽنهي جلدن ۾ ٻن مصرعن وارو ڏوهيڙو ڪو ورلي ڪم آيل آهي نہ تہ سڀ ٽن چئن مصرعن وارا ڏوهيڙا ڪم آيل آهن. چئن مصرعن کان وڌيڪ مصرعون بہ ڪنهن ڏوهيڙي ۾ ڪم آيل نہ آهن.

جئن ڀٽائي صاحب، گرهوڙي صاحب، سچل فقير وغيره جي ڪن ڪن ڏوهيڙن جون ماترائون قرآن شريف جي آيتن، حديثن ۽ مقالن ڳنڍجڻ ڪري مقرر تعداد کان وڌي وڃن ٿيون، تئن سامي صاحب جي ڪنهن بہ

1- سمجهہ 2- گفتو 3- حواس 4- غيرمحسوس 5- رستو 6- سمنڊ 7- سنڌ زال جو پٽ 8- ازخود. سولائيءَ سان 9- آب حيات وارا ميوا 10- آسمان 11- جهالت، بي علمي 12- رات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ازانسواءِ ڪامل، ملڪ، مالڪ، ثابوت، سبق، حافظ، احمق، اشارو، طبق، عين عشق، ورق، واقف، مرشد، مريد ۽ خاص وغيره عربي لفظ بہ سامي صاحب جي ڪلام ۾ ڪم آيل آهن.

3- ڪيترا عربي ۽ فارسي لفظ بہ سامي صاحب اهڙن غلط اچارن ۾ بہ ڪم آندا آهن، جهڙا غلط اچارن ۾ اڻ پڙهيل هندو ماڻهو عام طرح اهي ڪم آڻيندا آهن. سامي صاحب "غلط العام صحيح" جي غلط تلفظ ۾ ڪم آندا آهن. يا قافيہ ۽ تجنيس حرفي جي پورائي لاءِ اهڙا غلط تلفظ يا اچار ڪم آندا اٿس. ڪي مثال ڏجن ٿا:-

(1) "ڪوجي[1]" لڏو "ڪوج[2]" پرچي پريم نگر جو،
پڏائين "بانيڻ" چوي تنهن ۾ سهنج "سروج[3]،"
هردي منجهہ "هروج[4]"، دوستن ڪري دوست جو.

(شلوڪ 367)

(2) منيائون محبوب جي سامي سڀ "رجا[5]"
ڪوڙي "ڪاموشي[6]" ۾ وينا ڏيان ڏجا،
ملي ڪن "مجا[7]،" سنه ستہ سروپ سان.

(شلوڪ 504)

4- ڪٿي ڪٿي سامي صاحب اهڙي صاف ۽ سٺي سنڌي بہ ڪم آندي آهي، جهڙي شاه ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ ڪم آيل آهي.

1 - جنهنکي نينهن نرم، موڙي ڪيو مرم سان،
متيو تنهن جي من مان پولائو پرم،
ليءِ ڏنائيون لڪ ۾ "سامي" سڀ عالم،
دوس ورائي دم، خالي ڪٽي ڪونڪو.

2 - اٿئي مهانگو، "سامي" سودو پريم جو،
جي توکي خواهش خريد جي تہ ست سر هو سانگهو
پرچي پاءِ گچيءَ ۾ گلا جو گانگهو،
لنگهي ٻؤ لانگهو، تہ مطلب ٿيئي من جو.

1- خوضي. 2- خوض. 3- سرود. 4- هرروز. 5- رضا. 6- خاموشي. 7- مزا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3 - اڪين منجهه اوطاق، آهي يار مجيب جي،
سدا پسن سڪ سان محبتي مشتاق،
جي جيئندي ٿيا جڳ ڪون، "ٻانيڻ" چئي ٻي باڪ
خلوتين جي خاڪ، لائي وينا لعل ٿي.

**عبارت:**

عبارت جو سينگار ۽ فصاحت بلاغت جي اسباب بہ نسبت سامي صاحب جو ڪلام بلڪل عمدو آهي. رواجي پهاڪا شاه ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ جيتري قدر سمايل آهن، اوتري قدر سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام ۾ نہ آهن. باقي سهڻا سهڻا ۽ روزمره جي گفتگو ۾ ڪم ايندڙ "اصطلاح" سامي صاحب جي ڪلام ۾ بيشمار آهن. "تشبيهون" ۽ "استعارا" بہ بلڪل عجيب عجيب ۽ دلچسپ ڪم آيل آهن. لفظ ۽ معنوي صنعتن جو خاصو انداز سامي صاحب جي ڪلام ۾ سمايل آهي. اسين هت نموني خاطر ٿورا مثال پيش ڪريون ٿا:-

1 - جنهنڪي "پريم پٽي"، سامي "پاڙهي" ست گروءَ،
وينو "ڪيپ ڪتي"، سچ، وسنئن جي وچ ۾.
2 - تنهنجي مهر ميا سان "لنءَ لنءَ" سڀ ناري؛
"تار منجهان تاري، ڏيئي هٿ همت جا.
3 - "ٻانيڻ جنهن "ٻڌو" لنو سان "لڪ" ڇل ڪري،
ڳـٽي ڪين اندر ۾." ڪوسو" ۽ "ٿڌو"؛
4 - سيڙِن ٻيڃاڳن جا ڏسي "نيڻ نريا"؛
5 - "سامي اڻ گهريو" نت "گهات گهڙي" آڪاس ۾.

(1) "پريم پٽي پاڙهڻ" = عشق جي ذات بخشڻ (2) ڪيپ ڪتڻ = سوپارو ٿيئڻ (3) لنءَ لنءَ ناري = تمام خوش ڪرڻ (4) تار منجهان تارڻ = سخت ڏک کان ڇڏائڻ (5) همت جا هٿ ڏيڻ = همٿائڻ (6) لڪ (سندرو) ڇڪي ٻڌڻ = تيار ٿيئڻ (7) ڪوسو ٿڌو نہ ڳڻڻ = ڏک ۽ سک جو خيال نہ ڪرڻ (8) نيڻ نرڻ = ٻڍل تمام خوش ٿيئڻ (9) اڻ گهڙيا گهات گهڙڻ = بيهودا ويچار ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تشبيھون:**

1- رهن منجهہ جهان سدا اليپ ”ڪنول جان“.

”ڪنول“ يا ڪوٽيءَ جو گل تار پاڻيءَ واري ڍنڍ ۾ ٿيندو آهي. ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ ڪيترو بہ چاڙهو ٿيندو، تہ بہ ڪنول گل پاڻيءَ کان ”اليپ“ مٿيرو بينل نظر ايندو آهي. خداشناس انسان دنيا جي ڪيڏي بہ گهمسان ۾ هوندا، تہ بہ دنيا جي خرابين کان هو اڻين اليپ رهندا، جيئن ڪنول گل تار پاڻيءَ ۾ هوندي بہ پاڻيءَ کان الڳ رهي ٿو.

سامي صاحب اها نج ديسي ۽ عمدي تشبيهہ ڪم آندي آهي.

2- ساڌو سنگ ويو، وديا سنسو جيءَ جو.

جئن ”رنگيءَ ڪيٽ“ کي جوڙي ”پڙنگ“ ڪيو. چئبو آهي، سا گهرن جي پٺين يا ڇتين ۾ مٽيءَ جو گهر ٺاهيندي آهي ۽ ”ڪيٽ“ (ڪنئون) آڻي ان عجيب گهر ۾ وجهندي آهي. ڪجهہ وقت اهو ”ڪيٽ“ (ڪنئون) گهونگهٽي جي پرورش هيٺ رهڻ کان پوءِ فطرتي طرح ڇيلاتو بڻجي، انهيءَ ننيڍڙي گهر مان اڏامي نڪرندو آهي. ساڌوءَ جي سنگت جي اثر ڪري چيلي (مريد) جي اندر مان اوديا (جهالت) جو اجايو خيال منجي وڃي ٿو ۽ هو بہ ساڌو بڻجي پوي ٿو. انهيءَ تبديل کي پڙنگي جي پرورش ڪيٽ جي حالت ۾ تبديل ٿيڻ جي تشبيهہ ڏني وئي آهي، جا نج ديسي ۽ اعليٰ درجي جي فطرتي تشبيهہ آهي.

پنهنجي پوک سنيار، پراڻي ”پيهي تي چڙهي،
”ڪميا ڪانياڻي“ سان ڪڍي ڪلپت جهار،
ڏيئي واڙ ويساه جي، تن سامي پرم نروار،
تان ڪٽي بيحد پار انيئي ڪٽ ”اناج“ جو.

(ش 116)

”سلوڪ يا جڳت“ (فقيري حالت) کي ”پوک“ ”من يا دل“ کي ”پراڻو پيهو“، ۽ ”نجات يا مڪتي“ کي ”اناج“ سڏيو ويو آهي، اهي ٽيئي عمدا استعارا آهن. ”پراڻي پيهي تي چڙهڻ“ جي معنيٰ ڪنايہ طرح آهي ”من“ کي مطيع ڪرڻ.

”ڪـمـيـا“ (حلم) کي ڪـانـيـاٽـيءَ“ سـان ”ڪلپت“ (اجـايا خـيـال) ”جـهار“ (پوک زيان ڪندڙ پکين) سـان ۽ ويسـاه (يقين)“ کي ”واڙ (لوڙهي) سان تشبيهه ڏنل آهي.

## روحل فقير

هي بزرگ صوفي شاعر ڪلهوڙن جي وقت ۾ گذاريندو هو ۽ ڪجهه وقت سرڪاري ملازم به هو. سندس اصل وطن ٿرپارڪر ضلع ۾ هو جتان پوءِ لڏي اچي خيرپور رياست ۾ ڪنڊڙي شهر ۾ گذارڻ لڳو.

روحل فقير پارسيءَ ۽ عربيءَ کان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ هندي ٻوليءَ ۾ چڱي دسترس حاصل ڪئي هئائين. جوڌپور رياست ۾ جوڳي فقيرن سان چڱيون رهاڻيون ڪيون هئائين. جنهنڪري هنديءَ ۾ ڪيترائي ڏوهيڙا چيا اٿس جي هڪڙي پستڪ جي صورت ۾ آهن جن جي ڀاڱن کي جدا جدا نالا ڏنل آهن: مثلاً من پڙلود- پريم گيان ۽ انيو: اهي هندي دهرا ڪيئن گڏ ٿيا ۽ ڪنهن گڏ ڪيا تنهن جي لاءِ ڪيتريون ئي مشڪوڪ ڏند ڪٿائون ٻڌجن ٿيون ۽ انهن هندي دهرن ۾ ڪهڙا ڪيترا دهرا خاص روحل جا آهن اها ڳالهه به اجا تحقيقات طلب آهي.

### روحل فقير جي دوهي جو هڪ مثال

جنم جنم ڪا دکهه متا ار جنم ڪو باپ
سب تن پاون هو رهيا جب درسيو آتم باپ.

روحل سرائڪيءَ ۾ گهٽوئي شعر چيو آهي ۽ سندس سي حرفيءَ مان هڪ حرف (ث) جو مثال ڏجي ٿو:

”ث“ ثابت ڪر الـتـر جـامي جي تون عـاشق ٿـيـوين،
شوق شراب رندان دي مجلس پليل ديوچ پيوين.

سنڌي ۾ فقير صاحب چڱو پختو ڪلام چيو آهي. جو تمام مقبول آهي. سندس شعر ”وحدت نامه“ تصور جي نڪتن سان مالال مال آهي. روحل جي ڪيترن بيتن مان شاه وارو رس حاصل ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### وحدت نامہ مان ڪي بيت

پڙهڻ پرجهڻ پاڻ ۾ وڏو فرق ڦير.
ڪاڏي منهن محبوب جو ڪاڏي اکر اير.
ساڻ سهائيءَ سچ جي موافق ٿيندو مير.
جن صحيح سڃاتو پير روحل رات تن ڪي.
جن ڪي عشق اندر ۾ تن ڪي اڄ نہ ٻڪ
وحدت منجهہ وصال جي ٿا سدا ماڻن سک
ڏور تنهين تون ڏک جي روحل رتا روح ۾.

## دلپت صوفي

دلپتراءِ حيدرآباد جو هڪ مشهور صوفي ٿي گذريو آهي. سندن اصل وطن سيوهڻ هو ۽ پوءِ سانگي سان ميرن جي حڪومت ۾ حيدرآباد ۾ پنهنجي گروءَ ٻائي آسرداس وٽ اچي رهيو. درگاه جهوڪ شريف جو خاص معتقد هو، تنهنڪري سال بسال اتي ڪيترا مهينا وڃي گذاريندو هو. پارسي ۽ سنسڪرت ٻولين مان چڱي طرح واقف هو. جهوڪ ۾ رهڻ ڪري شاه ڀٽائيءَ جي ڪلام جو اثر مٿس گهڻو پوڻ لڳو ۽ پاڻ بہ سنڌي بيت چوڻ لڳو. سندس سنڌي ڪلام پروفيسر ٺڪر 1038 ۾ ڇاپائي پڌرو ڪيو آهي. دلپت هنديءَ ۾ ڪيترو ڪلام چيو آهي جو اڃا ڇاپيو نہ آهي، مگر اهو ڪلام حيدرآباد جي مشهور آسرداس واري ٽڪاڻي ۾ محفوظ آهي. دلپت صوفيءَ جو ڪلام سوز وارو ۽ ناصحانہ آهي ۽ سندس عبارت پختي ۽ عام فهم آهي.

1 – پيهي وچ پاڻ ۾ ڳڄي ڳڄي پنهنجو پاڻ
ڏيئي آديسي الک جو اندر ۾ اهڃاڻ
جا ڪي رلين روهن ۾ نانگا ناٿن ڪاڻ
پري ڳولڻ پرينءَ ڪي اهو جتن سندو ڄاڻ
آهي سائين توئي ساڻ، 'دلپت' دائم دل ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2 - جن ترڪ ڪيو طمع کي سنياسي سيئي
ڇڏي هليا نعمتون قيمتي ڪيئي
ويراڳين وجود مون واشنا ويئي
تن پاڻ پڇي پانهنجو رانول دل ريهي
گهڙي ويا گهٽ ۾ جفا جيءَ ڏيئي
دلپت ڏنائون الک کي پاڻ ۾ پيهي
سي نانگا سڀ نيهي، ناٿ نوازيا نينهن سان.

3 - اوڍي لباس لڱن تي ڪيئے زالن جهڙو زيب
مايا ميڙي مهنت ٿئين ڪري فند فريب
ڇل ڪيو تو موڳا موهين رانول ڪري ريب
مايا ڪارڻ پاڻ بچايئے عالم ڏيئي آسيب
ڪڍ ڪاپڙي قلوب مون کوٽا خام خريب
وٺي وات گروءَ کون ٿيءُ ڳڻن ۾ غيب
تان علعون ۽ عيب آديسي وڃن اندر جا.

4 - جي اٿئي پياس پرينءَ جي تان سر سنباهي هل
پئي محبت مچ ۾ جانب لئے تون جل
سڪ سوز پرين جو سڏڙين کي نہ سل
جئن جئن واڇين ورق تون تئن تئن پوي ول
ٻٽي ڪين ولهي ايهو هاسيءَ جهڙو هل
پهے لڳي پڙهين جي پوري هڏ نہ پل
هوت اٿيئي هنج ۾ ناحق روهہ نہ رل
چڙهہ نيزي نينهن جي تان ويجهو ٿيئي وصل
’دلپت‘ عشق اصل، ملي سودي سر جي.

5 - نڪو محبت جهڙو مامرو نڪو سڪڻ جهڙو سور
سازي وڏو ساه کي پل پل پرين پور
چيري چچري چت کي چشمن ڪيو چور
دوست منهنجي دل کون شال نہ ٿئي دور
”دليت“ هنئين حضور، شال سدا هووي سپرين.

6 - اٿـــيـــئي نازڪ ناتو نينهن جـــو ادب ۾ ٿي آءُ
مـــحـــبـت جي مـــيـــدان ۾ پيـــر پخـــتـــو پاءِ
اتي نـاهي ســـــڌڙين جي ڪـائي جنبڻ جـــاءِ
عــــــشق آتش مچ ۾ اپـــــو پاڻ پچــــاءِ
تا رچي ايندين ريهـ ســان برهه باهه منجـهـاءِ
مـــــڙڻ آهي مـــــهــــــڻـــو مــــرڻ مــــر اداءِ
سڪ نـہ آهي ســـتـــري جــان لاتيءَ تان نبـاهہ
ثابت سـر سنبـاهـ، ”دلپت“ اڱـيـون دوست جي.

7 - جي اٿـيـئي سڪ پرينءَ جي تان ڏي سنبـاهي سـر
ســـــڪـڻ ۾ ســـورن جي ڪـــڻـج سـاڻ ســمـــر
ڪس ڪاتيءَ ڪلال جي ڪٽي ڪاريهر جان ڪر
ڏي ســـر ست ۾ گـــهـــايل گـــهـــار م گـــهـــر
”دلپت“ پڪـيءَ پر، پـني ڪـنـدي پيــــڙ جي.

8 - جي اٿـــئي سڪ ســري جي تان طمع ڇــڏ تمام
ويراڳ وســاءِ وجـــود ۾ ڪـر ڪيني ڪي قـــتـــلام
ڪوري ڪڍ قلوب مـــون خـــيـــال خـــارج خــام
پيءُ هٿـون حـبـيبن جي ذوق منجـهــون پر جـام
ڪــافــي ورهـــيـــــ جـــي وڍ دوئـــي ســـنـــدوم دام
تان مــعلوم ٿـــئي من ۾ مــحـــبــوباٽي مـــام
”دلپت“ لهـــئي مــلام، ڇـــمڻ مـــرڻ جيءَ جي.

9 - اندر جـــهــــڙو زور وهي ٻاهر مـــينگهـــ مـــلار
”دلپت“ ٻاجـــهـــون دوست جي اڇي ڪين قـــرار
جنهن وٽ ناهي يار، سي ڪيئن اتڪائين اکيون.

10 - ڪن ڪعــبـــو مک مـــســـيت من مــلان ايمان
مـــتـــو مـــڪـــو حـــاجي هنيـــو قـــاضي قلب قــرآن
نـئن نـبي نـــڪ قـــبـــر ذاڪـــر آهـــي زبـان
هٿ حـضــرت پـانءُ پيـغـمـبـر امت انگ عـيـان
سچ سنت دي نفس نصيحت غـيرون ڇـاڏ گـمـان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رضا رياضت رنج نہ ڪسنون ڪل صحيح شهہ مان
اندر ٻاهر ايڪـو ظاهر صـاحب ايڪ سـبـحـان
حق جان جـهان، جامـان "دلپت" صحيح سڄانُ.

هينئين بزرگن جو سنڌي ڪلام بلڪل ٿورو آهي ۽ اها ڳالهہ بہ شڪي آهي تہ جيڪو ڪلام سندن نالن سان منسوب ٿيل آهي، سو حقيقت ۾ سندن ڪلام آهي يا ٻين بزرگن جو.

(1) شاه عنايت صوفي جهوڪ وارو - 1655-1656ع

(2) عثمان احساني ڀاڳ ناڙيءَ وارو جو پوءِ اڇي لڪي ۾ رهيو 1640ع.

(3) شاه عنايت رضوي- شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو همعصر هو. سندس ڪلام شاه صاحب جي ڪلام سان خلط ملط ٿي ويو آهي ۽ خبر نہ ٿي پوي تہ ڀٽائيءَ جو ڪلام ڪهڙو ۽ عنايت جو ڪهڙو. سندس حياتيءَ جو مفصل ذڪر بہ ڪٿان دستياب نہ ٿيو آهي، باقي سندس مقبرو نصرپور ضلع حيدرآباد ۾ آهي، جتي ڪيترائي ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن.

(4) خواجہ محمد زمان- 1713ع ۾ سندن ولادت ٿي. صديقي خاندان مان هئا. سندن بزرگ ٺٽي ۾ رهندا هئا. جتان لڏي لنواريءَ ۾ اچي ساڪن ٿيا. شاه ڀٽائي سندن زيارت لاءِ لنواريءَ ۾ ويا هئا ۽ اتي سندن عظمت جو اعتراف ڪيو هئائون. سندن سنڌي ڪلام بلڪل ٿورو آهي جنهنجي عبارت ۽ مضمون شاه جي ڪلام جهڙو آهي. سندن سنڌي ڪلام 85 بيتن ۾ محدود ٿيل آهي. سندن وفات 1774ع ۾ ٿي.

## متفرق تصنيفات

(1) ڪتاب شمائل نبوي:

مولوي عبدالسلام جو لکيل آهي. عربيءَ مان سنڌي ۾ ترجمو ٿيل آهي. تصنيف جو سال1197 هجري آهي. ڪتاب ۾ حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي صورت ۽ سيرت جو تفصيل وار احوال ڏنل آهي. ڪتاب وڏيءَ تختيءَ تي ليٿو ۾ 296 صفحن ۾ لکيل آهي. سڄو ڪتاب ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ "آ" قافيہ واري شعر ۾ آهي. سندس ٻولي لاڙي آهي. صورت خطي بہ انهيءَ جهوني زماني جي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) تفسير هاشمي پاره عم:

هي قرآن شريف جو تفسير مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو آهي، جو ابوالحسن واري شعر ۾ لکيل آهي. ڪتاب جا صفحا 503 آهن.

(3) تفسير سوره يوسف:

هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي. مخدوم عبدالله اهو ساڳيوئي آهي، جو ڪنزالعبرت، قمرالمنير، بدرالمنير وغيره سنڌي منظوم ڪتابن جو مصنف آهي. هي تفسير اجان دستخط صورت ۾ آهي ۽ ميان ابوالحسن جي شعر ۾ آهي.

(4) تفسير پاره عم:

مولوي مهرو ولد سرهو ولد موٺيو وينل پراڻ نالي عالم سڳوري هي ڪتاب سنہ 1206 هجري مطابق 1791ع ۾ تيار ڪيو. مولوي مهرو صاحب بابت وڌيڪ احوال ملي نٿو سگهي، پر ايتري پڪ آهي تہ هو لاڙ جو وينل ۽ ٺٽي جي ڪنهن عالم وٽ پڙهيو هو. ڇاڪاڻ جو تفسير ۾ سنديس ٻولي اها آهي جا مخدوم محمد هاشم ۽ ٺٽي جي ٻين عالمن ڪم آندي آهي. قرآن شريف جي سمجهاڻي مولوي ابوالحسن جي سنڌي شعر ۾ بلڪل وضاحت سان ڏني اٿس. ڪتاب جا صفحا 574 آهن ۽ ليٿو ۾ ڇاپيل آهي.

(5) حصص الاموال و بخل الاموال.

مولوي علي اڪبر صاحب سنڌي نظم حصص الاموال و بخل الاموال نالي ڪتاب هجري 1162 مطابق 1798ع ۾ ناهيو آهي. مولوي صاحب ڪٿي جو وينل هو، سا خبر پئجي نہ ٿي سگهجي. ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ ”زڪوات“ جا شرط ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. جدا جدا قسم جي ملڪيت تي ڪهڙي حساب ڇڳيءَ طرح سمجهايل آهي ۽ ٻجاڙيءَ ۾ ”فطره“ جا شرط ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. بخل الاموال واري ڀاڱي ۾ ”زڪوات“ ۽ ٻي ”خيرات“ نہ ڏيندڙ جي باب ۾ جيڪي قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثون آهن، سي ڏيئي هدايت ڪري ٿو، تہ بخل يا ڪنجوسائي بلڪل نہ ڪرڻ گهرجي. هن ڪتاب ۾ ڪل چوهٺ صفحا آهن. ۽ ڪتاب ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ ڇاپيل آهي. سندس ڏوهيڙا باقافيہ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6) روضه الشهداءِ سنڌي:

مولوي احمد مرحوم پارسي روضه الشهداءِ تان، جو پارسي نثر ۾ ملان حسين ڪاشفيءَ جو ناهيل آهي، سنڌي ڏوهيڙن ۾ ترجمو ڪيو آهي هجري سنه 1172 مطابق سنه 1798ع ۾. هي ڪتاب ابوالحسن جي سنڌي ۾ ۽ سادن ڏوهيڙن ۾ نهيل آهي. ڪتاب ۾ ڪل ڇهه سؤ ٽيتاليهه صفحا آهن. هن ڪتاب ۾ امام حسن ۽ حضرت امام حسين سڳورن جي مبارڪ زندگي جو احوال ۽ سندن مفصل ذڪر لکيل آهي.

(7) ڪتاب هدايت المريدين:

مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو پوٽو ۽ مخدوم عبداللطيف جو فرزند هو. مخدوم محمد ابراهيم صاحب هجري سنه 1206 مطابق 1791ع ۾ ڪتاب هدايت المريدين لکيو هو. هن ڪتاب ۾ ڇاونجاه صفحا آهن. مريد کي مرشد جي فرمانبرداري ۾ ڪيتري قدر رهڻ گهرجي، قلب جو ذڪر ڪئن حاصل ڪجي، نفي ۽ اثبات جي سمجهاڻي، نقشبندي طريقي جو سلسلو ۽ خود مصنف جي مرشدن جو سلسلو هن ڪتاب ۾ سمجهايل آهي. ڪتاب ابوالحسن واريءَ سنڌي ۾ ڇاپيل آهي ۽ سڄو ڪتاب فرائض الاسلام ڪتاب وانگر پڪو ڏوهيڙو نه آهي، پر منجهس جدا جدا قافين وارا ڏوهيڙا پيل آهن.

(8) حڪايت الصالحين:

مولوي ولي محمد مرحوم عربي ڪتاب حڪايت الصالحين سنڌي ڏوهيڙن ۾ هي ڪتاب هجري سنه 1220 برابر 1804ع ۾ لکيو هو. هن ڪتاب ۾ ويهه باب ۽ 578 صفحا آهن. هي هڪڙو اخلاقي ۽ روحاني تعليم جو مجموعه آهي، جنهن ۾ اڳين نبين، حضرت نبي ڪريم عليه الصلوات والسلام جن جي زماني، اصحابن سڳورن ۽ اوليائن جا نقل ۽ هدايتون ڏنل آهن. خوف خدا، حلال ڪمائي، زهد رياضت، ذڪر فڪر، طاقت ۽ عبادت، خدمت خلق، وغيره اعمالن ۽ اخلاقن جا زنده مثال سمجهايل آهن. هي ڪتاب اڳي عالم سڳورا وعظ طرح جماعتن جي اڳيان پڙهندا هئا ۽ مڪتبن ۾ درسي ڪتاب طرح پاڙهيو ويندو هو.

**پورو ٿيو**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڳو ٻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ادب جي پهرئين دور تي سرسري نظر

سنڌي ادب جو پهريون دور، جنهنجو بيان "سنڌ جي ادبي تاريخ" جلد پهرئين ۾ ڏنو ويو آهي، تنهن ۾ نظم، ابوالحسن جي سنڌيءَ تحت لفظي ترجمو آهي. سڀ کنهن ٻوليءَ جو ادب مذهبي لٽريچر کان ئي شروع ٿيندو آهي، تنهنڪري سنڌي ادب جي پهرئين دور جو به مذهبي لٽريچر کان شروع ٿيڻ فطرتي ڳالهه آهي. مذهبي لٽريچر سان گڏ انهيءَ دور جي خدا پرست بزرگن جو نج توڙي مجاز جي لباس ۾ ڍڪيل صوفيانو ڪلام خاصي مقدار ۾ اچي چڪو آهي.

قاضي قاضن، شاهه ڪريم، شاه ينائي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، سچل فقير، خليفه حاجي عبدالله، فقير محمد صديق (صادق)، فتح فقير، سيد ميان خير شاه ۽ سامي، اهي نج توڙي مجاز گڏيل صوفيانه لٽريچر جا ابا هئا. ميان ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم، مولوي عبدالخالق، مخدوم عبدالرئوف ڀٽي، مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي، مخدوم محمد حسين، سيد ثابت علي شاهه ۽ ميان محمد سرفراز ڪلهوڙو اهي مذهبي لٽريچر جا باني مباني هئا. "سنڌ جي ادبي تاريخ" جي پهرئين جلد ۾ انهيءَ سموري لٽريچر جي چنڊڇاڻ ادبي نقطه نگاه سان ڪئي ويئي آهي. پر نه مذهبي نقطه نظر سان.

انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻولي جي صورت خطي مقرر ٿيل ڪانه هئي، تنهنڪري سنڌي لٽريچر عربي ۽ پارسي صورت خطيءَ ۾ لکيو ويندو هو، جي ٻئي صورت خطيون خاص خاص سنڌي اچار ڏيکاريندڙ اکرن کي پاڻ ۾ سمائي نٿي سگهيون. تنهن هوندي به اوائلي لٽريچر جي جيڪا حفاظت انهن ٻنهي صورت خطين بجاءِ آندي آهي، سا شڪر گذاريءَ جي نظر سان ڏسڻ جي لائق آهي.

(سنڌي ادب جو پهريون دور سنه 1521ع کان سنه 1843ع تائين ليکيو ويو آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ادب جو نئون دور
# 1843ع کان 1875ع تائين

1843ع ۾ انگريز سرڪار سنڌ فتح ڪئي. تنهن ڪان پوءِ سنڌي ادب جو نئون دور شروع ٿيو.

**ارغون** گهراڻي جي حڪومت (1521) کان وٺي انگريز سرڪار جي حڪومت جي اوائلي زماني تائين، سنڌ جو سرڪاري دفتر پارسي ٻولي ۾ رکيو ويو ٿي، ۽ مسلمان حاڪمن کي مذهبي تعليم تي به خاص نظر هئي. تنهنڪري عالم سڳورا پنهنجن مڪتبن ۾ فقط عربي ۽ پارسي ٻولين جي تعليم ڏيندا هئا. مسلمانن سان گڏ خاص طبقي جا هندو به مڪتبن ۾ خوشيءَ سان عربي ۽ پارسي جي تعليم وٺندا هئا. مسلمانن کي انهيءَ تعليم مان جهڙو مذهبي روح حاصل ٿيندو هو، تهڙو اخلاقي فائدو ۽ زماني جي عزت نصيب ٿيندي هئي، ۽ هندن کي اخلاق جي حاصلات سان گڏ سرڪاري دفترن ۾ عزت ڀريون نوڪريون حاصل ٿينديون هيون. انهن ڏينهن جو هي پهاڪو مشهور آهي ته:

"پارسي گهوڙي چاڙهسي"

يعني پارسي ٻولي ضرور گهوڙي تي سوار ڪندي (وڏو عهدو بخشيندي)"

انگريز سرڪار سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ به ڪجھ وقت تائين سنڌ جو سرڪاري دفتر پارسي ٻوليءَ ۾ قائم رکيو. تنهن ڪري ميرن جي صاحبيءَ وارن عربي پارسي سيکاريندڙن مڪتبن ۾ به پارسي تعليم ملندي هئي. ديوان نند يرام ميراڻي پنهنجي ڪتاب "سيکائتو نروار" ۾ لکي ٿو، ته "سنڌ ڏيه جي ٽن ضلعن يعني ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ هيلوڪي يعني ارڙهن سو ڇاونجاه عيسوي ورهه جي شروع ۾ اٽڪل هڪ سئو پنجاه فارسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين دور جي پهرئين پاڳي واري سنڌي ادب وڏائڻ ۽ اُسرائڻ ۾ کهڙن سنڌي بزرگن، يوروپي عالمن ۽ مرهٽن علم دوستن خاص ڀهرو ورتو ۽ کهڙا کهڙا ڪتاب شايع ٿيا. تن جي مفصل بيان ڏيڻ کان اڳ هيءَ ڳالهه ظاهر ڪرڻ ضروري آهي ته انهيءَ دور جي لٽريچر ۾ کهڙي نموني جي صورتخطي ڪم ايندي هئي، ۽ ان وقت جا هندو ۽ مسلمان نثر نويس کهڙي عبارت پنهنجي تصنيفات ۾ ڪتب آڻيندا هئا.

## 1- صورت خطي

برٽش سرڪار جي ڪوشش سان سنڌي آئيوٽا يعني "الف بي" سنه 1851ع ۾ مقرر ٿي، جنهن ڪري عربي ۽ پارسي ڄاڻندڙ اهل قلم جدا جدا مضمونن وارا سنڌي ڪتاب صحيح سنڌي آئيوٽا ۾ لکيو سگهندا هئا. پر لفظن جي صحيح تلفظ ڏيکارڻ لاءِ عربي صورت خطيءَ واريون سڀ اعرابون (زير، زبر، پيش، شد، جزم ۽ مد) ڪم آڻيندا هئا. تنهن کان سواءِ "نون غنه" وارن ڇوٽن خواه ڏگهن آوازن ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻه زبرون، ٻه زيرون يا ٻه پيش ڪتب ايندا هئا. مطلب ته آئيوٽا جي درست اڪرن ڌاران ٻي سموري صورتخطي اها ساڳي ڪم ايندي هئي، جا پهرئين دور واري سنڌي ادب ۾ ان وقت جي عالمن ڪم آندي آهي. نئين دور جي شروعات وارن سرڪاري درسي ڪتابن توڙي عام واقفيت ۽ وندر جي ڪتابن مان ڪي جنسي ٽڪر هيٺ ڏجن ٿا، جن مان نئين دور جي سنڌي لٽريچر جي صورتخطيءَ جو نمونو چڱيءَ طرح روشن ٿيندو.

مثال: جڏهي سبق ياد ٿيو تڏهي پهراءِ پنهنجي هيڪجهڙي سبق واري کي ٻڌائي ۽ ان جو پڻ ٻڌي سو ڪو ته اِن کان ٻني جو سبق چڱو ياد رهندو.

(بابنامو يعني ٻاراڻو ڪتاب سبق ٻيو جملو 20) جوڙيل ڏيڻ ننديرام ميراڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڻ ئي ڪو نہ هئي، تنهنڪري گرامر جي لحاظ سان هاڻوڪن سنڌي خواندن جي حق ۾ انهيءَ عبارت ڪي سلوڻو ۽ عام فهم نہ چئي سگهبو.

مثال 1: ”چوڪرائي ۾ سکڻ جو ناڻو آهي. اُن ڪي آرس ۽ ڀل ۾ وڃائڻ نہ گهرجي، هن ڪارڻ نہ تہ ويلو ويل وري هٿ نہ ايندو (بابنامو ديوان ننديرام سبق ڇهون).

(هاڻوڪي عبارت ۾) ”ننڍپڻ سکڻ جو ناڻ آهي. سا آرس ۽ ڀل ۾ وڃائڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ جو ويل ويلو وري هٿ نہ ايندو.“

مثال 2: ”جهرڪيون ڇتين ۾ ۽ وڻن ۾ آکيرا جوڙينديون آهن تن ۾ آنا لاهينديون آهن پوءِ اهي ڦوڙينديون آهن تنمان ٻچا نڪرندا آهن سي تو ڏنا هوندا.“ (پهريون ڪتاب ديوان اڌارام سبق اوڻٽيهون)

(هاڻوڪي عبارت ۾) ”جهرڪيون گهرن جي ڇتين ۽ وڻن ۾ آکيرا جوڙي تن ۾ آنا لاهينديون آهن، پوءِ آنا ڦوڙينديون آهن، جن مان ٻچا نڪرندا آهن. اهي ٻچا تہ تو بہ ڏنا هوندا؟

مثال 3: سائين منهنجي هٿ تي قدم رنجي فرمائي شربت جو پيالو پي وڃ، فقير ٿوري ماڻي ڪان پوءِ هنجو عرض مڃي هنجي دڪان ڏانهن هليو حلوائي پهچندي ان ڪي هڪڙي گادي وڇائي ڏني ۽ ڪي ڪجهہ مٺائي رڪيبيءَ ۾ وجهي ۽ ماکيءَ جو پيالو ڀري آڻي ندر رکيائينس...“ (ٽيون ڪتاب ديوان پرڀداس اندرام سبق ايڪيهون).

(هاڻوڪي عبارت ۾)- ”سائين! قدم رنج فرمائي منهنجي هٽ تي هل ۽ اتان شربت جو پيالو پي وڃ. فقير ٿوري ماڻي ڪرڻ ڪان پوءِ انجو عرض مڃي سندس دڪان ڏانهن هليو. دڪان تي پهچڻ شرط حلوائي ان کي گادي وڇائي ڏني ۽ رڪيبيءَ ۾ ڀيل ڪجهہ مٺائي ۽ ماکيءَ جو ڀريل پيالو نذرانہ (ڀيٽا) طور آڻي اڳيان رکيائينس....“

**(ب) ٻوليءَ جي لحاظ سان:**

سنڌي ادب جي نئين دور وارن مصنفن اسڪولي درسي ڪتابن ۾ عربي آئيويتا وارن خاص اکرن مان نهيل لفظ گهٽي قدر ڪم آندا آهن، سو فقط هن ڏيان تي، تہ ٻارن کي عربي سنڌي درست صورت خطي لکڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچيءَ ڪان ئي چڱو استعمال رهي. انهيءَ مناسب ويچار سان گڏ انهن بزرگن درسي ڪتابن خواه عام واقفيت ۽ وندر جهڙن ڪتابن ۾ نج سنڌي لفظن ۽ محاورن کم آڻڻ ۾ بہ نهايت عمدي ۽ قابل تحسين ڪوشش ورتي آهي.

ان وقت جي هندو خواه مسلمان مصنفن جي ڪتابن ۾ ڪو بہ ڏکيو سنسڪرت لفظ نظر نہ ٿو اچي ۽ نہ غيرمروج عربي يا پارسي لفظ.

مثال 1: ”ٻول ڪجي تہ پاڙجي نہ تہ ڪجيئي نہ.“ (پهريون ڪتاب ديوان اڌارام).

مثال 2: ”اگهو تجي تہ ستت ويچ وٺ وججي.“

مثال 3: ”جهرڪيءَ چيو تہ مورک ڇوڪر مونکي گهٽو ڪم آهي، مون کي راند ڪرڻ نٿي اُجهي مون کي پنهنجن ٻچن لاءِ چوڳو ڪٺي وجهڻو آهي.“ ٽيون ڪتاب (ديوان پريداس انندرام سبق پهريون)

مثال 4: ”جيتوڻي آهين مور علم کي ڇيهن جو آرنڀ نہ چوندو پر ڇا فائدو سو ڪو تہ اولن جو ٻول ۽ ڪم هڪجهڙو نہ آهي.“ (سيڪائنو نروار ديوان ننديرام صفحہ 18).

مثال 5: ”هن ٻَالهہ جي ڏيان ڪرڻ ڪان تہ اسين ڏرتي سوڏا جنهن تي رهندا آهيون، توف جي گونري ڪان پڻ هيڪوسو ويهوڻو تڪڙو هوا تي اڏامندا وڃون. کهڙا کهڙا اچرج پڌرا ٿين ٿا ۽ ڏٺي جو ڏپ ۽ ان جي ٻانپ ۽ چئي ۾ رهڻ ڪيترو اسان تي جوڳو ٿئي ٿو.“ (آڪاسي نروار سيد ميران محمد شاه محمد شاد صفحہ)

نئين دور وارن بزرگ مصنفن جيڪي ڪتاب پارسي يا اردو تان ترجمو ڪيا آهن، تن ۾ تہ نج سنڌي لفظن ۽ محاورن ڪم آڻڻ جي ايتري قدر ڪوشش ڪئي اٿن، جو ڪنهن ورلي هنڌ ڏاران ڪٿي بہ نج عربي يا پارسي لفظ نظر نہ ايندو ۽ نہ وري ڪو ڳرو سنسڪرت لفظ ئي ڏسبو. مثال خاطر سنڌ جي تاريخ مان ٽڪر ڏجي ٿو. جا تاريخ معصومي پارسيءَ تان ديوان نندیرام ميراڻي جي ناهيل آهي.

مثال: ”جڏهن ڇچ اميرن جي ميلاپ سان ڳاديءَ تي وينو تڏهن دروازا خزاني جا اُپٽي ڏانُ جو سڌ وجهي ڇڳن ۽ منن کي کوني ڏانُ ڏيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاجهن ۽ ٿوري جي ڦاهيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيائين ۽ مهينو سپاهين جو وڌايائين ۽ ڍل راڄن کان گهٽايائين. ان ڪئي کان ڏينهن ۾ وسندي ۽ جهجهي وسئَن ٿي ۽ راڻيءَ ڪي پنهنجي ريت سان پرٽيو." (تاريخ سنڌ صفحه 20)

هيٺيون ٽڪرو "آڪاسي نروار" مان ڏجي ٿو. جو سيد ميران محمد شاه محمد شاه متعلوي هندي ڪتاب "نظام شمسي" تان ترجمو ڪيو آهي.

مثال: "پورو ماٺهو چنڊ ڪي اڻ ڏيان (ڪي ڏياني) ۽ اڻ پور (ٻي خياليءَ) سان ڏسن تا پر ڏاها ماٺهو ان ڪي سيني گهمنڊڙن تارن ڪي سڳوري ڏٺي جي وڏي سگهه جا اهنجاڻ جاٺي ڏيان سان نهاريندا آهن جو ان سيني جو رستو ڏيکاريندڙ آهي." (آڪاسي نروار صفحه 14)

مٿين مثالن مان بيشڪ روشن ٿي چڪو هوندو ته نئين دور جي ڪتابن ۾ ڪي اهڙا به نج سنڌي لفظ ۽ ورجيسون ڪم آنديون ويون، جي اڄ ڪلهه گهرو ڪمن ۽ وهنوارن ۾ نه ڳالهائبا آهن. ته به انهيءَ دور جي بزرگن جيڪا صاف ۽ سليس سنڌي ٻولي ڪم آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سا اڄ ڪلهه جي هندن خواه مسلمان نثر نويسن لاءِ پيروي ڪرڻ جي لائق آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ياداشت

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سن | مصنف | مضمون |
|---|---|---|---|---|
| 1 | بابنامو | 1853 | نند يرام | سرڪاري پاراٺو ڪتاب |
| 2 | پهريون ڪتاب | = | اڌارام | = پهريون ڪتاب |
| 3 | ٻيو = | = | = | = ٻيو = |
| 4 | ٽيون = | = | پريداس | = ٽيون = |
| 5 | چوٿون ڀاڱو 1 | = | = | = چوٿون = |
| 6 | = ڀاڱو 2 | = | = | = = = |
| 7 | تاريخ سنڌ | 1854 | نند يرام | تاريخ معصومي |
| 8 | ايسپ جون آکاڻيون | = | نند يرام ۽ ايلس | انگريزي مان ترجمو |
| 9 | هندستان جي تاريخ | = | قاضي غلام علي | اردو ترجمو |
| 10 | ٻنيي جي ڳالهه | = | = غلام حسين | زباني قصو |
| 11 | سنڌي وياڪرڻ | = | اڌارام | سنڌي ٻولي صرف و نحو |
| 12 | چٽ جي پاڙ | = | نند يرام ۽ مسٽر ڪانداس | ڊرائنگ سکڻ |
| 13 | سڌاتورو ڪڌاتورو | 1855 | ميران محمد شاهه | اردو ترجمو |
| 14 | ليکي پيڙهه | = | نند يرام | انگي حساب |
| 15 | ڌرتي نروار | = | نند يرام ۽ مهاديو شاستري | دنيا جي جاگرافي |
| 16 | = = ڀاڱو 2 | = | = = | = = = |
| 17 | پئمائشي حساب | = | نند يرام ۽ مسٽر ڪانداس | پئمائشي حسابن جون سمجهاڻيون |
| 18 | دنيا جي تاريخ | = | اڌارام | اردو تان ترجمو |
| 19 | سيڪائتو نروار | 1856 | نند يرام | سنڌي سيکارڻ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سنه | مصنف | مضمون |
|---|---|---|---|---|
| 20 | ليکي جو ڪتاب ڀاڱو 1 | 1856 | ننديرام ۽ مسٽر ڪانداس | انگي حسابن جون سمجهاڻيون |
| 21 | آڪاسي نروار | 1856 | ميران محمد شاهه | علم هيئت |
| 22 | ليکي جو ڪتاب ڀاڱو 2 | = | نندیرام ۽ مسٽر ڪانداس | انگي حساب |
| 23 | جبر و مقابله | = | نندیرام ۽ مسٽر وشونات منڊلڪ | الجبرا حساب |
| 24 | سنڌي صرف و نحو | 1960 | ميان محمد حيدرآبادي | وڏو گرامر |
| 25 | راءِ ڏياچ جو قصو | 1861 | اڌارام | نثر ۽ نظم |
| 26 | سنڌ جي تاريخ | 1862 | سيٺ آلو مل | درسي ڪتاب |
| 27 | ڪولمبس جي تاريخ | = | ڪوڙو مل | انگريزي تان ترجمو |
| 28 | تاريخ انگلستان | = | واڌو مل | = |
| 29 | سنساري نروار | 1861 | نندیرام | سرشتي اڀياس يا مطالع فطرت |
| 30 | جغرافيه جديده ڀاڱو 1 | = | نندیرام ۽ مهاديو | دنيا جي جاگرافي |
| 31 | ڀاڱو 2 | = | = = | = = = |
| 32 | مفيدالطالبين | = | اڌارام | درسي ڪتاب |
| 33 | هندستان جي تاريخ | 1863 | پريتمداس | = = |
| 34 | انڊين پينل ڪوڊ | = | هاسارام | انگريزي تان ترجمو |
| 35 | پڪو پهه | 1865 | ڪوڙو مل | زناني تعليم |
| 36 | شاه جو رسالو | 1866 | ٽرمپ صاحب | جرمني ۾ ڇاپيو |
| 37 | بمبئي ڪاتي جي جاگرافي | 1868 | گرڏنو مل | ابتدائي درسي ڪتاب |
| 38 | رئسيلاس | = | اڌارام ۽ ديوان نولراءِ | نارمل درسي ڪتاب |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سنه | مصنف | مضمون |
|---|---|---|---|---|
| 39 | انگلنڊ جي تاريخ ڀاڱو 1 | 1868 | پريداس | انگريزي تان ترجمو |
| 40 | ڀاڱو 2 | = | = | = = |
| 41 | اصول علم طبي | = | ڪوڙو مل | نارمل اسڪول درسي ڪتاب |
| 42 | سيتلا جا ٽڪا | = | = | عام واقفيت علم صحت |
| 43 | ديوان گل | = | آخوند گل محمد | آخوند پاڻ ڇاپايو |
| 44 | ڪامسين ڪامروپ | 1869 | اڌارام | زباني نظمي آکاڻي |
| 45 | انگي حساب | = | ڪرشنا شاستري | انگي حسابن جو وڏو ڪتاب |
| 46 | گل شڪر | = | ڪيولرام | هي ڪتاب گهڻا وره دستخط رکيو هو |
| 47 | گل | = | = | = = = |
| 48 | دل جا حساب | 1870 | ڪرشنا شاستري | زباني حسابن جون واٽون |
| 49 | وڪيو ڏاتار | = | آخوند عبدالرحيم | وندر جهڙو قصو |
| 50 | قصو دلوراءِ | = | = | زباني نثر ۽ نظم |
| 51 | سيف الملوڪ | 1871 | = | نظمي قصو |
| 52 | عمر مارئي | = | = | = = |
| 53 | سسئي پنهون | = | = | = = |
| 54 | ليکي جي پيڙهه | = | پريتمداس | انگي حساب |
| 55 | قصو مهر منير | = | اڌارام | زباني قصو نظم |
| 56 | مفتاح القلب | = | ميرزا غلام رضا | علم منطق |
| 57 | ڪٺا ۽ ٻلي | = | آخوند عبدالرحيم | نظمي ڪتاب |
| 58 | جواهر لغات | = | = | نج سنڌي معنيٰ پارسي ۾ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سنه | مصنف | مضمون |
|---|---|---|---|---|
| 59 | گرامر سنڌي | 1872 | ٽرمپ صاحب | انگريزيءَ ۾ سنڌي گرامر |
| 60 | منتخب شاهه جو رسالو | 1873 | قاضي حاجي احمد | نارمل اسڪول درسي ڪتاب |
| 61 | سنڌي پنجون | 1874 | ڪوڙو مل | ابتدائي درسي ڪتاب |
| 62 | ميزان الشعر | 1875 | سيدمحمدفاضل شاه | شعر جي قسمن بابت سمجهاڻيون |
| 63 | ديوان فاضل | = | = = = | غزلن جو ڪتاب |
| 64 | چونڊ ڪافيون | = | = = = | سنڌي ڪافيون ۽ شاعرن جا احوال |
| 65 | ديوان قاسم | = | آخوند محمد قاسم | غزلن جو ڪتاب |
| 66 | سنڌي انگريزي ڊڪشنري | = | شرٽ صاحب ۽ | سنڌي لفظ |
| | | = | مرزاق صادق علي | معنيٰ انگريزي ۾ |
| 67 | ڪاشف الغموض | = | آخوند فتح محمد | لفظن جا اشتقاق ۽ معنائون |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوٽ: ممڪن آهي، ته ڪوشش ڪندي به متئين دور جا ڪي مصنف ۽ انهن جون تصنيفون اسان کي هٿ نه اچي سگهيون هجن. جيڪڏهن هن کان پوءِ به انهيءَ دور جي ڪا تصنيف هٿ اچي سگهي ته گهٽيءَ خوشيءَ سان ان کي پنهنجي فهرست ۾ داخل ڪري نروار ڪبي.

نوٽ: متئين دور جي مصنفن ۽ تصنيفات سان گڏ انهيءَ دور جي اهڙن بزرگن ۽ شاعرن جو به مختصر ذڪر ڪرڻ ۾ ايندو جنجي تصنيفات ۽ ڪلامن ۾ گهٽو ئي سنڌي ادب سمايل آهي ۽ اهي تصنيفون ۽ ڪلام اجا دستخط حالت ۾ ۽ ڪي قدر خلق جي زبانن تي جائگير آهن.

## (ا) ديوان ننديرام سيوهاڻي

ديوان ننديرام ٽذو مل صاحب سيوهڻ جي ميراڻي عالمن مان هو. سندس جنم 18 عيسوي صديءَ جي شروعات ۾ ٿيو. ان وقت جي دستور موجب ديوان ننديرام به ننڍي هوندي کان مولوين جي مڪتبن ۾ پارسي علم جي تعليم ورتي هئي. هو پارسي نثر توڙي نظم پروڙڻ ۾ ۾ بلڪل ماهر هو. هو پهريائين سيوهڻ ۾ پنهنجو خانگي اسڪول هلائيندو هو ۽ ماڻهن تي سنديس علمي ماهيت جو اثر چڱو پيل هو. تنهن هوندي به گذران بنسبت البت تنگدست گذاريندو هو.

هو پاڻ لکي ٿو ته "تن ڏينهن ۾ آءٌ فلڪزدگيءَ کان ۽ ڪنهن وٽ به نسبت نه ڪرڻ احتياج جي يعنيَ هٿ ٽنگڻ کان عار هوم رکو فارسي، اردو ۽ سنڌي جي تعليم جو ڪم خانگي طور ڪندو هوس. پر سڌ رهيم. ته من ڪنهن ڏينهن فلڪ جي گردش جي چنبي کان ڇنڪارو لهجي هڪجيڏن ۽ پاڻ جهڙن سرڪاري نوڪرن وانگر ٿيان". (تاريخ سنڌ ديباچو).

هن صاحب جي متئين حقيقت مان هيءَ به ڪالهه روشن آهي. ته ان وقت سندن ڪيترائي جيڏا سرتا پارسي خواندا سيوهاڻي عامل سرڪاري نوڪرين ۾ لڳي چڪا هئا. تنهن ڪري هو صاحب به پنهنجي علمي خدمت بجاءِ آڻڻ جي شوق پوري ڪرڻ ۽ فراخدستي پائڻ جي ارادي سان سرڪاري نوڪري ملڻ جو خواهش مند هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنہ 1852ع ۾ جڏهن سر بارٽل فريئر صاحب سنڌي الف بي ناهڻ لاءِ سنڌ جي ڪن علم دوست نامور مسلمانن ۽ هندن جي ڪميٽي گڏ ڪئي هئي، تڏهن ننديرام کي بہ ان ڪميٽي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سرڪار جي طرفان سڏ ٿيو هو. ننديرام توڙ تائين انهي بزرگن سان شامل راءِ رهيو، جي عربي سنڌي آئيوبتا ۽ صورتخطي قائم ڪرڻ ۾ متفق راءِ هئا. جيئن تہ هو پاڻ لکي ٿو:

"گهڻي بحث ۽ چڪاس ۽ هوڏ ۽ ڏيهي ماڻهن جي صلاح ۽ ان وقت جي ناظمن صاحبن (تعليم کاتي جي انسپيڪٽرن) جي راءِ سان متفق ٿي هن حقير جي مدد سان سنڌي الف بي ناهي ۽ ڇاپارائي سرڪار ڪم ۾ ٿورو رواج ڏنو." (تاريخ سنڌ ديباچو)

جلد ئي ايلس صاحب اسسٽنٽ ڪمشنر ساري سنڌ ۾ اشتهار ڪرايو، تہ "جيڪو علم دوست هندو يا مسلمان تاريخ معصومي پارسيءَ جو نئين مقرر ٿيل عربي سنڌي صورت خطي موجب صاف سنڌي ترجمو ڪري ڏيندو، تنهن کي هڪ سئو روپيا روڪ انعام ۽ تعليم کاتي جي ترجمان (ٽرانسليٽر) جو عهدو بہ ڏنو ويندو".

انهيءَ اشتهار تي سنڌ جي ڪيترن ئي هندن توڙي مسلمانن پڙهيلن، بزرگن پنهنجا ترجما ايلس صاحب وٽ پيش ڪيا. انهن ترجمن جي پيٽان پيٽيءَ لاءِ سرڪار طرفان امين جون چار ڪميٽيون مقرر ٿيون، جن مان آخرين فيصلي ڪندڙ ڪميٽي ۾ ايلس صاحب پاڻ (جو سنڌي سڪيل يوروپين آفيسر هو) ۽ ٻيا بہ سنڌي سڪيل يوروپين آفيسر جهڙو ميجر ڊانسٽر ويل صاحب، ڪپتان ايڊورڊ آرهر صاحب، ڪپتان بمگيارڊن صاحب، ڪپتان ستاڪ صاحب (چارئي صاحب نہ رڳو سنڌي سڪيل هئا پر پارسيءَ ٻوليءَ ۾ بہ اڪابر هئا) شريڪ هئا. پنج ڇهہ علم دوست هندو ۽ مسلمان بزرگ بہ انهيءَ ڪميٽيءَ ۾ امين ڪري گهرايا ويا هئا. انهيءَ ڪميٽي نج ۽ صحيح صورت خطي ۾ ٻوليءَ جي لحاظ سان سيني نمبرن ۾ ننديرام جو ترجمو پهريون نمبر پاس ڪيو، جنهنڪري ان کي هڪ سو جي عوض بہ سو روپيا نقد سرڪاري انعام ۽ تعليم کاتي جي ترجمان (ٽرانسليٽر) جو معزز عهدو مليو ۽ ڏيڍ سو رپيا يوروپين آفيسرن پنهنجي پنهنجي هڙان خانگي انعام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بروقت ڏنس. انهن مهربانين سان گڏ ڪتاب جو حق تصنيف بہ قائم رکيائونس.

ان وقت ڪان وٺي نند يرام تعليم کاتي جو ٽرانسليٽر هو، جتي توڙ نباهيائين. نند يرام ٽرانسليٽر ٿيڻ کان اڳ بہ ٻہ ٽي سنڌي ڪتاب سرڪار جي پيش ڪيا هئا، جي تعليم کاتي ۾ ڪم اچڻ لڳا، پر ٽرانسليٽر ٿيڻ کان پوءِ تہ سندس خاص شغل هو تصنيف ۽ ترجمو. ان وقت جيڪو بہ تصنيف ٿيل ڪتاب تعليم کاتي جي پيش ٿيندو هو، سو نند يرام جي اصلاح جو گهرجائو رهندو هو.

هيٺيان ڪتاب نند يرام جا تصنيف، ترجمو يا تاليف ڪيل آهن:

## 1- بابنامو

نئين دور جي عربي سنڌي صورت خطي لکڻ ۽ پڙهڻ، سيکارڻ جي شروعات "بابنامہ" يعني ٻاراڻي ڪتاب کان شروع ٿئي ٿي، جو نند يرام ٺاهي تعليم کاتي کي ڏنو هو. هن ۾ هجي جو طريقو ڪم آيل آهي، جنهنجون خوبيون ۽ فائدا مفصل طرح اڳي بيان ٿي چڪيون آهن، "بابنامہ" جي پهرين صفحن مان ٻاويهہ صفحا فقط هجي جي استعمال ۾ ڪم آيل آهن ۽ باقي ڏهن صفحن ۾ اٺ سبق ڏنل آهن ۽ انهن اٺن ئي سبقن ۾ ڪل ستر جملا سمايل آهن، جن مان ڪي مفرد جملا تہ ڪي مرڪب جملا آهن.

## 2- تاريخ سنڌ

هي ڪتاب نج ۽ عمدي سنڌي ٻوليءَ جي لحاظ سان نئين دور جو پهريون نمبر ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. هن جي صورت خطي ۽ نحوي عبارت جو ذڪر اسين اڳيئي چڱي طرح ڪري آيا آهيون. هت فقط ان جي مضمون ۽ عبارت جون ٻيون خوبيون ۽ نزاڪتون بيان ڪرڻيون آهن.

### (الف) مضمون:

هي سنڌ جي تاريخ اصل پارسي ٻوليءَ ۾ سيد معصوم شاه جي ٺاهيل آهي، جو اصل ترمذ شهر (خراسان ملڪ) جو وينل هو، پر حياتيءَ جو گهڻو وقت سنڌ ۾ (بکر جي قلعي ۾) اچي گذاريائين. سکر وارو "معصوم شاهہ جو منارو" بہ انهيءَ سيد جو نهرايل آهي. سيد معصوم شاهہ شهنشاه اڪبر جي حڪومت واري زماني ۾ بکر ۾ رهندو هو، تنهنڪري هن تاريخ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ وينا آهيون دعا ڪريو ته شرعي سبب ذاران ڪٿي نه وڃون ۽ ڪو ماڻهو هتي ٻڻ نه اچي متان ان ڏوهه ڪان مسلمانن جو رت هارجي ۽ ڏٽي پاڪ اڳيون ڦڪو ٿيان. سندس وڏائيءَ جي ڏينهن ۾ ميتن جو مان اهڙو پڌرو ٿيو هو ان جي واڌاپي جو پور ڪرڻ نه سگهجي ۽ ميتن ۾ جماعت جي ٻهڪ اهڙي پر جي هوندي هئي، جو ننڍا ۽ وڏا محلي جا ميت ۾ هڪيا ٿي نماز پڙهڻ لاءِ هڪيا ٿيندا هئا... ڄام نظام الدين جي بادشاهيءَ جي پڇاٽي ۾ شاه بيگ جي ڪٽڪ قنڌار ڪان اچي اڳري ۽ چاندوڪه ۽ سندس ڳوٺن تي ڪاهه ڪئي ۽ ڄام جهجهو ڪٽڪ مغلن جي ڏکڻ لاءِ موڪليو ۽ انهيءَ ڪٽڪ ان ڳوٺ توٽي جو حلوڪر نالي سان پڌرو آهي، رستي ڏاڍي جنگ ڪئي ۽ انهيءَ جنگ ۾ شاه بيگ جو ڀاءُ ماريو ۽ هاراهي قنڌار ڏي واڳه موڙي ۽ ڄام نظام الدين جي جيئڻ توٽي وري سنڌ ۾ نه آيا. اهو ڄام گهٽو ڪري ان ويلي جي عالمن جي علم جي هوڏ ۽ بحث ۾ گذاريندو.... ڪيترن ويلن ڪان پوءِ ڄام نظام الدين جيئن جي ڄمار جا جهنڊا سچي بادشاهيءَ ڏي ڪنيا."

(سنڌ جي تاريخ صفحه 112-114)

نوٽ: مٿين عبارت ۾ فقط صورت خطي هاٿوڪي نموني جي ڪتب آڏي ويئي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي جملن جي چٽائيءَ لاءِ بيهڪ جون نشانيون پاٽئون ڏنيون ويون آهن ٻي سڀ عبارت هو به هو مصنف جي لکيل ڪم آندي ويئي آهي.

مثال 2:

## مرزان شاه حسن ۽ ڄام فيروز

جڏهن ڄام فيروز چاچڪان ۽ راهمان جي هند ۾ پهتو. پنجاه هزار گهوڙي چڙهه ۽ پيدڙيا گڏ ڪري جهيڙي لاءِ سنيريو ۽ نئي ۾ هل گوڙ پيو تڏهن ڄام، محمد مسڪين ترخان ۽ مير فرخ ۽ سلطان علي بيگ ۽ ٻيا ڪي ڄام. مرزا شاه حسن جي پيلپ ۾ وڃي ڄام فيروز جي سانپاهي جي ڳالهه ٻڌائي. مرزا شاه حسين ڪيترن ڪي ٺٽي جي ڏاڍائيءَ ڪرڻ لاءِ موڪليو ۽ پاڻ ويرين جي ڦنائڻ لاءِ سنيئي پاٽي ڪان لنگهي لڌ پنيان لڌ ڄام فيرو جي وڙهڻ لاءِ هلندو ويو. جڏهن اُن سنڌن جي ويجهو رسي ڪٽڪ جي سنوارت ڪري هلندڙ ٿيو ويرين اڳ ڪان ڏيکاري ڏني. جڏهن ماڻهن ڪٽڪ

مغل جو ڏنو هڪ ٻيرو مڙيئي گهوڙي تان لهي مٿي کان ٻڳڙيون لاهي چادرن جون ڪنڌون هڪ ٻئي سان ٻڌي جهيڙي ڪرڻ ۾ رنڀيا ۽ هي ريت هند ۽ سنڌ جي ماڻهن جي آهي جڏهن مرڻ جو پاڻ ۾ ٻول تا ڪن، تڏهن گهوڙن کان لهي مٿو اگهاڙو ڪري چادرون ۽ پٽڪا هڪ ٻين سان ٻڌندا آهن. نيٺ مرزا شاه حسن ان ڊول کي ڏسي سوڀ جون واڌايون ڄامن کي ڇٽي ايءَ فرمايو:

جئن ڪٽڪ ڪان ۽ سينگ هٿ ۾ ڪيو پاڻ گهوڙي تان لهي وضو ساري نفل پڙهي هٿ دعا جا کٽي ڏٺيءَ کان سوڀ گهريائين چوين تون تہ دعا جو ڪان نيشان تي لڳس. انهيءَ وير گهوڙي تي چڙهيو ۽ ڄامن سگهائيءَ سان ڊوڙي سورهيائي ڀريل ترارين جو زلزلو ان ٽولي ۾ وڌو، ٿوري ڳالهہ سوير کان اڳئن توٽي جنگ هئي ۽ ويهہ هزار ماڻهو مئا ۽ ڄام فيروز موڙهل ۽ ٻچڙو ٿي گجرات ڏي اوسين توٽي وجي تڪيو جيسين ملڪ الموت سان گڏجاڻي ڪيائين. (سنڌ جي تاريخ صفحہ 132-214)

مٿين مثال طور مضمون جا جيڪي بہ ٽڪر ڏنا ويا آهن، تن مان هيءَ ڳالهہ ثابت آهي تہ سنڌ جي موجوده سنڌي تاريخن مان ڪنهن بہ تاريخ ۾ اهڙو ڪشادو ۽ ذري پرزي احوال لکيل نہ آهي، جهڙو هن تاريخ ۾ لکيل آهي.

**عبارت:**

هي ڪتاب تاريخ معصومي پارسي جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيل آهي. تنهن ڪري جئن پارسي واري عبارت وضاحت ۽ بلاغت جي زيورن سان سينگاريل آهي، تئن هن ڪتاب جي نج سنڌي عبارت کي بہ ترجمان انهن ساڳين نزاڪتن سان برسائي بيهاري آهي. مثال:

1- هن ڳالهہ جي ٻڌڻ کان خليفي پنهنجي مٿي کي هڪڙي گهري توٽي گيدي ۾ وجهي ارمان ڪيو ۽ ڏمرجي باه سنديس ڇاتي ۾ آلان ڪيا. ٻوءِ سندس حڪم فرمائڻ وانگر انهن پيرن کي گهوڙن جي پڇن سان ٻڌي ڏينهن جي چوڏاري ۾ گهمائي دجلي ۾ وڌائون." (صفحہ 46)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مٿو گيد ۾ وجهي ارمان ڪرڻ“ ۽ ”ڏمرجي باه جو ڇاتيءَ ۾ ٻلان ڪرڻ“ ۾ اهي ساڳيون اصطلاحي معنائون، تشبيهون، استعارا ۽ صنعت مراعات النظير قائم آهن، جهڙيون اصلوڪي پارسي عبارت:

”سر بجيب فڪرت انداختن،
آتش خشم درسينہ شعلہ زن شدن“

فصاحت جو هڪڙو خاص جزو هيءُ بہ آهي، تہ ساڳي ڳالھ وري وري اچٽي هجي، تہ ان کي ڀيري ڀيري سان جدا جدا لفظن ۾ ادا ڪجي. فصاحت واري اها خوبي ديوان صاحب هن ڪتاب ۾ گھٽي قدر قائم رکي آهي. مثلا ”مرڻ“ يا ”مري پوڻ“ جي لاءِ هن ڪتاب ۾ هيٺيان اصطلاح ڪم آيل آهن:

2- خليفي ان ڳالھ کان گھڻو ڏمرجي ڪٽڪ جي ناهڪي. ناهڻ جي وچ ۾ مرڻ جي ڪٽڪ خليفي تي راتاهون ڏنو ۽ خليفو سچي بادشاهت ڏانهن هليو. (صفحہ 8)

3- جئن پارسي تاريخ ۾ جيي جيي تي پارسي بيت ڪم آيل آهن تئن نند يرام بہ پنهنجي سنڌي عبارت سان انهن بيتن جو ترجمو موزون سنڌي نظم ۾ جڙيندو ويو آهي.

مثال:

(1) رحمان ۽ رحيم ڏٺي آهہ سڀ مٿي،
آءُ پڻ شروع ڪريان ٿو سندس نالي هن کي.

(پهريون صفحہ)

(2) ڏٺي اهڙو جو جنهنجو ناه جهڙو
سگهت سان پوئنپتن تي تيو سگورو.

(صفحہ 2)

(3) ٿي شهادت بحر بر جي شاه جي،
جهہ سون پن ورهن ۽ شعبان تي.

(صفحہ 51)

(4) آهي نند وانگي هي جڳ جيئندڙن کي
نہ گهرجي پٽ ڪرڻ نند تي ڏاهي کي (صفحہ 59)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) جــڏهن اونڌو ٿــيـــو هي اُپ ازل کـــان،
تڏهـن راضي رهي رب جي رضـــا ســـان.
ڪنهين کي ســــڌ نـه آهي هن مـــتيءَ جي،
تـه ڪن مـــاڻهن جي رت ســـان پـــريل هي.
انڌو ناهي جـــو ڏسندڙ سچ هنئين کـــان،
تـه آهي هي پـــــريل جڳ پن رنگن ســـان.

(صفحہ 78)

مٿين مثالن مان ڏسجي ٿو، تہ نندیرام نہ رڳو ان وقت جو عمدو نثر نويس هو، پر شعر سازيءَ جي بہ چڱي ماهيت هيس. علم عروض موجب ناهيل سنڌي نظمن جي "تقطيع" بابت. جيڪي پوءِ وارن بزرگ شاعرن خاص نهراءَ قائم ڪيا آهن، سي اڳئين وقت ۾ ڪين هئا. تنهنڪري نندیرام جي موزون ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي تقطيع جون جيڪي هلڪڙيون فر و گذاشتون آهن، تن تي ڪو بہ اعتراض نہ آهي.

مٿين مثالن مان هن جي جس جوڳي جيڪا قابليت ليکجي ٿي، سا هيءَ جو هرهڪ پارسي بيت جنهن بحر ۽ وزن تي ٺهيل آهي، تنهن بحر ۽ وزن تي ئي سنڌي بيت قـائم رکيـو اٿس ۽ نج سنڌي لفظن ۾ اصلوڪي بيت جي معنيٰ ۽ مراد قائم ڪئي اٿس.

هن پارسي نظم جي سنڌي ترجـمي ۾ وزن ۽ صـحـيح ترجـمي جـو ايتـري قـدر خـيـال رکـيـو آهي، جـو هونءَ سـجي ڪـتـاب ۾ ڪٿي بہ ڪو نج سنسـڪـرت لفظ ڪم نہ آندو اٿس، مگر مٿئين بيت نمبر2 ۾ "بادشـاهان" جي عيوض صحيح ۽ با وزن ترجمہ ڪرڻ لاءِ "پونپتن" (ڏيهہ ڌڻي) لفظ ڪم آندو اٿس. ساري ڪتاب جي نثر ۾ بيشمار پيرا بادشاه ڪم آيو آهي، تہ ان جـو تـرجـمـو، ڪٿي "پاچـاه"، ڪٿي "ڏيهـہ ڌڻي" ڪيـو اٿس تہ ڪٿي "بادشاه" لفظ ئي قائم رکيو اٿس.

## 3- سيڪـائـتـو نـروار

**(الف) ڪـتـاب جـي حـقـيـقـت:** جـڏهن سنڌي ٻوليءَ جي تعليم لاءِ انگريز سرڪار سنڌي اسڪول کولايا هئا، تڏهن گهڻا مسلمان ۽ ڪي هندو ٻارن کي انهيءَ نئين سنڌي سکڻ کـان وڌيڪ عـربي پارسي ۽ پراڻي سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيکارڻ پسند ڪندا هئا. سرڪاي اسڪولن ۾ به سيکاريندڙ توڙي سکندڙ نئين سنڌي پڙهڻ ۽ پاڙهڻ تي ايترو ڌيان ڪين ڏيندا هئا، جيترو پارسي پڙهڻ ۽ پاڙهڻ تي. جئن ته مصنف لکي ٿو:

”گهڻو ڪري عاملن جا ڇوڪر رڳو فارسي هن گهرج ڪان سکن ٿا ته سرڪاري ڪارخانن ۾ انهن کي نوڪري ملي. هاڻي ته سڀني ڪچهرين ۾ سنڌي هلي ٿي. (صفحه 18-9)

ايلس صاحب اسسٽنٽ ڪمشنر اها حالت محسوس ڪري هن تي هڪڙي اردو ڪتاب ”شارع التعليم“ (تعليم جو رستو ڏيکاريندڙ) کي سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ فرمائش ڪئي. بنارس ۽ بريلي پاسي به شايد سرڪاري ڪوليل اوائلي اسڪولن ۾ اها حالت هئي، جنهن ڪري اتي جي سرڪار ”شارع التعليم“ ڪتاب تيار ڪرايو هو. ”شارع التعليم“ ۾ سنڌ جي نرالين حالتن جي مدنظر تي ڦيرگهير ڪري ”سيکائڻ نروار“ تيار ڪيو آهي.

**(ب) ڪتاب جو مضمون:**

سنڌي ٻولي ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ انتظام ۽ تعليم جا سادا سودا اصول ۽ هدايتون ڏنل آهن. ڪتاب جي ساري مضمون جو حاصل مطلب هيٺ ڏجي ٿو:

1- موجوده وقت ۾ پارسي سکڻ ۽ سيکارڻ ڪان سنڌي ٻولي لکڻ پڙهڻ سيکارڻ ۽ سکڻ وڌيڪ ضروري ۽ فائدي وارو ڪم آهي. پارسي ٻولي سکڻ ڪري روزگار جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي نه سگهندي؛ ڇاڪاڻ جو هاڻي سرڪاري نوڪريون انهن کي ملنديون، جيڪي سنڌي ٻولي لکي پڙهي سگهندا ۽ حساب ڪتاب ڄاڻندا. پارسي تعليم وٺندي نه حساب ڪتاب جي تعليم باقاعدي ملي ٿي ۽ نه تاريخون ۽ جاگرافيون پاڙهڻ ۾ اچن ٿيون ۽ نه علم هيئت ۽ ٻيا فائدي وارا علم سيکاريا وڃن ٿا. فقط پارسي ٻولي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارجي ٿي سا به بنان ڪنهن اصول جي پارسي مڪتبن ۾ پاڙهيندي سيکاريندڙن کي ٻگهار تمام هلڪا ملن ٿا. پر سنڌي سيکاريندڙ نوان تيار ٿيل سنڌي ڪتاب چڱيءَ طرح استعمال ڪري ٻارن کي سيکاريندو تئن تئن سندس ٻگهار ۾ چڱو واڌارو ٿيندو. جيڪڏهن ڪو سيکاريندڙ نارمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪول ۾ تعليم وٺندو، ته ان جي پگهار ۽ عزت ۾ گهڻو واڌارو ۽ سڌارو ٿيندو. جيڪي شاگرد سنڌي سکڻ ۾ چاهه ڏيکاريندا ۽ امتحان ۾ چڱا ايندا تن کي سرڪاري اسڪالرشپون ملنديون ۽ جڏهن هو ليکي چوکي ۾ پڙ ٿيندو. تڏهن انهن کي چڱن چڱن پگهارن سان سرڪاري نوڪريون ملنديون. خانگي مڪتبن جا شاگرد به جيڪڏهن سرڪاري اسڪول وارن شاگردن جهڙي لياقت ڏيکاريندا ته انهن کي به اسڪالرشپون ۽ پوءِ واريون نوڪريون ملنديون. رڳو پارسي پڙهيل پار پنهنجن اڻ پڙهيل مائٽن کي پنهنجي پارسي سبق سان ڪا به فائدي جهڙي ڳالهه سمجهائي ۽ پروڙائي نه سگهندو، پر سنڌي پڙهندڙ پار پنهنجي سبق ٻڌائڻ سان مائٽن کي خوش ڪري سگهي ٿو.

2- سنڌي سيکاريندي پارسي کي صفا ترڪ ڪري ڇڏڻ نه گهرجي، پر سنڌيءَ سان گڏ سيکارجي، ڇاڪاڻ جو پارسي ڄاڻڻ ڪري عربي سنڌي ٻولي صحيح ڳالهائڻ ۽ صحيح لکڻ ۾ سولائي ٿيندي. تنهن کان سواءِ سنڌيءَ جي مدد سان پارسي سکڻ ۾ گهٽي سولائي ٿيندي.

3- مڪتبن ۾ انتظام سان تعليم ڏيڻ ۾ نٿي اچي جو ڪم بنا انتظام ڪجي ٿو تنهن مان ڪو به فائدو ٿيڻو نه آهي. مڪتبن جي بي انتظامي جو مثال آهي جو ويهه شاگرد "گلستان" ڪتاب پڙهندا هوندا آهن، ته هرهڪ جو سبق نرالو هوندو آهي. جنهن ڪري ساڳئي ڪتاب جي سبق ڏيڻ ۾ سيکاريندڙ جو ڪيترو نه وقت وڃي ٿو. مناسب آهي. ته ساڳئي ڪتاب پڙهندڙن کي هم سبق رکڻ گهرجي، ۽ هم سبق شاگردن جا ڌار ڌار ڪلاس هئڻ گهرجن. انهيءَ انتظام جي ڪري سيکاريندڙ جو گهڻو وقت بچي پوندو ۽ ذهين ۽ ڪند ٻارن جي هم سبق هئڻ ڪري ذهين ڇوڪر ڪند ڇوڪرن کي اسرائڻ ۾ سيکاريندڙ جا مددگار ٿين ٿا ۽ اهي پنهنجي سبقن ۾ به هيڪاري وڌيڪ پڪا ۽ چالاڪ ٿين ٿا. تنهن کانسواءِ ڪند ڇوڪرن ۾ به هوشيار ٿيڻ جي ريس پيدا ٿيندي.

4- جيڪي به لفظ ۽ فقرا ۽ آکاڻيون پاڙهجن تن جي معنيٰ ۽ مراد حڪّي طرح ڇوڪرن کي سمجهائڻ گهرجي. معنيٰ ۽ مراد سيکارڻ ڌاران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوطي وانگر پڙهي وڃڻ کنهن به ڪم جو نه آهي. معنيٰ ۾ مراد پروڙڻ سان پار جي سمجهه ۾ شوق وڌندو. سبقن بر زبان ڪرائڻ تي پارن جو مغز نه ڪپائجي، پر سبقن سمجهڻ ۾ پروڙڻ تي خاص ڌيان ڏجي.

5- پارن کي پنهنجي ديس جون قدرتي حالتون ۾ حال احوال معلوم ٿين تنهن لاءِ جاگرافي، تاريخ ۾ آسماني جسمن جي واقفيت جا ڪتاب پاڙهجن.

هينيان ڪتاب سرڪار تيار ڪرايا آهن، جن مان ڪي ڇاپجي چڪا آهن ۾ ڪي - جلد ڇاپبا. سي سيڪاريندڙن ۾ سکندڙن کي پڙهڻ گهرجن:

1- بابنامي کان چوٿين ڪتاب تائين درسي ڪتاب.
2- يميي زميندار جي ڳالهه.
3- ڪڌاتورو ۾ سڌاتورو.
4- ليکي جو ڪتاب پاڱو پهريون.
5- ليکي جو ڪتاب پاڱو ٻيو.
6- سنساري نروار.
7- پئمائشي ڪتاب.
8- تاريخ هندستان.
9- ڌرتي نروار.
10- تاريخ معصومي.
11- ضبطي جو ڪتاب.
12- ايسپ جون آکاڻيون.
13- جبرو مقابله.
14- چٽ جي پاڙ.
15- آڪاسي نروار.
16- فوجداري چوڏهون قاعدو.
17- سيڪائنو نروار.
18- جاميٽري.
19- منتخب تاريخ انگلنڊ.

متي ساري ڪتاب جو حاصل مطلب ڏنو ويو آهي. هاڻي انهيءَ مضمون بابت ڪتاب مان ڪي جنسي ٽڪرا ڏجن ٿا:

1- "ڏرو ويساهه سان چئو ته اوهين چا ٿا سيکاريو ته جنهن جي بدران ڇوڪرن کي فائدو ۽ موچارائي ٿئي ٿي هن ڳالهه جا ڪولاندر[1] ٿيو ته ڇوڪرن کي اهڙي واٽ سان پاڙهيو ۽ سيکاريو جو ان جي ذاهپ جي سگهورائي ۽ ڪاج[2] جي موچارائي جو ڪارڻ ٿئي. هير[3] توهان جو سيکارڻ ڇوڪرن جي حق ۾ ٿوري ڪٿئي وارو ڏسجي ٿو سو ڪو نه اوهين رڳو هڪڙي ڌارين ٻولي جي سيکارڻ ۾ گهڻن ڏينهن توٽي پنهنجو ۽ ڇوڪرن جو ميجالو سکٿو ڪريو ٿا پر مطلب جي واٽ ڇوڪرن جي هٿ ۾ نٿي اچي. (صفحه 4)

2- جيڪس اوهين هي وراٺي ڏيندو ته هن ڳالهه ڪان فارسي ڪتاب پڙهائجن ٿا جو سڪندڙن جو نروار[4] ۽ لکڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ صاف ۽ هير[5] وارو ٿئي. مون مڃيو ته توهان کي ڇوڪرن جي نروار ۽ لکڻ رڳو صفائي ۽ هير سان گهرجي، پر ڪي اهڙيون ڳالهيون پڻ سيکارڻ گهرجن، جن جي ڳالهائڻ ۾ اهي "پنهنجو نروار ۽ لکڻ صاف ڪن."

(صفحه 25-26)

"منهنجي گهرجي متئين نروار[6] ڪرڻ ڪان هيءَ نه آهي ته فارسي پڙهندڙ سيکارڻ ڇڏي ڏين بلڪ مدو[7] منهنجو هيءُ آهي، ته ڪريما، چشم و چراغ، گلستان، بوستان ۽ ٻين ڪتابن جي ڌاران ڇوڪرن کي ڪي سنڌي پڻ سيکارين."

3- فارسي مڪتبن ۾ سيکارڻ جو جوڙجڪ[8] ڪي پڻ ملي نٿو سگهي. هاڻي ته ان جوڙجڪ[9] ۽ واٽ[10] ڌاران ڪنهين ڪم جي پڄاڻي چڱي نه ٿي ٿي سگهي... ڪو ٻار "گلستان" جي پهرين ڳالهه پڙهي ٿو، ڪو ٻي، ڪو ٽين ۽ اڳتي به انهيءَ وانگر... مڪتبن ۾ به ڇوڪر پڻ پاڻ ۾ هڪڙي درجي وارا ۽ دور[11] ٿي نٿا لين...... تڏهن منهنجي اڳيان پڙهندڙن جي درجي

1- ذمه بردار، جوابدار 2- روزگار، گذران، پيٽ قوت 3- هينئر. 4- تقرير، گفتگو 5- استعمال. 6- بيان ڪرڻ 7- مدعا، مراد 8- انتظام 9- بي انتظامي 10- اصول 11- هم سبق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌڻ ڌاران ڪو ٻيو ٻلو[1] لاهڻ[2] وارو نہ آهي... هتي هن ڪم جو پڻ نروار ڪرڻ گهرجي، تہ ڪهڙي واٽ سان درجا ناهجن ۽ سيکڻهن درجي ۾ ڪهڙا ڪهڙا لاهي جا ۽ جوڳا ڪتاب پڙهائجن ۽ پڻ درجن جو ڳاٽيتو ڪيترو گهرجي.... پڌرو هجي تہ سيکڻهن لاهي واري مڪتب ۾ ڇهہ ڇهہ درجا ناهجن."

(صفحہ 32-36)

## (4) ليکي جو ڪتاب ڀاڱو پهريون

**ڪتاب جي حقيقت:** هي ڪتاب ٻن هندي ڪتابن هرهڪ "مڪتب نامہ" جوڙيل محمد ابراهيم مفيه ۽ "ڦئلاوت" جوڙيل راءِ رام سرن داس ڊپٽي ڪليڪٽر دهلي تان سر بارٽل فريئر صاحب ڪمشنر جي حڪم موجب نديرام سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهريون انگي حساب تيار ٿيو هو.

## (5) ليکي جو ڪتاب ڀاڱو ٻيو

**ڪتاب جي حقيقت:** نديرام واري "ليکي جي پيڙهہ" يا "ليکي جو ڪتاب ڀاڱو پهريون"، جنهنجو بيان مٿي ڪيو ويو آهي، تنهن سان گڏ ٻين مصنفن بہ انگي حساب تيار ڪري تعليم کاتي جي پيش ڪيا، جنهنجو بيان اڳتي ايندو. اهي سڀ شروعاتي درجن لاءِ انگي حساب هئا. تنهنڪري مٿين درجن لاءِ انگي حساب تيار ڪرڻ بابت ڪمشنر صاحب هڪڙي انگريزيدان مسٽر ڪانداس يا ڪاهنداس اسسٽنٽ انجنيئر تي ڪم رکيو. مسٽر ڪاهنداس منشارام پنجاب ملڪ جو ماڻهو هو ۽ سنڌي بہ سکيو هو، پر انگي حساب جهڙو درسي ڪتاب ڪنهن سنڌي دان جي صلاح ۽ مدد ڌاران ناهي نہ سگهي ها. تنهنڪري نديرام ساڻس همراهہ رهيو ۽ هي ڪتاب تيار ٿيو. هن ڪتاب ناهڻ ۾ ڊاڪٽر چارلس هٽن جي انگريزي انگي حساب ۽ پنڊت بنسي ڌر جي اردو ڪتاب "مبادي الحساب جلد 2" تان مدد ورتل آهي.

1- وسيلو 2- فائدي وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حسابي اصطلاح:

هن انگي حساب ۾ نن‌ديرام صاحب ڪي نج سنڌي اصطلاح ڪم آندا آهن. جي اڳيئي سنڌ جي واپارين ۾ چالو هئا ۽ اڄ ڪلهه جا انگي حساب ۾ اجا تائين پيا ڪم آڻين: ڪي نج عربي زبان جا اصطلاح آهن، جنکي اڄڪلهه مٽائي انهن جي عوض آسان ۽ بامعنيٰ ديسي اصطلاح ڪم پيا آڻين؛ ۽ اصطلاح ديوان صاحب جي پاٺئون جوڙي ڪم آندا هئا. جي هاڻي درست صورتن ۾ ڪم پيا اچن.

مثال 1- نج سنڌي ۽ عربي اصطلاح جي اڄ تائين پيا ڪم اچن:

اٽپورو، اُبتو اٽپور، سبتڙ اٽپور، مفرد اٽپور، مضاعف اٽپور، ملتف اٽپور، مختصر صورت، ڏهائي، سگهه، مور، وياج، راس ۽ سيڪڙو.

مٿين حسابي اصطلاحن مان مفرد، مضاعف، ملتف، مختصر صورت ۽ راس اهي عربي ٻوليءَ جا حسابي اصطلاح آهن، سي سنڌيءَ ۾ عام جام ٿي ويا آهن.

مثال 2- اهي سنڌي ۽ عربي ٻوليءَ جا حسابي اصطلاح، اڄڪلهه درست ٿيو پيا ڪم اچن:

| اصل | | درست |
|---|---|---|
| ڀاڱو ڪنڌڙ | .................... | اَنس |
| ڀاڱو ونڌڙ | .................... | ڇيد |
| ٻه پنج ڀاڱا | .................... | ٻه ڀاڱي پنج |
| ٽي اٺ ڀاڱا | .................... | ٽي ڀاڱي اٺ |
| ورندي | .................... | جواب |
| پڇا | .................... | سوال |
| ڀاڱو ڪنڌڙ | | |
| کي برابر ڪرڻ | .................... | سم ڇيد ڪرڻ |
| ڏهائيءَ جو همزو | .................... | ڊيسيمل |
| فرق عام | .................... | وڏو عام ونڊيندڙ |
| ڀائيواري | .................... | پتياري حساب |
| سودو وياج | .................... | نرو وياج |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| وياج تي وياج | گڏيل وياج |
| في | اگهه |
| ٻول | مدو، وقت |
| صعود | سگهه ڪڍڻ |
| نزول | مول ڪڍڻ |
| مجزور | ٻي سگهه |
| ڪعب | ٽي سگهه |
| جزر | ٻيو مول |
| ڪعب | ٽيو مول |

## (6) جبرو مقابله

**ڪتاب جي حقيقت:** هي آلجبرا جي حسابن جو پهريون پهريون ڪتاب آهي. پروفيسر ينگ صاحب جي انگريزي آلجبرا تان ڪمشنر صاحب حڪم موجب وشونات نارائڻ منڌلڪ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. اهو صاحب سنڌي سڪيل مرهٽو هو. جنهن کي ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ ڪلارڪي جو عهدو مليل هو. وشوناٿ نارائڻ هي ڪتاب ننديرام جي مدد سان ترجمو ڪيو هو.

**مضمون:**

هن ۾ آلجبرا جي جوڙ، ڪٽ، ضرب، ونڊ، اٽپور، صعود، نزول، مساوات، متناسبت ۽ مطابقت، پرابلم يا خيالي حساب، جذري، مساوات، ٻه پرماٿا سڌيان، گوتم ۽ اڻ مقرر ٽيل مساواتون، سمجهايل آهن.

جهڙي طرح انگي حسابن جا ڪتاب جڙڻ پوءِ تڏهن نوان نوان ۽ سليس سليس اصولن سان ٻي نهيا ۽ اسڪولن ۾ ڪم آيا آهن. تڏهن آلجبرا جي حسابن جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ نه نهيا آهن. هن آلجبرا جي ڪتاب کان ڳچ ورهه پوءِ هڪڙو آلجبرا جو ڪتاب سنڌيءَ ۾ تيار ٿيو هو، جنهنجو بيان انهيءَ موقعه تي ٿيندو. تنهن ۾ به آلجبرا ئي اصطلاح گهٽو ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيا هن ڪتاب وارا ئي ڪم آيا آهن. فقط اصولن سمجهائڻ ۾ قدري آساني ٿيل آهي.

## (7 ۽ 8) ذرتي نروار جلد پهريون ۽ ٻيو

**ڪتاب جي حقيقت:** سنڌيءَ ۾ پهريون جاگرافي جو ڪتاب تيار ٿيو هو. مارسبس صاحب جي انگريزي ۾ ناهيل دنيا جي جاگرافي تان گولڊ سمٿ صاحب اسسٽنٽ ڪمشنر جي چوڻ موجب مسٽر مهاديو شاستري انگريزي اسڪول جي ماستر، ديوان ننديرام جي مدد سان ٻن جلدن ۾ ترجمو ڪيو هو.

**مضمون:**

پهرئين جلد ۾ يورپ، آفريڪ، آمريڪا ۽ اوشينيا جي جاگرافي لکيل آهي ۽ ٻئي جلد ۾ ايشيا کنڊ ۽ هندستان جي جاگرافي.

جنهن انگريزي جاگرافي تان هيءَ جاگرافي ترجمو ٿيل آهي، تنهن کي لکئي هڪ سؤ کن ورهيه ٿي ويا آهن. انهيءَ وچ ۾ ملڪن جي حڪومت ۽ شهرن جي حقيقتن ۽ حالتن ۾ تمام گهڻو تفاوت ٿي ويو آهي. تنهنڪري اڄڪلهه وارا لکيل جاگرافي جا ڪتاب وڌيڪ عمدا ۽ ڪارائتا آهن.

2- جاگرافيءَ سان تعلق رکندڙ سنڌي ۽ عربي ٻولين وارا اصطلاح جيڪي هن جاگرافين ۾ ڪم آيل آهن، سي ساڳيا اڄڪلهه جي سڌريلن جاگرافين ۾ بہ قائم آهن. جهڙوڪ:

محور، قطب، خط استوا، ڏکهائي ڦاڪ، ويڪرائي ڦاڪ، مذيان ڦاڪ، کنڊ، ٻيٽ، اُٻيٽ، ڳچي ذرتي، راس، نار، اُپسمنڊ وغيره.

پراڻين جاگرافين ۾ ڪم آيل ڪي اصطلاح هاڻي مٿيل صورتن ۾ ڪم اچن ٿا، وغيره.

| اصلوڪو | هاڻوڪو |
|---|---|
| چال | گردش يا ڦيرو |
| ڏينهن چال | روزاني گردش |
| ورهہ چال | ساليانيءَ گردش |
| ويڪرائي گهيرا | ويڪرائي ڦاڪ گهيرا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاري گهيرا — ڏيکاري ڦاڪ گهيرا
ڌرتيءَ جي ڇانو — ڌرتيءَ جو ڀاڱو
ڌرتي جي مورت — ڌرتيءَ جي شڪل وغيره.

## (9) سنساري نروار

**ڪتاب جي حقيقت:** پنڊت بنسي ڌر ڇرنجي لال هندي ڪتاب "بديانگر" تان "حقائق الموجودات" نالي اردو ڪتاب ناهيو هو. ايلس صاحب ائڪٽنگ ڪمشنر جي حڪم موجب ديوان نندي رام "حقائق الموجودات" جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري سندس نالو "سنساري وهنوار" رکيو آهي.

**مضمون:**

"مطالعہ الفطرت" (Nature Study) يا "سرشتي اپياس" تي هي ٿوريون ٿوريون ڪتاب سنڌي ۾ لکيو ويو آهي. هن ۾ پهريائين "مواليد ثلاثه" يعني ٽن مکيہ جسمن جو احوال لکيل آهي: (1) ساه وارا (2) وڻ ٻوٽا ۽ (3) ڌاتو.

ساه وارن ۾ پهريائين انسان جو بيان سمجهايو ويو آهي: ماڻهوءَ جي عمر جا ڀاڱا (ٻالپڻ، جواني ۽ پيري)، ماڻهوءَ جا ظاهري عضوا، رهڻ سهڻ بنسبت ماڻهن جا قسم، ماڻهن جي کاڌي خوراڪ جا اناج ۽ ميوا. تنهن کان پوءِ ڍورن ۽ جانورن جي بدني بناوت ۽ انهن جي ڪمن جو احوال ڏنل آهي. مڇين جا نمونا ۽ انهن جو بيان سمجهايل آهي. انهيءَ بيان کان پوءِ ماڻهو جي حواسن جي سمجهاڻي ڏنل آهي. وڻن ٻوٽن جا قسم انهن جا مختصر بيان، ۽ ڌاتن جا قسم ۽ انهن جا ڪم ڏيئي ٿوريون ڀاڱو پورو ڪيل آهي.

ٻئي ڀاڱي ۾ ڌرتيءَ جي مٿاڇري جو بيان، ملڪن جي سردي ۽ گرمي بابت سمجهاڻي، جدا جدا قومن جون جدا جدا عادتون ۽ خاصيتون، جبل ۽ انهن مان فائدا، نديون، سمنڊ، ماڪ، ڪڪر، وڄ، روشنائي، هوا ۽ واءُ، تارا، چنڊ، سج، سياره، ڌرتيءَ جو ڦيرو، رات ۽ ڏينهن، وقت جي ماپ يا گهڙيال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوٽ: مٿئين مضمون مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڪتاب نهايت عمدي ۽ قيمتي واقفيت وارو آهي. اڄ ڪلهہ جي سنڌي ادب ۾ اهڙو جامع ڪتاب موجود نہ آهي. جيڪڏهن انهيءَ ڪتاب کي سڌريل صورتخطي ۽ عبارت ۾ آڻي نئين سر ڇاپائجي تہ جيڪر تمام ڪارائتو ثابت ٿئي.

مضمون بنسبت ڪتاب جا ڪي جنسي ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

1- ”ڌٽيءَ جي اپت ۾ اهڙيون سهسين اپتيون آهن، جن جي ڳالهہ رڳي وڃا[1] جي آسري سان ڄاڻڻ ۾ اچي ٿي تنهنڪري جي اهين[2] علم جي لهڻ[3] لاءِ ڪشالو ۽ اُدم ڪندو تہ مڙيائي ڳالهہ پروڙيندو.“ (صفحہ 2)

2- ”ڪا ڌرتي اهڙي ٿئي ٿي تہ ان ۾ ماڻهو وس جيترو ڪشالو ۽ سعيو ڪري ٿو، پر ڪي نٿو اُپجي تنهن ڌرتي کي ڪلراٺي چون ٿا.

ٻج ڄڻڻ کان اڳ ۾ ٻنين کي هر سان کيڙي سنوارين ٿا. هند ڏيهہ ۾ ڏڳن سان هر ڪيڙيندا آهن پر انگلستان ۾ گهوڙن سان ۽ عربستان ۾ اُٺن سان. زميندارين جو ڪم گهڻي چڱيلائي ۽ سرهائيءَ جو آهي. هن لاءِ تہ پوکيندڙن کي سدائين سک ۽ ساهي کڻڻ لاءِ ٻاهر جو نئون واءُ ملي ٿو. انهيءَ ڪارڻ کان شهر جي ماڻهن ڪري اهي سگهہ وارا ۽ ڀلا ٿين ٿا. ٻج ڄڻڻ کان پوءِ وري نڪري سج جي تو کان وڻ ٿين ٿا. جڏهن سنگ پچي هيڊاوان ٿين ٿا تڏهن جوڳي لڻڻ جو پورو ڪجي ٿو.“ (صفحہ 22-23)

3- ”سيڪا مڇي ڪيترن لکن جي ويجهو آنا ڌئي ٿي تن جا آنا پڻ سج جي تو کان پچن ٿا. مڇين جي ٻت تي پڻ ڪنهن تي گهٽ ڪنهن تي وڌ ڪنڀ لڳا رهندا آهن ۽ تن کي ڪنين کان پاڻي ۾ ترڻ لاءِ ٻيليپو رسي ٿو جئن تہ پکين کي واءَ ۾ ڪنيڙانين کان ملي ٿو ۽ انهن جو پساهہ پاڻيءَ ۾ اهو ڪم ڪري ٿو جو نہ پکين جو پساهہ واءَ ۾ ڪري ٿو.“ (صفحہ 42)

4- ”ٻهڻ هر ذات کهربا لوهہ ۽ ٻيا اهڙيءَ پر جا آهن ۽ جنهن کي ماڻهو مٽي چون ٿا اها وڻن ۽ مردن جي ٻت ڳرڻ ۽ سڙڻ کان سڪجي ٿي آهي

---

1- وديا، علم 2- اوهين 3- پرائڻ، حاصل ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٿيندي وجي ٿي. ڌٽي تعاليٰ ڌرتيءَ کي اهڙي جوڙ سان ٺاهيو آهي تہ پرين پرين جي ڪاٽين جا پن بصر جي پن وانگر هڪ ٻئي مٿان ترا چماڻا اٿس جتان هر ذاتون نڪرن ٿيون تنهن هنڌ کي ڪاڻ چون ٿا. رپو، سون، لوهہ، ٽامو، ڪنجهو، جست ۽ ٻيون اهي هر ذاتون ڪاٽين ڪان نڪرن ٿيون."

(صفحہ 116-117)

5- "جاڻڻ گهرجي تہ ڌرتي ڪان سدائين ٻاڦون نڪرن ٿيون يعني جهڙي پر باهہ تي ڪوسي ڪرڻ ڪان ڦوتا ٿين ٿا، اهڙي پر سمنڊ، ڌرتي، ڏونگر، ڍنڍ، ندين، جمر ۽ ساهہ وارن جي ٻتن مان سج جي ڪوسائي ڪري بخار نڪرندا رهندا آهن، هي ٻاڦون زڳيون پاڻيءَ جي ڦڙڻ جون آهن گهٽي پراهين رهڻ ڪان واءُ سان پڻ واڌو هلڪا ٿين ٿا ۽ انهيءَ سبب ڪان جئن پاڻي پاڻ ڪان واڌو هلڪي وٿ کي مٿي اڇلي ٿو، انهيءَ پر واءُ ٻاڦ کي مٿئين پاسي چڙهائي نئي ٿو ۽ اهي ٻاڦون مٿي وڃي ٿڌائي ڪري جمي ڳنيا ڪڪر، ماڪ، برف، ڳڙا ۽ مينهن ٺهن ٿيون. (صفحہ 123-124)

## (10) چٽ جي پاڙ

**ڪتاب جي حقيقت:** سنڌي ادب جي نئين دور شروع ٿيڻ واري زماني ۾ مدراس ۾ ڊاڪٽر هنٽر صاحب ڪنپارڪي ڪم سيکارڻ لاءِ هڪڙو هنري اسڪول کوليو هو، جنهن ۾ شاگردن کي نڪر جي ٿانون تي قسمين قسمين چٽ ڪڍڻا پوندا هئا.

هنٽر صاحب اسڪول کولڻ سان گڏ هڪڙو انگريزي ماهہ وار رسالو بہ جاري ڪيو هو، جنهن ۾ "چٽ" يعني "ڊرائنگ" ڪڍڻ جا اصول ۽ سمجهاڻيون لکيون هيون. ڪمشنر صاحب جي حڪم موجب مسٽر ڪاهنداس (ڪانداس) منشارام اسسٽنٽ انجنيئر انهي ماهوار رسالي جي شروعات واري ٻهرئين پرچي جي اردو ترجمي تان ديوان تنديرام جي مدد ۽ صلاح سان هي سنڌي ترجمو ڪيو. رسالي جي انگريزي پرچي جو اردو ترجمو، جنهنجو نالو "اصول نقاشي" آهي، سو منشي سدا سک لال جو ڪيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مضمون:**

"ڊرائنگ" جي سمجھاڻي بابت سنڌي ۾ ھي پھريون ڪتاب آھي. ھن ۾ جاميٽريءَ جي رستي ڊرائنگ جون شروعاتي ھدايتون ڏنل آھن. سنيون ليڪون، پاسيريون ۽ ڦڏيون ليڪون، پور وچوتي ليڪون، ڪنڊون، چوڪنڊا، ٽڪنڊا ڪڍڻ وقت ھٿ ۽ نونٽ جھلڻ جا رستا ۽ پئمانو سمجھائي پوءِ گھرو شين ۽ گلن جون شڪليون سڪندڙن جي استعمال لاءِ ڏنيون ويون آھن.

جنھن وقت ھي ڪتاب تيار ٿيو ھو، تنھن وقت جاميٽري جو ڪتاب اڃا سنڌي ۾ نھيل نہ ھو، تنھن ڪري جيڪي جاميٽري سان تعلق رکندڙ اصطلاح اڄ ڪلھہ سنڌي جاميٽرين ۾ ڪم پيا اچن، سي ھن ڪتاب لکندڙن جا ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ قائم ڪيل ڇئبا، جئن تہ:

ٽيڪو، عمود، ٽڪندو، پرڪار يا پلڪار، ڪنڊ، گوني ڪنڊ، ويڪري ڪنڊ، سوڙھي ڪنڊ، چورس.

ھينيان لفظ ۽ اصطلاح اڄ ڪلھہ جي جاميٽرين ۾ درست سھائيندڙ فھرست ۾ ڪم اچن ٿا:

| ھن ڪتاب ۾ | درست صورت |
|---|---|
| جھڪ ئي | گڪائي |
| مطر | فوٽي |
| عرضي ليڪ | سنئين پيل ليڪ |
| مائل ليڪ | ڏنگي ليڪ، پاسيري ليڪ |
| صفائي | مٿاڇرو، سطح |
| ميچڻ | ماپڻ |
| ميچو | ماپ |
| بازو | پاسو |
| آمھين سامھين جون بازون | آمھان سامھان پاسا |
| مقابلو | ڀيٽ |
| سبت | ھڪجھڙائي |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| اُبت | برخلافي |
| علم جي پاڙن تي ڪم ڪرڻ | علمي اصول موجب ڪم ڪرڻ |
| تنهن ڪارڻ ڪان تہ | انهيءَ ڪري تہ |
| پوري چمائڻ | ڌيان لڳائڻ، خيال ڪرڻ |
| ري سنسي | بي شڪ |

## (11) ايسپ جون آکاڻيون

**ڪتاب جي حقيقت:** هن ڪتاب جي حقيقت بابت ترجمان جو لکيل منڍ ئي ڪافي آهي، جو جنسي عبارت ۾ هيٺ ڏجي ٿو:

”هي آکاڻيون پهرائين (پهريائين) ايسپ نالي جوڙيون هيون، ان جي جيئڻ کان ٻہ هزار چار سو ورهيہ گذريا آهن سندس جم روم جي علائقي ۾ ٿيو هو ۽ پاڻ ٻانهون (شيدي غلام) هو، پر نيٺ سگورائي ۽ سياڻائي ۽ ڏاهپ کان آجو ٿيو (جي سببان آجو ٿيو) ۽ آکاڻين مثل جي ناهڻ ۾ اهڙو پڙ هو، جو اڳين ۽ پوين ۾ ان جو (جهڙس) ڪونہ ٿيو ۽ نڪتي (سچ پچ) جي ڳالهيون هن ڪتاب ۾ آهن سي هن جون سڀيئي ليکيليون آهن، پر ان جي مرڻ کان پوءِ ٻين ماڻهن ڪي ناهيون آهن سي پڻ انهن مان ڪيتريون تنهنجي نالي تي پڌريون آهن ۽ سندس آکاڻين جو گهڻو ڪري ترجمو مڙني ٻولين ۾ آهي. پر اجا توڻي سنڌيءَ ۾ نہ ٿيو هو ۽ تنهنجي موچارائي اهڙي آهي جنهنجي پڙهڻ کان لوڪن کي سواد اچي ٿو. تنهنڪري ايلس صاحب بهادر اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ، (ديوان) ننديرام تعليم کاتي جي منشي جي مدد سان سنڌي وائي ۾ ترجمو ڪيو....؟

**مضمون:**

هن ڪتاب ۾ ٻہ سئو ٻہ (202) مزيدار آکاڻيون آهن.ا هي اگرچ جانورن، جيتن ۽ ٻي جان شين جي واتان بيان ڪرايل آهن، تہ بہ انهن ۾ انسان ذات لاءِ ڪيترائي عقلي، اخلاقي ۽ سياسي سبق ۽ نصيحتون سمايل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# (11) پئماشي ڪتاب

**ڪتاب جي حقيقت:** هي ڪتاب ڊاڪٽر چارلس هٽن ۽ ٻين مصنفن جي انگريزي ڪتابن تان مسٽر ڪاهنداس منشارام اسسٽنٽ انجنيئر سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. نند يرام سڌاريو.

**مضمون:**

هن ڪتاب ۾ پيمائشي حسابن جون وصفون ۽ قاعدا سمايل آهن. هن ۾ سنئين مناڄري جي پکيڙ ڪڍڻ، پراپيزائيڊ ۽ ترپيزيم جي پکيڙ، گهرو ڪندن جي پکيڙ. گول ۽ ان جي ڀاڱن جون ماپون ۽ پکيڙ ڪڍڻ، ٻي ڊولين شڪلين جي پکيڙ ڪڍڻ، نهرين شين جون ماپون ڪڍڻ سمجهايون ويون آهن.

جنهن نموني سان هن ڪتاب ۾ پيمائشي حسابن جا قاعدا سمجهايل آهن، سو ساڳيوئي نمونو اڄ ڪلهه وارن پئمائشي حسابن ۾ پيو ڪم اچي. سنڌي ۾ هي پهريون پهريون پيمائشي حسابن جو ڪتاب آهي پئماشي حسابن سان تعلق رکندڙ ڪي اصطلاح جي هن ڪتاب ۾ ڪم آيل اهن، سي اڄ تائين ڪم پيا اچن. جئن ته: رامبس، رامبائڊ، ٽراپيزيم، ٽراپيزائڊ، پرزم، سلنڊر، (اهي انگريزي ٻوليءَ جا لفظ آهن) قوس، ڪره. قطر، (اهي عربي جا لفظ آهن) ۽ ڪمان، زه، نيم قطر (اهي پارسي جا لفظ آهن.)

هيٺ ڏيکاريل اصطلاح جي هن ڪتاب ۾ آهن سي هاڻوڪن پئمائشي حسابن ۽ جاميٽرين ۾ مٽايا اٿن. جئن ته:

| اصل لفظ | مٽايل هاڻوڪي صورت |
|---|---|
| مئپ | ماپ |
| نڪتو | ٽٻڪو |
| پنجاس | پنج ڪنڊو |
| ڇهاس | ڇهه ڪنڊو |
| ستاس ۽ اٺاس | ست ڪنڊو ۽ اٺ ڪنڊو |
| وچ | مرڪز |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڏنا اٿس، تن جي هيٺان انهن شاعرن جا نالا لکيا اٿس ۽ جيکي پنهنجا ناهيا اٿس يا ترجمو ڪيا اٿس تن جي هيٺان پنهنجو نالو لکي ڇڏيو اٿس.

ديوان صاحب ڏوهيڙا بہ بلڪل پختا. رسيلا ۽ اثرائتا ناهيا آهن.

مثال 1-

1- جي پائن سپتيو تيان، تہ ڪوڙ ڪيم ڳالهاءِ
نندي وڏي نينگر سان سداءِ سچ الاءِ
نہ تہ ملندءِ سزا، تيندين بچڙو لوڪ ۾.

2- بچڙو تيندين لوڪ ۾ ڪونہ ڪندءِ اعتبار
جيڏن ۽ سرتن ۾ تيندين گهٽو خوار
اهاڳالهہ تڪرار ڪٽي، هنداءِ هنئين سان.

3- ڪٽي هنداءِ هنئين سان تون منهنجي ڳالهہ اها
تئي تفاوت تر جو، نہ ڪر تون ويساهہ
سدا سچ ڳالهاءِ، تہ ڪوڙو چوني ڪونہ ڪو.

**موزون ڪلام جو مثال:**

ڪنهين ملڪ ۾ هڪڙو پتشاهہ هو،
پڙهڻ لاءِ تنهن پنهنجو پٽ موڪليو.
گهڙائي پٽي ڪڙي چانديءَ جي؛
وڏي حب سان تنهن پنهنجي پٽ کي ڏني.
لکيا هئا متي اُن پٽي سون سان،
اکر هيءُ خاصا ڪنهن ڪاتب هٿان.
"ڏکو تاب استاد جو پار تي،
پلو آهہ سو پيار کان بي سندي."

(سبق 86)

مٿيون شعر "گلستان سعدي" جي هڪڙي پارسي شعر جو عمدہ سنڌي ترجمو ڪيو اٿس، پر بحر مٽايو اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 3 سنڌي صرف و نحو

**ڪتاب جي حقيقت:** پهريائين پهريائين سنڌي ٻوليءَ بابت "صرف و نحو" انگريزي زبان ۾ ڪن يوروپين عالمن جدا جدا لکيا هئا.

جي خاص طرح سنڌي ٻولي سکندڙن يوروپين عملدارن ۽ مرهٽن خواه پنجابي عملدارن کي ڪم ايندا هئا. جي انگريزي ٻوليءَ جو گرامر کيئي چڱيءَ طرح ڄاڻندا هئا. فريئر صاحب ڪمشنر سنڌيءَ ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ بابت "صرف و نحو" تيار ڪرائڻ جو خواهشمند ٿيو، جنهن جي حڪم موجب مسٽر اڌارام هي ننڍڙو سنڌي "صرف و نحو" پارسي گرامرن تان ناهي تيار ڪيو.

سنڌي ادب جي جنهن دور بابت اسين بيان ڪري رهيا آهيون: تنهن دور ۾ جيترا ٻيرا هي ڪتاب وري وري ڇپيو آهي، اوترا ٻيرا ٻيو ڪو ٻـه ڪتاب نـه ڇپيو هوندو؛ ۽ سيڪنهن ڇاپي ۾ وڏيڪ سڌارا ۽ ڦيريون گهيريون منجهس ٿينديون رهيون.

جيئن تـه سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهريون "صرف و نحو" جو ڪتاب هو، تنهنڪري "صرف و نحو" سان تعلق رکندڙ اصطلاح عربي صرف و نحو وارا ڪم آندا، جي پارسي ۾ صرف و نحو ۾ ڪم ايندڙ هئا.

## 4 مفيدالطالبين

**ڪتاب جي حقيقت:** مسٽر اڌارام وڏي عمر ۾ انگريزي سکيو هو ۽ پنهنجي تيز فهميءَ ۽ پارسيءَ توڙي هنديءَ ۾ گهڻي محاوري هئڻ سبب هو انگريزيءَ ۾ بـه اهڙو هوشيار ٿي ويو؛ جو گولڊ سمٿ صاحب جي حڪم موجب هڪڙو انگلو ورنيڪيولر ڪتاب ناهيائين، جنهنجي وسيلي انگريزي گرامر ڄاڻندڙ کي سنڌي ٻولي سکڻ آسان ٿئي ٿي ۽ سنڌي گرامر ڄاڻندڙ کي انگريزي ٻولي سکڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي. انهيءَ ڪتاب جو نالو انگريزي ۾ Oodhoram's Guide (اڌارام گائيڊ) ۽ سنڌيءَ ۾ "مفيدالطالبين" (شاگردن کي فائدو ڏيندڙ) آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 5- پارسي آموز

**ڪتاب جي حقيقت:** پارسي زبان جي تعليم ڪن ايامن کان وٺي سنڌ ۾ چالو هئي، پر پارسي ٻوليءَ جو ”صرف و نحو“ سنڌي زبان ۾ لکيل نه هو. جڏهن سنڌيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو به لکيل ڪونه هو، تڏهن پارسي صرف و نحو سنڌي ۾ سمجهائڻ ناممڪن هو. مسٽر اڏارام صرف و نحو ناهڻ کان پوءِ ساڳئي نموني تي پارسي ”صرف و نحو“ سنڌي ۾ لکيو، جنهن جو نالو آهي ”پارسي آموز“. هي ڪتاب اڄ تائين درسي ڪتابن طور ڪم پيو اچي.

## (1) دنيا جي مختصر تاريخ

**ڪتاب جي حقيقت:** جدا جدا انگريزي ڪتاب، جن ۾ دنيا جي قومن جو احوال يورپين عالمن جي تحقيقات موجب لکيل آهي، تن تان هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.

**مضمون:**

هن ڪتاب ۾ دنيا جي قومن جو بنياد وچ ايشيا کان شمار ڪيو ويو آهي. اول ايرين ۽ سميٽيڪ به مکيه قومون هيون، ايرين قوم مان ايراني، آريه، انگريز، جرمن، يوناني ۽ رومي قومون پيدا ٿيون. سميٽيڪ قوم مان يهودي، عرب، مصر جا ماڻهو وغيره پيدا ٿيا ۽ ٽيوري مين خانه بدوش قومون هيون، جن مان ڪيتريون ئي شاخون جدا جدا ملڪن ۾ پکڙجي ويون.

حضرت عيسيٰ کان به هزار ٽي سو ورهه اڳ ”خالديه“ حڪومت ساري ايشيا تي غالب هئي. حضرت عيسيٰ کان هڪ هزار به سو ورهه اڳي ”ميديا“ حڪومت زور ورتو. حضرت عيسيٰ کان ڇهه سو پنجويهه ورهيه اڳ ”بابيلان“ حڪومت زور ورتو. يونان، روم ۽ ايران جي حڪومتن جي زور کان پوءِ ”اسلام“ زور ورتو. يوروپي قومن جي ٻاڻ ۾ فتحن ۽ شڪستن کان پوءِ يوروپ ڪي حصن ۾ ورهائڻ، يوروپ ۽ اسلام جي وچ ۾ ڪروسيڊس (ڌرمي جنگين) بيان ڪرڻ، يوروپين قومن جو ساري دنيا ۾ نوآبادين هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ، هندستان ۾ يورپين قومن جو اچڻ ۽ هڪ ٻئي جو زور ڀڃڻ ۽ هندستان ۾ آخر انگريزي قوم جو ٻين يورپي قومن تي غالب پوڻ جو بيان ڏنيئي ڪتاب پورو ڪيو اٿن.

هي ڪتاب جيتوٽيڪ وڏن ڪلاسن ۾ تعليم وٺندڙ جي مطالع لاءِ هو، تہ بہ ڪن ضروري لفظن جي صحيح تلفظ خاطر انهن تي زير، زبر ۽ پيش ڪم آندل آهن. مثلاً قرات، خطاب، عهدو، قوم وغيره. "نون غنه" جي بدران بہ زيرون، بہ زبرون ۽ بہ پيش ڪم آندل آهن جئن تہ:

وڏاءِ ........................ وڏائين.

ڪياءُ ........................ ڪيائون.

اڏاوت ........................ اڏاوتون وغيره.

سنڌي ادب جي نئين دور وارن ڪتابن ۾ عام طرح سنڌي "صرف و نحو" جي قاعدن جي پابندي ڪانهي، پر هن ڪتاب ۾ ڪم آيل ٻولي جي قاعدن سان موافق ۽ سلوٽي سليس آهي.

## رئسيلاس

هي ڪتاب جانسن صاحب نالي انگريز انگريزيءَ ۾ تصنيف ڪيو هو، جنهن جي ترجمي ڪرڻ لاءِ تعليم کاتي اشتهار ڪڍيو، تہ جيڪو شخص انهيءَ انگريزي ڪتاب جو صاف سنڌي ۾ ترجمو ڪندو، تنهن کي سرڪار انعام ڏيندي. مسٽر اڌارام ۽ مسٽر نولراءِ گڏجي اهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جو ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي پسند ڪيو ۽ انهن ٻنهي صاحبن کي انعام مليو. اهو ڪتاب ڪيترائي ورهيہ ٽريننگ ڪاليج جي شاگردن لاءِ درسي ڪتاب طور ڪم پيو ايندو هو.

**مضمون:**

هن ڪتاب ۾ انسان ذات جي دماغي ۽ دلي طاقتن ۽ خواهشن جون حقيقتون ء مثال، انسان ذات جي غم ء خوشيءَ جا سبب ء نتيجا. ۽ انسان ذات جي زندگيءَ جون منزلون ۽ مقصد هڪڙي دلچسپ آکاڻيءَ جي صورت ۾ بيان ڪيا ويا آهن. جا آکاڻي جيتوٽيڪ خيالي آهي، مگر حقيقتن سان ڀرپور آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪاڻي جو اختصار هيءَ آهي:

مصر ملڪ ڏانهن قديم زماني کان وٺي هي دستور هوندو هو. ته بادشاهه پنهنجي پٽن ۽ ڌيئن کي اهڙين محلاتن ۾ رهائيندا هئا. جي شهرن کان دور هوندا هئا. جڏهن ڪنهن شهزادي يا شهزاديءَ کي تخت جو ڏٽي ٽيڪو هوندو هو. فقط تڏهن ان کي محلات کان ٻاهر ڪڍيو ويندو هو. حبش جي شهنشاه پنهنجي پٽن ۽ ڌيئن لاءِ جيڪي محلات نهرايا هئا. سي آمهاري بادشاهت جي هڪڙي سرسبز ماٿريءَ ۾ هئا. ماٿريءَ جي چوڌاري تمام وڏا جبل هئا. محلاتن ڏي اچڻ وڃڻ لاءِ هڪڙو غار هوندو هو. جنهن جي اندرئين منهن تي ڳرا لوهي دروازا ڏنل هوندا هئا. ماٿريءَ ۾ محلاتن جي آسپاس جبلن تان لهندڙ لهرون. چشما ۽ شفاف پاڻيءَ سان ڀريل تلاءَ هوندا هئا. باغ باغيچن. گلن گلزارين سان ساري ماٿري ڪشمير بني پيئي هوندي هئي. هر قسم جا جهنگلي جانور. هر قسم جا پکي هر قسم جون مڇيون. هر قسم جا گهرو جانور ماٿريءَ ۾ موجود هوندا هئا. کاڌي خوراڪ ۽ عيش عشرت جو جيڪو سامان دنيا ۾ ملي سگهي ٿو سو سڀ اتي موجود هو. دنيا ۾ جيڪي مشهور ڪاريگر ۽ هنرمند ماڻهو سجهندا هئا. سي ان ماٿريءَ ۾ داخل ڪيا ويندا هئا. شهزادين ۽ شهزادن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ عالم ۽ معلمات. نوڪر ۽ نوڪرياڻيون. راڳ روپ ۽ ناچ تماشا ڪندڙ سڀ انهيءَ ماٿريءَ ۾ موجود هوندا هئا. شهزادن ۽ شهزادين کي کائڻ پيئڻ راڳن روپن ٻڌڻ. ناچ تماشن ۽ ماٿري اندر موجود ٿيل قدرتي نظارن ڏسڻ ڏاران ڪو ٻه ڪم ڪونه هوندو هو.

اهڙي عيش عشرت واري زندگيءَ مان حبش جو شهزادو رئسيلاس ۽ سندس ڀيڻ نيڪايا ڪنا ٿي پيا انهن کي خيال اچي ٿيو. ته هتي رهڻ ۾ اسان جي دل کي ڪا به خوشي ۽ ڪوبه سک نٿو حاصل ٿئي. تنهن ڪري هن قيدخاني مان نڪري جبلن کان ٻاهر وڃي ڳولا ڦولا ڪريون. اميد آهي ته اسان کي ضرور خوشي ۽ سک هٿ اچي ويندو. ٻئي ڀاءُ. ڀيڻ ۽ عملاڪ نالي هڪڙو هوشيار پڙهيل ۽ جهانديدو فيلسوف شاعر جو پڻ ان ماٿريءَ واري قيد ۾ تنگ ٿي پيو هو. سي ٽيئي آخر لڪ چوري جبل ٽڪي ٻاهر نڪتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهزادي رئسيلاس پهريائين عملاڪ ڪان سندس گذريل حياتيءَ جو بيان پڇيو. جنهن ۾ ان پنهنجي شاهوڪار سوداگر پيءُ جا خيال ۽ ارادا، پنهنجي تعليم جو ذڪر، ڪيل مسافرين جون حقيقتون بيان ڪيون.

انهيءَ بيان ۾ هيٺين ڳالهين بابت رئسيلاس ۽ عملاڪ جي وچ ۾ بحث مباحثا ٿيا.

شاهوڪارن کي پئسن لڪائڻ جو خيال (2) دولت وڌائڻ جي سڌ (3) سفر مان ڇا ڇا پرائڻ گهرجي. (4) شاهوڪار کي مسافريءَ ۾ انديشا ۽ کي سولايون (5) شاعريءَ جي حقيقت ۽ درجو (6) زيارت لاءِ پاڪ جايون پيٽڻ (7) وڏن شهرن ۾ گڏ ٿيل ماڻهن جا نمونا ۽ خيال (8) مٽن مائٽن جي خود غرضي (9) ماٽريءَ ۾ اچي داخل ٿيڻ جي خواهش.

عملاڪ پنهنجي زندگيءَ جي احوال بيان ڪرڻ سان شهزادي رئسيلاس کي تسلي ڏني ته دنيا ۾ ڪو به انسان خوش ۽ سکيو ڪونهي؛ مگر رئسيلاس ۽ نيڪايا ٻاڻ سان بيشمار هيرا ۽ جواهر کنيا هئا. تنهنڪري انهن کي دنيا جي سير ڪرڻ ۾ ڪا به رنڊڪ ڪانه ٿي. ڪنهن نه ڪنهن طبقي جا انسان ضرور خوش ۽ بي گوندر گذاريندا هوندا؛ انهيءَ ڳالهه جاچڻ لاءِ رئسيلاس ۽ نيڪايا جدا جدا هنڌن جدا جدا حيثيت جي ماڻهن سان رل مل ٿي آزمودا حاصل ڪيا ۽ سک جي ڳولي لهڻ لاءِ بي آرام رهيا. انهن هيٺين ماڻهن جون حالتون جاچيون ۽ ان بعد بحث ڪيا:

1- ريڍارن ۽ دهقاني ڌراڙن جون حالتون، 2- البيلي حياتي گذاريندڙ نوجوانن جون حالتون؛ 3- سياڻن ۽ وعظ ڪندڙن بزرگن جون حالتون؛ 4- شاهوڪارن جون خطرناڪ حالتون؛ 5- ايڪانت واسين يعني خلوت نشينن جون حالتون؛ 6- دنيا جي قاعدي قانون موجب هلندڙ ماڻهن جون حالتون؛ 7- درباري ۽ وڏن ماڻهن جون حالتون؛ 8- سفيد پوش ماڻهن جون گهرو حالتون؛ 9- چڙهي ۽ پرٽيل ماڻهن جون حالتون؛ 10- نهايت قابل نجومين جون حالتون؛ 11- جهنگلي ڌاڙيلن جون گهرو حالتون؛ 12- روح کي فاني ڄاڻندڙن ۽ غيرفاني ڄاڻندڙن جون حالتون.

انهن سڀني تجربن ۽ آزمائشن کان پوءِ رئسيلاس، نيڪايا ۽ نيڪايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ﭜ اتي اچي پهتا. انهن شهزادي کي گهر هلڻ لاءِ وڏا وس ڪيا، پر هو چوي ﺗﻪ بدر منير ڏانهن وڃڻ ڏاران ٻئي پاسي مون کي هلڻوئي ﻧﻪ آهي. همراهه اهو حالت ڏسي شهزادي کي زوران زوري پالڪيءَ ۾ قابو ڪري اچي پنهنجي ڳوٺان نڪتا.بادشاهه ۽ راڻي پنهنجي پٽ کي بي حال ڏسي پنهنجي ٻاٽيءَ کان نڪري ويا. آخر ڏاهي وزير جي صلاح موجب بدر منير پريءَ جي پيءُ ڏي سڱ ڏيڻ لاءِ قاصد ۽ سوکڙيون سوغاتون موڪليائون.

ڪتاب جي پڇاڙي ۾ مصنف چوي ٿو:

پوءِ پرڻائي پٽڙي کي ڪيائين هوتڻ جو سعيو
تنهن پٽ پنهنجو پاڻ سان ڏيهه وٺي آيو
ٿيو سرهو گهٽو سرير ۾، هن جشن ڪرايو
پريو پڄايو، مطلب هن جي من جو.
جهڙي پني هن سان تهڙي ڪل جي سال پڄي
اوڻيهه سا چويهه مٿي ٿو سنبت سال سڄي
مٿي چوڏهين ڏينهن پڌ ٿيو مهنو مانگهه ٻجهي
احقر ٿيو اجهي، رکج ڀرم ڀڳونت تون".

### نظم جو نمونو:

هندي زبان ۾ نهيلن ڪيترن ئي نظم جي ڪتابن ۾ جڻن جدا جدا وزنن (ماترائن) وارا دوهرا (ڇند، دوها، رها ۽ سوها) گڏ وچڙ هوندا آهن، فقط هن ڪري ﺗﻪ جدا جدا سرن ۽ طرزن ڪم آڻڻ ڪري ڪتاب ۾ سمايل مضمون مان پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ کي وڌيڪ سواد اچي، تئن هن صاحب ﺑﻪ هن ڪتاب ۾ ﻧﻪ رڳو جدا جدا ماترائن وارا ڏوهيڙا ڪم آندا آهن، پر موزون ڪلام ﺑﻪ جدا جدا نمونن جا ڪم آڻيندو ويو آهي. مثلاً فرد، قطعه، مثنوي موزون ڪلام گهڻي قدر بحر تقارب محذوف ۽ مقصور ۾ آهن. باقي ﺑﻪ ٽي قطعا بحر متدارڪ مضاعف سالم تي ۽ هڪڙو فرد بحر رجز مثمن سالم تي آهي.

مسٽر اڏارام جو ڪلام (ڏوهيڙا توڙي موزون) پڪو پختو ۽ نزاڪت ڀريو آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1- ساراهيان سچو ڌڻي جنهن سرجيو سڀ سنسار
قادر پنهنجي قدرت سان رچيو رنگ اپار
تنهن پاڻيءَ جي بوند مان ڪيا منک مرون اظهار
جن جوڙيائين ديو ٻيا ڪيائين پريون پديدار
آگي جو اسرار، ڪنهين پروڙ يہ ڪينڪي.“

2- رنگين رنگين روپ تيا ۽ عجب نظارا
ڪي گورا ڪي سانورا ڪي منهن جا موچارا
ڪي ٻاهرون ٻوليءَ جا منا ڪي اندر جا ڪارا
ڪن جي ڏني دل تهي، ڪي جيءَ جا جيارا
تنهنجا وڏا پسارا، سو آهي صاحب سرب جو.“

(ڪتاب جي شروعات)

نوٽ- مٿيان ٻئي ڏوهيڙا سڌريل نموني جي ڏوهيڙن جا آهن. هيٺ ہِ تي مثال اهڙن ڏوهيڙن جا ڏجن ٿا. جي شاهہ ڪريم (رحہ) جي ڏوهيڙن جي طرز تي نهيل آهن:

1- ”لنگهيا پهر ٿي رات جا اهڙيءَ خوشيءَ منجهان
جو سگهي جيِ انسان جي ڪري ڪين بيان.“

2- ”جڏهن اُن پرين جي ٿي وڃڻ جي وير،
تڏهن چيائون شهزادي کي هل اسان سان هير.“

## 9- قصو ڪامسين ۽ ڪامروپ

**ڪتاب جي حقيقت:** ڳوٺ وڳڻ تعلقہ نوشهره فيروز ۾ لعلو ڀڳت رهندو جو اکين کان معذور هو. اُن ڪامسين ۽ ڪامروپ جو قصو سنڌي ڏوهيڙن ۾ ناهيو هو، جو ديوناگري اکرن ۾ لکيل هو. مسٽر اڏارام اهو قصو هٿ ڪري عربي سنڌي صورت خطيءَ ۾ لکي تعليم کاتي کي ڏنو. جنهن منظور ڪري ڇاپايو؛ ڇاڪاڻ جو ان وقت تعليم کاتي جي طرفان اها ئي ڪوشش هئي، تہ ڪو ٻہ سنڌي نثر يا نظم، جو اڳ ڇاپيو نہ ويو هجي، سو هٿ ڪري ڇاپائجي تہ سنڌي لٽريچر جو واڌارو ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا نوڪرپال کي جڏهن خبر پئي ته پتس ڪامروپ جي برهه ۾ بي حال آهي، تڏهن پنهنجي وزير نظر صاف کي گجرات جي راجا ڏانهن سنگ ونڻ لاءِ موڪليائين. راجا جئه سنگه راءِ پنهنجي ڌيءَ جو سنگ خوشيءَ سان ڏيڻ قبول ڪيو.

"تڏهن پڌي حقيت حال جي مائٽي مجيائين
ناريل جتي نر ڏي موڙو مڪائين
ورنه ڏانهن وهاڻ جو لکيو لکيائين
سام ونو سائين، اچي پارهين مهني پانهنجي."

(ڏوهيڙو 37)

پارهن مهنن گذرڻ بعد راجا نوڪر پال پنهنجي پٽ جي شادي ڪرڻ لاءِ مال اسباب گڏ ڪري ڄڃ وني گجرات ڏي ٿي ويو ته واٽ تي ڪنهن دشمن اچي وڪوڙيس. نوڪرپال اتي مارجي ويو ۽ ساري ڄڃ ڪوٽ بچائڻ لاءِ موٽي مغرور ڏي آئي.

راجا جئه سنگه راءِ اها خبر پڌي پنهنجي ڌيءَ ڪامروپ وري پئي ڪنهن راجا سان مڱائي ڇڏي، جا ڳالهه ڪامروپ کي نهايت ناپسند آئي.

"سٽي حقيقت حال جي ڪامٽي ڪوماٽي،
سک تي سمهي ڪينڪي وتي ويڳاٽي،
منو نه لڳو منڊ کي پرين ري پاٽي،
نجو نماٽي پيٺ وني هي پانهنجي."

(ڏوهيڙو 50)

ڪامسين جڏهن دشمڻ کي دفع ڪرڻ لاءِ پنهن جي پيءُ جي گاديءَ تي وينو ۽ ڪامروپ جي ٻئي هنڌ مڱڻ جي خبر پيس، تڏهن فقير بڻجي گجرات ڏي وڃڻ جو ارادو ڪيائين؛ پر نظر صاف وزير جي صلاح موجب دل ڏاڍي ڪري ترسي پيو ۽ دل هرڻ نالي هڪڙي چالاڪ دائيءَ کي جهجهو مال اسباب ڏيئي ڪنميا گرياٽي جي ويس ۾ گجرات روانو ڪيائين. دل هرڻ منزلون جهاڳي وڃي گجرات پهتي ۽ حيلا حوالا هلائي ڪامروپ سان وڃي ملاقات ڪيائين ۽ چيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"توکي تن پرين جـو ڏيان نيـاپو نروار،
هوتن هيـڏي مـوڪليـو تو هي ڏي تـڪـرار،
ملڻ جو محب سان ڪو ڪري ڄـڏ قرار،
ياد ڪري تو يار، مندان ٿيون ميلاپ جون.

(ڏوهيڙو 95)

ڪامروپ پرينءَ جا پيغام پڏي نهايت خوش ٿي ۽ دل هرڻ کي بہ انعامن اڪرامن سان نوازيائين ۽ چيائينس تہ ڪامسين کي چئج، تہ "فلاڻي مهني ۾، فلاڻي تاريخ، فلاڻي وڻ هيٺ گهوڙي سميت اچي ببيهي، تہ آءُ بہ اتي ايندس ۽ ساڻس گڏجي رواني ٿيندس." دل هرڻ ٿورين گهڻين ڏينهن ڪامسين وٽ پهتي ۽ سارو احوال پيش ڪيائينس. پوءِ تہ ڪامسين کي تخت ۽ تاج وهم ٿي آيو:

"اُتي تہ اور عجيب جي وهي تہ تنهن وائي،
پـــري بندوق برهہ جي هوتن هلائي،
تـکي لـڳيس تـن کي جيءَ اندر جـــائي،
پالو پاڇـاهي، آئڙي ڪين عـجـيب ري."

(ڏوهيڙو 170)

ڪامسين پنهنجي بادشاهي نظر صاف وزير جي حوالي ڪري پاڻ گهوڙي تي چڙهي گجرات روانو ٿيو ۽ ڪشالا ڪڍي انجام ڪيل وڻ هيٺ اچي وينو ۽ عجيبن جي اچڻ جون واٽون نهارڻ لڳو. ڪامروپ انجام ڪيل ڏينهن تي وڻ پوڄڻ جي بهاني سان سرتين ساهيلين سميت جهنگ ۾ آئي، ۽ ٻين کي پري بيهاري پاڻ اڪيلي ان انجام ڪيل وڻ وٽ اچي ڪامسين سان ملي. اتان ٻئي جڻا گهوڙي پيلهہ چڙهي مغرور ديس ڏي راهي ٿيا.

"پس بينـيـون پوءِ تي سرتيون سيـئي
منڌ مـوتي ڪينڪي جـا وڻ پوڄڻ ويئي
ويڏن ٿي وينگس کي ڪامڻ سان ڪيهي
اچي اُهيـئي، سڀ بيـنـيـون پالهي پڙ تي."

(ڏوهيڙو 15)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا جئہ سنگہ راءِ کي خبر پهتي، تہ ڪامروپ کي ڪو جن يا ديو ڪٽي ويو، سو روئي پٽي ڏيءَ سهسائي ويهي رهيو.

ڪامسين ۽ ڪامروپ کي واٽ تي ڏائڻين ۽ راڪاسن جي فريب ۽ دغائن جي ڪري طرحين طرحين تڪليفون رسيون ۽ ہہ تي پيرا پاڻ ۾ وڇڙي ويا، پر ڪن ديوتائن ۽ پرين جي مدد سان هو آخر هڪ ٻئي سان اچي گڏيا ۽ سلامت اچي مغرور ديس ۾ پهتا ڪامسين کي انهيءَ ڪشالي ۾ پنج ورهہ لڳي ويا هئا، تنهن وچ ۾ دماق نالي راجا چڙهائي ڪري نظر صاف وزير کي قيد ۾ رکيو هو ۽ سارو مغرور ديس پنهنجو ٻٽائي ڇڏيو هو.

ڪامسين ديون جي مدد سان دماق راجا کي ماري مات ڪيو ۽ نظر صاف وزير کي آزاد ڪري پنهنجي اباڻي ملڪ جو راجا ٻڌجي راج هلائڻ لڳو.

ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ شاعر چوي ٿو:

”جنهن گڏيو گڏ محبوب سا سو ست گر سوپارو
ڪرپا ڪري پڌرو ڪيو نر جو نظارو،
وهاري سوره کي ڪيو ڪامل قرارو،
غالب ستارو ٿيو، لعلو راج جو.“

2- ”قصو ڪامسين جو پائي لعلو لکايو،
وڳڻ منجهہ ويهي ڪري ناهہ اهو ناهيو،
لکٽهاري لکيو، سک ڪري سعيو،
تنهنجو ست گر پڇايو، مدعا مڙيئي من جو.“

(ڏوهيڙو 337-338)

هي سارو قصو سذريل نموني جي ڏوهيڙن ۾ آهي، ”جنجو قافيہ“ پختو ۽ لفظن جي جڙت دل وٽندڙ آهي. شاعر جيتوڻيڪ اڻ پڙهيل ۽ اکين کان وڏو هو، تہ بہ سنديس درد ڀري دل سجاڳ ۽ روشن هئي، جنهنڪري سندس سارو شعر سوز ڀريو ۽ اثرائتو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 10- راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آکاڻي

**ڪتاب جي حقيقت:** راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آکاڻي سنڌ ۾ پٽ ۽ ٻان فقير محفلن ۽ مجلسن ۾ ڪندا وتندا هئا جنهن ۾ نظم ۽ نثر گڏ هوندا هئا. مسٽر اڏارام ميجر گولڊ سمٿ صاحب جي حڪم موجب اها آکاڻي بيتن سميت ڪتاب جي صورت ۾ آندي ۽ تعليم کاتي منظور ڪري ڇاپائي.

هن ڪتاب ۾ جيڪي به ڏوهيڙا ڪم آيل آهن، سي سڀ گهٽو گهڻو ڪري شاهه جي رسالي ۾ موجود آهن. مگر لفظن ۾ ڪٿي ڪٿي گهٽو ڦير ڦار آهي. مثلاً شاه جي رسالي ۾ آهي:

"ٻاٽ ٻهرين رات ڳـڙهه پاسي ڳـايو،
پيـو غلغلو گـرنار ۾ ڪو عطائي آيو،
سالڪ ساز سرود سان ڪي جو ڪمايو،
ٻيجل ٻرلايو، تہ سر سوالي آهيان."

(سر سورٺ داستان پهريون)

هن ڪتاب ۾ اهو بيت هن طرح ڏنل آهي:

"ٻاٽ ٻهرين رات ۾ ڳـڙهه پاسي ڳـايو،
**گلو** چـوي گـرنار ۾ ڪو اُناهي آيو،
سالڪ ساز سرود ڪي ڪٺن تي ڪمايو،
ايو سر سوالي منگتو، جي ٻيجل ٻولايو."

(صفحہ 9 ڏوهيڙو 3)

انهيءَ ڪري يقين سان چئي ڪين سگهبو. تہ شاه جي رسالي واري "سر سورٺ" وارا ڏوهيڙا شاهه صاحب جا چيل آهن، يا ڪن ٻين جا چيل ڏوهيڙا شاهہ صاحب جا آهن. يا ڪن ٻين جا چيل ڏوهيڙا شاه صاحب جا سمجهي رسالي ۾ داخل ڪيا ويا آهن.

راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آکاڻي جئن سنڌ ۾ عام آهي ۽ هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي، تنهن کان ٻيءَ طرح گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ چالو آهي، جا ڊاڪٽر گوربخشاڻي صاحب جي رسالي جلد ٽئين ۾ بيان ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب ۾ جيڪو نثر وارو ڀاڱو ڏنل آهي، تنهن ۾ مسٽر اڏارام ٻوليءَ جو اهو ڍنگ ڪم آندو آهي، جنهن ڍنگ ۾ ڀٽ ۽ ڀان فقير آکاڻي ڪندا آهن. مثال:

1- "سو اڄ ننڍو سيان وڏو اٿين ٿي وڏو ٿيو. پوءِ هن کي گڏهه ۽ گهوڙا ڏنائون ۽ چيائونس چاريندو وت. چارڻ ڪم ڪهڙو ڪندا هئا. هيءُ جو نينگرڙو هٿ آين تنهن جو نالو رکيائون ٻيجل سو گهوڙو چاريندو وتي." (صفحه 2)

2- "ڏکڻ جو واءُ جولڳو سو اُهي تندون آواز اهڙو پيون ڪن، جو مرون ٿيو پکڻ ٿيوکل ڪنڌ نائي ٻيهي ٻڌن، جڏهن واءُ بس ٿيو، تڏهن تندن به بس ڪئي ۽ پکي پکڻ به ويندو رهيو. (صفحه 3)

3- "ڪنير چيس ڳهيلا پاتشاهه منهنجي حال جي ته ڳالهه پڇيئي ڪين. چي ڙي ڪهڙي تنهنجي حال جي خبر ٻڌاءِ. چيانس سائين خبر هيءَ، مون کي ڌيءَ ويني آهي وڏوڙ- سا ڀانيم ته ٻرٽائي پوءِ توڏي اچان. چيانس- ڙي اها مون کي چونه ٻرٽابيئي- چي جيئن تون چو نه." (صفحه 6)

4. "ٻيجل جي جا زال هئي، تنهن ٿالهه ونئي رکيو. مٿان آيو ٻيجل تنهن چيو رن هي تکن جو ٿالهه چو ونئي رکيئي." (صفحه 8)

5- "ٻيجل سر ونئي آيو انيراءِ وٽ تنهن اڳيون چيس، لڌ منهنجي ملڪ مان- جو ههڙو ڏاتار راو- تنهنکي مارينديءَ ترس نه پيئي، ته ڪڏهن مون کي به مارينديءَن."

پڇاڙيءَ ۾ مسٽر اڏارام هي بيت چيو آهي جو سندس ئي آهي:

"عشق راءِ ڏياچ کي جنهن سر ڏيئي ڏيکاريو
ٻيو عشق ماٽس کي جنهن نه ڪيو ناڪارو
ٽيو عشق سورٺ کي جنهن ستيءَ ست سنهارو
چوٿون عشق ٻيجل کي جنهن ٻول ٻنهنجو پاريو
پنجون عشق چارٽيءَ کي جنهن ڪانڌ تان جيءُ واريو

لعنت انيـــراءَ کي جنهن پيـــر وڌو پاســـارو
پـنجــــئي پيـــا مڇ ۾ ڳنهي ويچـــارو
ســـيئي ســرها ٿـيـا ڪيـائون ڪم سـوپـارو
ونـــو نالو رام جـــو سڀ ٿـــئي مـــوچـــارو."

(صفحہ 21)

# 11- آکاڻيون

هي ڪو الڳ ڪتاب نہ آهي، پر ديوان اڌارام صاحب ڏهہ مزيدار آکاڻيون راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ واري ڪتاب جي پڇاڙي ۾ شامل ڪيون آهن، جن مـان ڪي اهڙيون آهن، جي سنڌ ۾ نقلن نظيـرن ڪرڻ وارا عـام طرح مـاڻهن کي ٻڌائيندا وتندا آهن ۽ ڪي پارسيءَ مان ترجمو ٿـيل آهن ۽ ڪي ظرافتي نقل آهن، جي اردو ڪتابن ۽ اخبارن ۾ ڏنل آهن.

مثال خاطر ٻہ آکاڻيون جنسي عبارت ۾ هيٺ ڏجن ٿيون:

1- "هڪڙو چوڪر واهي[1] ڪـان ڀڳڙا ڀـجـائڻ ويو. واهون ڀـجي جڏهن ڏيڻ لڳس تہ انهيءَ هٽ جي منهہ[2] جي جا مني[3] هئي نينگر تنهن کي ٻنهي ٻاسي ٻانهون آٽي ٻڪ ۾ ڀڳڙا ورتا تہ ٿـوٽي جو ٻانهن جي وچ ۾ آئي سو چوڪر جي ٻڪ ٿو ڇوڙي تہ ڀڳڙا ٿا ڪرن ۽ جي نٿو ڇوڙي تہ وڃي نٿو سگهي تنهن ڪان لڳو روئڻ، تہ تني ماڻهو گهڻا اچي گڏ ٿيا سي سڀ ڏاهري لڳا ڳڻتيون ڪرڻ. هاءِ ڪيئن ٿيندي. ڇوڪر ڏادو ڦاٿو ڪئن ڇٽندو. ائين انهن جي ڳڻيندي[4] لال ٻجهڪر ڏاهرين جو چڱو مڙس اتي اچي نڪتو سو ڏسي ٻڌي ٿو چوي تہ ڳٽيو ڇاٽا- ڇپر[5] لاهي مني پٺي ڪڍجي تہ چوڪر پاٺي ڇٽي پوندو. اها سيني ڏاهرين.ٻڌي چيـو ٻيلي واه چڱي طرح ڏنئي. تڏهن لڳا تئن ڪرڻ. اهڙيءَ طرح ڇوڪر کي ڇوڪراڻيون ڳالهيون ڏڏن کي ڏڏاڻيون ڳالهيون وڻنديون آهن." (صفحہ 21- آکاڻي پهريون)

2- هيڪڙي واهي[6] ونهين[7] کي وڃي چيـو تہ اسين ٻئي حضرت آدم ۽ بي بي حوا جو اولاد آهيون تنهن ڪري اسين ٻئي ڀائر آهيون تون ونهيون

---

1- پوڳڙي 2- چنو 3- ٿوٽي 4- ويچار ڪندي 5- ڇت 6- غريب 7- شاهوڪار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهين ۽ آءُ ولهو آهيان مونکي پنهنجي ياءُ ٻيءُ جو ڀاڱو ڏي. ونهين اها ڳالهہ ٻڌي هڪڙي ڪوڏي ڪٽي ڏنيس. ولهي چيس تہ هي چا ٿو ڏين ٻيو بہ ڪي ڏي. وراڻي ڏنائينس تہ ادا انهيءَ تي راضي ٿي. جيڪڏهن آءٌ سيني غريب ڀائرن کي ڪوڏي ڪوڏي ڏيان تہ مون وٽ ڪي ڪين بچندو."

(صفحہ 24 آکاڻي 4)

نوٽ- مٿين آکاڻي هڪڙي پارسي حڪايت جو ترجمو آهي پر ديوان صاحب هن جا تجنيس حرفي ڪم آندي آهي. سا قابليت جهڙي آهي.

## ديوان پريداس انندرام رامچنداڻي ۽ ديوان چوهڙمل ڪندن مل بي-اي

هنن ٻنهي صاحبن درسي ڪتابن ناهڻ ۾ چڱي محنت ڪئي. سنڌي ٻوليءَ تي پوري دسترس حاصل هين.

## 1- سنڌي ٽيون ڪتاب

هي ڪتاب ديوان پريداس انندرام رامچنداڻي جوڙيو هو ۽ ديوان چوهڙمل ڪندن مل سڌاريو هو.

**مضمون:**

هن ڪتاب ۾ ڪل نوانوي سبق آهن، جن مان ڪي شاگردن جي ڏانو جون نصيحتون آهن، جي اخلاقي سبق ۽ آکاڻيون آهن ۽ ڪي عام واقفيت جا سبق آهن، جهڙوڪ جدا جدا جانورن، وڻن، ٻوٽن ۽ ذاتن بابت سمجهاڻيون

هن ڪتاب ۾ نظم بہ عمدا عمدا ڪم آيل آهن. ڪن نظمن ۾ ناهيندڙن جا نالا ڏنل ڪينهن ۽ ڪن ۾ نالا ڏنل آهن. هيٺين شاعرن جي نالن وارا نظم جدا جدا سبق ۾ ڪم آيل آهن:

شاه ڀٽائي، سامي، جيئندو، جاجڪ، رجب، سندر، ڪرمچند، ڪرپال ۽ آسو.

هن ڪتاب ۾ جيڪو بہ نظم آيل آهي، سو سڀ ڏوهيڙائي ڏوهيڙا آهي ۽ بہ تي ڏوهيڙا نموني خاطر هيٺ ڏجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏونگر اتان ڪري پوڻ ۽ شــينهن ڪري تن چـــور
رجب ايءُ ڏک پـــلا ڇـــاڻ ڪر مـــورک سنگ نـہ مـــور.
”بي عـــقل ڪي بازار ۾ هٽـــجي مـــوچـــڙڻ لڪ
تڏهن بہ اُن لـيکي ڪڪ، ڪري پـيـــو ڪلهي تي.“

(سبق چوٿون)

”رڍ ڇـــا ڇـــاڻي راڳ مـــان جنهنجي ٻولي ٻي
سـر منڊل جي سـاز مـان سـانڊو ڇـا سـمـجـهي
مـــوڳي جي مـــجلس ڪـــان پاڻ ڪـــٽي پلجي
جو تانگهي ۾ تـاقـوڙا هٽي تنهن سان تار ڪيهو ترجي
جو سنڌي سمجهي ڪينڪي تنهنسان هندي ڇا هلجي.“

(سبق 22)

”صــاحب سـيــڪنهن سندو رتي عـيب نـہ قـولي ڪنهن
بـندو لـڪي ڪـري اُبرايـون، پـر ســـــائين ڏسي تـنهـن
جـيـڏو پاڻ تـيـڏا سندس ڏاڻ آهي سڀ جي ســار جنهن
روزي هٿ رزاق جي ڏي ســـاجـــهـــرســـوير هن.“

(سبق 39)

”تـو جـــا پـــانـئي نوڙ جي، ســـا وجي وهاٽـي
ڪنهن ســان نيـبــہ نـہ ٽـئي ڏن. جــوين، جــواٽـي
آســـو آڪـــاٽي، جڳ مـــڙيوئي ســـپنو.“

(سبق 41)

## 2- سنڌي چوٿون ڪتاب

هي ڪتاب مسٽر پريداس پنهنجي سر ڇاپيو آهي.

**مضمون:**

هن ڪتاب جا بہ جلد آهن: هڪڙي ۾ 34 سبق ٻئي ۾ 23 سبق آهن. پر سبق تمام وڏا آهن. شايد پهريون جلد چوٿين درجي ۾ ۽ ٻيو جلد پنجين درجي ۾ پاڙهيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ ڪو بہ نظم ڪونهي. باقي ڀهرئين جلد ۾ ست سبق نظم ۾ آهن، جن مان ٽن سبقن (سبق 13، 14 ۽ 15) ۾ شاه جي رسالي جي "سر معذوري" جا بيت آهن، باقي چار سبق (سبق 2، 8، 11 ۽ 21) ديوان اڌارام جي ڏاهپ نظم جا آهن.

ديوان اڌارام وارن نظمن ۾ احقر تخلص ڪم آيل آهي ۽ هيئنان ديوان اڌارام جو نالو بہ ڏنل آهي. اهي چارئي نظم شاه جي رسالي واري "سر ڪاپائتي" جي ڍول تي ٺهيل آهن. مثال:-

"وقت وڃيئي تو ائين هتان
ڪان وڃي جئن سينگ منجهان
موٽي ملندءِ ڪين ٻهار
آپت اڪيون ڪي تي هشيار"
"وقت آهي تان سڀ ڪي آهہ
وقت ويو تان سڀ ڪي بساه
وقت وقت ڪان روئندي زار
آپت اڪيون ڪي تي هشيار".
"جيڪا پوک تون هت پوکيندي
قيام ڏهان سان اُت تون لڻندين
چوي احقر تون ڪر ويچار
آپت اڪيون ڪي تي هشيار". (سبق 2)

نوٽ- سٽن مصرعن مان ٽي مصرعون مٿي ڏنيون ويون آهن.

سچن جي ٻيڙي لڏي لڏي
ڪين ڪڏهن سا ٻڏي ٻڏي
ڳالهہ اها تون دل سان هنداءِ
سيڪنهن سان تون سچ ڳالهاءِ
"سچ جي سارہ ڪريان آءٌ ڇا؟
سچ تي راضي رهي خدا

چوي احقر نيٺ سچ سچ آهه
سيکنهن سان تون سچ ڳالهاءِ". (سبق 8)

"ڪوڙي کي ويجهو ڪونه وهاري
ڪوڙي کي پر مون هرڪو اٿاري
اهڙي عزت ڪوڙي آهه
ڪوڙ ڪنهين سان ڪيم الاءِ."

"ڪوڙ ڪندين تان ٿيندين ڦڪو
جاٿئون ڪاٿئون کائيندي ڌڪو
ڪوڙ مان آخر فائدو ناهه
ڪوڙ ڪنهين سان ڪيم الاءِ."

"جي تون ٻائين سچو ٿيان
ماڻهن ۾ آءُ عزت لهان
چوي احقر ڏي ڪوڙ کي باهه
ڪوڙ ڪنهين سان ڪيم الاءِ." (سبق 21)

## 3- تاريخ هندستان

ماريس صاحب جي ناهيل انگريزي هندستان جي تاريخ جو هي ترجمو ميجر گولڊ سمٿ صاحب جي حڪم موجب مسٽر پريداس تيار ڪيو آهي. هي ديباچي ۾ لکي ٿو، ته "پڌرو هجي، ته باب 22 ۾ سنڌ جي ذڪر ۾ ء باب 25 منجهه ٻجاڙيءَ ۾ اصلي انگريزي ڪتاب کان ٻيءَ طرح حضور مٿئين (گولڊ سمٿ صاحب) چڱي مطلب تي ٻاڻ ٿوري گهٽي مٿ سٽ ۽ ڦير گهير ڪرائي آهي."

**عبارت ۽ ٻولي:**

ديوان پريداس صاحب جو شايد هي پهريون ئي ڪتاب آهي، جو انگريزي مان ترجمو ڪيو اٿس. هن ۾ اعرابيون ڇڏيون ڪم آيل آهن. مگر سنڌيس صورت خطيءَ تي چوڪي نظر ڪا نه ٿيل ٿي ڏسجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي لفظ هڪڙي هنڌ هڪڙيءَ طرح لکيل آهن، تہ ٻئي هنڌ ٻيءَ طرح مثلاً:

ڪٿي لکيل آهي تہ هوا تہ ڪٿي لکيل آهي هئا

= = = ڪارآيتو = = = = ڪارائتو

= = = قابل = = = = ڪابل (شهر)

= = = مگر = = = = مانگهر (منگهير شهر)

= = = انجان = = = = آجان (آجا) وغيره وغيره.

ڪي نالا انگريزي مان سنڌي ۾ آڻڻ وقت صحيح صورت خطي يا درست لفظ نہ لکيا ويا آهن. مثلاً:

اصل نالو مهابت خان لکيو ويو محبت خان

= = صلابت جنگ = = صلبت جنگ

= = لزين = = لسبان

= = جنرل آئوٽرم = = جنرل اوترم

= = ريزيڊنٽ = = ريسيڊنٽ وغيره وغيره.

ڪيترن لفظن جي صورت خطي غلط لکيل آهي. مثلاً:

محلات جي بدران مهلات

ذره پرزه = = زره پرزه

خوش = = خش

سنڌي ادب جي نئين دور ۾ هي پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ ”ر“ ۽ ”ڙ“ جو تفاوت رکيل ئي ڪونهي. ڪٿي ”ر“ جي بدران ”ڙ“ تہ ڪٿي ”ڙ“ جي بدران ”ر“ ڪم آيل آهي. مثلاً:

پڇاڙي جي بدران پڇاري

گهيرو = = گهيڙو

ڦرتائي = = ڦڙتائي

آرهو = = آڙهو

گڙٻڙ = = گرٻر وغيره وغيره

**عبارت ۽ ٻولي:**

پهرئين جلد ۾ اعراب ڪا ورلي ڪم آيل آهي. باقي ٻئي جلد ۾ اهڙيون اعرابون ڪم آيل آهن. جهڙيون ديوان ننديرام واري سنڌ جي تاريخ ۾.

هندستان جي تاريخ جنهن جو بيان اڳي ٿي چڪو آهي، تنهن بنسبت هن ۾ لفظن جي صحيح صورتخطي تي گهڻو ڌيان ڏنل آهي. جن لفظ جي صورتخطي هندستان جي تاريخ ۾ غلط لکيل آهي، تن جي صورت خطي هن ۾ درست ڏنل آهي: جهڙوڪ: محلات، وقت، خوشي وغيره.

"ر" ۽ "ڙ" جي درستي بہ هن ڪتاب ۾ گهڻي قدر ٿيل آهي. ساڳئي لفظ کي ڪٿي هڪڙيءَ طرح لکڻ ۽ ڪٿي ٻيءَ طرح لکڻ جو نمونو هن ڪتاب جي ٻنهي جلدن ۾ اهوئي هليو آيو آهي جو هندستان جي تاريخ ۾ آهي. باقي مرڪب لفظن ۾ فقرن جي بناوت بنسبت "هندستان جي تاريخ" ۽ "انگلنڊ جي تاريخ" ۾ ٿورڙوئي ڪو ڦير آهي.

## قاضي غلام علي ولد قاضي محمد يحيٰ ٺٽوي

قاضي غلام علي قاضي محمد يحيٰ جو پٽ هو. پارسي ۽ عربي ٻوليءَ جو ماهر هو. سنڌس وڏا ٺٽي ۾ وڏو مدرسو هلائيندا هئا. انگريزن جي صاحبيءَ ۾ قاضي غلام علي صاحب سنڌيءَ ۾ وڪالت بہ هلائيندو هو ۽ گورنمينٽ جي پاران سنڌي ٽرانسليٽر بہ هوندو هو. سندس تصنيف هندستان جي تاريخ سنڌيءَ ۾ آهي.

## هندستان جي تاريخ

**ڪتاب جي حقيقت:** هن کان اڳ ديوان پريداس اندرام جي ناهيل "هندستان جي تاريخ" جو بيان ڏنو ويو آهي، سا وڏن شاگردن جي پڙهڻ لاءِ نهيل هئي، پر هيءَ تاريخ ننڍن شاگردن لاءِ درسي ڪتاب هو ۽ ديوان پريداس جي تاريخ کان اڳ ۾ نهيل آهي. (سنہ 1854ع ۾)

اردو ٻوليءَ ۾ پنڊت ديبي پرشاد جي ناهيل "تاريخ هندستان" کي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ سر بارٽل فريئر ڪمشنر صاحب حڪم ڏنو جنهن موجب قاضي غلام علي جعفري ان جو ترجمو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏين = جڏهن. تڏين = تڏهن. ڪناس پوءِ = ڪانئس پوءِ. ايڙو = اهڙو. ڪين جيڙو = ڪين جهڙو. نمرو= تندرست. پان ڪرڻ = قيد ڪرڻ. سونگ = محصول يا ڍل. أپنا آهن = بينا آهن. ساٿاري = ڪچهري. اڏپ = اڏاوت. سنپاهه = تياري، سانباهو. خير ڪين = سک سلامتي. ميه (منهن) = بهانو. پونب = جهاز. ڪامي = عملدار وغيره.

ڪيترائي جاگرافيڪل نالا ۽ يوروپين آفيسرن جا نالا غلط تلفظ ۾ لکيل آهن: جيئن ته:

| سرنگا پٽم | جي بدران | سرنگ پٽام |
|---|---|---|
| اليگزينڊر برنس | = = | الڪزنڊر برنس |
| ڪلائو | = = | ڪلاو |
| ميجر آئوٽرام | = = | ميجر أترم |
| لارڊ ايلنبرو | = = | لارڊ النبرا |
| لارڊ ڊلهائوزي | = = | لارڊ ڊال هوسي وغيره. |

## ميان غلام حسين محمد قاسم قريشي

ميان غلام حسين ٺٽي جي قريشي خاندان مان هو. سندس وڏا ارغون حاڪمن جي ڏينهن ۾ وڏا عالم ٿي گذريا آهن. انگريزن جي صاحبيءَ جي شرعات ۾ ميان غلام حسين گورنمينٽ جي پاران ڏيهي رياستن مان پارسيءَ ۾ لکپڙهه ڪندو هو. سندس هڪ ڪتاب ”پنيي زميندار جي ڳالهه“ سنڌي ۾ لکيل آهي جو ليٿو ۾ ڇاپيل آهي.

## پنيي زميندار جي ڳالهه

**ڪتاب جي حقيقت:** هي ڪتاب هندي ٻوليءَ ۾ پنڊت بنسي ڌر جو ٺاهيل هو. جو سر بارٽل فريئر صاحب ڪمشنر جي حڪم موجب ميان غلام حسين صاحب سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. ٻانئجي ٿو ته مضمون هنديءَ تان ترجمو ڪيو ويو آهي. مگر ماڻهن ۽ ڳوٺن جا نالا سنڌ جا ڪم آندا ويا آهن. هي ڪتاب ٻه شروعات وارن ڏينهن ۾ در ـي ڪتاب هو.

**مضمون:**

هن ڪتاب ۾ هڪڙي ايماندار ۽ رڄ چڱي مڙس جي ڳالهه لکيل آهي، جو اُباوڙي (ضلع سکر) جو وينل مشهور مرد هوندو هو. جنهنجو نالو هو پنيو. ان جي سچائي، نيڪ نيتي، تحمل ۽ بي ريائي ملڪان ملڪ مشهور هوندي هئي. آسپاس جا ماڻهو ۽ زميندار پنهنجن جهيڙن ۽ تڪرارن ۾ پنيي کي امين مقرر ڪندا هئا. پوءِ اهو جيڪو فيصلو ڪندو هو، سو ٻئي ڌريون خوشيءَ سان قبول ڪنديون هيون ۽ ڪا به ڌر ان جي فيصلي ۾ طرفداري يا رياڪاريءَ جو شڪ ئي نه آڻيندي هئي. هن ڪتاب ۾ ان زميندار جي ڀلمڙسي ۽ ايمانداريءَ جي مثال ڏيکارڻ لاءِ ٽي آکاڻيون ڏنل آهن، جن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

(1) اباوڙي ۽ ماڻيلي جون زميندارين پاڻ ۾ دنگي هيون. ماڻيلي جي زميندارن البيلائي ڪري پنهنجون دنگ واريون زمينون اهڙيون ڦٽائي غيرآباد ڪري ڇڏيون هيون، جو حد نشان به ڊهي ويا هئا، مگر هڪڙو پير جو وڻ قائم هو، جو پنهي زميندارين جي دنگ تي جٽڪ هڪڙو قدرتي حد نشان هو.

هڪڙي سال پنيي زميندار پنهنجي دنگ واري زمين جا پنج جريب اوپائي نالي هاريءَ کي پٽي تي پوکڻ لاءِ ڏنا اوپائي ان زمين ۾ وچي هر ڪيڙيو، ته ماڻيلي وارن زميندارن ان کي ماري ڪٽي ڀڄائي ڪڍيو، "ڇو اها زمين به اسان جي آهي، پنيي جو ان ۾ ڪو به واسطو ڪونهي."

اوپايو رئندو پٽيندو آيو پنيي وٽ. پنيي زميندار جا ماڻهو اوپائي جي ٻت تي ڏک ڦٽ ڏسي اچي ڪاوڙيا ۽ لنيون ۽ ڪهاڙيون کڻي ماڻيلي وارن سان وڙهڻ لاءِ سنبريا، پر پنيي انهن کي نصيحت ڏيئي ناري وهاريو. سندس پٽواري مينگهو صلاح ڏيڻ لڳو، ته "پنجن ورهين جي پراڻن ڪاغذن ۾ اوپائي جو پٽو لکي ڇڏجي ۽ ان جو پراڻو حق ثابت ڪري ماڻيلي وارن تي حاڪم وٽ فرياد ڪجي". پر پنيي چيو "ڪوڙا ڪاغذ ناهي ايمان وڃائجي، سا ڳالهه مون کي پسند نه آهي". نيٺ اوپائي کي مار ملڻ بابت به سچا اکين ڏٺا شاهد گهرايائين. هڪڙو ڳٺن چارڻ وارو ۽ ٻيو رڍن جو ريڍار، جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير جو وڻ شاهد مقرر ڪيائين. پوءِ اباوڙي جي حاڪم کي وني وجي سرزمين ڏيکاريائين، جنهن زمين اوپائي کي ڏياري ۽ ماتيلي وارن کي جوڳي سيڪت ڏنائين.

(2) پنيي زميندار پنهنجي نياڻي جي شاديءَ لاءِ ٽي هزار روپيا هڪڙي واپاريءَ کان اڌار ورتا. شرط هيءُ هو، تہ پنجاهہ جريب زمين جا پنجن ورهين تائين ان واپاريءَ وٽ گروي رهندا ۽ اهو واپاري زمين جي پنجن ورهين جي پيدائش وياج جي عوض کڻندو رهندو. پنجن ورهين کان پوءِ پنيو ٽي هزار روپيا واپاريءَ کي ڏيئي اهي پنجاهہ جريب وري پنهنجي قبضي ڪندو.

انهن پنجن ورهين جي اندر پنيي کي ٻي نياڻي بہ اتارڻي پيئي، تنهنڪري پنجن ورهين جي بدران ست ورهيہ اهو واپاري پنجاهہ جريبن جي ڪل پيدائش کڻندو رهيو. ماڻهن پنيي سان حساب ڪري ٻڌايو تہ واپاريءَ انهن ستن ورهين ۾ ٽن هزارن کان ٽيڻي چوڻي زمين جي پيدائش مان حاصل ڪري چڪو آهي، تنهن ڪري هاڻي ان کي ٽي هزار نہ ڏيڻ گهرجن ۽ زمين ڪانئس وٺڻ گهرجي. پر پنيي چيو تہ "مون جيڪا زبان ڪئي آهي، تنهن ۾ ڦير نہ ڪندس." نيٺ ستن سالن کان پوءِ ٽي هزار روپيا واپاري کي ڏيئي پوءِ اها زمين پنهنجي قبضي ۾ آندائين.

(3) پنيي جو هڪڙو عزيز ڇتن نالي هو، جو پنيي ۽ ٻين سان گڏ زمينداريءَ جي چوٿين پتيءَ جو مالڪ هو. ڇتن هڪڙو ننڍڙو پٽ ٻچيل نالي ڇڏي مري ويو ۽ ڇتن جي زال بہ جلد ئي رضا ڪئي.

سيني جي مرضي ٿي تہ ساليانی پيدائش مان ٻچيل جي کاڌ خوراڪ جو حساب ڌار ڪري باقي سڀ پيدائش اسين ورهائي کڻندا رهون. جڏهن ٻچيل وڏو ٿيندو، تڏهن پاڻيهي اسان مان هرهڪ کان پنهنجو حساب وٺندو. پنيي کي اها ڳالهہ نہ وڻي، تنهن چيو تہ "يتيم ٻار جو حق کائڻ ٻڇڙو ڪم آهي، تنهنڪري توهان مان ڪو بہ ٻچيل جي تربيت جو بار کڻي، ساليانی پيدائش مان ان جي کاڌ خوراڪ جو خرچ لاهي باقي بچت سال بسال کنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهوڪار وٽ ڏراوت طرح رکندو رهي. جڏهن ٻچيل وڏو لائق ٿئي، تڏهن شاهوڪار کان سڀ ڏراوت ان کي وٺي ڏجي." آخر سيٺي کي اها صلاح وڻي، تن ٻچيل جي تربيت جو ڪم ٻنيي جي حوالي ڪيو.

ٻنيي پنهنجي اولاد سان گڏ ٻچيل کي پاليو ۽ مڪتب ۾ تعليم ڏياريائينس. جڏهن وڏو ٿيو تڏهن ڪنهن چڱي گهر مان ڏام ڏوم سان شادي ڪرايائينس. ٻچيل جڏهن ارڙهن ورهين جو ٿيو، تڏهن ٻنيي راڄ جا چڱا مڙس گڏ ڪري ٻچيل جي حصي جو حساب ڪتاب پيش ڪيو. ان جي کاڌ خوراڪ ۽ شاديءَ جو خرچ لاهي باقي ڇهه هزار روپيا صافي بچت مان هڪڙي خلاصي زمينداري خريد ڪري ڏنائينس.

ٻچيل هڪڙو وڏو معزز زميندار ٿي حياتي گذارڻ لڳو ۽ ٻنيي جو جس جاءِ بجاءِ ڳائڻ لڳو.

## سيد ميران محمد شاه ولد سيد محمد شاه متعلوي

سيد ميران محمد شاه جي بزرگ آنريبل سيد ميران محمد شاه وزير سنڌ جو جد امجد هو. انگريزن جي اوائلي زماني ۾ سندس ادبي خدمت لائق ستائش آهي.

سندس تصنيف ٿيل 2 ڪتاب "سڏاتورو ۽ ڪڌاتورو" ۽ آڪاسي نروار" مشهور آهن جن جو تفصيل وار احوال هيٺ ڏجي ٿو.

## (1) سڏاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه

**ڪتاب جي حقيقت:** هي ڪتاب اصل هندي ٻوليءَ ۾ پنڊت بنسي ڌر جو تاهيل هو، جو سر بارٽل فريئر صاحب جي حڪم موجب سيد ميران محمد شاه سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ڪتاب جو مضمون هنديءَ تان ترجمو ٿيل آهي، مگر ماڻهن جا نالا سنڌ جا ڪم آيل پيا ڏسجن. هي ڪتاب به شروعات وارن ڏينهن ۾ ابتدائي اسڪولن ۾ درسي ڪتاب طور ڪم ايندو هو.

**مضمون:-**

متّرا شهر ۾ ٻہ ماڻهو رهندا هئا. هڪڙو سمهابو (لحاظ ۽ لياقت وارو) ۽ ٻيو آمهابو (بي مروت). سمهابي جي پٽ جو نالو سڌاتورو (حلالي پٽ) هو ۽ امهابي جي پٽ جو نالو ڪڌاتورو. سڌاتورو ۽ ڪڌاتورو ٻئي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. سڌاتوري کي گهر ۾ سلڇڻائيءَ جا سبق ٻہ ملندا هئا ۽ لفنگن ڇوڪرن جي سنگت کان ٻہ هو پري رهندو هو. مگر ڪڌاتوري جي گهر ۾ کوٽ ۽ ڪپت جو وهنوار هلندڙ هو ۽ هو بدڪار ڇوڪرن جي سنگت ۾ گذاريندو هو. سڌاتورو اسڪول ۾ چاهہ ۽ محنت سان پڙهندو هو ۽ ڏاڍو هوشيار ٿي پيو. هڪڙي ڀيري ڪليڪٽر صاحب ۽ ٻيا آفيسر اسڪول ۾ آيا ۽ اچي امتحان ورتائون.

سڌاتوري جي هوشياري ۽ فضيلت ڪليڪٽر صاحب کي اهڙي وڻي جو ان کي انعام ٻہ چڱو ڏنائين ۽ اسڪول ڇڏڻ شرط تپيداريءَ جي نوڪري ڏنائينس. انهيءَ نوڪريءَ ۾ هن اهڙا ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ جا ڪم ڏيکاريا، جو نوڪريءَ ۾ وڌندو ويو ۽ آخر هڪڙو نامور ۽ عادل مختارڪار وڃي ٿيو.

ڪڌاتورو ٻہ لکڻ پڙهڻ جهڙو ٿيو ۽ گهٽا ڏکا ڌوما کائي آخر دفتردار جي آفيس ۾ منشگيري جي جاءِ وڃي حاصل ڪيائين. نوڪريءَ جي وقت ۾ ٻہ ان پنهنجا ننڍي هوندي وارا بدچال سنگتي نہ ڇڏيا ۽ پڪو جواري بڻجي پيو. هڪڙي ڀيري ڪنهن ذر کي ناجائز فائدي ڏيڻ لاءِ رشوت وٺي سرڪاري ڪاغذن ۾ بي ايماني ڪيائين. جنهنڪري ٿي ورهيہ سخت پورهئي سان قيد جي سزا مليس.

مٿئين مضمون جا کي تڪر جنسي صورت خطي ۽ عبارت ۾ هيٺ لکجن ٿا:

1- سمهابي پنهنجي پٽ کي باب پڙهڻ وهاريو ۽ جڏهن اُو ڇوڪر ستن ورهين جو ٿيو تڏهن مهابي کي هي ڳڻتي ٿي تہ مونکي تہ پاڻ ان جي سيکارڻ جيتري واندڪائي ڪانہ آهي ۽ ڇوڪر جي سيکارڻ جي پڻ مهل اها آهي. جيڪڏهن ان ۾ ڪا ويسلائي ڪبي تہ ڇوڪر جٽ ٿي پوندو. انهي ڳالهہ جو بار سدا منهنجي مٿي تي رهندو. ڏاهن چيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ جو مائٽ پنهنجي وياءَ کي لکڻ پڙهڻ نہ سيکاري سو ڪر ان جو ويري آهي. (صفحہ 2 ۽ 3)

2- سڌاتورو ٻن ٽن ورهن ۾ ليکي جي ڪتابن ۾ جبر مقابلي ۽ ڦرتي نروار ۽ علم هيئت ۽ چٽن ۽ تاريخن جي ۾ ۽ ٻين علمن ۾ پڙ ٿيو، پڙهڻ جي مهل ان جو اهڙو حال هو تہ جنهن ٽولي ڇوڪرن جي سين دوري هو تنهن ٽولي کان سگهوئي پنهنجي پڙهائي سر نڪريو مٿي ٽولي کي ٿي پهتو."

(صفحہ 4-5).

## صورت خطي، عبارت ۽ ٻولي:

هي ڪتاب سنہ 1855ع ۾ ڇپيل آهي. ان وقت جي ڇپيلن ڪتابن بنسبت هن ڪتاب ۾ نئين مقرر ٿيل عربي سنڌي آئيويٽا جا سڀ اکر صحيح صورت ۾ ڪم آيل آهن: جهڙوڪ ٺ، جهہ، گهہ، ڳ وغيره. هرهڪ لفظ تي اعرابون ڪم آڻڻ يعني شاگردن کي لفظن جو صحيح تلفظ سيکارڻ تہ ان وقت جي درسي ڪتابن جو ڪارائتو اصول هو. نون غنه ۽ مرڪب آوازن وارن لفظن جي صورتخطي هن ڪتاب ۾ بہ اهائي ڪم آيل جا ان وقت جي ٻين درسي ڪتابن ۾ ڪتب آيل آهي.

ٽئي وارن بزرگن جيڪا عبارت پنهنجن ڪتابن (جهڙوڪ هندستان جي تاريخ قاضي غلام علي واري ۽ ٻنيي زميندار جي ڳالهہ ميان غلام حسين واري) ۾ ڪم آندي، تنهن بنسبت هن ڪتاب ۾ وڌيڪ درست ۽ سڌريل عبارت ڪم آيل آهي، تنهن هوندي بہ هن ڪتاب جا ڪيترائي جملا سنڌي "صرف و نحو" موجب ڇپيل نہ آهن: ڇاڪاڻ جو ان وقت سنڌي ۾ ڪو "صرف و نحو" جو ڪتاب موجود ئي ڪونہ هو.

مثال 1- "تڏهن صاحب مٿي ڇوڪرن جي پرک وٺتي پوءِ جيڪو ڇوڪر تہ ڍرڙو هو ۽ لکپڙهہ تي چاهہ نہوس اُن کي ڪوٺئو ٿي ڇيائين تہ جيڪڏه تو ڳهن ڪري لکيو پڙهيو هو ۽ پنهنجو واڌارو ڏيکارئو هو تہ جيڪر توکي پڻ ڏاڻ ملئو، ڏس تنهنجي ڍرڙائي تنهنجي انعام کي جهلئو. (صفحہ 5)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي "صرف و نحو" ۾ هاڻوڪي محاوري موجب مٿين عبارت هن طرح هئڻ گهرجي:

"تڏهن مٿين صاحب چوڪرن جي پرک ورتي (چوڪرن جو امتحان ورتو). پوءِ جيڪو جيڪو چوڪر ڏرڙو (گهٽ) هو. يا جنهن جنهن چوڪر جو لکڻ پڙهڻ تي چاهه نه هو. تنهن کي کونيو چيائين تي. ته "جيڪڏهن تون ڳهر نه ڪري (ڌيان لڳائي لکين پڙهين ها ۽ پنهنجو واڌارو ڏيکارين ها. ته جيڪر توکي به ڏاڻ (انعام) ملي ها. ڏس تنهنجي ڏرڙائي (گهٽتائي) توکي انعام کٽڻ ۾ اٽڪ ڪئي".

مثال 2- "سڌاتورو چيت گهٽي سين ڪم ۾ رهئو هيڪي پيري ڪليڪٽر صاحب جلالپور جي تپيدار کي حڪم ڏنو ته هتي نقشو ٻني جو جوڙڻ مهل سنئون ۽ سوڌو نهيو آهي ان لاءِ توکي گهرجي ته ٻنين کي مئي نئين سر نوءُ نقشو سئون ۽ سوڌو جوڙي آءُ ۽ ان نقشي جين خسرو پڻ ناهي آءُ ان صاحب جي منه تي ته آنه آنه ڪي پر ٻن جو نقشو جوڙڻ ڪ اهڙو سهکو نهو." (صفحه 8)

مٿين عبارت هاڻوڪي دستور موجب:

"سڌاتورو گهٽي چيت (ڌيان) سان ڪم ۾ لڳو رهيو. هڪڙي پيري ڪليڪٽر صاحب جلالپور جي تپيدار کي حڪم ڏنو. ته "هتي وارين ٻنين جو نقشو جوڙڻ مهل سنئون سڌو نه ٺهيو آهي. تنهنڪري توکي گهرجي. ته ٻنين کي نئين سر ماپي پيو سنئون سڌو نئون نقشو جوڙي آءُ. ۽ انهيءَ نقشي موجب خسرو (ڍل جو حساب) به ناهي اچ." تپيدار. صاحب جي روبرو ته "هائو سائين. حاضر سائين" پي ڪيو. پر ٻنيون ماپي انهن جو نقشو ناهڻ ڪو سٿرو ڪم نه هو".

هن ڪتاب جو مصنف مٿيارين جو وينل هو تـه بـه ڪي ڪي لفظ ۽ محاورا نئوي بزرگن جهڙا ڪم آندا اٿس. مثلاً:

هيڪڙو (هڪڙو). هيڪو هيڪو (هرهڪ). هيڪي دوئي ڏول (هڪ نه ٻيءَ ريت يا ڪنهن نه ڪنهن ريت). آنهه (هائو) م ڪر (نه ڪر) ماٺهو (ماڻهون). وغيره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي لفظ نئوي بزرگن به نسبت درست صورت ۾ ڪم آيل آهن:

| نئوين لکيو | ايڙو | مصنف لکيو | اهڙو |
|---|---|---|---|
| = = | جيڙو | = = | جهڙو |
| = = | جڏين | = = | جڏه |
| = = | تڏين | = = | تڏه |
| = = | هير | = = | هير (هينئر) |

هن ڪتاب ۾ ڪي نرالا نج سنڌي لفظ به ڪم آيل آهن:

ڳهن (ڏيان)، آرڪڻ (اصل عربي لفظ ”آرڪان“ = لڄڻ، آراڏو (اصل عربي لفظ ”علحدو“ = نرالو، الڳ)، رڳڙو (جهيڙو)، آنئنو (غيرآباد ٻني)، ڏاڪو (نار يا هرلو)، ڪنڍائي (دل جو ڪوٽ)، آپلئو (آڻ جهل)، ول (تفاوت)، ويڇو (تفاوت)، رمنو ائڻ (رنج ٿيڻ)، نبير نچيڙ (فيصلو)، ڪاپ (خرچ)، چيت (حوصلو).

هن ڪتاب ۾ ڪي لفظ غلط صورت ۾ به لکيل آهن، جيئن ته:

| وڏ ماٺو | هئڻ گهرجي | وڏ ماٺيي |
|---|---|---|
| چگماٺوئپ | = = | چڱ ماٺيي |
| نيها | = = | نياءُ |
| مهاورو | = = | محاورو |
| دڪت | = = | دقت |

هن ڪتاب ۾ ڪي نج سنڌي ڀاڪا ۽ اصطلاح به ڪم آيل آهن، جيئن ته:

| | |
|---|---|
| (1) سلو سرجنديئي پلو . | ڀاڪو |
| (2) ٻڙ جا ٻن اُپرنديئي سٺيا. | = |
| (3) ٻاڻ ڦرائي به ڪم ڪيجي. | = |
| (1) جوف ۾ منهن وجهڻ = لوب ڪرڻ. | اصطلاح |
| (2) ڪوڏيءَ جو ول ٻوڻ = ٿورڙو تفاوت نڪرڻ. | = |
| (3) ٻاٽي ٻاٽي ڪيرڪير ڪرڻ = پورو انصاف ڪرڻ. | = |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (2) آڪاسي نروار

**ڪتاب جي حقيقت:** هندي ٻوليءَ ۾ نظام شمسي نالي هڪڙو ڪتاب پنڊت بنسي ڌر جو جوڙيل هو. جو سر بارٽل فريئر صاحب جي حڪم موجب سيد ميران محمد شاهه ولد سيد محمد شاهه متعلوي سنڌي ۾ ترجمو ڪري سنڌس نالو رکيو آڪاسي نروار يعني خلاصه نظام شمسي (نظام شمسيءَ جو خاص بيان). هي ڪتاب وڏن شاگردن لاءِ درسي ڪتاب هو.

**مضمون:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ علم هيئت بابت هي پهريون پهريون ڪتاب نهيل آهي، جنهن ۾ ڌرتي، سج، چنڊ، سيارن (گرهن)، ثوابت (نکترن يعني بيٺل تارن) ۽ پڇڙ تارن، ڪسوف (سج گرهڻ) ۽ خشوف (چنڊ گرهڻ) بابت ماڻهن جا جيڪي اڻجاڻائيءَ جهڙا خيال ۽ عقيدا هئا، تن کي ڪوڙو ثابت ڪيو ويو آهي، ۽ هرهڪ آسماني جسم جي تحقيقات ڪيل شڪل، گردش، مفاصلي، ۽ انهن جي اثرن (جهڙوڪ رات ۽ ڏينهن ٿيڻ جي حقيقت ۽ موسمن جي مٽ سٽ،-بابت سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن ڪيترن آسماني جسمن جون شڪليون به ڏنيون ويون آهن. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ سمجهايو ويو آهي، ته نجومي يا جوتشي ماڻهن جي حال چال ۽ دنيا جي ڪاروبار تي سيارن ۽ تارن جي حڪمراني بابت جيڪي اڳڪٿيون ڪندا آهن تن تي ويساهه ڪرڻ مورکائي آهي. علم هيئت سکڻ مان ڪهڙا فائدا آهن، تن جو بيان ڪري ڪتاب پورو ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جي مضمون ۾ جيڪا خاص ۽ تعريف جوڳي خوبي آهي، سا هيءَ، جو ڇپي ڇپي تي پڙهندڙن جو ڌيان خدا تعاليٰ جي پاڪ هستي، ان جي بي انت قدرت ۽ فرمانبرداريءَ ڏانهن ڇڪايو ويو آهي: گويا آسماني جسمن بابت واقفيت ڏيندي پڙهندڙن کي روحاني تعليم جا سبق ڏنا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثلاً:

1- "پڌرو هجي، تہ سج ۽ چنڊ تارا جميل يعني ثابت ۽ تارا گهمندڙ يعني سيار ڏينها ڏينهہ ننديڻ کان ماٺهو جي نهار[1] ۾ اچن ٿا تہ تاپہ[2] (هو) اَن جوڙيندڙ جي جوڙ ۽ وڏائي جو ڪي (ڪجهہ) ويچار نٿو ڪري." (صفحہ 1 ڪتاب جي شروعات)

2- "اهڙين ڳالهين جي سوچ[3] کان هيون[4] ڏٺي ڏي ورندي آهي جو هو سيني جو اُپائيندڙ ۽ واهي[5] آهي گهرجي تہ ان جي ٻانپ[6] ڪجي ۽ ان جو ڊڳو[7] مججي." (صفحہ 6)

هن ڪتاب ۾ نئين مقرر ٿيل آئيوينا جا سڀ اکر درست صورتن ۾ ڪم آيل آهن، ۽ اعرابون بہ ڪنهن ورلي لفظ تي لڪيل آهن، مگر بہ زبرون، بہ زيرون ۽ بہ پيش گهٽي قدر ڪتب آندا ويا آهن. باقي "نون غنه" جي آوازن وارا لفظ جهڙوڪ "جنهن"، "ڪنهن" وغيره انهن ئي صورتن ۾ ڪم آيل آهن، جن صورتن ۾ "سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري"، ڪتاب ۾ ٻوليءَ جو ڍنگ بہ اهو ساڳيوئي ڪتب آيل آهي.

## ميان محمد حيدرآبادي

ميان محمد حيدرآباد ۾ فقير جي پڙ واري سنڌي اسڪول جو هيڊ ماستر هو. سربارٽل فريئر جي فهمائش موجب هن صاحب سنڌي صرف و نحو جو ڪتاب لکيو جو سنڌي اسڪول ۾ رائج ٿيو. ميان محمد پارسيءَ جو چڱو ڄاڻو هو ۽ ان جي آڌار تي سنڌي گرامر گهٽي وضاحت سان لکيو اٿس.

## سنڌي صرف و نحو

**ڪتاب جي حقيقت:** سربارٽل فريئر صاحب ڪمشنر جي فرمائش موجب هي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون پهريون تفصيلوار صرف و نحو سنڌي ٻوليءَ ۾ منشي محمد سنڌي اسڪول ماستر تيار ڪيو هو. جنهن

1- نگاه 2- تڏهن بہ 3- ويچار 4- هنيو (دل) 5- نگهبان 6- عبادت 7- حڪم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ ديوان پرڀداس اندرام انگريزي اسڪول جي اسسٽنٽ ماستر جي بہ صلاح حاصل ڪئي هئي. هن ڪتاب تيار ٿيڻ بعد ميجر گولڊ سمٿ صاحب اسسٽنٽ ڪمشنر جو سنڌ جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر بہ هو، تنهن يوروپين جي مطالعہ لاءِ ان جو اختصار انگريزي ۾ لکيو. اهو انگريزي اختصار بہ سنڌي صرف و نحو جي ڇپجڻ ۾ شامل ٿيل آهي، انهيءَ انگريزي اختصار جي منڍ ۾ ميجر گولڊ سمٿ صاحب منشي محمد کي "مولانا محمد" ڪري لکي ٿو.

**مضمون:**

هي صرف و نحو هو بہ هو عربي ۽ پارسي صرف و نحو جي اصول تي نهيل آهي. هن ۾ پهريائين سنڌي الف بي جا اکر ڏنا ويا آهن ۽ هرهڪ اکر جي سامهون اهڙو لفظ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ اهو اکر ڪم اچي ٿو. مثلاً:

الف .... آڪ؛ ب.... باهہ؛ ٻ.... ٻانهون؛ ڀ .... ڀاءُ؛ پ .... پيءُ وغيره.

انهيءَ کان پوءِ هرهڪ اکر جون ٽي صورتون (منڍ، وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ لکجڻ واريون صورتون، ڏنل آهن. تنهن کان پوءِ آئيويٽا جي اکرن جا ٽي قسم آهن. تنهن کان پوءِ آئيويٽا جي اکرن جا ٽي قسم مسروري، ملفوظي ۽ مڪتوبي سمجهايا ويا آهن. پوءِ نج عربي اکر، نج سنڌي اکر، خاص هندي ۽ سنڌي اکر جي عربي ۽ پارسي ۾ ڪم ئي نہ ايندا آهن؛ اهي اکر، جي عربي، پارسي، هندي ۽ سنڌيءَ ۾ عام آهن، ۽ اهي اکر جي خاص پارسي آئيويٽا جا آهن، سي سمجهائي پوءِ اعرابن ۽ حرف علتن جي ڪشادي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. تنهن کان پوءِ سمجهايل ڪم جا استعمالي سوال (جوابن سميت) ڏنا ويا آهن.

ڳالهائڻ جا لفظ عربي ۽ پارسي صرف و نحو موجب فقط ٽي نهرايا ويا آهن:

اسم، فعل ۽ حرف. انهن ٽنهي جي مختصر وصفن ڏيڻ کان پوءِ اسم جا پنج قسم نهرايا ويا آهن. 1- اسم خاص ۽ عام، 2- اسم صفت، 3- اسم عدد، 4- اسم ضمير ۽ 5- اسم ظرف. هرهڪ جي مختصر وصف ڏيئي پوءِ اسم جي جنس ۽ عدد جو بيان ڏنو ويو آهي؛ جنهن ۾ هيءَ ڳالهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇنيءَ طرح سمجهائي ۽ ثابت ڪئي ويئي آهي، تہ اعرابن جو ڄاڻڻ ۽ ڪم آڻڻ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي جنسن، عددن، حالتن ۽ گردانن پروڙڻ لاءِ گهڻي قدر ضروري آهي.

اسم جي گردانن سمجهائڻ کان پوءِ اسم صفت جا ٽي درجا (خالص، تفضيل ۽ مبالغو) سمجهائي فعل ۽ اسم مان صفت ناهڻ جون ريتيون ۽ مثال ڏنا ويا آهن. حقيقت ڪري اهو لفظن ناهڻ جو ڪم "نحو" واري ڀاڱي ۾ اچڻ گهرجي. پر هن ڪتاب ۾ مصنف اهو ڪم بہ اتيئي ڇڏيو آهي. صفت کان پوءِ اسم ظرف ۾ انجا ٽي قسم (ظرف تميز، ظرف زمان ۽ ظرف مڪان) مختصر وصفن سان ڏيئي پوءِ، اسم، صفت ۽ فعل مان نهيل ظرفن جا مثال بہ اتيئي سمجهايا ويا آهن.

اسم ظرف کان پوءِ اسم عدد جو بيان تمام ڪشادگيءَ سان سمجهايو ويو آهي. اتي بہ عدد جي ڀڃاڙين جي ڦير گهير سمجهائڻ لاءِ اعرابن کان ڪم ورتو ويو آهي. اسم ضمير ۽ انجا قسم مثالن ۽ گردانن سميت سمجهائڻ کان پوءِ اسم مان اسم فاعل، اسم مان اسم صفت (اڳ ڏنل سمجهاڻيءَ کان ڪشاديءَ طرح)، صفت مان اسم، فعل مان اسم، فعل مان صفت، مرڪب اسم ناهڻ جون ريتيون ۽ اسم تصغير جا مثال سمجهايا ويا آهن، جي خاص "نحو" واري باب ۾ سمجهائڻ وڌيڪ زيباور هئا. مگر هن ڪتاب ۾ هن مصنف نحو تي، ڪو جدا باب ڏنو ئي ڪونهي. فعل جا قسم، زمان، صيغا ۽ گردان سمجهائي پوءِ حرف جر ۽ حرف جملي جا قسم ۽ مثال ڪولي سمجهايا ويا آهن، حرف ندا جي سمجهاڻي تمام مختصر ڏني ويئي آهي. هن "صرف و نحو" ۾ "پريوگ" سمجهايل نہ آهن؛ ڇاڪاڻ جو عربي ۽ پارسي "صرف و نحو" ۾ "پريوگ" جو ذڪر ئي ڪونهي. سو هنڪري جو پارسيءَ ۾ فعل سدائين فاعل موجب منبو آهي ۽ مفعول جي عدد ۽ جنس سان ان جو ڪو بہ واسطو نہ رهندو آهي. عربي "صرف و نحو" ۾ فقط تعليلات فاعل موجب عدد ۽ جنس موجب فعل جي صورتن مٽجڻ جا سبب" هن طرح سمجهايل آهن. پارسي ۾ تہ فعل سان جنس جو ڪو بہ واسطو ڪونهي.

**صورتخطي، عبارت ۽ ٻولي:**

هي ڪتاب وڏن شاگردن ۽ ماسترن لاءِ ناهيل آهي. هن ڪتاب جي ديباچي ۾ هرهڪ لفظ تي اعرابون پوريءَ طرح ڪم آيل آهن. پر ڪتاب جي مضمون ۾ ڪٿي ڪا ورلي اعراب ڪم آيل آهي؛ مگر ٻٽيون اعرابون جاءِ بجاءِ ڪم آيل آهن، جيئن تہ وڏيءُ (وڏيون)، "اسءُ" (اسين) وغيره. ڪٿي ڪٿي تہ وري ٻٽين اعرابن جي بدران هاٿوڪي نموني وانگر حرف علت جي پنيان"نون" ڪم آندل آهن جيئن تہ "اُتاهون"، "چوٿون"، "پويون" وغيره. ڪيترن لفظن جي صورتخطي اصلوڪي نموني ۾ لکيل آهي جيئن تہ جه (جنهن)، ته (تنهن)، ڏينه (ڏينهن)، اوان (اوهان)، ڳال (ڳالهہ) وغيره.

هن ڪتاب ۾ ٻولي صاف سليس ڪم آيل آهي ۽ نج پراڻا سنڌي لفظ گهٽي قدر ڪم آيل آهن: جهڙوڪ هير (استعمال)، پريون (قسم، نمونا)، نڪٽي (خاص طرح) مهنديون (اڳيون)، پهت (پسند)، ڪتاب (مڪتب) وغيره.

هن ڪتاب ۾جهڙي صاف ۽ وڏن چٽن اکرن ۾ صورتخطي لکيل آهي، تهڙي ان وقت جي ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ نہ آهي.

## واڌو مل چنديرام ٿلتي وارو

ٿلتيءَ جي ديوانن مان واڌو مل هڪ مشهور نثر نويس ٿي گذريو آهي جنهن جي تاريخ انگلستان ڇاپي ۾ موجود آهي.

## منتخب تاريخ انگلستان

**ڪتاب جي حقيقت:** هن کان اڳ مسٽر پريداس انندرام جي ترجمو ڪيل انگلنڊ جي تاريخ جي ٻن جلدن جو بيان ڏنو ويو آهي: اهي انگلنڊ جون مفصل تاريخون آهن. پر سر بارٽل فريئر صاحب ڪمشنر جي حڪم موجب "انگلنڊ جي تاريخ" جي انگريزي ۾ لکيل انتخاب جو هي ترجمو مسٽر واڌو مل ڪيو آهي، جنهن جو نالو آهي "منتخب تاريخ انگلستان".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڻن اوائلي زماني جا مصنف پهريائين ڏٽي سگوري جي تعريف ڪري پوءِ ڪتاب بابت حال حقيقت لکندا هئا. مسٽر واڌومل صاحب بہ انهيءَ طرح ڪتاب جو ديباچو لکيو آهي. ديوان صاحب جا هم عصرمصنف جن جي تصنيفات جو بيان هن کان اڳ لکيو ويو آهي، يا هن کان پوءِ لکيو ويندو تن مان ڪنهن بہ مصنف انهيءَ ريت ديباچو نہ لکيو آهي. هن صاحب هن طرح ديباچو شروع ڪيو آهي:

## ديباچو تواريخ جو

"وڏي وڏائي ڏٽيءَ جي جنهن پنهن جي پال ۽ پلائيءَ سان انسان کي اپائي پروڙ (جنهنڪري قدرت ڏٽيءَ جي پسڻ ۾ اچي ٿي) ڏنانس. لک شڪرانا ۽ ٿورا ڏٽيءَ جا جنهن پنهنجي پاجهہ سان ڪيترن ڏينهن کون واڳ وڏي پاڳي ملڪ هندستان جي هٿ حاڪم انگريز بهادر نياءَ واري جي ڏني ۽ ويتر هلائيندڙ حڪومت سنڌ جو حاڪم عادل جناب سر بارٽل فريئر ڪي، ٿي، بي ڪمشنر بهادر (جنهنجي حڪومت ۾ اهڙو نياءُ آهي، جو شينهن بڪريءَ تي گڏ پاڻي پيئندي ڪي پئي نٿو سگهي). آءٌ جا چوان. سيڪو چوندو تہ ماڻهو هن ڏيهہ جا سڀيئي گهٽي سرهائيءَ سان دعا ڪندڙ وڏائي حضور منٿين جا آهن ۽ جناب ميجر گولڊ سمٿ صاحب بهادر اسسٽنٽ ڪمشنر جنهنجي ڏاهپ ۽ پروڙ افلاطون وانگي سڄي ملڪ ۾ پڌري ۽ ان جي سخا ڪان سيڪو ننڍو وڏو فيض پائيندڙ آهي. حڪم ڏنو تنهنڪري مون ڪينکي چاٽندڙ واڌو مل پٽ ديوان چنديرام وينل ٽلٽي جي هي ڪتاب تواريخ ملڪ انگلستان جو، جنهن ۾ سڄيئي وات بادشاهي انگريزن جي لکيل آهي، انگريزي بوليءَ مان سنڌي وائيءَ ۾ ترجمو ڪيو."

### صورتخطي، عبارت ۽ ٻولي:

هن ڪتاب ۾ نئين مقرر ٿيل عربي سنڌي آئيوتا موجب سڀني اکرن جون صورتون درست طرح ڪم آيل آهن. مگر ڇڙهيون يا پنيون اعرابون هرهڪ لفظ تي ڪتب آيل آهن. تفاوت رڳو هيءُ آهي جو ٻين اعرابن وارن ڪتابن ۾ واو مجهول جي اڳئين اکر تي "پيش" ڪم آيل آهي ۽ هن ۾ "زير".

جيئن تہ "پيارو" ٻين لکيو آهي "پيارؤ" هن ۾ "پيارو".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇاتو“ بدران لکيو آهي ”ڇاتو“ هن ۾ آهي ”ڇاتو“ ”وڏو“ بدران لکيو آهي ”وڏو“ هن ۾ آهي ”وڏو“ وغيره.

بدران ڪيترن لفظن جي صورت خطيءَ ۾ هن ڪتاب ۽ بدران هم عصر ڪتابن ۾ ڪجهه تفاوت آهي. جيئن تہ:

”ڪنهن“ کي بدران لکيو آهي ”ڪه“ يا ”ڪنه“ هن ۾ آهي ”ڪهي“.

”جڏهن“ بدران لکيو آهي ”جڏه“ يا ”جڏهِ“ هن ۾ آهي ”جڏهي“.

”تڏهن“ بدران لکيو آهي ”تڏه“ يا ”تڏهِ“ هن ۾ آهي ”تڏهي“.

”مون“ بدران لکيو آهي ”مو“ هن ۾ آهي ”من“ وغيره.

هن ڪتاب جي عبارت ۾ بہ موجوده سنڌي ”صرف و نحو“ جي قاعدن جون فروگذاشتون اهڙيون ئي آهن جهڙيون سندس هم عصر ڪتابن ۾: مگر ٻولي صاف ۽ رسيلي ڪم آيل آهي ۽ مناسب موقعن تي چڱا چڱا اصطلاح ڪتب آيل آهن. جيئن تہ:

| | |
|---|---|
| (1) لانگ چٽو هڻڻ = زاني هڻڻ | اصطلاح |
| (2) چوچ ڪرڻ = مزا ماڻڻ | اصطلاح |
| (3) انبوريءَ (انباريءَ) چاڙهڻ = وڏو درجو بخشڻ | اصطلاح وغيره |
| (1) راجا راڄ، پرجا سک | پهاڪو |
| (2) خون ڪٿوري ڳجهو نہ رهي | پهاڪو |
| (3) جهڙي ڪرٽي تهڙي ڀرٽي | پهاڪو وغيره |

## راءِ بهادر سيٺ آلومل ٽيڪمداس ڀوڄواڻي

هي ڪراچيءَ جي مشهور ڀوڄواڻي خاندان مان ٿي گذريو آهي. هي صاحب ڳچ وقت سنڌ جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو. سندس لکيل ڪتاب هيٺيان آهن.

## (1) سنڌ جي مختصر تاريخ

**ڪتاب جي حقيقت:** هي ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکيل سنڌ جي تاريخن تان مختصر حقيقتون وٺي سنڌيءَ ۾ راءِ بهادر سيٺ آلومل تيار ڪئي هئي ۽ تعليم کاتي جيڪي اوائل ۾ اسڪولن لاءِ درسي ڪتاب تيار ڪرايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس هستيءَ جا قاعدا ۽ سبب آهن. هنر سيکاري ٿو ته ڪا به شيءِ پيدا ڪرڻ گهرجي."

4- "منطق جا ٽي پاڳا آهن پهريون ڪلمه[1] ٻيو ڪلام[2] ۽ ٽيون دليل[3] اهي ٽيئي دل جي ٽن سگهن سان مشابهت ٿا رکن.

اهي ٽي سگهون هي آهن. هڪڙي سمجهڻ جي سگهه ٻي فتوا ڏيڻ جي سگهه ۽ ٽي سبب ڏيڻ جي سگهه. سمجهڻ جي سگهه ڪلمه سان موافقت آهي. فتوا ڏيڻ جي سگهه جي ڪلام سان ۽ سبب ڏيڻ جي سگهه جي دليل سان.

ڪلمه جا مثال: سڪندر، ماڻهون، - نيڪ گهوڙي جو لغام، جماعت ۽ ٻيا.

ڪلام جا مثال: سخيءَ جو هٿ منجهيئي ڪين. هي دنيا فاني آهي. "تر جي ڳتي سؤ جوٽون ڪاٺي". "سهڻا ٿوهه ٻنن تي ٻئا آهن".

دليل جا مثال: "جيڪو بادشاه پنهنجي رعيت جو خيرخواه نه هو انهيءَ حڪومت وڃائي آهي؛ نپولين حڪومت وڃائي آهي". تنهن ڪري "سڀ ماڻهو مرڻان آهن. يعقوب ماڻهو آهي. يعقوب مرڻون آهي".

"چنگل ڳير پکي حلال نه آهن- باز چنگل ڳير پکي آهي تنهنڪري چنگل پکي حلال نه آهي".

"نيڪ ماڻهوءَ تي خدا هميشه راضي آهي. احمد نيڪ ماڻهو آهي تنهن ڪري احمد تي خدا هميشه راضي آهي." (صفحه 5-6)

5- "جي هڪڙي يا هڪڙي وڌيڪ ڏنلن ڪلامن مان ڪو ٻيو علحده ڪلام ڪڍبو ته ان ڏنلن ڪلامن جي ميلاپ کي قياس چئبو.

قياس[4] ٻن پرين جا آهن- قياس باآزمودي ۽ قياس بي آزمودي.

قياس با آزمودي جو مثال: اسين هڪڙو پهڻ پاڻي ۾ اڇليون ٿا ۽ ڏسون ٿا ته وڃيو ٿو تر وٺي. هن آزمودي مان اسين قياس ڪري معلوم ڪريون ٿا ته جڏهن ڪڏهن ڪو پهڻ پاڻيءَ ۾ اڇلائبو ته وڃي تر وٺندو.

1- مفرد يا مرڪب لفظ (پ.) 2- جملو يا فقرو 3- ڪنهن به خيال يا راءِ جي سچائيءَ جو سبب.
4- ويچار جي طاقت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت سليمان نبي عليه السلام جي زماني ۾ هاشم بن سفيان نالي هڪڙو مصر جو بادشاهه نهايت پهلوان، عادل ۽ رعيت پرور هو، جنهن کي لشڪر ۽ خزاني، هيرن ۽ جواهرن جي ڪا ڪمي ڪا نه هئي، مگر اولاد ڪونه هوس جنهنڪري:

"وڻني وير ڪنهين جان ڪيو وير وهم،
جيڪر ڪو جوان هو، جي هوند ڄائو جم،
تہ هي ملڪ خزانا مال ٿيو تنهن کي تم،
اهو گوندو غم، وٺي وينو پاڻ کي". (بيت 8)

"وٺي وينو پاڻ کي ڪري غم گيان،
نڪا ڪري ڪچهي نہ دفتر نہ ديوان،
همه ڪل حيران، أنهيءَ ويل وزير ٿيا". (بيت 9)

بادشاه جي وزيرن ۾ صالح بن جمشيد نهايت ڏاهو وزير هو، تنهن بادشاهہ کان وڃي حال احوال ورتو، جنهن کي بادشاه پنهنجي دل جو ڏک بيان ڪري ٻڌايو. وزير بادشاهہ کي دلداري ڏيئي ڪچهري ۾ وٺي آيو ۽ جيڪي هوشيار حڪيم ۽ نجومي سجهندا هئس. سي گهرائي بادشاهہ جي اولاد ٿيڻ لاءِ حيلا حوالا پڇيائين. حڪيمن ۽ نجومين تن ڏينهن کان پوءِ فتوا ڏني، تہ جيڪڏهن بادشاهہ يمن جي بادشاه شرف شاه جي ڌيءُ نگار بيبيءَ سان شادي ڪندو تہ ان مان فرزند عطا ٿيندس. صالح وزير هڪدم هيرا جواهر ۽ قيمتي سوکڙيون، لشڪر لاءِ ۽ چند کي شرمائيندڙ چارسؤ ٻانهيون پاڻ سان وٺي يمن ڏي روانو ٿيو. يمن جو بادشاه ٻهرياڻين تہ هيڏو سارو ڪٽڪ پنهنجي ملڪ ۾ داخل ٿيندو ڏسي دهلجي ويو، پر جڏهن پڪ ٿيس. تہ صالح وزير فقط اوهان کان مصر جي ناميارِي بادشاه هاشم شاه لاءِ نگار بيبيءَ جو سڱ وٺڻ آيو آهي، تڏهن ڏاڍو سرهو ٿيو. ۽ صالح وزير جو تمام گهڻو آدرڀاءُ ڪيائين. پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ هاشم شاه لاءِ پنهنجي وزير جي نياڻيءَ جو سڱ صالح وزير کي ڏنائين. هاشم شاه جي ڪنيز ۽ پڪ سان نگار

اُن آهون اتيٺي ڪيون دانهون درد فراڪ
پاتشاهي پوشاڪ. ڦاڙي تنهن ڦني ڪئي.“ (بيت 46)

آخر اهو اطلاع هاشم کي پهتو. تنهن توڙي اميرن اُمرائن ۽ مٽن مائٽن سيفل کي گهڻوئي سمجهايو. پر:

”ڪجي ڪين زبان ڪان ڪنهن کي جوي ڪين
گــرد ڪيــائين غم ۾ اهڙا عــيش امين
جدا نازڪ جان تان ڪنيو جامو چولي چين
پولي پولي پين، بنان دانهن دوست جي.“ (بيت 49)

نيٺ پيو کو به حيلو وسيلو نه ڏسي هاشم شاهه پنهنجي پٽ کي بديع الجمال هٿ ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني. سو مال اسباب سان ٻيڙا ڀرائي سعد کي ساڻ ڪري بديع الجمال جي ڳولا ۾ نڪتو. ڪجهه ڏينهن سمنڊ جهاڳڻ کان پوءِ هڪڙو اهڙو سخت طوفان اچي لڳو، جنهن ۾ ٻيڙا ٻڏي ٻري پيا. ڪي ماڻهو واڳن جي وات ۾ وڃي پيا، ته ڪي نهرن ۾ لڙهي ويا. سيف الملوڪ اڪيلوئي اڪيلو ڪنهن تختي تي ٽلندي ٽلندي اچي هڪڙي ٻيٽ تان نڪتو، جنهن ۾ آدمخور ماڻهو رهندا هئا. هو اتان به خوش نصيبيءَ سان پاڻ بچائي نڪتو ۽ طرحين طرحين تڪليفون ۽ ڏک ڏسندي پٽڪندي پٽڪندي هڪڙي رڻ پٽ ۾ اچي پيو، جتي ڪنهن زبردست ديو جو محلات اڏيل هو. جان محلات ۾ گهڙي وڃي، ته هڪڙي شهزادي قيد ۾ پيئي آهي. سيف الملوڪ شهزاديءَ کي ننڊ مان جاڳائي ان کان حال احوال ورتو. معلوم ٿيس ته هوءَ سرانديپ جي بادشاهه تاج الملوڪ جي ڌيءَ ملڪان خاتون آهي، جنهن کي هڪڙي زبردست ديو ڪٽي آڻي اتي قيد ڪيو آهي.

سيف الملوڪ به جڏهن ملڪان سان پنهنجو سارو حال ڪيو، تڏهن ملڪان خاتون چيس ته ”بديع الجمال“ منهنجي سوٽ ٿئي، سندس پيءُ شهوال، گلستان ملڪ جو بادشاهه آهي. جيڪڏهن آءٌ هن قيد مان ڇٽنديس، ته پوءِ بديع الجمال سان توکي ملائي سگهنديس.

سيف الملوڪ ملڪان خاتون جو احوال ٻڌي خوش ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـرٽائي سـيـفل کي ڏيھـ ڏنئين ڏاج،
ڪوڙين پچـايا ڪاج آڳي آسـائن جـا."

(بيت 344)

گلستان ملڪ ۾ سيف الملوڪ پنھنجي دوست وزير سعد کي به سڄاتو، جنھن اتي مزوري پئي ڪئي. سيف الملوڪ سعد سان ملي حال احوال ڪيا ۽ ان کي اميراڻيون پوشاڪون ڍڪائي پاڻ سان گڏ رهايائين. ڪجھ وقت اتي گذارڻ بعد شهوال بادشاھ پنھنجين پرين کي حڪم ڏنو، جن سيف الملوڪ، بديع الجمال ۽ سعد کي تخت تي وهاري اک ڇنڀ ۾ سرانديپ پهچايو.

سرانديپ ۾ تاج الملوڪ پنھنجي ڀائٽيءَ ملڪان خاتون جي شادي سعد سان ڪرائي: ڪي ڏينھن سرانديپ ۾ گذرڻ بعد سيف الملوڪ، بديع الجمال، سعد ۽ ملڪان خاتون کي پرين تخت تي وهاري پلڪ ۾ مصر پهچايو.

"تي هاشم کي آگاھ، تہ آيا مير مصر جا
گم ڪيائين غم کي منهن جو تجلو ماھ
خزانا خيرات ڪيا ورتائين درگاھ
سڀ پٽ سرهايون ٿيون مليون سيفل ماءِ
آندا پرين الله، وڇوڙيا جي ورهن جا".

(بيت 354)

## صورتخطي ۽ عبارت:

هي ڪتاب سنہ 68-1867ع واري منظور ٿيل صورت خطي ۾ لکيل آهي. سڄو قصو 356 ڏوهيڙن ۾ بيان ٿيل آهي. شعر پڪو ۽ رسيلو آهي. ۽ ٻولي بہ درست ۽ پختي ڪم آيل آهي. البت ڪٿي ڪٿي قافيہ جي پورت لاءِ بي معني بہ ڪم آندل آهن. جنئن تہ:

"گهوڙا ڪنيائون گهوٽ لئي چار سا ۽ چار
جنجسا ٻيـر ٻکين ڪـان لڳا اڏامڻ ۾ الغار." (بيت 20)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ساري ڪتاب ۾ فقط هڪڙو نثر جو ٽڪرو مصنف لکيو آهي، جو جنسي صورت خطي ۽ عبارت ۾ هيٺ لکجي ٿو:

تنهنڪانپوءِ سهڄا سوناري جه مهمانن ٿي ڪٿس سان متس اڪن چڪن ٿي پيئي هئي. اها سبب عشق جي جه وقت سار ٿئس ان وقت اٿي گس انن جو سڄاٿي هيڏانه هوڏانه ڊوڪڻ لڳي ۽ جي واٽ تي ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا پيا هئيا تنم ڪپڙا ڦاڙجي جيرجي ٽڪر ٽڪر ٿي ڪري پئس باقي اڳٺ چيله ۾ رهئيس- تنهنجي ڳاله"

تڏهن وني گس گورن جو پنيءَ پنل جي پيئي
سو سار سوناريءَ ڪي نہ ٿي هو ويا سنجهيئي
ڪپڙا ڪنڊ ڏيئي- آئي ورائي اڳٺ پانهنجو.

(بيت 36)

## (5) قصو وڪئي ڏاتار جو

**ڪتاب جي حقيقت:** هي وڪئي ڏاتار جو قصو بہ آخوند عبدالرحيم صاحب هٿ ڪري لٽريچر ڪميٽي کي ڏنو هو جنهن سان پيا بہ بہ ننڊيا نظمي قصا شامل آهن. (1) جمجم سلطان جو قصو ۽ (2) بهرام شاه جو قصو. مگر افسوس جو انهن ٽنهي قصن کي ڇاپجي شايع ٿيڻ جو موقعوئي ڪونہ مليو ۽ ائين دستخط صورت ۾ ئي لئبررين جي ڪٻٽن ۾ رهجي ويا. اهي نيئي قصا آخوند عبدالرحيم صاحب جا هٿ لکيل هڪڙيئي نوٽبڪ ۾ هٿ آيل آهن. اسين انهن جو نمبروار بيان هٿ ڪريون ٿا:

**وڪئي ڏاتار جو مضمون:**

ڪڇ ملڪ ۾ وڪيو نالي هڪڙو سمو سردار رهندو هو جو سخا ۽ ڪرم بخشيءَ جي ڪري ملڪن ۾ مشهور هوندو هو؛ تنهنڪري هو ملڪان ملڪ وڪيو ڏاتار جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو. سنڌ ملڪ ۾ انهن ڏينهن لاکو جام[1] جاڙيجو مشهور سخي ۽ ڏاتار مڙس هو. سو سيڪنهن آئي وئي جي واتان وڪئي ڏاتار جي نيڪي سٺي البت فڪر ۾ پئجي ويو:

1- لاکو جام جاڙيجو اهو سردار هو، جنهنجو بيان شاه جي رسالي سر ڏهر فصل 4 ۾ آيل آهي. (مؤلف).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن لاکي ڄام لوڪ مان سئو ثابت سماچار
سو ورنه پيو وماس ۾ وڏي سان ويچار
هو سخي سخاوت اڳرو اوچو تنهن اوتار
جيئن هي ڪامل رهندو ڪڇ جو تئن هو سنڌ سندو سالار
ڪنهن ڏينهن تنهن ڪونيو ڪو مانجهي مرد مٽيار
سو سائل ان نبهايو پرس انهيءَ جي پار
تہ وهلو وڃ تون وڪئي ڏي جو تو ڏاند ڏئي ڏاتار
پيرون پني آءُ تون پيو مڱج ڪونہ جو هار
هي تحقيق وچي تڪرار، پاڻ پروڙي اڄ ڳالهڙي.

لاکي ڄام کي خبر هئي، تہ وڪيو ڏاتارکنهن سواليءَ جي گهر پوري نہ ڪرڻ پنهنجي لاءِ سخت عيب سمجهندو آهي، سو ڇا ڪيائين، جو هڪڙي مڱڻهار کي سيکاري موڪليائين، تہ تون وڪئي ڏاتار کان پيرون وڃي گهر: نڪا پيرن جي موسم آهي نڪو وڪيو ڏاتار تنهنجي گهر پوري ڪري سگهندو، پوءِ وڪئي ڏاتار جي بدنامي پکيڙڻ سولي ڳالهہ ٿي پوندي.

مڱڻهار ڪڇ ملڪ ۾ پهتو ۽ وڪئي ڏاتار کان وڃي پيرون گهريائين. تنهن تي وڪئي ڏاتار چيس:

تان چي آئين پاڻ پلجي ڪري مونڏي تون ميان
آءُ مال گهٽيرو مڱڻا، توکي پيو ڏان ڏيان
هڪڙو محل اڏاءِ تون ماڙيون ٻيا وڃي ڪر وهان
جي پائين حاصل تئيم هيان، تہ ڇڏ پچار پيرن جي.
چي سوئي ڏان ڏيار مون، جو تو پرس پنان
گهوڙا ٻيڙا گهوٽيا آءُ توکان ڪين ڳنهان
تو سخاوت لئي سوڙهائي ڇايان ڇيچ ڇنان
آن ڏوريين ڏيہ ڏنا، هت پنڻ پيرن آئيو.

وڪئي ڏاتار قيمتي ڏاڻ ونڻ لاءِ مڱڻي کي ڏاڍا وس ڪيا، پر مڱڻو مڙيئي نہ آخر ٻيا سما سردار گهرائي تن سان صلاح ڪيائين، تن بہ مڱڻي کي گهڻو سمجهايو پر مڱڻو مڃيئي نہ، آخر وڪئي ڏاتار سونارا گهرائي تن کی سونن پيرن ناهڻ جو حڪم ڏنو، تنهن تی سونارا سونا پيرون ناهی آيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن جي جهولي ڀري وڪئي ڏاتار مڱڻهار کي ڏني، پر مڱڻهار چوي، تہ مونکي ڪپڙ جا پيرون ڪپن. سونا پيرون نہ گهرجن.

وڪيو ڏاتار ويچار ۾ پئجي ويو ۽ پنهنجي مالڪ کي ويهي سنايائين تہ "اي ستار! منهنجي لڄ پت رک. تون پنهن جي قدرت سان ڪي پيرون ڏيار." ڏئي سڳوري ان سخي مرد جو سوال اگهايو. وڪئي ڏاتار جون منهون ڪنهن ويڙه مان چري ٻاهر نڪتيون تہ هڪڙيءَ مينهن جي سڱ ۾ پيرن سان ڀريل ٽاري اٽڪي پيئي هئي. تنهن تي ميهار ان ويڙه ۾ گهڙي ٻيا ۽ هڪڙو ڪپڙ پيرن سان ڀرپور وجي ڏنائون. تن مان پيرون چني ڦاندو ڀري آئي وڪئي ڏاتار جي اڳيان رکيائون. جنهن اهي سڀ پيرون سوالي مڱڻهار جي حوالي ڪيا.

جڏهن مڱڻهار پيرون ڪٺي سنڌ ۾ اچي لاکي ڄام کي ڏنا.

"تڏهن سٺي سو سرهو ٿيو وڏيرو وريام،
مڪو تنهن مانجهيءَ ڏي پرس لکي پيغام،
تہ سخي تون سخاوت اڳرو آه نر تنهين جو نام،
توسان راضي رب ٿيو مير محمد صلعم ڄام،
هاڻي مرسل سر مدام. ڪه ڪلمو قلوب مان."

نوٽ: هن ننڍڙي قصي ۾ هڪڙي هنڌ شاعر جو نالو آيل آهي جاجي. جئن تہ:

"تنهن ڏانءُ ڏنو ڏاتار کي حاجي چوي هلي،
راحم رب وڪئي جي سائين ڪي سولي،
لٿس گوندر گهٽ تان ٻي ٻلي ڪيس ٻلي،
هن پاٺ پروڙيو ڪينڪي آڳاتو اصلي،
ڏات وني سو ڏيس تي چوڪس ويو چلي،
تنهن ثابت سڌ سلي، وڃي لاکي ڄام اڳيان لعل جي."

خبر نٿي پوي تہ اهو حاجي شاعر ڪير ۽ ڪٿي جو هو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ هي لفظ لکيل آهن. "پورو ٿيو قصو وڪئي ڏاتار جو حاجي موسي حافظ سانءُ رفاقت آخوند عبدالرحيم جي ناڏي تيار ڪيو تاريخ 14 جون 1870ع."

مٿين لفظن مان پائبجي ٿو تہ شايد حاجي موسيٰ حافظ ئي قصي جو ناهيندڙ هو جنهن شعر ۾ پنهنجو نالو "حاجي" ڪم آندو آهي.

# جمجمہ سلطان جو قصو

**مضمون:**

عربي ۾ "جمجمہ" لفظ جي معنيٰ آهي "کوپري" "جمجمہ سلطان" جي معنيٰ "بادشاه جي کوپري".

هڪڙي ڀيري حضرت عيسيٰ نبي گهمندي ڦرندي ڪنهن سمنڊ جي ڪنڌيءَ تان اچي لنگهيو، تہ اتي ماڻهوءَ جي کوپري پيل ڏٺائين، جا مٽيءَ سان ڀريل هئي ۽ ماڪوڙين جا ننگرا منجهانئس ڀي آيا ۽ ويا. حضرت عيسيٰ رب سائين کي سوال ڪيو، تہ "اي سچا سگهارا سائين! هن هڏيءَ ۾ ساه وجهہ، تہ آءٌ انڪان سندس حياتيءَ جو احوال ٻڌان." ڌڻي سگوري جي قدرت سان ان سسيءَ ۾ ساهہ پئجي ويو.

"تنهن وير سسيءَ کان پڇو نيڪ نبي نروار،
ڪي تون هئين دنيءَ ۾ ڪي تون دنيادار؟
ڪي تون بادشاهہ ملڪ جو ڪي تون چورچڪار؟
ڪي تون غريب آدمي ڪي تون زميندار؟
ڪي تون ملو مسجد جو ڪي تون عاقل عقلدار؟
اسان تي اظهار، حقيقت هڏا ڪر تون."

تنهن تي ان سسيءَ اکين ۾ آب آڻي بيان ڪيو. تہ آءٌ وڏو زبردست بادشاه هوس، سورهن لک منهنجا زبردست صوبا، هئا. اسي لک گهوڙا، پنج لک هاٿي، ٻارهن لک ڪويسر، ست هزار ست سئو خوجا خدمتگار، چار هزار محلاتون، هڪ لک ڪن سهٽيون راڻيون ۽ نوڪراڻيون، ٻہ لک سائس، لک آهيڙي بي شمار لشڪر ۽ خزانا هوم. عدل ۽ انصاف بہ جڳيءَ طرح ڪندو هوس پر ڪوبہ ڌرم يا مذهب نہ مڃيندو هوس." تنهن تي حضرت عيسيٰ چيس تہ "پنهنجي مرڻ کان پوءِ جو حال ٻڌاءِ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوپري ڇيو. تہ " هڪڙي ڏينهن وڏو ڪنڪ ونڀ شڪار تي نڪتو هوس. شڪار ڪندي اچي تپ چڙهيم ۽ مٿي ۾ سور پيم. جنهن منهنجا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا. جئن تئن پاڻ ڪٺائي اچي تختگاه تي پهتس. سوين طبيب گهرائي علاج ڪرايم."

"تن وس وڏائي تي ڪيا حيلا حڪيمن،
سر منهنجي تان صدقو ڦيريو فيل ڏين.
ٿا ورچيون ويچ وجن، ڪا ڦڪي ڦير ئي نہ ڪري."

آخر عزرائيل جي صورت نظر آيم، زبان تي مهر لڳي ويم. وزيرن ۽ اميرن ڪي رئندو پٽيندو ۽ راڙين ۽ پاين ڪي پاڪاريندو ڇڏي لاش ٻڌجي پيس. جڏهن مونکي قبر ۾ وجي ٻوريائون، تڏهن فرشتا ڦري آيا ۽ اچي پڇيائون تہ ڪهڙو تنهنجو مالڪ ڪهڙو تنهنجو نبي ۽ ڪهڙو تنهنجو دين ڌرم؟" مون کي ڪنو بہ جواب ڏيڻ ۾ ڪو نہ آيو. پوءِ تہ عذابن ۽ تڪليفن ۾ منهنجو روح اچي ويو. پنج سو ورهيہ انهن عذابن سهندي ٿيا اٿم. اڄ تو نبي سڳوري جي زيارت ڪئي اٿم. سچي ڏٽي ۽ تو نبي سڳوري تي ايمان آڻيان ٿو. منهنجي روح کي ابدي عذابن کان ڇڏاءِ."

"عيسيٰ! امر سان آئين، تڏهن ڇٽس عذابان،
لااله الاالله عيسيٰ روح الله تو مٿئي پڙهان،
پوءِ جڙي بت جمجمہ جو هليو بهشتن ڏان،
جي ڪلمو چون منهان، سي مولا تون مرهين."

نوٽ: هن قصي ۾ بہ فقط هڪڙي سنڌي شاعر جو نالو "مير" آيل آهي جئن تہ:

"تڏهن جمجمہ سلطان کان پڇيو نالي مٿي نور،
تہ ڪهڙا نو عدل ڪيا ڪهڙا هئا تو دستور،
ملڪ مڙيئي مير چوي ورتئي ڪهڙي شعور،
ميان اهي مذڪور، مونٿي معلوم ڪر تون."

خبر نہ آهي تہ اهو "مير" شاعر ڪير ۽ ڪٿي جو آهي؟: مگر قصي جو هٿ ڪندڙ آخوند عبدالرحيم صاحب مرحوم آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# (3) بهرام شاه جو قصو

**مضمون:**

بهرام شاه جي آکاڻي بہ اهڙو خيالي قصو آهي، جهڙو" ڪامسين ڪامروپ" ۽ "سيف الملوڪ بديع الجمال" جو قصو.

روم جي بادشاه ڪشور شاه جو نوجوان پٽ شهزادو بهرام شاه هو، جو هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي ڪنهن هرڻ جي پنيان ڪاهي پيو؛ پر هرڻ ڪانئس گم ٿي ويو ۽ پاڻ پنهنجي سنگت کان ڇڄي اڪيلوئي اڪيلو رهجي ويو. پاڻ رڻ پٽ ۾ گهوڙو گهمائيندو شڪار تي گذاريندو وتندو هو. هڪڙي پيري ڪنهن هنڌ جبل تي ڪا عمدي اڏيل جاءِ نظر آيس. ان ۾ وڃي ڏسي تہ هڪڙو نهايت عمدو پتلو ڪڙو ٺيو بيٺو آهي. جو ڪنهن وڏور شهزاديءَ جي بدن جو هو بہ هو چٽيل نقشو هو. بهرام شاه ان تصوير کي ڏسي پاڻ تصوير بڻجي بيهي رهيو.

"پسي حسن هراسيو، جنگ پيو تنهن جار،
وير تنهين ويجهو ٺيو چاه ڪري چوڌار،
تان چار صفا چئين ڪندين تخت چيا ها چا،
تان پي تنهين تخت تي هئي ناز پري نينگار،
پاڪيزي پسڻ ۾ هئي جوهر جي جنسار،
چوڙين پيڙين چاه سان ڏاڍيءَ ڏک ڪنوار،
تنهنجا ڪنچن پريا کيپ سين ڪاريهر جي ڪار،
ٺيو ديوانو درڪار، پسي مورت موهيو."

اينري ۾ ان گهر جو ڌڻي بہ آيو، تنهن بهرام شاه سان چڱيءَ طرح آدرڀاءُ ڪيو ۽ پوءِ هڪ ٻئي سان پنهنجو پنهنجو احوال ڪيائون. گهر جي مالڪ چيو، تہ "آءٌ وڏو سوداگر هوس. سوداگري ڪندي گهمندي فرندي چين ملڪ ۾ ويس. اُتي جي بادشاه فغفور جي شهزادي گل اندام، جا هفتي ۾ هڪڙو ڀيرو ماڙيءَ تان پنهنجو منهن رعيت کي ڏيکاريندي ۽ نذرانا وٺندي آهي، تنهنجو ديدار مقرر ڏينهن تي وڃي ڪيم ۽ دل ڦرائي ويٺس. ديدار جو مقرر ٿيل ڏينهن تي ٻري ٻري ملڪن جا مشتاق شهزاديءَ جي

”تڏهن سنئين ڪيائين ساهيڙين سڳر،
دل ۾ هئس دوست جي اڳئي سڪ سير،
هي ٿيون سرتيون ابر، تہ هن ڪامڻ ڪانڌ قبوليو.“

ڏاڍيءَ ڌام ڌوم سان بهرام شاه ء گل اندام جي شادي ٿي. ڪجهہ ڏينهن اتي گذاري بهرام شاه سوڀ ء فتح سان موٽي پنهنجي اباڻي ملڪ ۾ آيو.

”ناميو نائين ڏينهن تي نڪري ٿيو نروار،
ڪشور شاه ڪنڪ سان آين آڳيوار،
جئن وچڙيا ورهن جا ٿو ڪري جمع جبار،
سڀ پت سرهايون ٿيون تسين توه تبار،
جن ڪلمي سان قرار، أسهيا سي ايمان سين.“
نوٽ: هن قصي کي نظم ۾ ناهيندڙ چتو ڪٿي آهي،
جنهنجو نالو وچو وچ ٿن چئن ڏوهيڙن ۾ آيل آهي،
اهو چتو ڪٿي ڪٿي جو وينل هو، سا خبر نہ آهي،
ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل آهي، تہ ”هي ڪتاب آخوند عبدالرحيم پٽ آخوند محمد وفا عباسي ڳنڌي سڏاري منتخب سوڌو تيار ڪيو.“

## (5) قصو عجائب شاهہ

**ڪتاب جي حقيقت:** هي هڪڙو ڇاپيل جهونو ڪتاب هٿ آيل آهي، جنهنجو ٽائيٽل پيج ڪونهي. مگر قصي جي نمو ني ء ڇاپي مان سمجهجي ٿو، تہ هي سيفالملوڪ وغيره نظمي قصن سان گڏ آخوند عبدالرحيم مرحوم هٿ ڪري ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽيءَ کي ڏنو، جنهن ڇاپائي پڌرو ڪيو هو.

**مضمون:**

هن ڪتاب ۾ اهڙوئي خيالي قصو نظم ۾ آندل آهي، جهڙوڪ ”ڪامسين ڪامروپ“ ء ”سيف الملوڪ بديع الجمال“ آهن. آکاڻيءَ جو اختصار هي آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راضي ٿيءُ رضا تي صاحب لڳ ستار،
آءٌ جوڙان[1] ۽ جنسار، ڏسان ماڳ ملڪ جا."

بادشاهه چيو: "پٽ! توکي اکين کان پري ڪرڻ دل نٿي گھري، پر تنهنجي مرضي به پڄيو نٿو سگهان."

عجائب شاهه پنهن جي دوست وزير رهسنگ سان گڏ گهمندو ڦرندو ۽ شڪار ڪندو وتندو هو. هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي شهزادو پنهنجن همراهن سميت جهنگل ۾ ڪن وڻن جي ڇانءِ هيٺ وينو هو، ته اينري ۾ ڪو پير مرد سيلاني اتي اچي نڪتو. سيلاني فقير جدا جدا شهرن ۽ ملڪن جون حقيقتون ٻڌائيندي شهزادي کي چيو ته "بيت العمان" نالي هڪڙو ديون جو ملڪ آهي، ان جهڙو سهڻو ۽ وڻندڙ ملڪ ٻيو دنيا ۾ ڪونه ڏٺم. ان ملڪ جي شهزادي نوش لب جهڙي سهڻي شهزادي به ڪا دنيا ۾ نه هوندي."

انهيءَ مذڪور ٻڌڻ شرط عجائب شاهه اڻ ڏٺي نوش لب جو عاشق بنجي پيو:

"تنس حب حبيب جي، محڪم اندر من:
عشق عجائب شاهه تي پر[2] ٿيو پر[3] پون:
سورن جو سرير ۾ ڪيا دانه[4] ڪيچي[5] دن[6]:
محبت محبوبن جي ڇايون[7] وانگي ڇن[8]:
تنهين ڪيس تمام ڪيو، ٻر جي چڪ[9] چڪن:
رهسنگ ريجهايو ڪري ڪنهن فائق سان فن:
ڦيريا فضل چوي سورهيہ سيورن[10]:
لعل لنگهي بر بن، آيا شبير شهر ۾." (بيت 32)

پنهنجي گهر اچڻ کان پوءِ عجائب شاهه اونڌي منجي ڪري پئجي رهيو. بادشاهه، راڻي، وزير امير ۽ نوڪر چاڪر سڀ شهزادي جي بي حالي ڏسي ارمان ۾ پئجي ويا. گهڻئي حڪيم ۽ طبيب اچي حاضر ٿيا، پر:

1- جوڙون ، قدرتي بناوتون. 2- پلنايو 3- واءِ وانگر 4- عشق دانا، 5- چڪي 6- سورن جا ڍير 7- ڇانو
8- هڙي 9- ڦٽ 10- بهادرن وٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوٽ: "جواهر لغات" مان معلوم ٿئي ٿو ته آخوند عبدالرحيم صاحب جي مادري ٻولي سنڌي نه هئي. ڇاڪاڻ ته لغت ۾ ڪيترن مذڪر اسمن کي مونث ۽ مونث اسمن کي مذڪر ڪري لکندو ويو آهي. تنهن ڪانسواءِ سڄي ديباچي پڙهڻ مان صفا ظاهر ٿئي ٿو ته هو پارسيءَ جو عالم هو ۽ سنڌ ۾ گذارڻ سان سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس به چڱيءَ طرح ڪيو هئائين. مگر صحيح سنڌي عبارت ۽ محاورن ڪم آڻڻ جو استعمال ڪونه هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي شاعريءَ جو نئون روپ.

## شاعريءَ جي اصليت ۽ قيمت:

شاعري انسان ذات لاءِ قدرتي بخشش آهي. دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ ديس يا قوم ڪانہ هوندي، جنهن ۾ "شعر يا شاعري" اصل ڪان وٺي اڄ تائين نہ هلي آئي هجي. قوم جي سٽل جذبن کي ڪنهن طرف ڌانهن ڪڙو ۽ تيز ڪرڻ ۽ مئل دلين ۾ روح ڦوڪڻ شاعريءَ جو اهڙو فطرتي ڪم آهي، جهڙو اُيرڻ ساڻ گرمي پيدا ڪرڻ سج جو قدرتي ڪم آهي. عربستان جو ڪو شاعر جڏهن پنهنجي قبيلي ۾ جنگي روح ڦوڪڻ لاءِ ٽڪريءَ تي چڙهي شعر پڙهندو هو، تڏهن سندس هم قوم جوش ۽ جذبي ۾ ڪڙا ٿيو ويندا هئا، ۽ مخالف ڌر ۾ ڀاڪرڪتو وجهيو ڏيندا هئا؛ ۽ عرب زالن جا "رجز" (جنگي شعر) بزدلن کي بہ شيردل بڻايو وجهندا هئا. راجپوت شاعرن جي جوش ۽ غيرت پيدا ڪندڙ شعر جي اثر ڪري مرد تہ پتنگن وانگر ٻاڻ کي ترارين جي تاءَ تي اڇليو وجهندا هئا، پر زالون بہ ڌارين جي هٿ چڙهڻ ڪان ٻاڻ کي جيئرو (جوهر) جلائڻ فخر سمجهنديون هيون.

انگلنڊ جو بادشاه ايڊورڊ جنهن سنہ 1272ع کان 1307ع تائين حڪومت ڪئي هئي، سو جڏهن ڳري لشڪر ۽ اسباب سان ويلس جي جابلو ماڻهن تي ڪاهي ويو هو، تڏهن ويلس جي شاعرن پنهنجي قوم ۾ ايڏو جوش ۽ غيرت پيدا ڪري وڌي، جو انهن ايڊورڊ بادشاه کي رڪ جا چڻا چٻارائي ڇڏيا. آخر جڏهن ڪنهن صلاح ملڻ تي ان ويلس جا سڀ شاعر گڏ ڪري مارائي ڇڏيا، تڏهن اتي جا ماڻهو ڊرا ۽ وائڙا ٿي جيتجي پيا.

### شاعريءَ جو روپ مٽجڻ:

سيڪنهن ملڪ جي شاعري ملڪ جي حالتن ۽ تبديلين جي مدنظر تي پنهنجو روپ مٽائيندي رهي آهي. جنهن وقت ڪان وٺي عربستان ۽ ايران ۾ خود مختار حڪومتون شروع ٿيون، ملڪ ۾ اندروني امن امان ۽ عيش عشرت وڌندو ويو ۽ شاعر بہ قومن جي هٿن مان نڪري وڃي حاڪمن ۽ اميرن جي چارن ۾ ڦاٿا، تنهن وقت ڪان وٺي اتيجي شاعري جو روپ مٽجڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو: ان مان قوميت جو روح صفا نڪري ويو. ۽ خدا تعاليٰ ڏي روح جي ڪشش وارو مضمون ويو اُجهامندو؛ انهنجي عوض حسن پرستي، شراب نوشي، ناز و نياز، عيش عشرت، وصل ۽ هجر، حاڪمن ۽ اميرن جي گهوڙن کي آسمان اُڏامندڙ ۽ تلوار کي اُپ چيريندڙ ٻڌائي انهن کي خوش ڪرڻ وارا مضمون منجهس ويا نوسبا. حسن پرستي ذڪر کي سينگارڻ لاءِ ساڻس گل و بلبل، سرو و صنوبر، نرگس ۽ لالہ وغيره فطرتي حسن جي اسباب کي شامل ڪرڻ سان اها شاعري اهڙي مقبول ۽ عام پسند ٿي ويئي، جو جيڪي خدا پرست بزرگ شاعر دنيا جي وهنوارن کان ٿي الڳ هئا، سي بہ پنهنجي روحاني جذبن ۽ اُمنگن کي انهيءَ نئين روپ واريءَ شاعريءَ جي لباس ۾ بيان ڪرڻ لڳا، ڇاڪاڻ جو هونءُ سندن خيالن کي عام خاص ۾ مقبوليت حاصل ٿيڻ جو رستو ئي ڪونہ رهيو هو. انهيءَ ڪري ئي مولانا جلال الدين رومي رح جهڙي بزرگ کي بہ هيءَ فتوا ڏيڻي پيئي:

"بهتر آن باشد کہ سر دوستان،
گفتہ آيد در حديث ديگران."

(بهتر ائين ٿيندو تہ آئنده حقيقي محبوبن جو راز ٻين جي ڍنگ ۾ بيان ڪجي، جو عام پسند آهي).

جيڪي روحاني مضمون حسن پرستيءَ جي لباس ۾ نظم ٿيندا آيا، سي عام خاص ۾ قبول پوندا ويا؛ خاص ماڻهن نئين روپ هوندي بہ انهن مان روحاني جذبو بہ حاصل ڪيو آهي، تن اهڙي لباس واري روحاني مضمون کي بہ پڌري حسن پرستي ڄاڻي ان سان دلچسپي بہ رکي آهي، ۽ اهڙن روحاني ڪلامن کي حسن پرستي ۽ عشق بازيءَ ۾ لڳڻ لاءِ بزرگن کان مليل سرٽيفڪيٽ پڻ ڄاتو اٿن.

شاعريءَ جي انهيءَ نئين روپ پکڙجڻ مان آخر هي نتيجو نروار ٿيندو آيو آهي، جو جتي پوءِ تتي ديس ۽ قوم ۾ حسن پرستي، عشقبازي ۽ عيش عشرت جي ڪشش ۽ سستي ويئي آهي وڌندي، ۽ روحاني ۽ قومي جذبن جي تازگي، جا شاعريءَ جي قدرتي ۽ اصل مراد آهي، سا ويئي آهي ريٽبي. شهنشاه اورنگزيب عالمگير شاهي محلات وارن مڪتبن ۾ "غزليات سعدي"، "ديوان حافظ" ۽ "ديوان شمس تبريزي" جهڙن ڪتابن (جنجو

روحاني مضمون حسن پرستيءَ جي لباس ۾ ڍڪيل آهي) ڪم آڻڻ جي سخت منع ڪري ڇڏي هئي. سا منع ڪا بي معنيٰ نه هئي.

## هندستان ۽ سنڌ جي شاعري:

اها ايراني شاعري مغل گهراڻي جي حڪومت واري زماني کان وٺي هندستان توڙي سنڌ ۾ پختا پير ڄمائڻ لڳي ۽ ڄمائي ويئي.

هندستان جي قديم شاعريءَ جو رخ هڪڙي پاسي قومي ۽ جنگي روح ڦوڪڻ ڏانهن هوندو هو. ته ٻئي پاسي روحاني جذبن کي دنيا جي خرابين کان بچڻ ۽ خدا ڏانهن رجوع ٿيڻ طرف رکندو آيو. آخر انهيءَ شاعريءَ مان به قومي ۽ جنگي روح نڪري ويو. ۽ فقط روحاني جذبو وڃي منجهس رهيو آهي. انساني روح کي فطرت جي حسن ڏانهن جا قدرتي ڪشش آهي، تنهن کي به سڀڪنهن ديس ۽ قوم ۾ قديم وقت کان وٺي زنده رکندي آئي آهي. هندستان جي قديم شاعريءَ ۾ به حسن عشق جو مضمون آهي، پر ائين، جئن اٽي ۾ لوڻ.

سنڌ جي ادبي تاريخ جي پهرئين جلد ۾ سنڌ جي اوائلي نج ۽ سليس شاعريءَ جو نقشو چڱي طرح ڏيکاريل آهي، جنهن مان صاف طرح نظر ايندو، ته انهيءَ شاعريءَ جو حاصل مطلب آهي فقط مذهبي، اخلاقي ۽ روحاني جذبن کي تيز تکو ڪرڻ. جيتوڻيڪ انهيءَ دور واريءَ شاعريءَ ۾ قوميت جو روح خيرڪو آهي ته به منجهانئس قوم ۽ ديس تي اخلاق، شريعت ۽ طريقت جو ڪافي اثر پئجي سگهيو آهي. جتي جتي انهيءَ دور وارن بزرگ شاعرن "عشق و حسن" جو مسئلو کنيو آهي، اتي ان کي به گهڙي ٻڌائي روحاني جذبي ۽ اخلاق ڏانهن رجوع پيو ڪيو اٿن.

هاڻي اسين سنڌ جي شاعريءَ جو جيڪو روپ بيان ڪنداسون، سو اوائلي دور واريءَ شاعريءَ جي روپ کان بلڪل علحدو آهي: مضمون علحدو، ڻاه ۽ بناوت جو نمونو علحدو ۽ عبارت جي ادائيءَ جو ڍنگ علحدو.

سنڌي شاعريءَ جو اهو نئون روپ هوبهو انهيءَ ايراني شاعريءَ جو نقل آهي، جنهنجو بيان هن باب جي منڍ ۾ ڪري آيا آهيون.

هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته سنڌ جي شاعريءَ جو هي نئون روپ اسان کي چڱيءَ طرح ٻڌائيندو، ته انهيءَ دور ۾ سنڌي زبان جي لفظن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصطلاحن ۽ عبارتي محاورن ۾ ڪيتري قدر ڦيريون گهيريون ۽ ڪهڙيون زيادتيون ٿي ويون آهن؛ ۽ انهيءَ روپ مان اسان کي هي يقين به ٿيندو، ته عربي ۽ ايراني شاعريءَمان فصاحت ۽ بلاغت جو ايترو سامان اسان جي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ موجود ٿي چڪو آهي، جو جيڪڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اهو پاڙهيو ۽ پروڙايو وڃي، ته ايندڙ وقت جي سنڌي شاعري اصلي ۽ حقيقي معنيٰ ۾ نج ۽ دلچسپ شاعري بڻجي وڃي.

نئين روپ واري سنڌي شاعري، جنهن جو بيان اڳتي اسان کي تفصيلوار ڪرڻو آهي، تنهن ۾ روحاني جذبا ۽ جوش موجود آهن، پر ڄاڻڻ ۽ ويچار وانن لاءِ، نه تڙي ٽامڙيءَ لاءِ؛ ان ۾ اخلاقي اسباب اڪيچار آهي، پر تار ترندڙ لاءِ؛ نه اڻ تارن لاءِ. باقي قوميت جو روح انهيءَ نئين روپ واريءَ سنڌي شاعريءَ کان گهٽو پري آهي؛ ڇاڪاڻ جو "حسن پرستي" ۽ "قومي زندگيءَ" جو پاڻ ۾ ڪوڙوئي لڳڻو نه آهي.

سنڌي شاعريءَ جي انهيءَ ايراني روپ متاثڻ لاءِ هن کان اڳ به ٻيئرا ڪوششيون ٿيون هيون: پهرين ڪوشش مولوي الهه بخش مرحوم (ابوجهو) ڪري چڪو هو ۽ ٻي ڪوشش 1919ع ۽ 1925ع جي وچ ۾ هندستان ۽ سنڌ جي ڪن سرويچ هندو ۽ مسلمان شاعرن ڪئي هئي؛ جنهن بابت مفصل حقيقت اميد ته هن ئي ڪتاب ۾ پنهنجي پنهنجي موقعي تي بيان ٿيندي؛ پر انهن ڪوششن کي نڪو ٽيڪو مليو ۽ نه اُسرڻ جو موقعو ئي مليو. تنهن ڪري اهي برساتي ڪنبين وانگر اتي جو اتي خاڪ درخاڪ ٿي ويون.

ائين نه سمجهڻ گهرجي، ته سنڌي شاعريءَ جو نئون روپ سنڌ جي اوائلي شاعريءَ واري روپ کي صفا تڙي چڪو آهي؛ نه نه، سنڌي شاعريءَ جو اصلوڪو روپ به اڄ تائين سنڌ ۾ هليو ٿو اچي (جنهن هن ڪتاب ۾ موقعي به موقعي نظر ايندو).

هن کان اڳتي اسين نئين روپ واري سنڌي شاعريءَ کي "علم عروض" جي احوال تي ٿهيل ڪلام يا موزون ڪلام جي نالي سان سڏيندا ايندا سون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ايراني شعر جو اثر:

علم عروض جي اصول موجب شعر جا ڪيترائي قسم آهن، جئن تہ فرد، بيت، مثنوي، غزل، مستزاد، قطعہ، رباعي، مربع، مثلث، مخمس، مسدس، قصيدو، ترجيع بند، ترڪيب بند. مٿين قسمن جي شعر تي جن مکيہ سنڌي بزرگن مرزا قليچ بيگ صاحب تائين طبع آزمائي ڪئي سي هي آهن:

آخوند گل محمد، فاضل شاه، قاسم، مير حسن علي، مير عبدالحسين سانگي، حاجي غلام محمد گدا، غلام مرتضيٰ شاه مرتضائي، قادر بخش بيدل، فقير محمد عاجز، شمس العلماءُ آفتاب سنڌي ادب مرزا قليچ بيگ.

هيٺيان تنقيدي مضمون مٿين شاعرن جي شعر بابت ڏجن ٿا.

## خليفو گل محمد (گل) آخوند سانوڻي

## (1808ع کان 1855ع تائين)

### سوانح عمري:

آخوند گل محمد هالن پراڻن جي سانوڻي آخوندن مان هو، جي علم فضيلت ۽ فقيري فهم جي ڪري اڳاڻي زماني کان وٺي مشهور هئا. هالن پراڻن ۾ سانوڻي آخوندن کي "استادگهر" ڪري مڃيو ويندو هو.

آخوند گل محمد صاحب هجري سنہ 1226 برابر عيسوي سنہ 1808ع ۾ ڄائو هو؛ ۽ پنهنجي اباڻي مڪتب ۾ پارسي ۽ عربيءَ جي تعليم جو چڱي طرح اڀياس ڪيو هئائين.

آخوند صاحب جا وڏا روهڙيءَ واري پير سائين پاڳاري جا خاص مريد ۽ خليفا هوندا هئا، ۽ آخوند مرحوم جي والد صاحب جي وفات کان پوءِ اها خلافت جي پڳ خود آخوند صاحب تي آئي، تنهن ڪري کيس خليفو گل محمد ڪري سڏيندا هئا. انهيءَ ڪري پير سائين پاڳاري جي سڀني مريدن ۾ خليفي گل محمد جي گهڻي عزت هوندي هئي. ۽ هو گهڻو وقت مريدن خادمن وٽ اچڻ وڃڻ ۽ پير صاحب جي فرائض (سيڪڙ) وصول ڪرڻ ۾ گذاريندو هو. هالن تعلقي جي کيبرن ڳوٺ ۾ گهڻو گذاريندو هو ۽ سندس مجازي نينهن جو ناتو بہ اتيئي سرجيل هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي صاحب مجازي عشق ۾ پاڪباز ۽ حقيقي عشق ۾ سرفراز هو: جهڙو هو شريعت ۾ ماهر، تهڙو طريقت ۽ معرفت جو واقف هو. ڪيس ٻه فرزند هئا جن مان هڪڙو تہ سندس حياتيءَ ۾ ئي گذاري ويو هو ۽ ٻيو ميان احمد جو ڪانئس پوءِ خليفو هو. سو بہ فقط نياٽيون ڇڏي وفات ڪري ويو. هن وقت ميان احمد جو ڏهٽانءُ موجود آهي.

خليفو گل محمد سٺيتاليهن ورهن جي عمر ۾ حج ڪرڻ ويو، ۽ حج تي ويندي بمبئيءَ ۾ ڪجهہ وقت رهي پنهنجو سمورو ڪلام ليٿو ۾ ڇاپايائين ۽ ان جون ڪاپيون سنڌ ڏي روانيون ڪيائين. بمبئي مان جٺن عربستان پهتو، تڏن مڪه معظمه ۾ هجري سنہ 1272 برابر عيسوي سنہ 1855ع ۾ رضا ڪيائين.

خليفو گل محمد سنڌ جي موزون ڪلام چوندڙ شاعرن ۾ منڍ ليکيو وڃي ٿو، سو هن ڪري جو سنڌ جي شاعريءَ ۾ ان ڪي ايجادون (نيون ڳالهيون) داخل ڪيون هيون.

## (1) آخوند صاحب جون ايجادون ۽ سندس ڪلام جون خصوصيتون.

1- آخوند صاحب پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي زبان ۾ پنهنجو مڪمل "ديوان" ڇاپائي اهل وطن جي پيش ڪيو هو. انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ ڪونهي. تہ آخوند صاحب مرحوم کان اڳ بہ ڪي بزرگ سنڌيءَ ۾ موزون ڪلام چوندڙ هئا؛ پر "ديوان" جي صورت ۾ پهريائين پهريائين هن صاحب جو ڪلام ئي پڌرو ٿيو، جو "ديوان گل" جي نالي سان مشهور آهي.

2- "علم عروض" جي جدا جدا ارڪانن ۽ بحرن ۾ ايراني شاعريءَ جي نقش قدم موجب علحدن علحدن مضمونن کي سنڌي نظم ۾ جوڙڻ جو موجد بہ آخوند گل محمد ئي آهي. سنڌي ادب جي پهرئين دور ۾ بہ ڪن بزرگن جي موزون ڪلام جو ذڪر ڪيو ويو آهي، پر اهو "موزون ڪلام" اِڪتسابي (ڪوشش سان وزن تي بيهاريل) نہ چئبو، بلڪ اتفاقي موزون ڪلام چئبو؛ ڇاڪاڻ جو انهن بزرگن پنهنجا ڪلام علم موسيقي جي سرن جي لحاظ تي ناهيا ۽ ڳايا آهن. پوءِ ڪن ڪلامن جي سرن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ماترائون" اتفاق سان علم عروض جي ڪن ارڪانن سان ميل ڪائي بيٺيون آهن، تنهنڪري انهن ڪلامن کي به موزون ليکڻ واجب جاتو ويو آهي. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، سچل سائين ۽ ڪن ٻين بزرگن جا موزون ڪلام جي سنڌي ادب جي پهرين دور ۾ بيان ڪيا ويا آهن، سي اتفاقي موزون ڪلام آهن، تنهنڪري اڪتسابي موزون ڪلام جو پهريون شايع ڪندڙ آخوند صاحب مرحوم ئي ليکيو وڃي ٿو. ثابت علي شاه جا "مرثيا" (جن جو ذڪر سنڌي ادب جي پهرئين دور ۾ ٿيل آهي) بيشڪ اڪتسابي موزون ڪلام آهي، پر اهو "ديوان گل" کان تمام گهڻو وقت پوءِ ڇاپجي نروار ٿيو هو.

3- موزون ڪلام ۾ نج سنڌي لفظ ڪم آڻڻ جي خصوصيت جهڙي "ديوان گل" ۾ آهي، تهڙي ڪانئس پوءِ وارن شاعرن جي ڪلامن ۾ نه آهي؛ جي آهي، ته به ڪن ٿورن ۾. ڪي اهڙا به لفظ آهن، جي شاه ڪريم ۽ شاه ڀٽائي جي ڪلامن ۾ به نظر نٿا اچن ۽ نه اڄ ڪلهه جي موجوده سنڌي ڊڪشنرين مان انهن جو پتو پئجي سگهي ٿو. آخوند صاحب پنهنجي ڇاپايل "ديوان گل" جي حاشيي تي اهڙن نج پراڻن سنڌي لفظن جون معنائون پارسيءَ ۾ ڏيئي ڇڏيون هيون؛ پر افسوس! جو انهيءَ ڇاپي واري ڪاپي اڄ ڪلهه هٿ اچڻ محال آهي، جيڪڏهن انهيءَ ڪاپيءَ جو پورو نقل وقت به وقت ڇاپبو اچي ها، ۽ پويان شاعر به ٻين نون لفظن سان گڏ اهي نج سنڌي لفظ پنهنجن موزون ڪلامن ۾ ڪم آڻيندا اچن ٿا، ته هن وقت تائين نج سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙي نه حيرت انگيز ترقي نظر اچي ها!

4- "ديوان گل" ۾ هي به هڪڙي دلچسپ خصوصيت آهي، جو آخوند صاحب "قافيه" جي پورت لاءِ ڪن لفظن جون هالو چالو صورتون ڇانٽي انهن کي دل گهريون مختصر صورتون ڏنيون آئن. جئن ته:

1- "جئن چتون لاءِ باغ چانگاري ۽ بلبل لاءِ گل.
قيس، ليلي لئي ليلا. دل منهنجي تو لئي سيدا."

2- "درد آهي دل ۾ دائم درد مندن کي ضرور.
صبر وارا پاڻ پيڙن ڪين وجهن ڪنهن ساڻ چات."

3- "جي ويا ڪالهه اڄ نه وريا آج.
ڏس آسونهيءَ ويا نه ڪيائون سچ."

سامي ڪي جڏهن سچن فقـ ـ جي دنيائي تعلق ۽ بي تعلقيءَ جو بيان ڪنهن قدرتي گل سان پيـتي نروار ڪرڻو پيو، تڏهن ڪنول (نيلوفر) ڏي ڏيان ڇڪايائين، جنهن ڪي سنڌ جو نڊيو وڏو سڄاڻي ٿو. جيئن ته:

"رهن منجهہ جهان، سدا اليپ ڪنول جان".

(شلوڪ)

اها آهي شاعريءَ جي نقلي مضمون ۽ اصلي مضمون جي ڀيٽ. انهيءَ هوندي بہ حقيقت هيءَ آهي، تہ آخوند گل محمد جي ڪلام ۽ پوءِ وارن موزون ڪلام چوندڙن سنڌي شاعرن جي ڪلام بہ نسبت اهڙو ايراني شاعريءَ جو نقلي مضمون تمام ٿورو ڪم آيل آهي.

**مضمون:**

روحانيت جي سبقن وارو مضمون، جو ايران، هندستان ۽ سنڌ جي قديم شاعرن جو دستورالعمل رهندو آيو آهي، جنهن ڪي عام طرح "صوفيانو مضمون" چيو وڃي ٿو، سو آخوند صاحب مرحوم جي ڪلام ۾ پوءِ وارن شاعرن جي ڪلام بہ نسبت تمام گهٽي انداز ۽ ڪشادي پٽماني تي سمايل آهي. صوفيانہ مضمون جو خاص جزو آهي "روح"، "رب" سان تعلق ۽ عشق، ۽ انهيءَ تعلق ۽ عشق نباهڻ جا وسيلا، اٽڪاءَ ۽ علاج نروار ڪرڻ. انهيءَ مضمون ۾ هينيان سرا سمادل رهن ٿا: (1) سنئون سڌو خدائي عشق، (2) تصوف جي رنگ ۾ خدائي عشق، (3) حضرت نبي ڪريم صلعم جن ڏانهن عشق، (4) مرشد سان عشق، (5) اندر ۾ جهاتي پائي پاڻ سڃاڻڻ، (6) من جون سڌون ۽ نفسيات مارڻ، (7) دنيا جي فاني سڪن ۾ غافل ٿي دائمي روحاني سک نہ وسارڻ، (8) ذڪر ۽ فڪر سان دلچسپي رکڻ (9) انسان ذات سان صاف دل ۽ بي تعصب رهڻ.

نمونہ خاطر مٿين سرن جا ٿورا مثال "ديوان گل" مان هيٺ ڏجن ٿا:

**سنئون سڌو خدائي عشق:**

"اٿئي اي دل ڏٽيءَ جي دوستي ۽ شوق جي محبت
دنيا جي عيش عشرت کي پيري هڻ تون ڪٽي پالا".

(غ 1 مان)

”الـمـــسـت عــــشق حق جــــا پـاريو،
تـا دل تـــي وتـــن ڏكـــن جـا چـيــرا.“ (غ 7 مان)

### تصوف جي رنگ ۾ خدائي عشق:

”حب ٿي حل تنهنجي، منهنجي هئين ۾ هادي،
ناهه ڪي ٻهـر اندر تنهنجي بنا پٽ اگ ڪا.
آهه مـوجـود سـبـت ٻـورت ۾ سـهـٹـو،
لامـڪـاني نـه رکي جـاءِ، آهي هر ڪنهن جـا.
مـحـو ٿـيـا ذات ۾ ذاتي صـفـتن کـان ٿي فنا،
ويا لنگهي بـرپـٽ ۽ رڻ ۾ لذئون باغ بقـا“. (غ 9 مان)

### عشق حضرت نبي ڪريم صلعم:

”ٿي سـڪـي سـاري سـدا، دل منهنجي تولئي سـيدا،
ڏک ۾ راتيون ڏينهن سڄا، دل منهنجي تولئي سيدا.

تاب توڙي سـوڪ جي ۾ لاءِ سـرڪي آب جي،
جـئن اُجـيـا آهن سـلا، دل منهنجي تولئي سـيـدا.

ٻهـون پٽ ۾، ڊور ڊٽ ۾، روهه ۾ روجـهـون هرڻ،
جـئن سـڪـايا مينهن لا، دل منهنجي تولئي سيدا.“

### پاڻ سڃاڻڻ:

”نفيءَ“ ۾ ڪر پاڻ ثابت، منجهه ، عدم موجود ٿئيءُ،
رنگجيءَ کي ريج ڏي، وڃ جـــو وڏي ٿـــو لاپ لپ.
باغ بيــــرنگيءَ جــــو ٻوٽو تون وجـــودي واه گل!
واس تنهنجي واسـيـو گل عـرش، ڪرسي، ٻـونءَ اپ.“
(غ 30 مان)

”پيـــا اندر ۾ پنهنجي پاهوڙيون ۽ ڪوڏاريو ڪـٹي،
ڪيـئـون ٻـجي ٻـوري برابر صـاحب سـپ تودا ڍ ات.

تات تنهنجي ۾ ڪئي ڳل ترڪ سيڪا تانگهہ تات،
تون ٿي منهنجو شهنشاہ، آءٌ تنهنجو پينو گدا.”

(غ 3 مان)

## اخلاقي مضمون:

خليفي گل محمد جهڙي باشريعت صوفيءَ جي ڪلام ۾ اخلاقي مضمون تہ گهٽوئي هئڻ فطرتي ڳالهہ آهي.

مثال:

**سچ:**

1- ”جنهنجي سخن ڪي ناهہ سچ وعدا ڪري جو قول ڳچ،
قولهڻ وفا ڪوڙن ڪنان آهي عبث آهي عبث.”

(غ 36 مان)

2- سنوت جي ڪر سين ڪي سچ مان آچ،
۾ لڙ لڙ ڪر پتي ور ونگ تي واچ.”

(غ 54 مان)

**چڱي صحبت:**

”رک سنگت صحبت سنون سان، ٿيءُ ۾ ڏنگن سان ڏنگو،
ڪوڙ تي شاهد ۾َ ٿيءُ ڪڻ ڏي متي سچ سنڌ ساک.

(غ 131 مان)

**صبر ۽ تحمل:**

1- ”صبر خاصو متي رضا رب جي،
منجهہ طلب تات لوچ گهرجي لچ.”

(غ 55 مان)

2- ”صبر ڪر اي دل متي حق جي رضا مشڪور ٿي،
وو ۽ وو ۽ واءِ ڪريو واءِ واجب جئن ۾ وچ.
ڪر تحمل ٿيءُ جبل چر ڪيم ڪنهنجي چور تي،
هيڏي هوڏي ڦوڪ تي ۽ واءَ تي ڪک جئن ۾َ ڪچ.”

(غ 45 مان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**فضيلت سان هلڻ چلڻ:**

1- "پوڻ متي هل ادب سين پير پري،
دل سندي ڏيان سان م ڪر ڏڙ ڏڙ."

(غ 291 مان)

"چيت سان هل چڱيان متي گپ چڪ،
هوري هوي، م تاءِ تڪ ۾ ترڪ."

(غ 291 مان)

**حق حلال کاءُ:**

"ڪلي ڪاءُ رهندو رزق رب جو،
آرهندو انڌا ڪيم وجهه پيٽ روڳ".

(غ 142 مان)

### (5) مدحيه هجويه ۽ مذاقيه مضمون

ڪلام ۾ ڪنهنجي ساراهه يا گلا ڪرڻ يا ڪنهن سان چرچي بازي ڪرڻ به شاعرن جو ڪم آهي. ساراهه واري مضمون کي "مدحيه"، گلا واري مضمون کي هجويه ۽ چرچي بازي واري مضمون کي "مذاقيه" يا "ظريفانه" مضمون چئبو آهي. آخوند گل محمد جي ڪلام ۾ هجويه مضمون ته اصل ڪونهي، پر "مدحيه" ۽ "مذاقيه" مضمون به ايتري قدر نه آهي، جيتري قدر ڪانئس پوين شاعرن جي ڪلام ۾ آهي.

هن جي ڪلام ۾ حضرت نبي سڳوي صلعم ۽ چئن يارن سڳورن جي ساراهه آهي ۽ ڪن هنڌن مرشد جي ساراهه به ڪئي اٿس، پر ڪنهن حاڪم يا امير جي خوشامند سندس ڪلام ۾ ڪٿي به ڪانهي.

آخوند صاحب اگرچه با شريعت بنيادي ملان هو. تڏهن به تنگدل ۽ تعصبي ملن تان مذاقون ڪيون اٿس.

مثال:

**حضرت نبي سڳوري جي ساراهه:**

"تئي نه هرگز ڪنهين طرح گمراه،
جنهن مجيو محمد رسول الله.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا اطاعت سچي محمد جي،
سا اطاعت خدائي امجد جي
قوله الحق فقد اطاع الله،
جنهن مڃيو محمد رسول الله.”

(غ 168 مان)

”اچي راز احمد جي اُت ڪيو ظهور،
پهري پوش پاتي الف لام ميم.
ڳجهارت ڏني وحي قرآن ۾،
چئي لفظ واتي الف لام ميم.”

(غ 154 مان)

**چئن يارن سڳورن جي ساراه:**

1- ”هي ابجد هڪ ٻه ٽي وٺ چار،
نوي، ڏهه رکي اڳ پوءِ،
سچو منجهه قاف سو دل ڪان آهي
هت هت هو الحق حق،
آهي عين اليقين عين
عمر، عثمان علي برحق،
لاهي ڏس ڏنڏورو دل ڪان آهي
هت هت هو الحق حق.”

(غ 127 مان)

نوٽ:- ”ابجد حساب“ جي هڪ ٻه ٽي وارن ڳاڻيٽن مان چار يعني (د) ۽ نوي يعني (ص) ۽ ڏهه يعني ي ۽ (ق) کي ملائبو ته حضرت ابابڪر صديق رضه جو نالو نڪرندو.

”سچو صديق، عمر، عثمان نوبهار؛
گل باغ مصطفيٰ جو حيدر علي علي.”

(غ 170 مان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**آل اطهر جي ساراهہ:**

”حضور ۾ جنت المعليٰ
صحاب پاڪن بقيع جي ڪي،
حضور شهداء ڪربلا جي
عرض چئج جئن ڪيئي مون چيئي.
سنگهاءِ مونکي ڪا آئي خوشبوءِ
نام حق جي پنجن گلن جي،
نبي محمد، حسن، حسين و
علي، زهرا اي گل پنجيئي.
(غ 137 مان)

## (6) فطرت نگاري ۽ سيرت نگاريءَ جو مضمون

فطرت نگاريءَ ۽ سيرت نگاريءَ جو مضمون شاعريءَ جو اصلي ۽ رونق افروز جزو آهي. فطرت يا سرشتيءَ جي نظارن کي نئين ۽ دلچسپ نموني ۾ ۽ سادن سودن عام فهم لفظن ۾ بيان ڪرڻ ئي ذات شاهه ڀٽائي رح کي جيڪا خدا تعاليٰ بخشي هئي، سا سنڌ جي اڳين خواه پوين شاعرن مان ڀئي ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام ۾ نہ آهي. آخوند صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ٻن چئن هنڌن فطرت نگاريءَ جي چڱي ڪوشش ڪئي آهي، پر شاه صاحب جي فطرت نگاريءَ بہ نسبت اها گهٽي قدر جهڪي آهي. آخوند صاحب ڪان پوءِ وارن شاعر ۾ وري بہ سانگي ۽ حافظ حامد قابل داد فطرت نگاري ڏيکاري آه. جن جو بيان اميد تہ پنهنجي پنهنجي موقعي تي ٿيندو. آخوند صاحب جي ڪلام مان نمونہ خاطر هڪڙو مثال ڏجي ٿو:

**برسات جو نظارو:**

” آئي رت سانوڻ سندي مينهن وسي ڪيئي ملار،
ڍٽ وسيا ۽ پٽ وسيا سرها ٿيا سانگي سنگهار.“
گاه ساوا سبز ٿيا هر سو ڀريا پاٽين نراه،
پهريا پونن وني چوطرف پنهنجا ڌڻ ڌار.
سڀ ڇڏي ڍنيون ۽ ڍورا پهر نڪتا سانگ تي،
ڳئون وني ڳنوار پنهنجيون مينهيون ميڙي مهار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذوق شاديون ٿيون ولهارن ۾ وڏا ڪيا وس وسن.
سر پٽن چاڙهي اڏي وينا پکا پنهنجا پنوهار.

سيرت نگاريءَ ۾ آخوند صاحب مرحوم هو بہ هو شاه ڀٽائيءَ جي پيروي ڪئي آهي. هن شاه صاحب وانگر گويا، ڪلال، لوهار، واڍا، درزي، ڪوري، هاري، مهاڻا، ميربحر، آهيڙي يا شڪاري، صراف، رانديگر وغيره هنرمندن جي هنر جا بيان ڪري انهن مان روحاني وهنوار ۽ روحاني مشغوليءَ جا سبق ورتا آهن. آخوند صاحب جو ڳوٺڙن جي هارين نارين ۽ مالدار ماڻهن سان گهڻو لهہ وچڙ هوندو هو: تنهنڪري انهن ماڻهن جي سيرت جي چٽڻ جي چڱي ڪوشش ڪئي اٿس، پر اها اهڙي اثرائتي نہ آهي، جهڙي شاه صاحب جي رسالي ۾ سمايل آهي. فطرت ۽ سيرت جو ابياس جيتوڻيڪ شاعر لاءِ تمام ضروري آهي، پر آخوند صاحب جي پوئوارن موزون ڪلام چوندڙ ماڻهن مان ڪن ٿورڙن انهيءَ طرف ڌيان ڏنو آهي.

آخوند صاحب جي ڪلام مان فطرت جي ابياس ۽ سيرت نگاريءَ جا ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**سپ ۽ موتي:**

”درد منجهہ دل دوست تئن درس ٿئي،
جئن ڦڙو موتي ٿئي منجهہ پيٽ سپ.“

(غ 17 مان)

**ڳئون ۽ گابو:**

”ديد تنهنجي لاءِ دلبر دل ڦاٽيو دانهون ڪري،
جئن گابو ڳئ لا، ڳئون لئي ڦر ڪري ٿي راڙ رنڀ.“

(غ 9 مان)

**ڪکر:**

”رنگ هڪ ۾ روپ ڪئين آهن تجليون سوَ هزار،
منجهہ ڪڪر لڙ، واچ آهي، مينهن آهي گاج وڄ.“

(غ 64 مان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**جنگي ميدان ۾ سپاهين جي سيرت:**

”سر کيا سوره سپاهي سينگ ساهل سخت سوٽ،
چال ۾ چالاڪ چهرا چست چاڙهيو ڏين چوٽ.
وڏو ڏن جيهر ٻڏن صف ڪيو سنئين سنيرن جڏهن،
وير وانجهي مڙس مانجهي مرد ڏيئن ڪين موٽ،
آمر سامهان صف بصف سينگار ڪيو سيلا ٻڌيو،
سال ستڪن جال جهتڪن ڪانہ ڪن آڙ آڏ اوٽ،
باه جي بازي بنايو روح ســـان تـــا راند ڪن،
جئن سڙن تئن تئن لڙن ڪڍيو اندر مان ٻهر ڪوٽ

**ڪورڪو هنر:**

”پائي پيت تاجيءَ ۾ پيـــــــــرن پڏار،
تـــيـــا ڳنڍجي گل مـــڙيئي ڳـــوپ ڳـــوٽ.“

(غ 24 مان)

مٿئين شعر ۾ تاجي پيٽو، پير پڏارڻ، ڳوپ (هٿيو هلائڻ)، ڳوٽ (نار هلائڻ) ۾ ڳنڍ جي گل بنجڻ اهي ڪورڪي هنر جا وهنوار آهن، جن مان آخوند صاحب مرحوم روحاني سبق ورتو آهي.

**نيروتڪو ڏنڌو:**

”نيـر رنگ واڏو ڪري منجهہ جهڳ جهپ،
عـــشق وارو وڏ وڏي منجـــهـــ لوس لپ.“

(غ 15 مان)

نيروتي نير جي ڪن ۾ روڙهو وجهي پوءِ ان کي لٺ سان جهڳيندا آهن، تہ نير جو رنگ تيز ٿيندو آهي. ان مان آخوند صاحب سبق ٿو سيکاري تہ سچي محبت وارن تي جئن طعن تنڪن ۾ تڪليفن جي جهڳ ٿيندي، تئن سندن دلي محبت مضبوط ٿيندي ويندي.

## (3) ديوان گل جي عبارت ۾ ٻولي.

آخوند گل محمد جي زندگيءَ وارو وقت ٽالپرن جي حڪومت جي پڇاڙيءَ ۾ انگريز سرڪار جي حڪومت جي اڳياڙيءَ وارو زمانو هو، جنهن ۾ ”موزون ڪلام“ کي عربي ۾ پارسي مصرعن، تڪن ۾ اصطلاحن سان پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ شاعرن جي علمي لياقت جي ڪسوٽي ليکبي هئي؛ تنهن هوندي به آخوند صاحب جو ڪلام صاف ۽ سليس سنڌيءَ ۾ چيل آهي. آخوند صاحب قرآن شريف ۽ حديث جو ماهر هو، تنهنڪري انهن جا جنسي حوالا ڪن ٿورڙن غزلن ۾ اهڙيءَ طرح جڙي ڇڏيا اٿس، جو انهن جو پڙهڻ سان سنديس قابل تعريف عربي دانيءَ ۽ علمي ماهيت جو اعتراف ڪرڻ لازم آهي. مثال:

1- "قال الرحمان علي العرش استوِيٰ ڏس تو ڏنو،
قلب ۾ پڻ ٿاڪ تنهنجا، آءٌ ڏسان ڇئو توکي ڪٿ؟
ذات پنهنجي "غيب" چائين، پوءِ چوين ٿو "آينما"
"ثم وَ جه الله" اِيءُ چا! آءٌ ڏسان ڇئو تو کي ڪٿ؟"

(غزل 34 مان)

پارسيءَ ۾ آخوند صاحب مرحوم ڏاڍو ماهر هو؛ ڇاڪاڻ جو سڄي ديوان ۾ ڪم آيل نج سنڌي لفظن جون معنائون "ديوان گل" جي اصلوڪيءَ ڪاپيءَ تي پارسيءَ ۾ پنهنجن هٿن سان لکيون هئائين. مگر انهيءَ ٻوليءَ ۾ شايد گهٽي دسترس ۽ دلچسپي ڪانه هيس؛ ڇاڪاڻ جو ساري ديوان ۾ هڪ به پارسي سٽ يا ٽڪ ڪم نه آندي اٿس. سندس هم عصر ۽ عزيز آخوند محمد قاسم، جو اوائل ۾ فقط فارسي شعر چوندو هو، تنهنکي به پاڻ هندي شعر چوڻ جو تاڪيد ڪري ٿو. جئن ته:-

"ڪه قاسم اِج تون گل سِين ڪل بات هندي هندي
دلدار هجي دکانا نو ناز هسڪي."

(ديوان گل غزل 171)

آخوند گل محمد جي سموري ڪلام ۾ هندي زبان جي سٽ به فقط اها هڪڙي ڪم آيل آهي، جا آخوند قاسم کي مخاطب ڪل چرچي طرح چئي اٿس.

ٿورڙن عربي آميز غزلن ڪانسواءِ ٻيو سارو "ديوان گل" صاف ۽ سليس سنڌيءَ ۾ چيل آهي.

آخوند صاحب جو ڪلام صاف ۽ سليس سنڌيءَ ۾ آهي، پر نڪا منجهس اها رسيلائي ۽ ميناج آهي؛ جا شاهه ڀٽائي جي سليس سنڌي ڪلام ۾

آهي، نڪا منجهس اها نزاڪت ۽ ڪشش آهي، جا قاسم ۽ ان جي ڪن ٻين همعصرن جي فصاحت ڀريل ڪلامن ۾ آهي.

مثال:

1- آخوند صاحب "سالڪ" (جڳياسو) کي "گهاتو" جو ويس ڏيئي انکي "عشق" جي عميق ڪن ترڻ لاءِ هنن لفظن ۾ تو سمجهاڻي ڏئي:

"گهاتو اُٿي گهڙ گهور ۾ ساري سِپيئي ڪڻ ساڻ رچ.
سيسار واڳو تا سڄن اڳيان وڏا وينگار مڇ.
سندرو ڇندي گهڙ سير ۾، تدبير ڇڏ تقدير ۾،
رک هوش هت هت هير ۾، تا وهن ڀريا ڇاڇ ڇڇ.
خوش ڪيم ٿيءَ نڳ ناهه ۾ سنڌ ساڙ پئو اوڙاه ۾،
وڃ ٿي فنا في الله ۾ ايءَ آه سڀ تانگهار آچ."

(غ 56 مان)

شاه صاحب اِڳئي سمجهاڻي هنن لفظن ۾ تو ڏئي:

"جان گهڙندا گهاتوئا، تان رچن ڏيو رنگ،
سڳايون ۽ سڱ، ڪلاچي ڪين ڪري."
"جئن جهينگا پائين جهول ۾، ائن نہ مرن مڇ،
سبر ڌار سمنڊ جا ڪي رائو رڱي رچ؛
هي ڇاڙون ۽ ڇڇ، آجا اوڙاه آڳاهون تيو."

(سر گهاتو)

مٿئين مثال ۾ آخوند صاحب جا لفظ چڱي فطرت نگاري ۽ سيرت نگاري ڏيکارين ٿا. پر انهن لفظن ۾ اهڙو ميناج ۽ رسيلائي ڪانهي، جهڙي شاه صاحب جي هنن لفظن ۾ تہ "ڪلاچي جو ڪن ڪنهن سان بہ متي مائٽي نتو رکي يعني ڪنهنجي بہ طرفداري نتو ڪري،" "جهينگا (ننڍڙا گانگٽ) جهوليءَ ۾ جهلڻ ۽ وڏن مڇن مارڻ جون سڌون ڪرڻ"، "سمند جهاڳڻ لاءِ سبر ۽ سخت رچ تيار ڪرڻ، ۽ "اڳتي اونهي پاڻيءَ جي ڏس ڏيڻ" ۾ پيئي نظر اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2- آخوند گل محمد بہ پنهنجي ڪلام ۾ مڪتب جي معلم کي نصيحت ڏئي ٿو ۽ آخوند محمد قاسم بہ. اسين ٻئي ڪلام هيٺ ڏيون ٿا جن جي ڀيٽ مان پڙهندڙ آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهندا، تہ ٻنهي مان ڪهڙو ڪلام نزاڪت ۽ ڪشش زياده ڏيکاري ٿو:

"ملان ميٺ سان ننڍڙي ڪيروءَ کي پاڙهہ،
ڪرينس تاب توَ، ڪري جي روح راڙه،
ڪري جو پڪو ترت پنهن جو سبق،
ڏي موڪل، ۾ ان کي ٻين سانڻ ڪاڙه،"
"دنيا دار سان ڪر ۾ دوري غريب،
جي هوءِ هوش وارو تہ مسڪين چاڙهہ.
چڱي ۽ مٺي پار جو رک سنڌو،
ڏمر ۽ ڪتي جئن ڏنگ ڪيم ڏاڙهہ.
آرائين ۾ چن گل ۾ بلبل کي چير،
چنين جي چوڪر چني ڪر ۾ تاڙهہ."

(ديوان گل غزل 84)

**آخوند قاسم** مرحوم ٿو چوي:

"اي معلم ڪيور پار ۾ مار،
سان غزالن ۾ ڪر ڪتن جي ڪار.
لاءِ تهديد تاب طفلن جي،
دست دهشت سندو اصل ۾ الار.
تند ابرو جڏهن ڏسن آخوند،
منجهہ چپن چون "رب خير گذار".
جوت جهنڊئون جهاد اڪبر کي،
[illegible] جي ويڙهہ جو وڏو ست سار؛
[illegible] غني [illegible] هر ڪوئي
ڏينهن دنيا اندر رهي تي [illegible]
لاتسبو لاحد کم غيظا،
مڏهو مان ڏمر ڪنهن کي گار."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رب قــاســـم أتـــي كـــرم كـــر كـــو،
بـــنـــبـــيـــك وا آلـــــه الاطـــهـــار".

(ديوان قاسم غزل 43)

## فصاحت ۽ بلاغت:

آخونـد صـاحب مرحوم شـاعـراڻي ڀيت ڀيتان جي زماني کان اڳ هو، تنهنڪري ان پنهنجي ڪلام ۾ فصاحت ۽ بـلاغت تـي ايترو گهڻو زور ڪونہ رکيو آهي، جيترو ڪائنس پوءِوارن شاعرن جهڙن ڪَ، قاسم، فاضل وغيره پنهنجن پنهنجن ڪلامن ۾ رکيو آهي. تنهن هوندي بہ سنئين سيواڻي ۽ سـادي سـودي ٻـوليءَ ڪي قـدرتيءَ طرح فـصـاحت ۽ بلاغت جـون جـيـڪي بخشــشـون عطا ڪـيل آهن، تن جي ڪابہ ڪمي آخوند صاحب جي ڪلام ۾ ڪانهي.

آخونـد صاحب مرحوم تشـبيهن ۽ استعارن ۾ ايـراني شاعرن جو نقل ٿـورو ڪـم آندو آهـي: گهڻي قدر نج ديـسي تشـبيهون ۽ استعارا ڪم آندا اٿس.

### شعر جو قسم:

علم عروض جي اصول موجب شعر جا ڪيترائي قسم آهن، جيئن تہ 1- فرد 2- بيت 3- مثنوي 4- غزل 5- مـستزاد 6- قطعہ 7- ربـاعي 8- مربع 9- مثلث 10- مخمس 11- مـسـدس 12- قصيدو 13- تـرجيح بند 14- ترڪيب بند. آخوند صاحب مرحوم انهن قسمن مان فقط "غزل" چيـا آهن، جي سـڄي "ديوان گل" ۾ ڪل (175) آهن. "ديوان گل" جي اصلوڪي ڪاپي، جا بمبئي ۾ ڇپي هئي، تنهنجي پڇاڙيءَ ۾ ڪي قطعا بہ هئا، جن ۾ "ديوان گل" جي تيار ٿيڻ جي تاريخ ڏنل آهي: مگر افسوس! جو اها ڪاپي هينئر هٿ اچڻ مُحال آهي.

### وزن:

آخوند صاحب مرحوم "علم عروض" مان واقف هو، تنهن ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي: ڇاڪاڻ جو بحر خفيف" ۽ "بحر رمل مڪفوف" جهڙا بحر بہ پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا اٿس، جي "علم عروض" کان غير واقف ماڻهو هرگز پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آڻي نہ سگهندو. آخوند صاحب جي زماني ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"علم عروض" جي قاعدن موجب سنڌي شعر جي شروعات ٿئي، تنهن کان سواءِ ان وقت ۾ شاعرن جي پاڻ ۾ چٽاڀيٽي ۽ هڪ ٻئي جي شعر تي ناقدانہ نظر ڪرڻ جا وسيلا (يعني اخبارون ۽ رسالہ) موجود ڪين هئا. تنهنڪري تقطيع جي قاعدن بجاءِ آڻ ۾ ڪيس البتہ اتڪاءَ رهجي ويا آهن. ڪٿي ڪٿ "تقطيع" جي پورت لاءِ لفظن جي مقرر ٺيل تلفظ ۾ اهڙي ڇانٽ ڪرٽي پوي ٿي جا "تقطيع" جي قاعدن موجب ڪرڻ جائز نہ آهي. مثال:

"دنيا جي عيش عشرت کي پيري هڻ تون ڪٽي پالا."

(غ 1 مان)

"آيو اڄ يار گـــهــر منهنجي ويا ڏڪــڙا لٿــا سڪڙا."

(غ 5 مان)

"جنهنجا ويا جوءِ مان جهانگي وڃي پرڏيهہ ٿيا سانگي."

(غ 14 مان)

مـٿين ٽن مـثـالن ۾ "پـيـري" کي "پـري"، "آيو" کي "آيو"، ۽ "جنهنجا" کي "ججا" ڪري پڙهبو تڏهن "تقطيع" پوري بيهندي.

ڪٿي ڪٿي وزن جي پورت لاءِ غير ضروري تشديدون ڪم اچن ٿيون، تڏهن "تقطيع" پوري بهي ٿي. مثال:

1- "پن پن تي قاريون ڇـجي ڇـڏي ٽڙ تاريون."

(غ 61 مان)

2- ڪين پرچن پٽ تي گل پي ســـــــرو."

(غ 17 مان)

وزن جي پورت لاءِ ضــــرورت جي هنڌ "ســـاڪن" لفظن کي "متحرڪ" ڪري ڪم آندو ويو آهي، جئن سچل سائين جي ڪلام ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جئن تہ "صبر" کي "صبر"، "درد" کي "درَد"، "عقل" کي "عقَل" وغيره.

آخوند صاحب مرحوم جدا جدا بحرن جي ارڪانن تي پورو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي، جنهن مـان ثابت آهي، تہ "علم عــروض" مــوجب سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش وارو اچڻ گهرجي. مثلاً "سيا"، "ايا"، "کيا"، وغيره پر آخوند صاحب. "سيا" سان "ليا" "ايا"، "چيا" قافيا آندا آهن. جي درست نہ آهن. اهڙي طرح "مغرب" سا "يثرب"، "فوت" سان "اوت" "ڪاڌ" سان"ڏاڍ" ۽ "تاڊ"؛ "عيش" سان "خويش" ۽ "پيش" وغيره وغيره درست قافيا نہ آهن.

## آخوند محمد قاسم هالائي

### (1806 کان 1881ع تائين)

آخوند محمد قاسم ولد آخوند نعمت الله سانوٽي آخوند خليفہ گل محمد (گل) جو عزيز هجري سنہ 1221 برابر سنہ 1806ع ۾ هالن پراڻن ۾ ڄائو هو. هو عربي ۽ پارسيءَ ۾ نهايت قابل هو. هو پهريائين سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڪجهہ وقت تپدار ۽ ڪجهہ وقت تعلقہ آفيسن ۾ منشي هوندو هو.

موري تعلقہ ۾ تپيدار هئڻ ۽ ٽنڊه باگي جي تعلقہ آفيس ۾ منشي هئڻ وقت موري ۽ ٽنڊه باگي جي طبعي حالتن بابت هڪڙو مزي جهڙو پارسي قصيدو ناهيو هئائين. مفرح القلوب نالي پارسي اخبار جي پراڻن پرچن ۾ موجود آهي.

آخوند صاحب جي آزادي پسند طبيعت کان سرڪاري نوڪري جي پابندي سٺي نہ ٿي، تنهن ڪري پينشن جي وقت کان اڳيئي نوڪري ڇڏي ڏنائين ۽ حيدرآباد شهر ۾ ڪورين جي پڙ ۾ گذاريندو هو.

حيدرآباد ۾ آخوند صاحب وٽ ڪي مسلمان خواه هندو عامل خانگي طرح عربي ۽ پارسيءَ جي تعليم وٺندا هئا. اڪرن لکڻ جو آخوند صاحب ڪاتب هوندو هو. تنهنڪري ڪتابن نقل ڪرڻ جو ڪم بہ گهٽو ملندو هوس، جنهن مان چڱي پيدائش هوندي هيس. هز هائينس مير حسن علي خان (حسن) وٽ ڪجهہ وقت خاصي پگهار تي هو ۽ ان ڪي شعر ۾ درستيون ڪري ڏيندو هو. مير صاحب جي نوڪري بہ جلد ڇڏي ڏنائين، تنهن هوندي بہ مير صاحب جي طرفان ويهہ روپيا ماهوار پينشن طور پچاڙيءَ

ويو ڇڏي فاني سرا کي ڏي بقا.
رب عطا ان کي ڪري خلد جنان.
جنوريءَ جي ارڙهين منگل جو وار،
سال ارڙهين سو اڪاسي هو روان،
عيسوي اهو ٿيو هجري ٻه ٻڌ.
سن ٻارهن سئو اٺانوي ڄوان.
خادما آمين چو ڪر مات هان،
ڪين سگهندين تون ڪري وصفش بيان".

(اخبار سنڌ سڌار 10 جون 1881ع)

## شاعرانہ حيثيت ۽ اهو زمانو

آخوند محمد قاسم شروعات کان وٺي فقط پارسي شعر چوندو هو. آخوند گل محمد هنديءَ سنڌي ڪلام چوڻ لاءِ ترغيب ڏيندو هوس، پر خيال ۾ نہ اٿيندو هو. آخر حيدرآباد ۾ اچي رهڻ بعد سيد فاضل شاهہ "فاضل" ٿي کيس سنڌي شعر چوڻ ڏانهن راغب ڪيو. جنهن آخوند صاحب پاڻ "ديوان قاسم" جي پڇاڙيءَ وارن پارسي قطعن ۾ چوي ٿو:

1- "چو در فارسي نغز دانم سخن،
سوءِ نظم سنڌي خيالم نبود.
ولي سعي فضل شہ نيک خو،
بہ سنڌهي سخن ميل طبعم فزود."

2- "منم گرچہ در پارسي چيره دست،
ولي مير فاضل شہ دين برست.
بتحريک بر نظم سندهي سواد،
بيائي دلم خام سودا شکست".

**محمد امين شڪارپوري امين:**

شعر گوئي ۾ نہ مٽ قاسم جي ڄاڻان ڪو ٻيو،
جو ٿـا ڪن ان جي ثنا عـرب وعجم يونان ۾.

**منشي لڇيرام حيدرآبادي (خفتي):**

لک هزارين آفــرين قــاسم ادا توکي هجي،
نڪتہ چيني ۾ ختم بيشڪ آهين هشيار تون.

آخوند محمد قاسم پاڻ بہ پنهنجن همعصرن کي ڪشادي دل سان داد ڏيندو هو ۽ سنجيدگيءَ سان انهن تي نطقہ چيني ڪندو هو. جنهن جا بہ ٿي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**اسلم شڪارپوري کي:**

"هڪ غـزل اخبـار ٿالي سنڌ سـڌار
منجهہ ڏٺم وہ وہ غـزل سـالم صـفـا
جو چيـو اسلم تہ عـالم جي مٿس
آفـرين صـد آفـرين جس جس سـدا
هوش حيـرت ۾ پيـو ڏانهس ڏسي
ڇـا سندس مضـمون معنيٰ مـغز ڇـا
"سـرڪيـان" جو لفظ اسلم جو چيو
آهہ سـونـا مـصـطلح ۽ نـاروا."

(ديوان قاسم غزل 5)

**محڪم الدين (محڪم) کي:**

"سخن محـڪم الدين محڪم چوي ٿو،
منجهس چاہ چس سـان جگـيري چٽـائي.
مـلاحت سندي مـعـرڪي ۾ مـڪـرر،
الهـہ کـان اٿس سـوپ البت عطائي."

(ديوان قاسم غزل 116)

**ڪمال الدين (مست) کي:**

"چيـو مـست مـرغـوب مـوزون غـزل
سـو منجهہ علم اعليٰ اٿم ٿـو ڏسـان."

**ميرزا عباس (خورشيد) ڪي:**

"تڏهن منجهان سڀ وڃائي تعصب،
چوان چست چالاڪ ٿي هي چڱائي.
تہ عباس خورشيد جنهن جو تخلص،
ڏري جئن چڏي چوہ تابش تڪائي،
سندي مشڪ خوشبو عيان خوءِ ٿي جا،
نہ عطار جي ساڪ آهي سجائي."

(ديوان قاسم غزل 116)

**لطف الله (لطيف) ڪي تنبيهہ:**

"ڪڏهن ڪئن هٽي "طفل" دم شاعري جو
تہ قلهار ۾ قوڪ ان لئي قڪائي."

(ديوان قاسم غزل 117)

آخوند محمد قاسم جي زماني وارو ڇهچتو ۽ چند ڇاڻ ان وقت کان وٺي اڄ تائين اخبارن جي وسيلي ٿيندي آئي آهي، ڪنهن وقت سرس تہ ڪنهن وقت گهٽ: مگر اجوڪي اخباري غزل بازيءَ ۾ اها بردباري ۽ سنجيدگي ڪانهي، جا اڳ هئي.

## آخوند محمد قاسم جي ڪلام ۾ خصوصيتون ۽ ايجادون.

1- شاهہ ڀٽائي کان وٺي آخوند گل محمد تائين شاعرن سنڌي ڪلام ۾ پنهنجون ناهيل عربي مصرعون ڪم نہ آنديون آهن، پر قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ عربي مقولا فقط حوالي طور ڪم آندا اٿن. آخوند قاسم پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي ڪلام ۾ پنهنجون ناهيل موزون مصرعون ڪتب آنديون آهن. ڪٿي ڪٿي تہ ساري غزل ۾ اڌ جيتريون مصرعون عربي ڪم آنديون اٿس.

(1) ٿي چيم ڪالهہ رات منجهہ پريات،
ربنا عافنا عن العاهات،

(2) رب سندي ڏاءِ کان ڏجي چئجي،

نجنا من صـــعـــبـــة الافـــات.

(3) دل سنديم درد ۾ رهي دمـــدم،
حـــصلت حـــصـــه من البـــركات.

(4) جنهن ڪئي بندگي بجـا بيـحـد،
فـــهـــو قـــد فـــاز اعظم الدر جـــات.

(5) جنهن ڪڍيو غـيـر قلب مـان قـاسم،
قـــد نجـــا من اِها نه العـــرصـــات.

(ديوان قاسم غزل 13)

2- اڳين شاعرن مان فقط سيد ثابت علي شاهہ پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي پارسي مصرعون يا ٽڪون ڪم آنديون آهن، مگر آخوند قاسم تہ غزلن جا غزل پارسي مصرعن سان ڀري ڇڏيا آهن.

مثال:

”علـم سـک علـم ري نـہ ڀي ڪـار،
تـان لـهين عـــز علـم جي پرڪـار.

(6) ســخن بس کــہ حکم حکمت يافت،
هزل بـگـذار و جـــــدل زو بردار.

علم ري آدمي گـــڏهہ گـــمـــراه،
جـاهلن گڏ گـهـڙي بہ ڪيم گـذار.

(7) حـرف مـا گـوش کن کـہ حـرفہ بري،
سـعي در کـسـب علم کن بسـيـار.
آڳ ۾ عـــــشق ايـزدي جي روح،
تن رڳي جـــئن رجـــاءَ آٽ اجـــار.

(8) بهـــر تهــذيب و خـــوبي اخـــلاق
پند مـــان بشنو و بهـــانہ مـــيـــار.
هوت ڏي هل دلئـــــون ڏيان ڏي،
ڪيم قـــاسم ڪڏهن پرچ پئي پار.

(ديوان قاسم غزل 40)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3- آخوند قاسم جي ديوان ۾ هيءَ به خصوصيت آهي جو نج سنڌي لفظن وارن قافين کم آڻڻ وقت آخوند گل وانگر مونجهاري جهڙا يا جڙتو لفظ کم نه آندا اٿس.

4- سنڌي موزون ڪلام ۾ قصيدا، ترجيح بند اوائل ۾ آخوند قاسم ايجاد ڪيا.

5- ڪلام کي جدا جدا صنعتن سان سينگارڻ جي ڪوشش به ڀرپور آخوند قاسم ڪئي. انهيءَ ڪري پنهنجي ديوان جو ٻيو نالو رکيو هئائين بحرالصنائع يعني "صنعتن جو سمنڊ". جئن ته "ديوان قاسم" جي پڇاڙيءَ وارن قطعن ۾ هڪڙي هنڌ پاڻ ٿو چوي:

"همچونام خود بوي" "ديوان قاسم" داده نام،
در ميان خلق او را شهره دادن خواستم.
نيز هم "بحرالصنائع" نام کردم بهر آن،
زانکه سرتاپش در هر گونه صنع آراستم."

معنيٰ: "پنهنجي نالي وانگر هن ڪتاب کي به "ديوان قاسم" نالو ڏنو اٿم، جو ان کي خلق ۾ مشهور ڪرڻ جي مرضي اٿم. انهيءَ ڪتاب لاءِ "بحرالصنائع" نالو به مقرر ڪيو اٿم، ڇاڪاڻ جو ان کي شروعات کان وٺي پڇاڙيءَ تائين هر قسم جي صنعتن سان سينگاريو اٿم". صنعت توشيح (يک اسمي خواه دو اسمي) ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي صنعتون سنڌي ڪلام ۾ ڀرپور ڀرپور آخوند قاسم کم آنديون هيون.

6- مسلمان شاعرن ۾ فقط آخوند قاسم مرحوم ئي آهي، جنهن نفسياتي طاقتن جا سنسڪرت نالا (ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه، اهنڪار) پنهنجي ڪلام ۾ کم آندا آهن.

## آخوند قاسم جو ڪلام

آخوند قاسم جو پارسي ڪلام ته تمام گهڻو موجود آهي. پر سنڌي ڪلام آن به نسبت ٿورو آهي، جو "ديوان قاسم" ۾ سمايل آهي. آخوند صاحب، فاضل شاه جي ترغيب ڏيارڻ تي ڪي مولود ۽ ڪافيون به ناهيون هيون، جن مان فقط هڪڙو مولود شريف برڪت طرح "ديوان قاسم" جي پڇاڙيءَ ۾ داخل ٿيل آهي، باقي ٻين مولودن ۽ ڪافين بابت پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکي ٿو. تہ ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽيءَ جي طرفان "ديوان قاسم" تيار ڪرڻ ڏيڻ لاءِ ٽڪـــڙي طلب ٿي، تنهنڪـــري اهي "ديوان" ۾ لکي نہ سگهيس:

"ڪئين وٽم ڪافيــون سنديم آهن اپر،
نـاه فــــــرصت لئي لـکـڻ "ديـوان" ۾.
جـو تہ تـيـو ويلو ڪمـيـٽي ويجـهـڙو،
ڪئن لکڻ سگهـــجين اســـرع آن ۾؟"

(ديوان قاسم قطعه 159)

افسوس! جو آخوند صاحب وارا ناهيل مولود شريف ۽ ڪافيون هينئر هٿ اچيو نٿا سگهن. تنهن ڪانسواءِ فاضل شاهہ لٽريچر ڪمٽي جي ڇاپايل ڪتاب "چونڊ ڪافيون" ۾ آخوند قاسم جون ٻہ ٽي ڪافيون ڏنيون آهن. ساڳي ڪتاب ۾ فاضل شاهہ لکيو آهي، تہ آخوند قاسم جو ناهيل "قاسم نامو" سنڌي نظم ۾ موجود آهي. پر اهو "قاسم نامو" بہ "ديوان قاسم" 1875ع ۾ ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي منظور ڪري "ليٿو" ۾ ڇاپائي آخوند صاحب کي حق تصنيف ڏياريو هو. "ديوان قاسم" جي ڇاپجڻ کان پوءِ بہ ڇهہ ورهہ آخوند صاحب حيات هو: انهيءَ عرصي ۾ بہ سندس پارسي خواه سنڌي ڪلام اخبارن ۾ شايع ٿيو هو، جو موجود آهي. لٽريچر ڪميٽيءَ جي ڇاپايل "ديوان قاسم" ۾ ڇاپي جون چڪون تمام گهڻيون آهن، انهيءَ ڇاپي ۾ وڏي بي ترتيبي هيءَ آهي، جو ڪن غزلن تي نمبر لڳل آهن تہ ڪي غزل وري بنا نمبر جاءِ بجاءِ لکيل آهن. تنهن ڪانسواءِ غزل قصيدا، فرد، قطعا، مثنويون وغيره سڀ ساڳئي جريان نمبر سان لکندو وڃي پار پيو آهي. نہ تہ اصل کان هلندڙ دستور موجب هرهڪ جنس جدا جدا جريان نمبر سان شروع ڪرڻ کپي ها. اهو "ديوان قاسم" ۽ "ديوان فاضل" سان گڏ گهڻو وقت بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ درسي ڪتاب طور منظور ڪري انگريزي ڪلاسن ۾ هلايو هو، هينئر اهو ڇاپو ڪامياب آهي.

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب "ديوان قاسم" جي نئين ڪاپي تيار ڪري ويو هو (معنائن ۽ مختصر نوٽن سان)، جا ويجهڙائيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن فرزند ڇاپائي پڌري ڪئي آهي. انهيءَ نئين ڪاپي ۾ اصلوڪي ڇاپيل ڪاپيءَ وارا ڏنل ڦتل لفظ برابر درست ڪيا ويا آهن. مگر جيڪي عربي ۽ پارسي مصرعون اصلوڪي ڪاپيءَ ۾ اڌو گابريون ڇاپيل آهن، سي هن نئين ڪاپيءَ ۾ بہ ائين جو ائين اڌو گابريون رهيل آهن.

نئين ڪاپيءَ ۾ سڀني غزلن تي ساري سنباري نمبر هنيا ويا آهن. پر قصيدن تي بہ غزل نالو لکي ساڳئي جريان نمبر ۾ ڏنا ويا آهن. مگر افسوس جو انهيءَ نئين ڪاپيءَ ۾ وري آخوند صاحب جو متفرقہ ڪلام (فرد، قطعا، مثنويون، مخمس، ترجيع بند وغيره) داخل ئي نہ ڪيا ويا آهن. نئين ڪاپيءَ ۾ انهن جي داخل نہ ٿيڻ ڪري اهي سڀ چيدا ڪلام سنڌي لٽريچر مان هميشہ لاءِ گم ٿي ويٽا آهن. ”ديوان قاسم“ جي صحيح، مڪمل ۽ باترتيب نسخه تيار ٿيڻ جي سخت ضرورت آهي.

**(2) مضمون:**

ساقي، شراب، جام، زلف، خط، خال، سرو، گل، بلبل، نرگس ۽ لالہ وارو اڌارو مضمون ديوان قاسم ۾ پوين شاعرن جي ڪلام بہ نسبت تمام ٿورو آهي. آخوند صاحب پنهنجي ذاتي حالت ۽ ذاتي جذبا ۽ خيال پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن. ٻين شاعرن وارا مضمون پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪرڻ کي آخوند صاحب وڏو عيب سمجهندو هو. جئن فرمائي ٿو:

”معرڪي معيوب آهن ڪل مضامين مستعار،
منجهہ مضامين مجدد مرد وس مقدور جو.“

(ديوان قاسم غ 97)

آخود قاسم جي سنڌي ڪلام ۾ نڪو فطرت نگاري ۽ سيرت نگاريءَ وارو مضمون آهي، نڪو هجويہ ۽ مذاقيہ مضمون آهي. ساري ”ديوان قاسم“ ۾ ڪٿي بہ ڪنهن قدرتي نظاري جو ذڪر ڪيل ڪونهي، نڪو ڪنهن مرد يا زال جو قصو يا آکاڻي ڏنل آهي، جنهن مان سيرت نگاريءَ جي قابليت جي خبر پوي. گلا ء کل چرچي جهڙي ڪلام کان آخوند صاحب کي نفرت هوندي هئي، جئن فرمايو اٿس:

"قاسم ڪائي ڪرم اجائي
روءِ ربائي تات پرائي،
ڳالهہ اهائي سڻ سک سائي،
چال چڱائي مهر مدارا."

(غ 3)

"رب سندي ذمي ۾ ره اي دل
بي سيئي سمجهہ ڏوڙ ڇائي ڳالهہ."
"ڳالهہ ڪنهنجي ڪرين تہ سهڻي ڪر،
چو گلا سان گڏين پرائي ڳالهہ".

(غ 82)

انهيءَ ڪري "ديوان قاسم" ۾ فقط صوفيانہ مضمون، اخلاقي مضمون ۽ عاشقانہ مضمون آهي.

### (1) صوفيانہ مضمون:

صوفيانہ خيال ۽ تصوف جا اصول جئن قديم وقت کان وٺي سنڌ جا بزرگ شاعر پنهنجن ڪلامن ۾ بيان ڪندا آهن، تئن آخوند قاسم بہ پنهنجي ڪلام ۾ ظاهر ڪيا آهن. مثال:

#### 1- حقيقي عشق:

1- "آءُ اي دل عشق ۾ الله جي،
نرت نوڙت رک نہ ڪر ڪنهن سان نفاق."

(غ 68)

2- "رب جي رمز ۾ رهي اي دل،
بي سيئي سمجهہ ڏوڙ ڇائي ڳالهہ."

(غ 83)

3- "ويسلو رهہ ڪيم هت
هت نيٺ ايندءِ ڪم خدا،
خوف رک ڏج کان خدا،
پيو سڀ ڦتو ڪرڪار ڪم."

(غ 85)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 2- نفي ۽ اثبات:

"سناسي سير ڪر منجهہ نفي اثبات،
انهن جـــو پنڌ آهي نت نيــــارو."

(غ 98)

## عشق حضرت نبي ڪريم صلعم:

"چلـــي چـــم دل ڏئـــي دلـــدار جـــي چـــانڻ،
ســـچڻ صـــحـــبت ســـني ســـردار جي چـــانڻ.
زيـارت ذوق ســــــــــان ڪـر تـن، جــو آهــي،
چـــڱـــي چـوڪـــي مـــنـــي مـــخـــتـار جـــي چـانـــڻ.
مـــبـــارڪ لاءِ مـــشـــتـــــــاقـــن اپـــر آهـــہ،
ســــذار ســـــرور هـنـئين جـي هـار جـي چـــانڻ."

(غ 17)

## عشق اصحاب:

"پڻ سندس اصحاب افضل چست چوڪا چار يار
جن ڪيو سر ساھہ صدقو مير مرسل تان سدا."

(غ 1)

## اهل بيت اطهر:

"پنجتن سي پاڪ پارس عـــز ان جـــو رب ڪيـــو،
آخـــرت ۾ آهـہ آخـــر مـــرتـبـــو جن جـــو جـــهـــجـــهـــو.
اڳ ۾ احمد پس علي دان پس حسن زان پس حسين
فـــــاطمـــــه بنت النبي پس پـاڪ دامن پاڪ روَ."

(مولود 157)

## اخلاقي يا ناصحانہ مضمون:

"ديوان قاسم" ۾ اخلاقي يا ناصحانہ مضمون تي خاص طرح زور رکيل آهي. سڄي ديوان قاسم" ۾ ڏهہ آنا اخلاقي مضمون آهي باقي ڇهہ آنا صوفيانہ ۽ عاشقانہ مضمون آهي. اخلاقي يا ناصحانہ مضمون جا ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### شريعت تي هلڻ جو تاڪيد:

"رهن صاف سالڪ ديانت درون،
لهم مايشائون مايشتهون.
سجاڻن شريعت سندي شان کي،
عجب خادم الشرع خيرالقرون.
وٽي وات مرسل محمد سندي،
اولئڪ باثار لا مقتدون."

(غ 87)

### علم پرائڻ:

"علم سک علم ري نہ ڪر ٻي ڪار،
تان لهين عز علم جي پرڪار.
علم ري آدمي گڏهہ گمراهہ،
جاهلن گڏ گهڙي بہ ڪيم گذار."

(غ 40)

### سچ ۽ ڪوڙ جي پيٽ:

"جي سچا سچ کي سڃاڻن: ڪوڙ ۾ ڪوڙا رهن،
ڇا پروڙن مان ٻلائن جي ٻين ٿا روز رب".

(غ 9)

## (3) عبارت ۽ ٻولي

### الف- گڏ وچڙ ۽ نج سنڌي:

آخوند قاسم جن وارو زمانو عربي ۽ پارسي جي ماهر شاعرن جو زمانو هو. تنهنڪري پنهنجي شعر ۾ زبانداني، جي لياقت ۽ علمي مايہ ڏيکارڻ انهن لاءِ فطرتي طرح فخر هو. جئن آخوند صاحب پاڻ فرمائي ٿو:

"قيل ان المرء يعرف علمه عندالڪلام،
قلت في تحسينه لابد نظما هؤلاءِ".

(غزل 108)

دل ڏتارڻ سنڌي ڪري دعــوا
ناز ســان خلق کي نوائين ٿــو

هڪ نظر ســان هزار حـيـرت ۾
تن وجهي وس ڪنان وڃائين ٿو

جو اسان سان رکين رسڻ جي ريت
هر ڪنهين سانُ رس رسائين ٿو

منجهه اسانجي اگڻ اچي اڄ رات
پــال پنهنجــو پــلا پــلائين ٿــو

من سنڌي حـال ۾ حـقـيـقت جـو
هر ڳليءَ ڳـوٺ هل هلائين ٿــو

ڪيـتـرا عش باز عـمـر سـجي
رهزنن ســـان رلي رلائين ٿــو

چشم چوري هزار چـور ڪيئي
دل لٽڻ لاءِ لـوٽ لائين ٿـــو

قرب جي ڪات سان ڪهي قاسم
مهر جو منهن مـنا مـتائين ٿو."

(غزل 194)

آخوند قاسم عربي فارسي ٻوليءَ جو شائق هو، تہ بہ نج سنڌي لفظ بہ جام ڪم آندا اٿس.

مثال:-

1- دانهين سندو اَت داد ڪر
جت سام ناهن تو سوا".

2- "بيـواهہ ڪارڻ واهہ ڪر
لہ ڪارڻي سڌ سار ڪا."

3- "عـاصين سنڌي ٿي اوٽ اڻ
آڌار عـــالم آســـرا."

(غزل 2)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سير ۽ سانت کي جدي جو ھئون.
جي جيئي ان لڪا پٽي تن لوڏ."

آخوند صاحب جي پھرين رباعي "بحر ھزج مسدس مقصور" تي ٻيهل آھي ۽ ٻي "بحر خفيف" تي. اھڙيءَ طرح ٻيون رباعيون "بحر رمل مسدس مقصور"، "بحر رمل مثمن محذوف" ۽ "بحر تقارب مثمن مقصور" تي ٻاڌل آھن. جي بحر رباعي ناھن لاءِ جائز ٺھرايل نہ آھن.

آخوند قاسم، علم موسيقي جي اصول تي بہ ڪافيون ٺاھيون آھن. جن مان ٻہ ڪافيون نموني طور ھيٺ ڏجن ٿيون. جي سيد فاضل شاھ جي ڪتاب "چوند ڪافين" مان ڪڍيون ويون آھن.

## ڪافي ڏيڍي - سر ڪسوري
## (صنعت تشطير)

ڏاڍڙي لائي وئين، ڏاڍڙي لائي وئين
عشق سندي مون کي چاٽ جڪائي وئين.
1- برھ تنھنجي ڪھڙو ڪيئڙو بہ بيراڳي
سان سيباڻي تنھنجي صورت ساڳي
فند فڪر سان منھنجي دلڙي قسائي وئين.
2- انَ تن لائي تنھنجي عشق اندر م
جوش تنھنجو پئڙو جان جگر م
درد جي دل م دونھين دکائي وئين.
3- ناز نظر تنھن جا برھ جا بالا
روز جيڪن تي ... ي قسمت الا
ديد دکائي منھنجون اکڙيون اڙائي وئين.
4- قاسم ڪيئڙو سر قرباني
جان فدا تو تان جانب جاني
سر ڏيکاري منھنجو روح ريجھائي وئين.

## (2) ڪافي ڏيڍي - سر ڪوهياري
## (صنعت تشطير ۽ ذوقافيتين)

جيڪا يار کي ٿي ساري
سا تہ رات ڏينهن رڙندي

1- جا پنهل کي ٿي پراهين
لڪ لنگهي سا ويندي اوڏانهين
جيڪا گهوٽ بنا نہ گهاري
سا تہ ڇاڙهن تي چڙهندي.

2- باه بره جي جنهنکي ٿي ڀڙڪي
ڪن ڏکن جو تنهن لئي ڪڙڪي
وڃي پار سخن پنهنجا پاري
دلو دوست ڪري ترندي.

3- ريءَ راڻي ٿي مومل ماندي
هردم حسرت ساڻ هيڪاندي
جيڪا گوندر منجهہ گذاري
سڪ سي سور سهي سڙندي.

4- مارئي محبت مان ماري
ساري سٽ ٿي سرتين ساري
سا وار وطن ڏي واري
وڃي شال مليرِ مرندي.

5- قاسم ڪارڻ يار پيارا
نين ڪٿي ڪر پال پيالا
موهيس نين نظاري
ڪين سڄڻ مونکي سرندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيد محمد فاضل شاهہ ولد سيد حيدر شاهہ

## (1836ع کان 1900ع تائين)

سيد محمد فاضل شاهہ هجري 1252 برابر 1836ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ تولد ٿيو هو. سيد حيدر شاهہ بن اسماعيل شاهہ جي ڇهن پٽن مان وڏو پٽ سيد محمد فاضل شاهہ هو. سيد فاضل شاهہ جهڙو تفسير، حديث ۽ فقه جو عالم هو، تهڙو طريقت وارن درويشن جو صحبتي ۽ خدا آگاهہ فقير هو. هو پنهنجي ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ پاڻ کي فقير ڪري لکندو هو. جئن تہ:

1- "فرض فاضل ڪري فقيري فخر سان،
مڪر جا قانون ڪر مسمار مچ."

2- "هميشہ چئج حق فاضل فقير،
بديءَ کان بچائي چڱي آهہ چپ."

3- "فيض جا تون فقير فاضل کي،
ڏان ڏاتار ذات ڏيج ڏيار."

شريعت جي علم ۾ هو اهڙو باخبر هو، جو جنهن وقت سندس چاچو سيد محمد يوسف شاهہ حيدرآباد شهر جو قاضي هوندو هو. تنهن وقت بہ ان جي پاران شرعي فتوائون پاڻ تيار ڪري ڏيندو هو. سيد محمد يوسف شاهہ جي وفات کان پوءِ سرڪاري طرح شهر جو قاضي سيد محمد ابراهيم شاهہ بن محمد يوسف شاهہ هوندو هو، پر مفتي (فتوائون ڏيندڙ) سيد محمد فاضل شاهہ هوندو هو.

جوانيءَ جي وقت ۾ ڪجهہ وقت فاضل شاهہ مختياري (وڪالت) جو ڌنڌو بہ ڪاميابيءَ سان هلايو هو، پر فقيرائي ۽ عالمانہ حيثيت ۾ گذارڻ لڳو. شهر ۽ آسپاس ۾ سنديس مجتا گهڻي هوندي هئي. تنهنڪري ايتري رجوعات (پيدائش) گهر ويني پيئي ٿيندي هيس. جو سندن عيال جو گذران چڱيءَ طرح پيو ٿيندو هو.

فاضل شاهہ کي پهرئين گهر مان آٺ نياڻيون ۽ بہ فرزند هئا ۽ پڇاڙيءَ ۾ جيڪا شادي ڪئي هئائين: تنهن مان هڪ فرزند هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فـــرض فـــاضل تـــو تـــني مـــوتي مـــبـــاح.
عـــالم اســـرار جي مـــون تي مـــدح.

فـاضـل شـاه پنهنجي ڪلام ۾ اهڙا مثال ۽ تـشـبـيـهـون بـه ڪـم آنـديـون آهـن. جـن مـان ثـابت ٿـئي ٿـو. تـه ڪـيـس "عـلـم هيئت"، "علم طب" ۽ "علم ڪيميا" جي واقفيت ۽ انهن سان دلچسپي بـه خـاصي هئي. سندس هم عصر شاعرن مان ٻئي ڪنهن بـه شاعر جي ڪلام ۾ اهڙا مثال ۽ تشبيهون نـه آهن.

"ديوان فاضل" ۾ هيءَ بـه هڪڙي خصوصيت آهي، جتي ڪا عربي مصرعـه ڪم آيل آهي اتي ٻيءَ مصرعـه ۾ عربي عبارت جـو ترجمو ڏنو ويو آهي. "ديوان قاسم" ۾ اها خوبي رکيل نـه آهي.

مثال:

رب ريـن بحـــبـــهـم صـــدري
ساهـ سينو م سرت سين سينگار
اســـقنا من رحـــيق مـخـتـــوم
پاڪ ڏئي سندو پريت پيـــــار
رب يـســـرا مـــورنا و ار حـم
صاحبا سڀ سندام ساز سنوار.

(ديوان فاضل غ 46)

نوٽ: پهريـن مصرعـه عربيءَ ۾ آهي. تـه ٻـيءَ مصرعـه ۾ انجو سنڌي ترجمو يا مطلب ڏنل آهي.

سنڌي موزون ڪلام ۾ "تاريخگوئي" فـاضل شـاه جي ايجاد آهي. "ديوان فاضل" جي متفرقـه ڪلام "ماده تاريخ" جا ڀاويهـه نظم آهن. ڪي ولادت يا وفات جي بابت ۽ ڪي عمارتن يا سوڀ جهڙن ڪمن بابت سندس هم عصر يا پوين شاعرن مان ٻئي ڪنهن بـه شاعر ايتري انداز ۾ اهڙيءَ طرز ۾ "تاريخگوئي" نـه ڪئي آهي.

باقاعدي موزون ڪلام جي صورت ۾ "ڪافيون" بـه اول اول فاضل شاهـ پڌريون ڪيون. سچل جي ڪلام ۾ غزل کي "ڪافيون" نالو ڏنو ويو آهي. مگر انهن ۾ "علم عروض" جون فروگذاشتون گهٽيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مضمون:**

ايراني شاعرن وارو نقلي مضمون (خط و خال، زلف و ڪاڪل، نرگس و سنبل، گل و بلبل، ساقي و جام) فاضل شاهه جي ڪلام ۾ بلڪل اڻ لکو آهي. ساري ڪلام ۾ فاضل شاهه پنهنجو حال بيان ڪيو آهي. سندس "حال" ۽ "قال" بلڪل موافق آهن صوفيانه مضمون، اخلاقي مضمون ۽ عاشقانه مضمون ڪانسواءِ مدحيه، هجويه، مذاقيه مضمون ۽ سيرت نگاري جا مثال به "ديوان فاضل" ۾ موجود آهن؛ جي "ديوان قاسم" ۾ نه آهن.

**عاشقانه مضمون:**

فاضل شاهه مجازي عشق جي ميدان کي آزمايو هو، پر ان کي مجازي عشق جو رستو خوفناڪ ۽ نقصانڪار نظر آيو. تنهن ڪري توڙ تائين حقيقي عشق ڏي رغبت قائم رکيائون. پاڻ فرمائي ٿو:

ڪرڻ عشق آهي مجازي عبث
حقيقي سوا عشقبازي عبث
مضارع همه حال سال هوئجي
ڪرڻ ياد مذڪور ماضي عبث
مجاهد رهج نفس ناپاڪ سان
غرض غير جي سان غازي عبث
هوا حرص جي تي هٽج حڪم تون
سندو پر فتن پاپ پازي عبث
دلا دون دنيا سندي حرص ۾
ڪرڻ جاڻ جيءُ جان گذاري عبث.

(غ 23)

انهيءَ حال هوندي به اوائلي مجازي عشق جي وقت وارا ڪلام "ديوان فاضل" ۾ پڌرا پيا آهن جيتوڻيڪ سندن انداز ٿوروئي آهي.

مثال:

چـپن جي چاش چوري
مفت من مجنون ڪيو منهنجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتي ڏيندو مستي رند راد
ليمي لاءِ لامارا.
ڪهميو ڪهڻيون وٺي واٽون
ڏسي ڏونڪر رهي راهون.
تڪي تڪيا هي هنڌ هنڌ
نهاري عام اوتارا.
جدائي جي جلڻ جاني
رئاري روز شب رڻ ۾
نماڻيءَ جي منجهن نيڻن
وسيا نينهن نيسارا.
ڪسي قربان ڪوهيارا
ڏٺيو تو تان فدا فاضل.
اٻر وندوهه اولاڪي،
ڪيو ورهن مستس وارا. (غ 3)

يار کي دلدار کي منٺر کي پيغام ڏج
سر بسر ساڻي سنيهه جي جوان سي سڀ ڏج.
وڃ سڄاڻ وير پنهنجو ڪج پلائي تون پلا.
لڄ لبوسي جهوڻ تي ڪيم ڪي لالن لڪج.
مهرباني تون ڪري منهنجي مداين ڏي ۾ ڏس.
جئن وٺيئي تئن ياڙ تون بلڪل پلارا پال ڪج.
عاشقن جي واهه تو ڪان ڏار ناهي ڪا بہ ڪٿ.
ڏک ڏنکايون ڏوٽ ڏاڍ سڀ سقيمن جا سهج.
فڪر فضل شاه جا ميٺجي محبت سان سدا.
مهر سان محبوب مشفق اڪن عاشق جي هج.

**مدحيہ مضمون:**

مدحيہ مضمون يعني ڪنهن بزرگ هستي يا نيڪ انسان جي ساراهہ وارو ڪلام يعني حضرت نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن جي يا ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهل بيت اطهر ۽ اصحابن سڳورن جي ساراهه. عنمن سڳورن جون نيڪيون "ديوان فاضل" جي متفرق ڪلام ۾ چڱي طرح آيل آهن. مثال:

1- حضرت نبي ڪريم (صلعم)، اصحاب سڳورن ۽ اهل بيت (رضوان الله عليهم) جي ساراهه:

ازين جو اجهو آه عالم امام-
محمد مڪي شه مدارالمهام.
صحابي سندس صحي صادق سچار-
انهن جي اچڻ سان ٿيو انتظام.
وڏي وير ڪي واه واحد ڏنو-
سچائيء سبب صحي صديق نام.
عمر عثمان اشجع علي-
مٿي مهر مولا سندي مستدام.
پيالاري پلي بنت بضعت نبي-
انهيء سان اسان جو عجب اعتصام.
هنئن هار حضرت حسن ۽ حسين-
انهن جو رکي عز اعلي علام.
ڪهرين فتح فاضل عدون اتي-
تہ ٻڙد بيت هي ٿيو ڪري اختتام.
ڪڏي غير جو غرض من مان مکر
مٿي وات وحدت ڪشي پڌ ڪمر.

(ترجيع بند نمبر 1)

2- پير صاحب پاڳاري حزب الله شاه عليه الرحمته جي واکاڻ:

نور جو نروار نوري نور نرمل بي نظير
مصطفيٰ مرسل سندو شمس الضحيٰ بدرالمنير
مرتضيٰ جو مان مسند مجتبيٰ جو ماه مير.
ڪربلا جي شان جو اعلي عجب افضل امير
سيدالسادات سيد شاه حزب الله پير
جوءِ ۾ جنات عدن جي ٿيو شه جاگير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل 23 ۾ "مجازي، بازي، آزي" سان قافيہ آيل آهي. "ماضي" سو درست نہ آهي.

منفرقہ ڪلام (تاريخگوئي نمبر 1) ۾ "پست" ۽ "دست" سان "چست" ۽ "درست" قافيہ غلط آهن.

# هز هائينس مير حسن عليٰ خان (حسن)

## (1824ع کان 1909ع تائين)

هز هائينس مير محمد حسن علي خان (حسن)، جنهن کي سنڌ جو فردوسي چئجي تہ وڌاءُ نہ آهي، سو سنڌ جي آخرين ٽالپر حاڪم مير محمد نصير خان جو وڏو فرزند هو. هو هجري 1240ع مطابق 1824ع ۾ ڄائو هو. هو عربي ۽ پارسي ۾ يگانو هو. جڏهن اوڻيهن ورهن جي عمر جو هو، تڏهن 1843ع ۾ سنڌ ملڪ انگريزن فتح ڪيو هو، تڏهن شهزادو "حسن" بہ پنهنجي والد صاحب ۽ ٻين ٽالپرن سان گڏ نظربند ٿي بمبئي، پونا ۽ ڪلڪتہ ڏانهن ويو هو. ويهہ سال نظربنديءَ ۾ گذارڻ بعد 1863ع سنڌ ۾ آيو ۽ پنهنجن عزيزن مان اچي شادي ڪيائين، پر اولاد ڪونہ ٿيس انگريز سرڪار کان ٽي هزار رپيا ماهياني پوليٽيڪل پينشن مير صاحب کي ملندي هئي.

مير صاحب علم دوست ۽ بلڪل بي تعصب بزرگ عالم هو، تنهنڪري حيدرآباد شهر جا سڀ شاعر ۽ علم دوست ماڻهو مير صاحب جا مجلسي هوندا هئا.مير صاحب نہ رڳو زبردست شاعر هو ، پر نثر نويس بہ چڱو هو.هن ايڪاسي ورهن جي عمر ۾ تاريخ 15 ذوالحج سنہ 1224 هجري برابر 1909 ۾ وفات ڪئي.

### مير صاحب جو ڪلام

مير صاحب جو سنڌي نظم بہ چڱي انداز ۾ موجود آهي. شهنشاه نامہ يا حملہ حيدري، مختار نامہ، مناقب، مرثيا ۽ سلام اهي سڀ ڪتاب نظم ۾ آهن. پر اسين مير صاحب جو فقط "سنڌ جو شاهنامہ" ڪتاب هت ادبي نظر سان جاچيون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدا ٿي گهڻا روح قلب کان ويا،
ڇڏي مرغ روح آشيانہ هليا.
لنگهي جنگ انداز کان ويئي پري،
نہ مشڪل هو جو دشت رن جو پري.
انهيءَ وقت سلطان ڪهاوڙ دلير،
ڪيا جنهن گهڻا ماري سرڪش بزير.
اچي پهتو جنهن وقت در دشت ڪين،
اتي بيهي لافون گزافون هنئين:
"سنڌ م ناه ڪو مت جو تنهن سان وڙهان،
اچي دل جلهي جي ڪو هوءِ پهلوان."
"ڏسي قوت زور بازو سنڌم،
نہ ٿي سگهندو ڪو هم ترازو سنڌم."
ڏٺو مير فتح علي خان دلير،
ڳدڙ آه آيو ڊڪي چرم شير.
سندس مير ڪي نايون لافون پسند،
ڪري انڌي منهن چيائين با زهرخند.
"تون بيٺو هٿين لافون ڪيئن دور تر،
وڌي آ، لهان تان آءُ تنهنجي خبر."
ائين چئي پوءِ ٿيو حملہ ور باشتاب،
جهلڻ حملي جو هو نہ ڪنهنکي بہ تاب.
ڏسي پڇندو سلطان کي بي درنگ،
ٿيو تاجي جي رت ۾ وڌو جوش جنگ.
اچي مير کي چيائين اي شهسوار،
وڙهڻ آيو آهيان ٿي تون هوشيار.
مونکي مثل سلطان تصور نہ ڪر،
آءُ آهيان وڏو پهلوان پر هنر.
جبيرو مير "بس بس تڪبر نہ ڪر".
نہ هر لاف بيهودگي ان قسم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سندم جنگ جـــو تو کي آهي ڪو تاب؟
تون منهن مـوڙي ويندي ڀـجي باشــتــاب."

(جنگ هالاڻي)

سيڪنهن تاريخي نظم ۾ اخلاقي ۽ روحاني سبق شامل هئڻ قدرتي ڳالهه آهي. تنهنڪري اخلاقي ۽ روحاني نصيحتون "سنڌ جي شاهنامه" ۾ جام آهن. ڪنهن واقعي بيان ڪرڻ جي شروع، وچ يا پڇاڙيءَ ۾ هڪڙي نه ٻي اخلاقي يا روحاني نصيحت ڏنل آهي. نه رڳو ايترو، بلڪ خاص خاص موقعن تي قومي ۽ سياسي جذبو به سهڻي نموني ۾ قابل تعظيم شاعر نروار ڪيو آهي. مثال:

**رعيت پروري:**

1- ڪلهوڙن ڪـان ڪـئن ملڪ ورتو اسـان؟
تــيـــو ويران ڪـئن خـــاندان ڪلان؟
چـئي ان طرح سـان ويا دانا نـخـست.
رعـايا چـون بيخ اند و سلطان درخت.

2- مــــدو اڄ رعــــايا جي آهي ضــــرور.
ســرن تان ڪريون تنجي آفت هي دور.
خــبــر جي نـه هن وقت تنجي ونــون.
تي ويندي رعــــيت پوءِ ضــــايع زبون.
ڪري ڏس تون سعدي جو هي قول ياد.
چــئي چــا ويو هـن بـاب ۾ اوســتــــاد.
ملڪ باج ده يڪ چــرا مي خـــورد.
چــون دشـــمن خـــر روســـتـــائي برد.
اسين ڍل ۽ محـصـول جن ڪـان ونـون.
بوقت مـــصـــائب جـــڏي تـنڪي ڏيون.
رعـايا جي غـمـخـواري پـي تي ضـرور.
ســرن تان ڪريون تنجي آفت هي دور.

نوٽ: (1) ڪلهوڙن جي خاندان برباد ٿيڻ جو سبب شاعر فرمائي ٿـو تـه فـقط رعيت آزاري هئي. انهي بيـان شـروع ڪرڻ کـان اڳ نصيحت ٿـو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏئي، تہ رعيت پاڙ جي مثال آهي ۽ بادشاهہ وڻ جي مثال. جيڪڏهن بادشاهہ رعيت کي آزاريو، تہ جڻ پنهنجي پاڙ ڪمزور ڪيائين، پر جيڪڏهن رعيت کي خوش رکيائين تہ جڻ پنهنجي حڪومت جي پاڙ پڪي ڄمايائين.

(2) جڏهن مدد خان پٺاڻ سنڌ ۾ قرلت مچائي ڏني، تڏهن مير فتح علي خان سڀني ٽالپرن ۽ اميرن کي گڏ ڪري رعيت جي حفاظت ۽ بچاءُ ڪرڻ بابت نصيحت ٿو ڪري.

**دنيا جي فنائي بابت:**

مير فتح علي خان جي وفات جو بيان ڪندي پهريائين هو دنيا جي فنائي ۽ ناپائداريءَ بابت هن طرح نصيحت ٿو ڪري:

"زماني جو يڪسان رهي ٿو نہ حال،
تون ڏس چنڊ کي گهہ بدر گهہ هلال."
"ڏسو سج جو ڪيڏو ٿيو جاهہ و جلال،
ڏسي ڪئن ٿو هر روز رو ۽ جلال.
زماني ڪڏهن ڪنهن سان ڪئي ڪا وفا؟
تڏهن ان تي دل بستگي تي خطا.
رهڻ ڪاڻ هن هنڌ آيو نہ ڪو،
وڃڻ تي تڏهن ڪهڙو شيڪو ڪيو؟
بقا تي فقط ذات رب العلا،
جتي ناهہ امڪان نقص و فنا
غرض موت انسان سان ٿيو لڳل،
معين ٿيا ايام عمر از ازل."

**قومي ۽ سياسي جذبات جي نروارڻ جو نمونو:**

"انهيءَ جنگ تي امر هو منحصر،
تہ حاصل ڪري جيڪو فتح و ظفر،
اهو ٿيندو هن ملڪ جو بادشاهہ،
مخالف ٿي ويندو سراسر تباهہ.
تڏهن زور لاتئون ٿي حد ڪان زياد.
تہ حاصل ڪن ان معرڪي مان مراد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالنبي سان ٽالپرن جون جدا جدا هنڌن تي جنگيون. پناڻن جي ميان عبدالنبي کي مدد. مدد خان پناڻ جي هٿان سنڌ ۾ ڦرلٽ ٿيڻ. هالاڻي واري جنگ ۽ ٽالپرن جي سنڌ تي حڪومت. ميان عبدالنبيءَ جون سنڌ وٺڻ لاءِ بيفاعديون ڪوششون. جوڌپور جي راجا کان عمرڪوٽ وٺڻ لاءِ ٽالپرن جي جنگ ۽ شڪست. بهاولپور تي ٽالپرن جي ڪاهه ۽ سوڀ حيدرآباد جو قلعو فتح ڪرڻ. "ديوان گدومل جو مارجڻ. شڪر ڏنيو جي ٻيٽ تي محلات اڏائڻ. مير فتح علي خان جي وفات. مير غلام علي خان ۽ مير ٺاري خان جي وچ ۾ جنگ ۽ مير ٺاري جي شڪست. شڪارپور ۽ ڪراچي فتح ڪرڻ. دائود پوٽن سان جنگ ۽ صلح. شاهه شجاع پناڻ جي سنڌ تي ڪاهه ۽ ٺاهه. مير غلام علي خان جي وفات. جوڌپور جي راجا کان عمرڪوٽ فتح ڪرڻ. ٽي نوان قلعا سنڌ ۾ تيار ڪرڻ. مير ڪرم علي خان جو انتقال.

**ٻولي ۽ عبارت:**

"سنڌ جي شاهنامه" ۾ پارسي آميز سنڌي ڪم آيل آهي. سڀ حڪمران ٽالپر سنڌي زبان جا ماهر ۽ شاعر هوندا هئا. هز هائينس مير حسن علي خان ٻهريون ٽالپر هو، جنهن سنڌي زبان ۾ شعر چيو. تنهن ڪري ان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ پارسيءَ جي آميزش سواءِ ڪا ڳالهه آهي.

**صرف و نحو:**

جيئن خليفو گل، آخوند قاسم ۽ فاضل شاهه جن پراڻيون فعلي صورتون ۽ حرف جر وغيره ڪم آندا آهن تيئن مير صاحب ڪم ئي نه آندا آهن. هن خاص طرح پارسي آميزش ڪم آندي آهي. ڪٿي ڪٿي ته مير صاحب عربي اضافت جي نشاني ڪم آندي آهي، مگر مضاف عربي، ته مضاف اليه پارسي ڪم آندو اٿس، جا هڪڙي انوکي ۽ خلاف اصول ملاوت آهي.

سماعيل شاهو جوان جو پسر،

اهو پيءُ هو الولد سرالپدر.

نوٽ:- مضاف يعني "سر" (راز) عربي لفظ آهي، ته مضاف اليه يعني "پدر" (پيءُ) پارسي لفظ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڪٿي مير صاحب وري پارسي اضافت جو دستور ڪم آندو آهي. مگر مضاف رکيو اٿس نج سنڌي لفظ. ته مضاف اليه پارسي. اهو به خلاف دستور عمل آهي:

"هنئين ميــــر پوءِ ان کي اهڙي ترار
جــو دونيم تــيــو پيٽ آن نابڪــار."

نوٽ:- مضــاف يعني "پيٽ" نج سنڌي لفظ کي اضــافت جي زير ڏيئي "آن نابڪار" کي مضاف اليه بنايو اٿس، جو پارسي مرڪب لفظ آهي. اها اضــافت نه پارسي ٿي ۽ نه سنڌي ٿي. ڪٿي ڪٿي ميــر صــاحب اضــافي مرڪبات ۾ به اضافت جي زبر ڇڏي ڏني آهي:

1- سجو جسم زخمن مان ائن چور هو،
نه هو جــسم، بل خــانه زنبــور هو.

2- زمـــاني دگـــر گـــون آئين نـهـــاد،
شد آن مرغ ڪ او بيضه زرين نهاد.

## علم عروض

### شعر جو قسم:

سلامن ۽ مرثين ۾ ته مير صاحب غزل، قصيدا، مخمس ۽ مسدس به ڏنا آهن، پر "سنڌ جو شاهنامو" مثنوي شعر ۾ ڏنل آهي، جئن تاريخي نظمن لکڻ جو دستور اهي.

### بحر ۽ وزن:

سارو "سنڌ جو شاهنامو" بحر تقارب مثمن "مقصور ۽ محذوف" تي ٺهيل آهي. فردوسي وارو "شاهنامه" پارسي ۽ نظامي وارو "سڪندر نامه" پارسي جي ٻئي مشهور تاريخي نظم آهن، سي به انهيءَ ساڳئي بحر تي ٺهيل آهن.

مير صاحب جنهن صورت ۾ آخوند قاسم ۽ حضرت گدا جهڙن جبرن شاعرن کان پنهنجا شعر درست ڪرائيندو هو، تنهن صورت ۾ ائين چوڻ لاءِ سبب ٿي ڪونهي، ته مير صاحب کي وزن ۽ تقطيع جي سڻمن جي خبر نه هوندي، تنهن هوندي به "سنڌ جي شاهنامه" ۾ وزن ۽ تقطيع جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي سقم پڌرائي پڌرا ٻيا آهن، تن کي قابل تعظيم شاعر ڪئن ائين جو ائين رهڻ ڏنو، سا ڳالهه عجب ۾ وجهندڙ آهي.

”علم عروض“ جي اصول موجب ”وزن“ ۽ ”تقطيع“ جي پورت لاءِ هميشه حروف علت حذف ڪرڻ جائز آهن ۽ سنڌي زبان ۾ ”نون غنه“ جيڪڏهن ڪنهن حرف علت جي پڇاڙيءَ ۾ هوندو آهي، ته اهو به حذف ڪري سگهبو آهي؛ پر حرف صحيح کي ڪنهن به حالت ۾ تقطيع ڪرڻ وقت حرف ڪرڻ جائز نه آهي، مير صاحب حرف صحيح به حذف ڪندو ويو آهي.

1- ڪيو دربر عالم لباس سياه،
نهان تي ويو روءِ خورشيد ماه.

2- شڪارپور ڪان ٻن منزلن تي هو دور،
رسي هي عريضي به بزم حضور.

3- شروع گفتگو ڪيائون تي مير سان،
ته انپر چيو راجه راجگان.

4- چيئين تي ته بسم الله آيو ٻلي،
وڏئين تن کي پاڪر وڏا تي ڪلي.

5- جهاندار فتح علي نامدار،
جو هو اعقل عقلاءِ آن روزگار.

نوٽ- متين مثالن ۾ ”دربر عالم“ کي ”دربرالم“ (ع گم)؛ ”شڪارپور“ کي ”شڪاپور“ (ر گم)؛ ”شروع“ کي ”شرو“ (ع گم)؛ ”بسم الله“ کي ”بسمل“ (ل ا هه گم)؛ ۽ ”اعقل عقلاءِ“ کي اعقلقلاءِ“ (ع گم) ڪري پڙهبو، تڏهن وزن ۽ تقطيع برابر بيهندا. پر اهڙي ڇانٽ ڪرڻ لاءِ نه علم عروض اجازت ڏئي ٿو ۽ نه علم لغت ۽ علم صرف و نحو اجازت ڏين ٿا. تنهنڪري اهڙن هنڌن وزن ۽ تقطيع جو سقم ليکبو.

**قافيو:**

مير صاحب قافيه جي شرطن بجا آڻڻ ۾ گهٽي قدر بي پروائي ڪم آندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال:

1- تيو شيطان آدم جو هو راه زن،
هي شيطان هو انسان ۽ هو هو جن.

2- سجاتئون نہ بهرين تہ هي آه ڪير،
ڏنئون پوءِ جئڻ ڪان تي آيو هي سير.

3- تي فوج ڪلهوڙي کي فاحش شڪست،
شڪست اهڙي هرگز نہ تيندي درست.

4- مون کي ظاهرا بادشاهي ملي،
مگر تي انهيءَ کان گدائي ڀلي.

5- تون آهين وڏو مرد بد عاقبت،
نہ هوندو ڪو تو جهڙو شوريده بخت.

نوٽ- "زن" سان "جن"، "ڪير" سان "سير"، "شڪست" سان "درست"، "ملي" سان "ڀلي" ۽ "عاقبت" سان "بخت" بلڪل غلط قافيا آهن. "بخت" کي جيڪڏهن غلط تلفظ ۾ "بخت" ڪبو تہ قافيو درست ٿيندو، مگر وزن بلڪ بگڙي ويندو. هونءَ بہ وزن جي غلطي چاڪاڻ جو پهرين مصرعہ "مخذوف" ۽ ٻي مصرعہ مقصور ٿي ٿئي، جا "علم عروض" موجب ائين نہ ٿيڻ گهرجي.

## هز هائينس مير عبدالحسين خان (سانگي)

### (1851ع کان 1924ع تائين)

هز هائينس مير عبدالحسين خان ولد مير عباس علي خان، سنڌ جي آخرين ٽالپر حڪمران مير محمد نصير خان جو پوٽو ۽ هز هائينس مير محمد حسن علي خان (حسن) جو سڳو ڀائٽيو هو. مير عباس علي خان جڏهن پنهنجي والد مير محمد نصير خان سان گڏ ڪلڪتي ۾ نظر بند هو. تڏهن يوروپين آفيسرن ۽ منڊمن جي ڏسندي سندربن ٻيلي ۾ يڪيسر تلوار سان شينهن جو مقابلو ڪري ان کي ماريو هئائين. انهيءَ ڪري هڪڙي يوروپين ميم صاحبہ گهڻي چاهہ مان مير عباس علي خان سان شادي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن مان هجري. 1268 مطابق 1851ع ۾ هز هائينس مير عبدالحسين خان فرزند ڪلڪتي ۾ ٿي چايس. شايد انهيءَ ڪري ئي سانگي صاحب هڪڙي هنڌ چيو آهي:

" پيارج پرت جو پيالو الايا ايهاالساقي
اسان جو ملڪ بنگالو الايا ايهاالساقي.

(ديوان سانگي جلد 1 صفح 102)

مير عبدالحسين خان اڃا ڇهن ورهن جو مس هو، تہ سندس والد صاحب اتي ڪلڪتي ۾ ئي وفات ڪئي جنهن جو لاشو حيدرآباد ۾ آڻي پٽس جي پرسان ميرن جي قبن تي دفن ڪيائون. انهيءَ وقت کان وٺي مير عبدالحسين خان پنهنجي چاچي هز هائينس مير محمد حسن علي خان (حسن) جي سنڀال هيٺ رهيو. جنهن ڪڇيءَ کان ئي اردو، پا سي ۽ انگريزي تعليم جو بندوبست رکائي ڏنس. مير عبدالحسين خان جڏهن عن ورهن جي عمر جو هو، تڏهن پنهنجي چاچي مير حسن علي سان گڏجي 1863ع ۾ پنهنجو ڏاڏاڻو ملڪ يعني سنڌ اچي ڏٺائين. سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ بہ سنديس تعليم ۽ تربيت تي سندس چاچو چڱي چوکي نظر رکندو آيو.

ڦوهہ جوانيءَ ۾ مهراڻن جي ڪنڌيءَ (درياءَ جي پر) ۾ جا ٽڪر جي نزديڪ گنجي ٽڪر ۽ درياءَ جي وچ ۾ آهي هرڻن جي شڪار ڪندي مير صاحب پاڻ هڪڙي پارسي غزل ۾ چوي ٿو:

" شوقي ز شڪار داشتم بحدي،
آخر يقين شد ڪہ خود شڪاريم."

(ج 1 ص 67)

معني:- شڪار جو شوق تمام گهڻو هوندو هوم، نيٺ پڪ ٿيم تہ پاڻ ئي شڪار ٿيجي چڪو آهيان. جئن حام تماچي نوريءَ جي نينهن سانگي سڀ ڪينجهر نواسي نوازي ڇڏيا. تئن هن نوجوان شهزادي بہ پنهنجي معشوق جا مٽ مائٽ نوازي راضي ڪيا ۽ مائيءَ کي حـ رآباد ۾ آڻي ساڻس عقد وڌائين.

"اسان جو عشق عالم هاڻي پير تيو آهي،
ڪيئين نخچير ٿي، هاڻي سو خود نخچير ٿيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مهراڻن جي ڪيٽيءَ ۾ ڪنارو آهه گهاري جو،
سو سارو سٿر حاصل غيرت ڪشمير ٿيو آهي،
پري ڪان ٿي ڏٺو مون منگهريو مجلس ۾ مرڪيو ٿي،
ڏسي مونکي سو سهڻو صورت تصوير ٿيو آهي.
تڏهن دل منهنجي ديواني ٿي آهي مست لايعقل،
پوڻ لئي زلف پيارل جو جڏهن زنجير ٿيو آهي."

(ج 2 ص 86)

هڪڙي هنڌ تہ مير صاحب ڪليو ڪلايو چوي ٿو:

منٺار مني يار کي صورت ڏني موليٰ
مونکي انهيءَ مه رو جي محبت ڏني موليٰ
الله آهن منهنجون ڪيون پوريون
منٺار مليو روح کي راحت ڏني موليٰ
حاصل ٿيو رقيبن کي جدائيءَ جو جهنم
سانگي کي تہ جيئري آهي "جنت" ڏني موليٰ.

(ج 2 ص 7)

ان مائيءَ بہ بجنسي نوريءَ واري نهنائيءَ ء اخلاقن سان مير صاحب کي حد کان زياده موهي وڌو هو. مائيءَ جـ حياتي ٿوري هئي، تنهن ٿورن ئي ڏينهن بعد وفات ڪئي. مائيءَ جي وفات ڪرڻ ۾ مير صاحب جو پاٿيءَ مان نڪري وڃڻ. پوءِ حيدرآباد ۽ شاه جي پٽ جي وچ ۾ اڳهاڙين پيرين اچڻ وڃڻ راتين جون راتيون گنجي ٽڪر تي سسئي وانگر پير پٿون ڪرڻ مجنون ۽ وامق کي بہ شهہ ڏيئي ڇڏڻ.

1- "هلياسون واري مجنون ڏي هٿندا نينهن جو نعرو
چيو ٿي چاهہ مان هرهڪ اجهي سانگي سفر نڪتا."

(ج 1 ص 12)

2- "دردن ڪي ذوم ڏام دل ناتوان تي
صدمه هزار منهنجي رسيا آهن جان تي.

واچـــوڙي وانگي ڦـــرندو وتان آءٌ روز شب
آهيـان ڪڏهن زمين تـي ڪڏهن آسمـان تي.”

(ج 1 ص 11)

هز هائينس مير محمد حسن علي خان کي پنهنجي ڀائٽي جي پريشان حاليءَ جو تمام گهڻو فڪر ٿي پيو. تنهن ڪن يوروپين عملدارن جي صلاح ۽ مدد سان ڀـ ٿي مندمون مير صاحب جي خدمت ۾ ڇڏيون، انهيءَ لاءِ تہ ڪنهن بہ طرح انجي ٿهنڊڙ دل دام ۾ اچي ۽ هو جهان جي دستور موجب هلي چلي.

آخر ڊاڪٽر رائٽ صاحب جي ڌيءُ مس رائٽ صاحبہ انهيءَ ڪم ۾ فتحياب ٿي ۽ مير صاحب کي اڳيان دفتر سڀ وساريائي ڇڏيائين.

مير حسن علي خان مس رائٽ صاحبہ جي عزيزن ۽ وارثن کي سندن مرضيءَ موجب خوش ڪيو ۽ سنہ 1877ع ۾ مس ممدوحه کي مسلمان ڪري مير صاحب سان شادي ڪرايائين. هز هائينس مير عبدالحسين خان پوءِ زمانہ سازيءَ سان بلڪل پورو رهندو آيو ۽ انهيءَ گهر مان ٻہ فرزند ٿيس.

ڏهن عشق جي مستيءَ جا اڳيان پردا مير صاحب جي دماغ تان لهي ويا. تڏهن ٿو فرمائي:

”جنهن مـون کي ٿي ڏنـو،
ٿي چيو تہ تنهن چريو چريو
پنهنجي پرينءَ ڏي مون
جو ڏنو ٿي وريو وريو
فرقت ۾ پنهنجي حال تي
مون پاڻ ٿي رنو
سيڪنهن چيو ٿي عشق جو
ڍونگر ڍريو ڍريو
سچ آهہ سنگ سخت
ڪان انسان سنگدل

جن ريءَ نہ دم سريو ٿي

سو سانگي سريو سريو."

(ج 1 ض 9)

هز هائينس مير عبدالحسين خان ٿوهہ جوانيءَ جي وقت ۾ ئي حضرت شاهہ ڀٽائي جو پورو پورو معتقد ۽ انجي ڪلام جو سچو پياسي هوندو هو.

1- "شاهہ لطيف شامل حالم اگر نہ هو

تو شاهراهہ عشق مين ميرا گذر نہ هو."

(ج 1 ص 96)

2- "هادي راهہ هدا آهي ڀٽائي پرجهلو،

ياد تو هر دم ڪريان تنهن مرشد ومولي کي آءٌ."

(ج 1 ص 104)

3- "مونکي مرشد کان ٿيو خدا حاصل

گل سان بلبل کيو آشنا مونکي."

(ج 1 ص 118)

مير صاحب پنهنجي معشوقه جو لاشو بہ شاه جي پٽ تي دفن ڪرايو هو.

مير صاحب ڪچيءَ کان وٺي فقيري خيالن جو ماٺهو هو. عشقبازيءَ نہ آقي باقي بہ فقير بنائي ڇڏيو هوس. جيتوڻيڪ اميرائي زندگي بسر پيو ڪندو هو، تہ بہ دل توڙ تائين فقيريءَ جي رنگ ۾ رتل هيس. پاڻ فرمائي ٿو:

1- "ڪين مورئون مٺ ڪريان سو

سک آءٌ هڪڙي سور سان،

فقر ۽ فاقو نہ پاريان

دولت فغفور سان.

هنجهہ جي ٻوليءَ نہ سمجهن

ڪانگ ڪانگيرو ڪري.

صفت هو ملن منو کيو

مامرو منصور سان."

(ج 1 ص 10)

مير صاحب جي فقيري دل جي ثابتي اها آهي، جو هڪڙو اميرزادو ٿي ڪري بہ پنهنجو تخلص رکيائين "سانگي" (ڪجهہ وقت گذاري هليو وڃڻ وارو) يا چل چلائو. ان بابت پاڻ فرمائي ٿو:

1- "سانگ دنيا تہ آهہ اي سانگي،
سمجهو ساٿيهہ جنهن سو نادان ٿيو."

(ج 1 ص 86)

2- ساٿيهہ ناهہ هي تہ گذر جو مڪان آهہ،
دنيا جي سانگ ۾ اوهين سانگي سنياڄو."

(ج 1 ص 96)

سانگي صاحب جا وڏا مائٽ پڪا اثنا عشري شيعا هئا، پاڻ بہ اهلبيت اطهار جو سچو عاشق هو، ۽ حضرت علي المرتضيٰ (ڪرم الله وجه) ۽ ان جي صفت ۽ ساراهہ پنهنجي ڪلام ۾ ڇپي ڇپي تي ڪندو ويو آهي، پر اصحاب سڳورن جو بہ گهڻو ادب رکندو هو. شيعہ يا سني سڏائڻ جي بدران پاڻ کي صوفي سڏائيندو هو ۽ مذهبي بحث کان سخت نفرت هوندي هيس. ان بابت سندس رايا هي آهن:

1- "جا آيت تطهير آهي شان ۾ جن جي،
سي آءٌ جز از عترت اطهر نٿو ڄاڻان.
مرشد کان هي ارشاد ٿيو در راه تصوف،
مولا کو بجز ساقي ڪوثر نٿو ڄاڻان."
"مرسل جا جي اصحاب آهن صدق جا صاحب،
سي رتبہ ۾ هڪ ٻئي کان تہ ڪمتر نٿو ڄاڻان."

(ج 1 ص 10)

2- "جو شيعن ۽ سنين ۾ هلندڙ آهي،
اي زاهد سو آهي شريعت جو بحث.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان سان جي ڪرڻو آهي تان ڪريو،
حقيقت جون ڳالهيون طريقت جو بحث."
(ج 1 ص 24)

3- "نہ شيعو آه سني آهي محي الدين،
سو آه صافي و صوفي و رهنماء طريق.
تفاوت آه ٻنهي ۾ ڪيو منن ملن،
ڪيو مون مشرب و مذهب جو تهدلئون تحقيق."
(ج 2 ص 24)

مير صاحب کي سرڪار مان ٻارهن سو رپيا ماهوار پوليٽيڪل پينشن ملندي هئي. سندس اميرائي اتالي جي ڪري اها پينشن ٿوري هئي، پر گهر ۾ نهايت دانا ۽ تعليم يافتہ يوروپئن خاتون هيس، جا سڄي اتالي جي خرچ جو انتظام بلڪل سهڻي نموني سان رکندي ايندي هئي ۽ مير صاحب کي ڪا بہ دست اندازي ڪرڻي ڪا نہ پوندي هئي.

مير صاحب فرسٽ ڪلاس اسپيشل مئجسٽريٽ بہ حسن تدبير ۽ هوشياريءَ سان توڙ تائين نباهيائين. ان بابت پاڻ هئن ٿو فرمائي:

وري ڪا ڪجي اهڙي موزون نوا،
ڪري طبع مضمون جي آڏي پڇا.
آهيان پهرئين درجي جو مئجسٽريٽ،
ڪريان ڪم فرمائي مونکي خدا.
اهو تا چون آهہ عمدو وڪيل،
زبان ۾ هئي تاثير جنهن جي صفا.
آهي شاعري ۽ وڪالت پئي،
صفا هڪڙي سانچي ۾ پلٽيل جدا.
علم تي رکو تنهنجو ناهي مدار،
مگر حق تعالي جي آهي عطا.
جي ٻئريسٽر آهي ڇا ٿي پيو،
جي سانسٽر آهن سي پي نام جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇـــا ســـيڪاري ڪالج "۾ ڪو.
اهو جـــوهر ذاتي آهي بجـــا.
اسان کا ڪڏهن ڪانہ ڪورٽ ڏني،
نڪي قاعـدا کي پڙهي مـون ڏنـا.
وجي پار پيـاســون توڪل ڪري،
ڪندي ڪم وره گــذري بارهن ويا.
غنيمت آهي گـذري جـو دم بخـير،
بہ امن و امـان ۽ بصلح و صـفـا."

(ج 1 ص 17)

هيٺين شاعرن سان مير صاحب جي خاص محبت هوندي هئي:
(1) سيد غلام محمد شاه (گدا) سندس اُستاد هوندو هو. (2) ميان وڏل علوي (حيدري) وينل سيدپور تعلقہ گوني (3) پير ميان علي محمد شاه (علڻ سائين) سجاده نشين شاه پٽ، سندس مرشد زادو هو. (4) پير ميان صاحبڏنو شاه سجاده نشين بلڙي تعلقہ گوني، (5) حافظ حاجي حامد ٽکڙائي (6) مرزا قليچ بيگ، (7) سيد عبدالحسين هندستاني.

مير صاحب گدو بندر کان ڏيڍ ميل کن ڏکڻ طرف درياءَ جي ڪپ تي مير ميرمحمد خان جي ٽنډه ۾ رهندو هو، جنهن کي عام طرح ڪانپ (ڪئمپ) ڪري سڏيندا هئا. هز هائينس مير محمد حسن علي خان وري انهيءَ ڪئمپ ۽ گدوبندر جي وچ تي مير نور محمد خان جي ٽنډه ۾ رهندو هو.

سانگي صاحب شاعرن جي مجلسن. راڳيندڙن جي محفلن ۾ درويشن جي صحبتن ۾ هڪڙي پاسي گذاريندو هو، تہ ڪورٽ جو ڪم ٻئي پاسي سنڀاليندو هو. هر سال سانوڻ ۾ سياري ۾ شڪار تي ويندو هو. ڪڏهن ڪيرٿر جبل ڏانهن، ڪڏهن ڪينجهر ڏانهن ۽ ڪڏهن ٿر جي پٽن ۾.

مير سانگي صاحب چوهتر ورهين جي عمر ۾ بہ لائق فائق فرزند ڇڏي 1924ع ۾ رضا ڪئي. سندس لاشو سنديس وصيت موجب شاه جي پٽ تي وجي دفن ڪيائون.

۾ ۽ اهڙي خوبيءَ سان ٻئي ڪنهن شاعر پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ پنهنجي زندگيءَ جا واقعا بيان نہ ڪيا آهن. ڪٿي ڪٿي تہ وري سنہ ڏيندو ويو آهي. جئن تہ چوئيتاليهن ورهن جي عمر وقت پنهنجو شخصي حال ۽ درياءَ جي ٻوڏ جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿس:

صرف سڀ عمر در سچائي
بارڪ الله سا سجائي ٿي.
ويئي وارن مان هئي جا ڪارائي،
آخر اها اچي صفائي ٿي.
نہ اکين ۾ رهي ڪڪورائي،
آهي عينڪ سان آشنائي ٿي.
چهل و چار سال بعد عيان،
هي زماني جي بي وفائي ٿي.
نہ اهو رنگ روپ ونق آه،
پنهنجي جاتم ٿي سا پرائي ٿي.
آهي پيري رسي جوانيءَ مان،
ٿي چگائي منجهان مدائي ٿي.
نہ رهيو اقتدار جسماني،
پختگيءَ ۾ اچي ڪچائي ٿي.
ٿي جواني تہ بي وفا ٿي آخر،
جا پرائي هئي سا پرائي ٿي.
تئن جوانن مان نڪري ويا آهيون،
ڪير مان نڪري جئن ملائي ٿي.

13'2

هڪ هزار وسہ صد و دو آه،
جنهن ۾ دريا جي هئي چڙهائي ٿي.
جت پاڻي ڪڏهن هو ڪونہ آيو،
اهو ميدان ۾ ويو ترائي ٿي.

”عاشق جي ته آهه لاءِ رقيب،

هيئري مـرڻ جي آهه تفنگ“.

(ج 1 ص 58)

2- پنهنجي ساڻ ”پيمي ڪوٺ“ رانڊ ڪرڻ جو رواج جتي ڪٿي عام آهي. پر اُن مان ڪنهن عقلي يا اخلاقي سبق حاصل ڪرڻ ڏانهن ڪنهن جو ڌيان به نه ويندو آهي. سانگيءَ انهيءَ خسيس رانڊ مان به قيمتي سبق ڪڍيو آهي:

1- ”پٽن جي ڏسي رانڊ سونگي عجب هي آيو،

حي حڪم جي شاهه کي ماري وٺي گولو“.

(ج 1 ص 85)

2- رانڊ ۾ بيء ضرور زور جو آهه:

حڪم ناهي اڃبو وجي ٿي پيس،“

(ج 2 ص 40)

3 عشق ۽ عقل جي جنگ ۽ ان جنگي ميدان جو نقشو سانگيءَ نرالي ۽ عجيب ڍنگ سان چٽيو آهي. سو ميٺ ڏجي ٿو. ان جي مراد فلسفہ سمجهڻ لاءِ پڙهندڙن کي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

”مضمون تراش ٿي زبان تيز نوبنو

توکي ڏيان ٿو آءٌ قسم ذوالفقار جو،

جوهر ڏيکار اهڙا پڪا خنجر زبان

جنهن سان ڪڇو ڪڍي نه ڪڏهن قدردان ڪو

ظاهر نشان نظم جا پرچم ڪميل آهن

ٿين عقل و عشق پاڻ ۾ هتي تا جنگجو

فوج سخن جي ٿي في الفور صف ڪشي

ڏس قلب ڪسه ۾ جنگ جو آهي طبل وڳو

منزل پري نه آهه هيئنڊ ڪارزار جي

تدبير فڪر ٿي آهي هموار عقل جو

باطن ۾ ڪرجي نسنهنڪي نه آهي ذرو به زور

عقل ۾ طمطراق اهي عشق جو وڏو

طرفين سان تعلق تنهن کي ذرو نه هو
سانگي پري کان ٻي ڏنو هي معرڪو متو".

(ج 2 ص 74)

3- سانگي جي ڪلام ۾ هيءَ به خصوصيت آهي، جو ان ۾ حسن پرستي ۽ عشقبازيءَ جو مضمون اهڙو کليو کلايو ۽ گهٽي انداز ۾ موجود آهي، جهڙو ٻئي ڪنهن به شاعر جي ڪلام ۾ نه آهي. آخوند قاسم پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ کي شيخ سعدي عليه الرحمة وانگر صوفيانه اصول تي ڀيرو پرست ثابت ڪيو آهي، ته سانگي وري مولانا جامي ۽ مولانا نظامي وانگر صوفيانه اصول تي پاڻ کي زنانه حسن جو ثنا خوان ثابت ڪيو آهي. پاڻ فرمائي ٿو:

"ادا اسين آهيون عاشق مزاج،
آهي سر اسان جي تي وارن جو تاج.
ٿيس شاد شوخن سان شاديون ڪري،
ڏکن سان مليو سڀ ڏمر ڏوٽ ڏاج.
تو ڏين ياد هاڻي کي هندستان.
نه چاڙهاءِ ٻانهن تي اي يار عاج.
برهه جا ته بيمار آهيون اسين.
اسانجو ڪندو ڪير احمق علاج.
اسان عشق کي آهه مشهور ڪيو.
اسان کان لڌو عشقبازي رواج
برابر نه رهندو سو سهڻن سوا،
اي سانگي اسانجو مزاج وهاج."

(ج 1 ص 25)

2- "آهي برفي کان بيشمار لذيذ.
شوخ شيرين شاندار لذيذ.
صاف اولن کان ٿيا عجيبن جا.
در دندان آبدار لذيذ.

وصول ڇا هوندو تيو جڏهن آهي،
اي منا تنهنجو انتظار لذيذ.
بمبئي جي انبن رنامن کان.
سرخ رخسار نازدار لذيز.
سانگي ميون کان ۽ منائن کان،
لب شيرين شوخ يار لذيذ."

(ج 2 ص 29)

4- سانگي جي ڪلام ۾ هي خصوصيت آهي، جو منجهس انگريزي ٻوليءَ جا لفظ گهڻي انداز ۾ ڪم آيل آهن. آخوند گل محمد پنهنجي ڪلامن ۾ انگريزي ٻوليءَ جا ٻه ٽي لفظ ڪم آندا آهن. مگر ٻوءِ سانگي کانسواءِ ڪنهن ٻه شاعر ڪم نه آندا آهن. مثال:

1- "منن ماٺهن جي ابروءَ جو اشارو،
سو سانگي لاءِ سرڪاري سمن آه."

2- مئجسٽريٽ عشق جي ڪورٽ ۾ حڪم ڪيو،
اغيار باوقار رهي يار بي وقار."

(ج 1 ص 34)

3- "ملڪ سخن ۾ آه مونکي دسترس وڏي،
آءٌ گورنر آهيان ٻه اقبال و اقتدار.
آءٌ ميڙ چونڊ ٿو ڪريان مضمون جي مال جي،
آهيان ڪمشنر آءٌ ڪليڪٽر ۽ ڪاردار.
معلوم مونکي آه سڀ انداز نظم جو،
سرويرِ آءٌ نقش بڪف آءٌ طنادار.
تيغ زبان سان ٿو ونان اقليم نظم جي،
لفٽننٽ آءٌ ميجر ۽ آءٌ ڪماندار."

(ج 1 ص 36)

ازانسواءِ رجسٽر، سٽامپ، ڪامپ (ڪئمپ)، نمبر، گلاس، آفيس، گئس وغيره وغيره انگريزي ٻوليءَ جا لفظ ڪم آيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5- پنهنجن هم عصر شاعرن کي يڪجاءِ ياد ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي ڪلام ۾ داد سخن ڏيڻ به سانگي جي ايجاد آهي. ڪانئس اڳ ڪنهن به شاعر ائين نه ڪيو هو.

**مثال:**

مطرب خوشخوان کي گهرجي ساز ۾ آڻڻ سرود،
جيئي غزل تصنيف طبع شاعران هوشيار.
ڪي غزل پهرين گدا جهڙي سخنور جا چيئي،
بي مثل جو آهه اقليم سخن جو شهسوار.
آه سو هن وقت ۾ ٿيو ابر نيسان سخن،
تو ڪڍي دل جي صدف مان صاف در آبدار.
تنهنڪانپوءِ پڙهجن وري تصنيف موزون دلفريب،
حرف هر ڪنهن ۾ هجي جنهنجي فصاحت بيشمار،
شاعر عالي دماغ آهي اهو مرزا قليج.
سر زمين شعر ۾ جنهن کي ٿيو ڪلي اقتدار.
حيدري جي نظم کي پوءِ چئو به آواز بلند،
شاعر نازڪ خيال ۽ آهه جو يارن جو يار.
تنهنڪانپوءِ چئجن وري حامد سندا اشعار خاص،
جي آهن تسبيح جئن پوتل چون در شاهوار.
آهه با فضل محمد شعر ماتم جو متو،
دل سندس آهي غم آل عبا ۾ داغدار.
بيا به آهن ڪيترا استاد شاعر سنڌ ۾،
با فصاحت چاپجن جنجون ٿيون تصنيفون هزار.

(ج 1 ص 21)

سانگي جناب گدا صاحب کي پنهنجو استاد ڪري مڃيندو هو ۽ ان جي ساراهه پنهنجي ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ ڪئي اٿس. حيدري سان به ڪو خاص قرب هوس، جو ان کي به جيئي جيئي تي ياد ڪيو ۽ ساراهيو اٿس. سيد مرتضائي ٺٽوي، ميان صاحبڏنو شاه بلڙي وارو، سيد ابوالحسن هندستاني،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميان لطف الله مصنف گل خندان ۽ ٻين شاعرن جا بہ ناﻻ سانگي پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن ۽ انهن کي سخن جو داد ڏنو اٿس.

8- سنڌي ٻوليءَ ۾ ”واسع الشفتين“ ڪلام (اهڙو ڪلام جنهن پڙهندي پڙهندڙ جا چپ هڪ ٻئي سان نہ لڳن) چوڻ بہ سانگي جي ايجاد آهي. هيٺ ڏجي ٿو، جو سڄو پڙهي وڃي ڇيهہ ڪبو تہ ڪٿي بہ چپ هڪ ٻئي سان نہ لڳندا.

”يار اکڙين نار گلرخسار جاني دل جا يار،
ساه سر سر واه سائين آءٌ ڪريان توتان نثار.
عاشقن کي هاڻ حاصل ٿئي نہ تسڪين و سڪون،
هن طرح هرجا تہ آهن عشق جا ٿيا اشتهار.
سي اگرچ ٿا گذارن دولت دنيا کان ڏار،
حسن جي سرڪار جا عشاق آهن ڪاردار.
تنهنجي ڪاڪل تان ڪريان صدقا ڪتوري جا ڪرا،
عين آهوءَ جي اي جاني تنهنجي نيڻن تان نثار.
عقل جي انداز کان سي دور آهن دردڪش،
نحو و صرف عشق کان هر طرح آهن هوشيار.
دل وٺڻ عاشق جي اي دلدار آهي تنهنجي ڪار،
سو اسان جو آه هادي شان جنهنجو آه هي،
لافتيٰ اِلاعلي لاسيف اِلا ذوالفقار.
اٿ گدا و حيدري هن شعر رنگين کي ڏسي،
شاعر تڪڙ سان گڏجي ٿا ڪڍن کي انتظار.
ناسخ و آتش سان گڏجي شاعر شروان ڏسي،
ٿو ڪري سانگي تہ غزلن جي غزالن جا شڪار.“

(ج 1 ص 33)

## فطرت نگاري، واقعہ نگاري ۽ سيرت نگاري وارو مضمون

قدرتي نظارن کي دلچسپ نموني سان نروار ڪرڻ، ڪنهن بہ واقعي کي اثرائتن لفظن ۾ بيان ڪرڻ ۽ ڪن بہ ماڻهن جي نشست برخواست ۽ هلت جو پورو پورو نقشو عام فهم عبارت ۾ پيش ڪرڻ اهي شاعريءَ جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبردست لياقتون آهن، جي سانگي جنهن خوبيءَ سان ادا ڪيون آهن، تنهن نزاڪت سان سواءِ حافظ حامد جي ٻئي ڪنهن بہ اڳئين يا پوئين شاعر ادا نہ ڪيون آهن. مير سانگي پنهنجن غزلن خواه ڪافين ۾ ڪٿي ڪير ٿر جبل ۽ ٿر ملڪ جو برساتي نظارو ۽ شڪار ڪندڙن ۽ جهنگلي جانورن جون حالتون، ڪٿي ٻيلن ۽ ڪيٽين ۽ ڏين جا ڇهڇنا ۽ اتيجي شڪار بازيءَ جون موجون. ڪٿي برساتن ۽ ٻوڏن جا واقعا، تہ سهڻيءَ ۽ سسئيءَ ۽ مارئيءَ جي سيرت، تہ ڪٿي وري جهنگ ۾ گذاريندڙن غريبن جا ارڪان ۽ افعال جدا جدا طرزن ۽ نمونن ۾ نروار ڪندو ويو آهي. اسين نموني خاطر بہ ٽي مثال هيٺ ڏيڻ ڪافي ٿا سمجهون.

**مثال:**

(1) **ڪيرٿر جبل، انجي ٽڪرين ۽ نهرن جو نظارو:**

"غير شوخن جي ۽ بغير شڪار،
دل کي هرگز اچي ڪين قرار.
وسي مينهن ڪيو ملڪ سڀ سرسبز،
ميسر حاصل ٿيو سڄو ڪهسار.
سينڌ تي تئن جبل جي آهي گاهہ،
جئن سهڻن جي آهن سينڌ تي وار.
قابل ديد آهي ڪاٺ پني،
سبز تر از خط رخ دلدار.
سرس سا تيرزن ۾ ٿي سبزي،
سبز سانهيجي آهہ سڀ يڪبار.
ٿيو سرهاڙو سڄو آهي سرهو،
آهي جنت سڄي ٿي جنت وار.
ٿيو متاري ۾ گاهہ آهي موڪ،
ٿي ڪبر کل سڄي آهي سرشار.
آهن ٻانڌاڪا ٿيا سڄا ساوا،
سبز سڀ آهي دامن ڪهسار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي چشمو چون چشمئہ ڪوثر،
تنيا ليارن واري ۾ آهن ليار.
ڪورڪل ۾ ۽ سورجائيءَ ۾،
مون هرڻ ۽ سره ڪيا تي شڪار.
پٽ واري ۾ تي ٻهون ساوڪ،
آهي ڪهسار غيرت گلزار.
نامور نئي جا آهي بارن جي،
آبرو بخشي تنهن کي ابر بهار.
صاف ڌوپي تي ساري ڪير ڌهي،
ڪيا مينهن آهن وڏا وسڪار.
آهہ مکياءَ تيو سچو مڪٽي،
لنب لهريون هٽي تو دريا وار.
جنگهڙي اهڙي زور ساڻ وهي،
جنهن ڏني تنهن ڇيو ڏسي تي مار.
گاه پاناٽي ۾ آه تيو بي حد،
خوشدلي هئي هتي فزون زشمار.
هتي هرڻن جا ها ڇنن ۾ ڇڳا،
تي پٽن تي ڏنا غزال هزار
هت شڪارن جو شغل هو بي حد،
رهيو اسباب جشن جو تيار
هت عجب رنگ روپ تي گذريا،
موسم برشڪال ۾ آ بسيار
ڪيترا ڏينهن تيا ڏني ڏونگر،
نہ لنگهڻ تي تو هاڻ دريا پار.
تيو اسان جي سو کهڙي ڪم جو هاڻ،
سانگي جي ڪوهسار ۾ تيو شڪار.

(ج 1 ص 40)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ملير ۾ مينهن جا نظارا:**

”اُتــا مــينهــن مــارن تي بي انتـــهـــا،
ڦـٽـا ڦـوڳ، ســاوا ٿــيـا سـر، جـا بجـا.
وســاري جي آهيــان ويڙهيــچن تـہ ڇـا،
وريچـا ڀـلا مــونکي ڪـئن وســرنـدا.
نـتـــا ســـار ســـورن ۾ منهنجي لهن،
ويڙهيــچن کي وســري آهيــان ســومــرا.
پنوهارن نـہ منهنجي ڪا پروا ڪئي،
اباڻن جي خــاطر مــون هي حــال ڪيــا.
عـــمــرڪـوٽ ۾ آءٌ آهيـان تي اســيــر،
مـزا مــون چکيـا ڪيــتـرا قــيــد جـا.
ڪڙا ڪـوٽ ڪـئن منهنجي دل تي پون،
مــنــا منهنجـا مــارو آهن تــر تــيـا.
اباڻن عـــــمـــــرڪـوٽ ناهي ڏنــــو،
هنن جـو ڀـلا آهي شــهـرن ســان ڇـا.
مـون هي حال هيءَ هيءَ ڪـيا جنجي ڪاڻ،
نـہ ڪئي مون سان تن ڪا ويڙهيچن وفا.
ڏسـڻ ۾ اچن اج ٿــا ڪارا ڪڪــر،
ايـــــــرنـدي ڏي آهــن وجــن ور وڏا.
ســٽــو آه گـوندن جي پاسي تي گـوڙ،
اِجـــــهـــــا اچ لڳي تي اُتي جي هوا.
آهي مـينهن مــارن ڏي پيــو وڏ ڦــڙو،
ڇنون تار ڏســجن تــيــون ۽ ڇڇ پــريا.
ســڪــان تي سـدا تـر جي نــہ ڪار ڪي،
پـــتـن تي لڳي تي جـــا بـادصـــبـــا.
هٽن لنب لهـــريون ٿــا مـــيـــدان ۾،
آهي ســبــز ســازيهـــہ سڀ خــوشنمـا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيـــون اج ڳنديرن ۾ آهن ڳنديون،
سڪا جي ها ونءَ سي ٻـ ساوا ٿيا.
نڪــا پوک پوکن نڪــو هر هلي،
تڏهن ٻي سڪيــا آهن مــارو مــنـــا.
اهي ڏت ڏوتن جي پاسي پکـــــو،
ٿيو سائون سيارج ۽ مکڻي صفا.
پـٽن جي پـرن تي پـري پنهنجـا پاند،
چـيـڙ چوندي آئين سـرتيـون سـدا.
سدا منهنجا مارو منـا منجهـ مليـر،
پـپن ۽ گـــولاڙن مـــان مـــاڻن مـــزا.
لـلر لـس مـــــــريڙو آهي مـلـک ۾،
منگها موک، ميهن آهن پٽ پـريا.
پنوهارن جي آهي پسي ســـان پريت،
سگر سبکي کائن تـا سانگي منـا."

(ج 2 ص 8)

**چمن ۽ موسم بهار:**

"شـــاهد گل تـــيـــو آهي رونق فـــزا،
چار سو بلبل جـا آهن چـهـچـٽـا."
صحن چمن ۾ پيون آهن اشـرفـيون،
آهي ســـخـــاوت ڪئي باغ ســخـــا.
لاڏ مان سنبل جون ٿيون جعدون لڏن،
آهن ڪـنــٺــهــار ڪليــا جــا بجـــا.
لعل ڪـــان ٿـــيـــو لعل آهي گل انار،
مـــوتين ڪـــان صـــاف آهن مـــوتيــا.
نرگس شـــهـــلا ٿي ڏسي ناز مـــان،
ســوسن صــدبرگ ســمن جـــا مـــزا.
ٿئي ٿو رتن جوت ڪان رونق ۽ رنگ،
سـرخ ڪي گل ٿين تـا ۽ ڪي صـفـا.

"مونکي بيڪار جو جون ماڻهو
شاعري منهنجو اشتغال آهي،
بخت منهنجو تہ بي زوال آهي."

گدا بہ ٻيرا حج ڪري آيو هو. هڪڙي ٻيري ڄام حاجي مير خان لس ٻيلي جي حاڪم پاڻ سان حج تي وٺي ويو هوس ۽ ٻئي ٻيري مير حاجي نور محمد خان وٺي ويو هوس. ٻوئين حج بابت پنهن جي ڪلام ۾ هن طرح ٿو فرمائي:

بہ افضال خداوند زمانہ
طرف حرمين جي ٿياسون روانہ.
ڪراچي ۾ نون ڏينهن مدت
عدن پهچي اتي ڪي سون اقامت.
اتي درگاه شاه عبد روس آه
عجائب فيض جي سا جاءِ وه واه.
ازان پس ٿياسون بابوره ۾ راڪب
طرف قمران جي ٿياسون مخاطب.
انهيءَ هنڌ پنج پورا ڏينهن هئاسون
حديده ڏي اتان رهي ٿياسون.
اتي حوا جي ات ڪي سون زيارت
صفي الله جو صاحب ڪرامت.
اتان هون نوءِ جده ۾ رسياسون
ڏسي جده کي خوش خوش ٿياسون.
ازان پس ٿياسون بيت الله ڏي تيار
رهي مڪي ۾ [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible] حج [illegible]
ڪئي [illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گدا پنهنجن عزيزن مان شادي ڪئي هئي. ڪيس ٻه فرزند ۽ هڪ نياڻي هئي، ٻئي فرزند لائق جوان اچي ٿيا هئا. هڪ پرڻيل ۽ اولادي هو ۽ ٻيو ڪنوارو هو. پر افسوس! جو ٻنهي هڪ ٻئي جي پٺيان رضا ڪئي. انهن ٻنهي نوجوان فرزندن جي رحلت جو صدمو جنهن صبر ۽ تحمل سان گدا برداشت ڪيو، تنهن صبر ۽ تحمل تي اڄ تائين سندس وقت جا ماڻهو "آفرين! آفرين!" پيا ڪن. گدا پاڻ ٿو هڪڙي هنڌ فرمائي:

"اولاد آهين سيد صابر حسين جو،
ڪر مصطفائي صبر تون هڪ خشڪ سال ۾."

گدا اٺهٺ ورهين جي عمر ۾ تاريخ 4- ذوالقعد سنه 1322 هجري مطابق تاريخ 11- جنوري 1905ع ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.

## گدا مرحوم جو ڪلام

گدا جي ڪلام جو هڪڙو دستخط مجموعو هن وقت هٿ ڪيو ويو آهي، جنهن جو نالو لکيل آهي "ديوان گدا".

هن بياض ۾ الف بي جي رديف موجب غزل لکيل نه آهن. جيئن ديوانن ۾ غزلن لکڻ جو دستور ٿيندو آهي، نڪي غزلن، قصيدن، مثنوين، قطعن ۽ رباعين کي الڳ الڳ باب ۾ ڏيکاريو ويو آهي. پانئجي ٿو، ته جيئن جيئن گدا نظم ناهيندو ويو آهي؛ تئين تئين هن بياض ۾ لکيا ويا آهن. وري نظمن کي ترتيب وار لکڻ جو ڪو موقعوئي نه ٿيو آهي. هن بياض ۾ ڪل 279 نظم آهن. جن ۾ غزلن ۽ قصيدن جو انداز تمام گهڻو آهي، ۽ مثنوين، قطعن ۽ رباعين جو انداز ٿورڙي آهي. انهن نظمن ۾ سنڌي ڪلامن سان گڏ پارسي ۽ اردو غزل، قصيدا، مثنويون ۽ قطعا به گهڻا آهن.

ڪيترائي سنڌي نظم پارسي صورت خطيءَ ۾ لکيل آهن. جيئن اڳئين وقت ۾ سنڌي نظمن لکڻ جو دستور هو. جيڪي سنڌي صورت خطيءَ ۾ نظم لکيل آهن. تن ۾ هاڻوڪي رواجي سنڌي صورت خطي ڪم آيل نه آهي.

بياض جا ڪي نظم موتين جهڙن نهايت سهڻن اکرن ۾ لکيل آهن. ته ڪي نظم ڪچن ۽ ٻاراڻن اکرن ۾ لکيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلامت حق رکي هر جا
فدا جهڙي سخندان کي".

4- آهه ماتم منهنجو مونس باالبقين
هردو آهيون حيدرآبادي ادا،
واه واه انجو غزل هو بي بدل،
هن زمين جي اُن کي آبادي ادا".

## ٻولي ۽ عبارت

### گڏ وچڙ ۾ نج سنڌي:

گدا ٻه عربي ۽ پارسي جي ذوق شوق واري زماني جو شاعر هو، تنهن ڪري ان جي پارسي ۽ اردو ڪلامن کان سواءِ جيڪو سندس سنڌي ڪلام آهي، تنهن ۾ ٻه عربي پارسي لفظ ۽ محاورا آل جال ڪم آيل آهن. هن جي ڪلام ۾ نج ۽ پراڻن سنڌي لفظن جو انداز ايترو نه آهي، جيترو آخوند قاسم يا فاضل شاه جي ڪلامن ۾ آهي. بگڙيل عربي يا پارسي لفظ ٻه گدا جي ڪلام ۾ ڪو ورلو ڪم آيل آهي. گدا جي ڪلام ۾ ڪم آيل نج ۽ پراڻن لفظن مان ڪي نموني خاطر هيٺ ڏجن ٿا:

سنرو (خوش)، ٻاڙودو (ٻتونار)، ڏجهڻ (راڪاس يا ڏائڻ)، (ڏجهڻ لفظ حافظ حاجي حامد گهڻي قدر ڪم آندو آهي) سهو (طوطو)، هين (مڇي)، ڇئنچل (هاٿي)، تسلا (تسلي جي بگڙيل صورت) اشت (شايد جي بگڙيل صورت) وغيره وغيره.

گدا جو پارسي ۽ اردو ڪلام ته اعليٰ درجي جو آهي. پر سندس سنڌي ڪلام ٻه بيشڪ اثر ۽ ميناج وارو آهي. جن غزلن ۾ گدا عربي ۽ پارسي، لفظن جي اڻ لکي آميزش ڪئي آهي. تن مان هڪڙو غزل سربستو هيٺ ڏجي ٿو:

"سوال منهنجو سڻي سڄڻ سائين
مونکي پاڪر ڪو پرت جو پائين
مونکي ماڻن سان يار تو مارين
مونکي گهورن سان يار تو گهائين.

تون نہ پائين نہ پانءِ تنهنجي خوشي
آءٌ تہ پانيان تو مونکي تو پائئين.
توتي فرياد آءٌ ڏيان ڪنهنکي؟
منهنجو فرياد آہ تو تائئين.
سو لڳا توکي مون تہ پرچايو
هڪ لڳا مونکي ڇو نہ پرچائين؟
جي ڇمي تو ڏني تہ واري وٺ
منهنجا محبوب ڇو تو ڏرمائين.
تنهنجي قدمن تي سر ڪريان قربان
جي اڳڻ منهنجي پيرڙا پائين.
ورہ تيا وصل لاءِ واجهہ وجهان
يار مون ساڻ اڄ تہ ڪر آئين.
حسن جي ملڪ جو تون آهين شاہ
ڇو نہ پنهنجي گدا کي پرچائين.

## سيد غلام مرتضيٰ شاہ (مرتضائي) ٺٽوي

سيد غلام مرتضيٰ شاہ (مرتضائي) سنڌ جو هڪڙو نامور شاعر ٿي گذريو آهي. هي رضوي ساداتن مان هو. سندن وڏا خراسان مان لڏي، بکر (سنڌ) ۾ اچي رهيا هئا. تنهنڪري هي بکري سادات بہ سڏبا آهن. سيد محمد يوسف شاهہ، مرزا جاني بيگ جي حڪومت وارن ڏينهن ۾ روهڙيءَ مان لڏي ٺٽي ۾ اچي رهيو هو. سيد محمد يوسف شاهہ وڏو خدا رسيدو بزرگ هو. سيد عبدالڪريم شاهہ بلڙيءَ واري جو هم عصر ۽ هم صحبت هو. انهيءَ سيد محمد يوسف شاہ جي پائٽي ناني سيد اسحاق جنهن کي پرڏيهي ڪري سڏيندا آهن. تنهنجي سنين پيڙهيءَ ۾ سيد ذوالفقار علي شاهہ صاحب هو ۽ مير صاحبن جي حڪومت وقت وزير سلطنت هو ۽ جڏهن ڪرنيل "پاٽينجر" صاحب، مير صاحبن سان انگريزن جي ياران دوستيءَ جي واٽ قائم ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ آيو هو. تڏهن سيد ذوالفقار علي شاہ ان جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱيون خدمتون ڪيون هيون. اهي سرٽيفڪيٽ ۽ سندون اڄ سندس اولاد وٽ موجود آهن. سيد ذوالفقار علي شاه جو فرزند سيد روشن علي صاحب انگريز سرڪار جي حڪومت جي اوائل وارن ڏينهن ۾ اول ڪراچي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جو ۽ پوءِ ڪليڪٽر جي آفيس جو منشي هو ۽ پوءِ مختارڪار هو. سيد روشن علي شاه صاحب پارسي زبان جو زبردست شاعر ۽ اعليٰ درجي جو ڪاتب هوندو هو. سندس تخلص هو روشن. سيد غلام مرتضيٰ شاه (مرتضائي) انهي سيد روشن علي شاه صاحب جو فرزند هو.

سيد مرتضائي صاحب ٺٽي ۾ ڄائو هو. هن کي عربي ۽ پارسي، ۾ تمام چڱي تعليم مليل هئي. هن ڪجهه وقت سيد امام بخش شاه (فدائي) وٽ به پارسي جي تعليم ورتي هئي. جو پارسي ۽ سنڌي شعر چڱو چوندو هو ۽ سندس عزيز به هو.

سندس گذران اباڻي زميندارىءَ تي هوندو هو ۽ سنڌ جي ٽالپرن جا پويان به سندس سار سنڀال چڱي طرح لهندا هئا. خاص ڪري آنريبل مير الهه بخش خان جاگيردار "ٽنڊو محمد خان" کيس مقرر لوازمو پهچائيندو هو: ڇاڪاڻ جو مرتضائي صاحب جي ڏاڏي سيد حاجي ذوالفقار علي شاه جو پاءُ سيد همت علي شاه، آنريبل مير الهه بخش خان جي ڏاڏي مير غلام شاه جو خاص مصاحب هو ۽ ان سان گڏ "منياڻي" واري جنگ ۾ شهيد ٿيو هو.

## سيد مرتضائي صاحب جو ڪلام

شاعري گويا سيد مرتضائي صاحب جو مائٽاڻو ورثو هو. سندس خاندان ۾ پهريون پهريون نامور شاعر سيد مير* لطف علي شاه هو. جنهن جو تخلص هو همت تنهن کان پوءِ سيد مير پنو صاحب صوفي شاعر ٿي گذريو هو (3) سيد نواب ڪمال الدين (ڪمال) مصنف "اصطلاحات رضويه" ۽ "شرح ديوان حافظ" مشهور شاعر ۽ نثر نويس ٿي گذريو هو. (4) سيد مير غلام مرتضي شاه (انهام) جو مرزا صائب تبريزي جو شاگرد هو، (5) سيد مير نجم الدين (عزلت) جنهنجو "ديوان عزلت" ۽ "طوطي نامه" پارسي نثر ۾ مشهور آهي (6) سيد رفعت علي شاه (رفعت) (7) سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عسڪر علي شاه (8) سيد روشن علي شاه (روشن) جو سيد مرتضائي صاحب جو والد هو (9) سيد موتيل شاه (ڪمتر) ۽ (10) سيد امام بخش شاهه (فدائي):

سيد مرتضائي صاحب به نندي هوندي کان وٺي پارسي ۽ سنڌي موزون ڪلام چوندو هو. اسان وٽ مرتضائي صاحب جا ڪجهه جيترا غزل موجود آهن، جي جهوني پارسي اخبار مفرح القلوب ۽ جهونين سنڌي اخبارن معاون الاسلام، معين الاسلام وغيره مان هٿ ڪيا اٿئون. سيد مرتضائي صاحب جا به وڏا ڪتاب سنڌي نظم ۾ شايع ٿيل آهن. (1) هڪڙو "يوسف زليخا" سنڌي ۽ ٻيو "سڪندر نامه" سنڌي. جنهن ته سڪندر نامه سنڌي مولوي غلام محمد صاحب اڳ ۾ لکيو هو ۽ مرتضائي صاحب پوءِ لکيو هو تنهن ڪري ان جو بيان. هت ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي. باقي "يوسف زليخا" کي هت ادبي نظر سان ڏسنداسون.

## ڪتاب "يوسف زليخا" سنڌي

هي سارو ڪتاب سيد مرتضائي انهيءَ ساڳئي "بحر هزج مسدس" ۾ مثنوي جي طور تي ناهيو آهي، جنهن بحر ۽ طور تي مولانا "جامي" پارسي ۾ "يوسف زليخا" لکيو آهي. سيد مرتضائي مولانا جامي واري پارسي ڪتاب جو سربستو ترجمو ڪري نه سگهيو آهي؛ ڇاڪاڻ جو مولانا جامي جي پارسي ڪتاب ۾ ڪي ڪي بيت اهڙن ڳوڙهن خيالن ۽ اعليٰ درجي جي بلاغت سان ڀرپور آهن، جو انهن جو هم وزن سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪرڻ جيڪڏهن ناممڪن نه آهي، ته اڪ جي ماکي به نه آهي. تنهن ڪري مرتضائي مرحوم مولانا جامي واري پارسي ڪتاب جا ڪي بيت صفا ڇڏي ڏنا آهن، ته ڪنهن ڪنهن پارسي بيت جي مراد ٻن ٽن سنڌي بيتن ۾ هڪڙي مصرع جو پورو ترجمو ڏيئي ٻي مصرع پنهنجي ناهيل وجهي پورت ڪئي اٿس.

آڳاٽيءَ جو حاصل مطلب مرتضائي به ساڳيو قائم رکيو آهي، جو مولانا جامي جي پارسي ڪتاب ۾ سمايل آهي. سيد مرتضائي هي زيادتي ڪتاب ۾ ڪئي آهي، جو حضرت يوسف عليه السلام بابت جيڪي تذڪرا ۽ احوال ڪن عربي ۽ پارسي تفسيرن ۾ ڏنل آهن، جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا جامي پنهنجي ڪتاب ۾ داخل نہ ڪيا آهن، سي موقعہ بہ موقعہ نظم ڪندو ويو آهي.

## ڪلام جون خصوصيتون

هن ڪتاب ۾ نالي خاطر حضرت يوسف ۽ بيبي زليخا جي آکاڻي ڏنل آهي، پر حقيقت ڪري سارو ڪتاب جدا جدا علمن، جدا جدا هنرن، اخلاقن ۽ نصيحتن جو بي نظير خزانو آهي.

جتي شعر سازيءَ جو بيان ڪنيل آهي، اتي علم عروض جا اصطلاح ۽ وصفون چٽائيءَ سان ڏنل آهن. جتي راڳ جي مجلس جو ذڪر آهي، اتي مصنف علم موسيقي جا سڀ جزا ۽ ڀاڱا سمجهائي وڃي پار پيو آهي. اهڙيءَ طرح علم رمل، علم نجوم، علم جفر وغيره علمن جي نهايت خاصي واقفيت ڪتاب ۾ سمايل آهي. جتي ڪنهن عمارت جو ذڪر ڇيڙيل آهي، اتي عمارت سازيءَ جا سڀ اوزار ۽ سامان بيان ڪيا ويا آهن. جتي ڪاڌي خوراڪ جي محفل جو ذڪر آهي، اتي بورچيخاني جو سامان ۽ اميراڻا ڪاڌا خوراڪون تفصيل سان بيان ڪيون ويون آهن. اهڙي طرح ڪاتبن جو هنر، ناچ ڪندڙن جو هنر، طبابت جو فن وغيره هنرن بابت چڱي واقفيت ڏني آهي.

ازانسواءِ عبادت جي ضرورت ۽ فائدا، بت پرستيءَ جي ماهيت، عشق ۽ فراق بابت فيلسوفانہ بحث، مردانہ ۽ زنانہ حسن جون ڪامل وصفون، شادي ڪرڻ بابت خبرداريون، مهمان نوازي جا اصول؛ اولاد جي سعادتمنديءَ جون وصفون، پاڪدامني، بي حيائي، رحم، يتيم پروري، خدا ترسي، عدالت، ظلم، حسد وغيره گڻ ۽ اوگڻ نهايت اثرائتي طرز ۾ سمجهايا آهن.

(2) فطرت نگاري ۽ سيرت نگاري بہ هن ڪتاب ۾ حد درجي جي ڏيکاريل آهي. جهڙوڪ باغن ۽ بيابانن جا نقشا، حيا فروش زالن ۽ پاڪدامن انسانن جون اخلاقي تصويرون، باخبر انسانن ۽ چرين جون حالتون وغيره.

جدا جدا علمن، هنرن، اخلاقن ۽ نصيحتن ڪي جهڙي تفصيل ۽ طرز سان مولانا جامي پارسي ڪتاب ۾ ادا ڪيو آهي، اهڙو تفصيل ۽ اثر سيد مرتضائي سنڌي ڪتاب ۾ قائم رکي نہ سگهيو آهي، تنهن هوندي بہ ان جي دماغي محنت ۽ جفاڪشيءَ تي هزار آفرينون هجن، جو ههڙي جامع علوم و

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فنون جي ڏکئي ڪتاب کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻڻ سان سنڌي ادب ۾ قابل فخر اضافو ڪيو اٿس.

**موسم بهار جو نقشو:**

(حضرت يوسف جو عزيز مصر تي وارو موقعو صفحہ 430)

"بهار آيو ويو گذري سيارو
ڪڍيو مشرق سعادت جو ستارو
گل و گلشن آيو شد مانو
غمن ۽ گوندرن جو ويو زمانو
نسيم ناز آيو باغ اندر
دل دشمن ڏسان اڄ داغ اندر
صبا آندو وني ڪو عطر عنبر
گلن بلبل جو سڀ آڻايو لشڪر
چمن ۾ آهه چرچو بلبلن جو
تماشو آهه سوسن سنبلن جو
دوپهري زنبق و ميندين جون موڙون
گلاب ۽ گونتو دائودي جون جوڙون
معطر موتيا خوشبوءِ ۾ آيا
ڏسو غنچه انهيءَ خوشبو ۾ جايا
مگر رابيل پهرين وڻ جي ڏارن
ٿي باسونا ۽ لالہ لعل پارن
ولبون پهرين جڙهيون ڏسجن وڻن تي
سنهن سبزا ٿيا لعلائي ڪنن تي
برابر باغ ۾ طوطن تنوارون
عجائب عندلين جون پڪارون
ڪري ڪڙڪو ٿي قمري سرو پاسي
گلن ڪيو باغ ڏس خوشبوءِ سان واسي
ڏسو جاري رهن ٿيون جهرڻارون
رنا مينهڙا ٿيون کنوڻين کي سارون

نوٽ: تعليم جي ذڪر کان اڳ ۾ مولانا نظامي جي ڏنل اخلاقي نصيحت مولوي صاحب صفا ڦٽي ڪري ڇڏي آهي. سيد مرتضائي صاحب به اها نصيحت ترجمو نه ڪئي آهي.

ٻيو مثال: سڪندر جي تعليم بابت ذڪر ڪندي مولانا نظامي فرمائي ٿو:

”چو استاد دانا بفرهنگ و راءِ،
ملڪزاده را ديد بر گنج پاءِ.
به تعليم او بيشتر برد رنج،
ڪه خوشدل کند مرد را پاس گنج.“

معني: ”جڏهن دانا استاد عقل ۽ سياڻپ سان معلوم ڪيو ته شهزادو نصيب وارو آهي، تڏهن انجي سيکارڻ ۾ وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ لڳو: ڇاڪاڻ جو ملهائتي يا خزاني جهڙي شيءِ سنڀالڻ مان ماڻهو کي خوشي حاصل ٿيندي آهي.“

نوٽ: مولوي صاحب مٿين ٻن بيتن جو ترجمو فقط هڪ بيت ۾ ڪيو آهي سو به بلڪل اڻ پورو. مولوي صاحب فرمائي ٿو:

”عقل مند استاد دانه تڏهن،
ڏنو گنج تي شاهزادو جڏهن.“

(صفحه 19)

## ڪلام جون خصوصيتون

مولوي صاحب: وارو ”سڪندر نامو“ جيتوڻيڪ مولانا نظامي جي ”سڪندر نامه“ جو درست ۽ باقاعدي ترجمو نه آهي، ته به مولوي صاحب جيڪو سنڌي ڪلام پيش ڪيو آهي، سو خصوصيتن کان خالي نه آهي. اگرچه اهي خصوصيتون اصلوڪي ڪتاب جي ڪلام جون ليکبيون، ته به سنڌي زبان ۾ اهڙين خصوصيتن واري ڪلام پيش ڪرڻ جو جس مولوي صاحب لهڻو.

(1) سڪندر بادشاهه جهڙي نامور شهنشاه بابت تاريخي حقيقتون ۽ عبرت جهڙيون ڳالهيون هن ڪلام ۾ سمايل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) هرهڪ حقيقت بيان ڪندي ان حقيقت سان تعلق رکندڙ اخلاقي يا روحاني يا مذهبي نصيحتون منڍ ۾، يا وچ ۾ يا پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهن. جيتوڻيڪ اصلوڪي پارسي ڪتاب ۾ ڏنلن نصيحتن بنسبت سنڌي ڪتاب ۾ تمام گهٽ نصيحتون ڏنل آهن. تہ بہ سنڌي ڪتاب اهڙين قيمتي نصيحتن کان خالي نہ آهي.

مثال:

سڪندر جي پيءُ فيلقوس جي وفات جو ذڪر ڪري پڇاڙيءَ ۾ شاعر فرمائي ٿو:

"نہ آهي ڪهين کي دنيا کان پناه
توڙي ڪو پيناگر توڙي بادشاه.
ڪني جي حوالي ڪري تاج تخت
ڪني جي مٿي تي رکي موت سخت.
اتاهون ادا دل تپاسي ڪجي
لبي هيڪڙي پوک پي پوڪجي
تہ جيڪي ڏسين تون دنيا باغ ۾
تہ هوندا سڀئي درد جي داغ ۾.

مثال:

"سو آيو هلي مرد ميدان ۾
ڪٺي گرز کي جنگ جولان ۾."
"چوي آهيان مرد جنگي جوان
ذرا چوءُ منهنجو نام نالو نشان."
"جي منهنجي اکيان شينهن ڪيهر اچي
تہ منهنجي هٿان رت ۾ سو رچي."
"مثل ازدها رت ماتهو بيان
نہ ماتهو ڪهان بلڪ ماتهو کيان."
"نہ مونکي ڪنهين کان اچي شرم ٿو
نہ دل کي ڪنهين تي ڪريان نرم ٿو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ائين چئي وڌائين پرونءَ تي گهنڊي
وينو پاڻ تي جئن وهي ٿي لنڊي."
"اٿيو پيو وري هيڪ رومي جوان
زراچي اٿي ويو ڪري جوش جان."
زراچي ڪيو پڻ تنهين کي زبون
ٿيو مرد رومي مري خاڪ خون
چون ٿا زراچي سيه خام خر
انهيءَ طور تي ماريا سب ستر
زراچي جڏهن جنگ جو جوش ڪيو
تنهين کي ڏسي رومين هوش ويو
سڪندر تنهان پوءِ چڙي جاءِ جنگ
ڪيائين قصد پانهنجو جئن پتنگ
ڪري ويس جنگي سڪندر جوان
جسي تي زره پهريو پهلوان
ڪمر بند سونو ٻڌو نامدار
ٻڌائين ڪمر ساڻ هندي ترار
رکيائين ڪلهي پانهنجي تي ڪمند
زراچي اٿي قصد ڪيو هوشمند
رکي بور تي سنج سونا سينگار
ٿيو بور تي شهه سڪندر سوار
آندو شاه ميدان ۾ بور کي
جو ماري تنهين آدمي خور کي
ڪري پهلواني کڻي گرز گيو
الاري چيائين، تہ اي دزد ديو
تہ اي ڪانو ڪارا جهلي پير بيهه
جو عقاب آيو ڏسي تو شبيهه
چوين آدمي خور مان آهيان
اڄ ڪاءُ جو تنهنجي اڱيان آهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌو ٿئي ڪڏهن اي زراچا سياهہ؟
سڪندر جو ٿيو روم جو بادشاهہ
اُهو آهيءَ مان سڪندر جوان
گهريو جي خدا تان ڪندو سين زيان
ڏمر سان ڏيئي زور رڪاب تي
سڪندر هنيو گرز بي تاب تي
ذراچو سڪندر سندي گرز سان
ٻہ پرزا ٿيو پلڪ ۾ لرز سان."

(سڪندر ۽ حبش جي جنگ صفحہ 36)

نوٽ: مٿئين مثال ۾ سپاهيانہ سيرت جو نقشو بہ عمدو چٽيل آهي.

**مضمون:**

هن ڪتاب ۾ سڪندر بادشاهہ جو احوال سربستو لکيل آهي، جنهنجو اختصار هي آهي:

يونان جا قديم شاعر چون ٿا، تہ هڪڙي حاملہ رومن زال، جا نهايت خدا پرست هئي، سان چريائيءَ جي حالت ۾ جهنگ ڪان وڃي نڪتي: اتي پٽ ڄڻيائين. پر پاڻ مري ويئي. يونان (مقدونيا) جو بادشاهہ فيلقوس پنهنجي اتالي سان شڪار ڪرڻ ويو هو، تنهن جهنگ ۾ معصوم ٻار مئل ماءُ جي ڀرسان ڏٺو. جنهنڪي ڏٺي سڳوري جي قدرت سان هٿ جي آگر چوپڻ مان ماءُ جي ٿڃ جو مزو پي آيو. بادشاهہ مردو دفنائي ڇوڪر ڪي پنهنجي محلات ۾ آڻي پاليو ۽ تاتيو، ۽ ان کي پنهنجو وليعهد ڪيائين. اهو ڇوڪرو سڪندر هو، جنهن سڄي دنيا تي بادشاهي ڪئي.

فردوسي شاعر "شاهہ نامہ" ۾ فرمائي ٿو، تہ سڪندر فيلقوس جو حقيقي پٽ هو. فيلقوس پنهنجي پياري پٽ جي تعليم لاءِ لقوماچس حڪيم مقرر ڪيو، جنهن پنهنجي پٽ ارسطو يا ارسطاطاليس سان گڏ ان کي اعليٰ درجي جي تعليم ڏني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيلقوس جي وفات کان پوءِ سڪندر تخت تي ويٺو، ۽ ارسطوءَ کي پنهنجي استاد جي وصيت موجب پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. ارسطو به توڙ تائين سڪندر جو ساڃو بازو ۽ وفادار وزير ٿي رهيو.

مصر ملڪ جي ماڻهن جي فرياد ڪرڻ تي سڪندر حبش ملڪ تي ڪاهي ويو ۽ سخت جنگين کان پوءِ اهو ملڪ پنهنجي تابع ڪيائين. اُتان فتح ڪري موٽڻ وقت مصر جي اترئين ڇيهه تي سمنڊ جي ڪناري تي اسڪندريه شهر بڏايائين جو اڄ تائين قائم آهي. حبش کي فتح ڪرڻ کان پوءِ سڪندر ۾ جرات وڌي ويئي. اول ايران جي شهنشاهه دارا کي ڍل ڏيڻ کان جواب ڏنائين، جنهنڪري دارا وڏو ڪٽڪ وٺي سڪندر جي ملڪ تي ڪاهي آيو. موصل وٽ سخت جنگيون ٿيون، آخر دارا مارجي ويو ۽ ايران جو سارو ملڪ سڪندر جي هٿ ۾ آيو. دارا جي وصيت موجب ان جي ڌيءَ روشنڪ سان سڪندر شادي ڪئي.

ايران فتح ڪرڻ کان پوءِ سڪندر ملڪن پٺيان ملڪ فتح ڪندو هندستان، ۽ ٿبيٽ تي ڌڳو ڄمائيندو وڃي چين کان نڪتو. اهو ملڪ به پنهنجو ذاتي ڪري وري پنهنجي وطن ۾ آيو. ڪجھ وقت وطن ۾ گذارڻ بعد روس ملڪ تي ڪاهي ويو ۽ گهڻين سخت جنگين کان پوءِ اهو به سارو ملڪ پنهنجي حڪم هيٺ ڪيائين.

تنهن کان پوءِ هن کي ڪنهن پير مرد چيو ته ”اتر قطب وٽ، جتي ڇوڏاري ظلمات (اونده انڌوڪار) لڳي پيئي آهي، نه سج، نه چنڊ ۽ نه تارو آهي، اتي آب حيات جو چشمو آهي. ان چشمي مان جيڪڏهن پاڻي پيئندين، ته سدائين پيو جيئندين ۽ ڪڏهين ڪين مرندين“. سڪندر کي به اچي اها سودا لڳي ته ” ڪنهن طرح آب حيات هٿ ڪري پيان؛ جنهن ڪري سدائين پيو جيان“. پوءِ ته سڪندر سيڙا سامان ڪٺي لشڪر لاءُ وٺي ڪاهي ويو اتر قطب تي. اتي ظلمات (اونده انڌوڪار) ۾ گهڻيئي ٽوٽا ڏنائين تاپا ڪاڏائين پر آب حيات جو حوض هٿ ڪو نه آيس سخت ۾ سخت مونجهارن ۽ تڪليفن کان پوءِ ظلمات کان ٻاهر نڪتو ۽ اچي مقدونيا ۾ حڪومت هلائڻ لڳو. پوءِ خداتعاليٰ جي اهڙي بندگي ڪيائين، جو ڪيس نبوت جو درجو مليو.

نوٽ: مولانا نظامي سڪندر ڪي متي ميڙي ۾ ڇڏي ڏنو آهي. يعني ان جي پڇاڙيءَ موت جو ذڪر ڪيو ئي ڪو نہ اٿس. "سڪندر نامہ" جي پڇاڙيءَ ۾ لکيو اٿس، تہ "سڪندر بہ سفر ڪيا هڪڙو خشڪيءَ جو ۽ ٻيو سمنڊ جو. خشڪيءَ جي سفر جو بيان هن ڪتاب ۾ لکيو اٿم، باقي سامونڊي سفر جو بيان ٻئي جلد ۾ لکندس". جنهن "سڪندر نامہ" جو بيان اسين ڪري رهيا آهيون، "سڪندر نامہ بري" چوندا آهن، ٻيو "سڪندر نامہ بحري" آهي. تنهن سان هن وقت اسان جو واسطو ڪونهي.

# فقير قادر بخش (بيدل)
## (1814ع - 1872ع)

فقير "قادر بخش" ولد ميان "محمد محسن" روهڙي شهر ۾ ڏڪ بازار جي نزديڪ پاتولين جي پاڙي ۾ هجري سنہ 1230 مطابق عيسوي 1814ع ۾ ڄائو هو. سندس مائٽ پاٽڪو ڏنڌو ڪندا هئا.

فقير قادر بخش ڪي ڄائي ڄم کان وني پير ۾ حساب هوندو هو، تنهن ڪري منڊڪائي هلندو هو. ننڍي هوندي کيس پارسي ۽ عربيءَ جي تعليم مائٽن چڱيءَ طرح ڏياري هئي، جنهنڪري هو تحصيل جو صاحب ۽ وڏو عالم هو.

فقير قادر بخش جو والد ميان محمد محسن ٻاگناڙي واري بزرگ سادات سيد "عبدالغفار" شاه جو مريد هو؛ پر فقير قادر بخش جو صدق جهوڪ شريف جي صوفي فقيرن ڏانهن هو، تنهن ڪري اوڏهين جو مريد ٿيو. فقير قادر بخش ٻهريائين قاضي فيض الله واري محلي جي مسجد ۾ سيڪنهن جمعہ نماز بعد عالمانہ وعظ ڪندو هو. جڏهن فقير قادر بخش تي صوفيانو رنگ غالب پئجي ويو ۽ "سچل" سائين جي صحبت بہ متس ڪامل اثر ڪيو، تنهن کان پوءِ پاڙهڻ ۽ وعظ ڪرڻ وارا ڪم وتائنس ڇڏائي ويا ۽ هڪڙو پاڪ دل حسن پرست بنجي پيو ۽ فقيراڻيون ڪرامتون ڏيکارڻ شروع ڪيائين.

اول اول قاضين جي محلي واري قاضي پير بخش جي حسن تي عشق پچايائين، جنهنکي توڙ تائين پنهن جو معشوق ۽ مرشد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري مجيندو رهيو. پوءِ نه جتي فقير حسن ڏسندو هو، اتي پاڻ کي عاشق ٻڌائيندو هو.

فقير قادر بخش ڀيرڀائين موزون ڪلام چوندو هو. پر صوفيانه رنگ ۾ رچڻ بعد سندس ملڪو ڪلي پيو ۽ ڪافين ۾ بحر ٻلتائي ڇڏيائين ۽ پنهنجو تخلص رکيائين بيدل.

فقير قادر بخش پنهنجي عزازت مان شادي به ڪئي هئي، جنان هڪڙو فرزند محمد محسن نالي ٿيس جنهن وري پاڻ تي (بيڪس) تخلص رکيو هو.

فقير قادر بخش 59 ورهين جي ڄمار ۾ تاريخ 16 ذوالقعد هجري سنه 1289 مطابق 1872ع ۾ وفات ڪئي.

بيدل فقير جو مقبرو روهڙي شهر سان لڳو لڳ ڏکڻ طرف آهي. اهو به راحت جهڙو فقيراڻو آستان آهي. چوڪنڊيءَ ۾ "بيدل فقير ۽ پٽس بيڪس فقير جي تربتن سان گڏ آخوند عبدالله جي تربت به آهي. جو بيدل فقير جو پاٽيجو هو ۽ وعظ واري مسجد جو پيش امام ۽ مڪتب جو پاڙهيندڙ هو.

## بيدل فقير جو ڪلام

بيدل فقير پارسي موزون ڪلام به چيو آهي، جو هن وقت اسان وٽ موجود نه آهي. باقي سندس ڪافيون تمام گهڻيون آهن، جن مان گهڻيون ڪافيون سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهن ۽ ٿوريون ڪافيون سنڌيءَ ۾.

## ڪلام جي خصوصيت

بيدل فقير جي ڪلام جي خاص خصوصيت آهي رندانه جذبات، خود فراموشي (پاڻ وساري ڦتو ڪرڻ) ۽ سيڪنهن نقش ۾ نقاش کي پسڻ. سچل سائين کان پوءِ جلالت ڀريو رندي ڪلام بيدل فقير ئي چيو آهي. مثال:

### ڪافي ڏيڏي (سر جهڳلو)

معشوقاندي مان، عام ڪيا ڄاڻن.

1- خلعت عشق دي پهرن خاص، شاه حسن دا شان، صحي سڃاڻن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2- شاه شرف سرمد جيهي عاشق، وڃ انهي مهران،
موجان ماڻن!.
3- وحدت دي وٽجاري وهه وهه، دوئي والا گمان،
مؤل نہ آڻن.
4- بيدل لڳڙا بره جنهان نون، خودي ڪنون سي خان،
خيال آڪاڻن.

## ڪافي ٻہ ٽپي (سربسنت)

حسن بسنت بهار بيرنگي، چمن ڪليا چوڌاري وي.
آينما تولوا عشقان تؤن آپ ڏنس دلداري،
ثم وجه الله ويک تماشا چار طرف گلذاري وي.
2- نفس نڪا عجائب بنيا هار سينگارهزاري،
گلبدن گلزار ۾ آيا هرَ جا تي هيڪاري وي.
3- ڦل ڪلي ڪچنال پي ڦولي اور ڪلي گلزاري،
سر دشمن سوسن صد هر برهين عجائب بهاري وي.
4- ٻاجهون ويکڻ يار پياري سير چمن بيڪاري،
بيدل بؤءِ بهاردي پاوين سرت وجائين ساري وي.

بيدل جو سارو ڪلام حسن جي قدر شناسي، معشوق جا ماڻا ۽ بي پرواهي، لوڪ جا طعنا تنڪا، بي خودي، بي وسي، صورت ۾ معنيٰ ڏسڻ، فنائي حاصل ڪرڻ، وحدت ۾ غرق ٿيڻ، اناالحق جو درجو ماڻڻ وغيره رندانہ جذبات سان ڀرپور آهي.

## ٻولي ۽ عبارت

بيدل فقير جون سرائڪي ۽ هنديءَ ٻوليءَ ۾ گهٽيون ڪافيون آهن. پر سرائڪي ۽ هندي بہ اهڙي سليس ڪم آندي اٿس، جو اڻ پڙهيل سنڌي ماڻهو بہ آسانيءَ سان سمجهيو سگهن ٿا. فقير صاحب جيڪو روحاني راز کوليو آهي، سو خاص ڪري سرائڪي ۽ هندي ٻوليءَ وارين ڪافين ۾ جيڪي صاف سنڌي ڪافيون چيون اٿس، سي بہ روحاني رمزن سان ڀرپور آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال:

**ڪافي ٻه ٿڪي (سر پيروي)**

پکيئڙا ولر ڪان وڇڙيا وڃي اوڪيءَ منجهه اڙيا،
زهري زلف زوراور جا توکي دهرا دام پيا.
1- ڇو ٿمو پنهن جا پر پٽين توکي پختا پيچ پيا،
ڦٽڪي ڦٽڪي ساه ڇڏيندين چار نه چڙهه جا.
2- وارن جي ته وراڪن ۾ ڪئين ڪامل قيد ٿيا،
هن ڪاڪ ڪڪوريا ڪيترا هت ڪيئي ڏينگ ڊڙيا.
3- ماندين منديا ڪينڪي ۽ جوڳين ڪين جهليا،
وهه رکن واسينگن وانگر آهن زهر پريا.
4- چٽندي داٽا خال سندا توکي ڪل پيئي ڪا،
هاٽي هيءَ هيءَ تو ڪرين جڏهن وار ٿئي وڇڙيا.
5- بيدل ڏنگ جهلياسين ڏاڍا آهن اوکيرا،
هيبتي حيوان الاڙي اجان ڪين مڙيا.

**ڪافي هڪ ٿڪي (سر پورب)**

جنهن جا تون پنڌ پڇين ٿو،
تو منجهه سو سر سارو
1- مرد ٿي ميتج وي ميان ۾ پنهنجي تان آلا،
وهم سو پانهپ وارو.
2- ”الله احمد“ وي ميان ”بلاميم“ الا ميان،
تو منجهه نور جو نظارو.
3- ”وفي انفسڪم“ جو وي ميان مج فرمودو الا،
عاشق سمجهه اشارو.
4- غير نه ڄاڻج وي ميان پاڻ کي بيدل الا،
شاهي تون مارج نعرو.

بيدل جون جيڪي سنڌي ڪافيون مٿي نمونه طور ڏنيرن ويئيون آهن. تن مان معلوم ٿيندو ته بيدل جيڪا سنڌي ڪتب آندي آهي سا پڪي پختي ۽ باقاعدي سنڌي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فصاحت ۽ بلاغت جي ڪري منجهس ڪا گهٽتائي ڪانهي. فقط
ٻهرين سنڌي ڪافيءَ ۾ هرهڪ مصرعہ تشبيهن ۽ استعارن سان سينگاريل
آهي ۽ انهيءَ هڪڙيائي ڪافي ۾ ٻہ ٽي عمدا اصطلاح ڪتب آيل آهن.

بيدل جون سڀ ڪافيون علم موسيقيءَ جي اصولن موجب جدا جدا
سرن ۽ راڳڻين تي ٺهيل آهن. قافين جا قافيا بہ پختا ۽ باقاعدي آهن.

## فقير محمد محسن (بيڪس)

### (1858ع کان 1881ع تائين)

فقير قادر بخش (بيدل) جو فرزند فقير محمد محسن (بيڪس)
تاريخ 28- جمادي الثاني 1275 هجري مطابق 1858ع ۾ ڄائو هو. قرآن
شريف ۽ پارسي جي شروعاتي تعليم پنهنجي والد بيدل فقير وٽ ورتي هئائين
۽ پوءِ بيدل فقير جي ڀائيجي آخوند عبدالله وٽ تعليم ورتائين. جنهنجو پاڻولين
جي محلي (روهڙي شهر) ۾ وڏو مڪتب هوندو هو.

بيڪس فقير تي ننڍي هونديئي سندس والد صاحب جي فقيريءَ جو
اثر پئجي چڪو هو ۽ ڪچيءَ ۾ ئي ستار تي راڳ ڳائڻ ۾ پڙ تي ويو هو.
بيڪس فقير هڪڙي ڪافيءَ ۾ فرمائي ٿو:

**ڪافي هڪ ٿڀي (سر آسا)**

عـــــشق وارو آواز - واهہ واهہ بخش اســــان کي

1- پاڻ حــبيب پاڻ طبــيب - الا- برهہ هٿ بيــمــار.

2- بيــدل بيــشڪ هادي منهنجــو - آهہ عــشــاقــان آڌار.

3- دنيا دين نہ آهي گهريو ميان الا- درد هيڪر درڪار.

4- ڪاٿي بيدل ڪاٿي بيڪس- الا- ڪاٿي گرم بازار.

بيڪس فقير چوڏهن ورهين ڪن جو هو، تہ سندس والد بيدل فقير
وفات ڪئي. تنهنڪان پوءِ بيڪس فقير پڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ نهايت آزاد خيال
فقير ٿيجي پيو ۽ ڪافين ناهڻ ۽ ڳائڻ ۾ پنهنجي والد کان بہ ٻہ ٽي قدم اڳڀرو
وڌي ويو.

مائٽن شادي به ترت ڪرايس، تنهن هوندي به هو بلڪل البيلو هلندو وتندو هو. سهڻن سهڻن ڇوڪرن جي ٽولي هميشہ پاڻ سان ڪٽندو هو، جن ۾ ڪي مسلمان ڇوڪرا هوندا هئا، تہ ڪي هندو. هر هڪ ڇوڪر تي پنهنجو خاص نالو رکندو هو مثلاً. ڪنهنکي سڏيندو هو طوطو، ڪنهنکي پپيهو، ڪنهنکي بلبل، ڪنهنکي گل گلاب، ڪنهنکي موتيو، ڪنهنکي گل لالہ وغيره.

بيڪس فقير هميشہ ريشمي رنگين ڪپڙا ڍڪيندو هو مثلا سٿڻ سائي، تہ قميص يا پهران ڳاڙهو. تہ پٽڪو پيلو وغيره. پٽڪي جو طرو فقير صاحب. ايڏو ڊگهو ڇڏيندو هو، جو هلڻ وقت ڪڙيءَ سان پيو لڳندو هو. فقير صاحب پاڻ بہ تمام حسين ۽ شڪيل مرد هوندو هو. بيدل فقير کي خيرپور وارو مير صاحب توڙي روهڙي شهر ۽ آسپاس جا بينل ماڻهو گهڻو مڃيندا هئا ۽ ڇگيءَ طرح ڏيندا وٺندا هئا.

اها ساڳي مڃتا ۽ ڏيٽي ونٽي بيڪس فقير سان بہ ٿيندي آئي تنهنڪري بيڪس فقير کي گذران جي ڪا بہ تڪليف ڪانہ هئي. هو ڪو بہ ڌنڌو ۽ ڪم ڪار ڪونہ ڪندو هو. فقط صبح شام ڇوڪرن جي ٽولي ساڻ ڪري بازار مان چڪر ڏيڻ، ميلن ۽ ملاکڙن تي شوق سان وڃڻ، درگاهن ۽ فقيراڻن آستانن تي پنهن جو ناهي ڪلام ڳائڻ اها فقير صاحب جي مشغولي هوندي هئي. تڪين ۽ اوتارن ۾ توڙي لعل بازار ۾ موالين ۽ مولائين سان فقير صاحب بي ڌڙڪ محفلون ڪندو وتندو هو. فقير صاحب ڪيڏانهن بہ گهمڻ نڪرندو هو، تہ ستار پاڻ سان هوندي هيس، جتي پور پوندو هوس اتي ڳائڻ جي موج لڳائي ڏيندو هو. بعضي بعضي بيهي ڳائيندو ۽ نچندو بہ هو.

بيڪس فقير صاحب پاڪ دل حسن پرست هو، پر نفس پرست بلڪل نہ هو. هو حقاني تجلي ۾ محو ۽ حقيقي عشق ۾ ٽٻ هوندو هو.

بيڪس فقير ڦوهہ جوانيءَ ۾ يعني ٽيويهن ورهين جي عمر ۾ تاريخ 5 رمضان شريف سنہ 1298 هجري مطابق 1881ع بنان اولاد وفات ڪئي.

روهڙي شهر جو هڪڙو معتبر سفيد ريش ڳالهہ ٿو ڪري تہ بيڪس فقير وفات کان بہ ٽي ڏينهن اڳ هيءَ ڪافي ناهي ڳائي هئي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

ٿل - ڪڏهن راضي ٿـــيندين راڻا
ڪڏهن مـــوني ملندين راڻا.
مصرع- "ڪاڪ ڪهاڻي ويل وهاڻي
پـــينگ ٿـــيـــا سپ پـــاڻا.
ڪڏهن راضي ٿيندي راڻا"

انهي مصرع ٻڌڻ شرط وينل ماڻهن مان ڪيترن ئي فقير صاحب کي چيو ته "فقير صاحب انهي ته فال ڪڍڻ سان اوهان قهر ڪري ڇڏيو آهي. اهڙو سخت گفتو نه ڪڍڻ گهرجي. اها مصرع مٽايو". تنهن تي فقير صاحب فرمايو ته "ٻولڻ وارو ٻولي چڪو آهي. منهنجو وس ڪونهي". ائين چئي فقير سائين وري به ڪافي ڳائڻ ۾ لڳي ويو.

بيڪس فقير پنهنجي پيءُ بيدل فقير جي نموني تي ۽ ساڳئي فقيراڻي مضمون ۾ ڪلام چيو آهي: ڪٿي ڪٿي ته پيءُ کان به وڌيڪ تيزجذبا ڏيکاريا اٿس. پڻس وانگر کي ڪافيون سرائڪيءَ ۾ ۽ کي سنڌيءَ ۾ ٺاهيون اٿس.

اسين بيڪس فقير جون ٽي چار سنڌي ڪافيون هيٺ ڏيون ٿا، جن مان فقير صاحب جا جذبا ۽ خيال چڱيءَ طرح معلوم ٿي سگهندا.

### (1) ڪافي هڪ ٿيي (سر ڪنيات)

نت نهـــاريان راهـ - اديون اباڻن جي
1- ٻن عـمـر جـا باغ باغـيـچـا
هت گلزاريون ڪيـون گـاهـ.
2- مـارئي مـاندي قـسـمت آندي
ســـانگي ســـاري ســـاهـ.
3- جـيـئـري ويڙهـيـچن وسـاريو
جـــا وٽـي ســـــا واهـ.
4- بيـڪـس قـسـمـت قلم وڃـوڙيو
اهـــڙي ڪـــئـــي تـــه الله.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (2) ڪافي (روپ ڪوهياري)

ڪميني ڪيچن ڏي روحاني رڙندي

رنـد ونـي رڙنـدي يـار.

1- ڏاڍا ڏونگر ڏيهـــ جـــا

چاڙهيون هيءَ چڙهندي يار.

2- ڏيئـي بـاهہ پنيـــور کـي

ســورن ۾ ســـڙندي يار.

3- رَمـي هـلـنـدي راهـہ راهـہ ڏي

مـــرن ۾ مــرنـدي يار.

4- بيـــڪس بـاهہ برهہ جي ڏسي

نــاڏرنـــي يـــار.

### (3) ڪافي هڪ ٽپي (سر پورب)

عشقئون ٿو عبد سڏايان - آهيان الله

1- هتـڙي پانهـون پانهن جـئـان

هتـــڙي شـــاهنشـــاهہ.

2- هتـڙي مـــات مـات مـيـان الا،

هت دهشت جـــو درياهہ.

3- "الانســان ســري و آنا ســره" الا

عــاشق ٿــيـــا آگـــاهہ.

4- بيـــڪس رک تون دل ۾ بلڪل

وحـــدت جـــو ويســـاهہ.

## آخوند حاجي فقير محمد (عاجز)

### (1846ع کان 1918ع تائين)

حيدرآباد شهر جي ڪيانتي ٿنده سان لڳو لڳ "آخوند عبدالڪريم غازي خان" نالي سان قديم محلو اڄ تائين قائم آهي، جنهن کي عام طرح شيراٽي آخوندن جو محلو سڏيندا آهن. انهيءَ محلي وارن آخوندن جا وڏا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصل عربستان جي مسقط شهر جا رهاڪو "صديقي قريشي" هئا، جي فاتح سنڌ محمد بہ قاسم جي زماني ۾ نئي شهر ۾ اچي رهاڪو ٿيا، ۽ عربي تعليم ڏيڻ انهن جو خاص ڌنڌو هوندو هو. انهن آخوندن جي اولاد مان ڪي گهر جدا جدا وقتن تي سنڌ جي جدا جدا شهرن ڏي لڏيندا ويا ۽ اُتي وڃي تعليم ڏيڻ جو ڪم ڪندا رهيا. انهن مان هڪڙو گهر ڳوٺ سن (تعلقه ڪوٽڙي) ۾ بہ اچي رهيو هو. جن ڏينهن سنڌ ۾ مير غلام علي خان ۽ ان جي بن ننڍن ڀائرن جي حڪومت هئي، تن ڏينهن مير غلام علي خان ڳوٺ سن مان انهن آخوندن جو هڪڙو گهر، خاص پنهنجن ٻارن جي تعليم لاءِ لڏائي آڻي حيدرآباد ۾ رهايو. جنهن گهر جو وڏو اڳواڻ آخوند غازي خان بن سعد هو.

ان وقت کان وٺي اهي آخوند پشت بہ پشت مير صاحبن جي ٻارڙن کي تعليم ڏيندا آيا سندن اهل نساءِ وري مير صاحبن جي ديرن ۾ تعليم ڏيندا هئا.

آخوند غازي خان جو هڪڙو فرزند آخوند عبدالڪريم حديده (عربستان) واري درگاه، جنهنجو ذڪر گدا جي ڪلام ۾ ٿيل آهي، تنهن درگاه جي بزرگن جو سنڌ ملڪ لاءِ خاص خليفو هوندو هو؛ ۽ مير ڪرم علي خان جي حڪومت وقت ڪارداريءَ جو عهدو بہ هوس.

پارسي ۽ عربي جي واقفيت حاصل ڪرڻ بعد آخوند فقير محمد ان وقت جي سرڪاري سنڌي اسڪول ۾ بہ تعليم ورتي هئي. انهيءَ زماني ۾ جيڪو سنڌي ٻولي لکي پڙهي ڄاڻندو هو، تنهن کي بنا اٽڪ سرڪاري نوڪري ملندي هئي. تنهن ڪري آخوند کي ترت ئي تپہ داريءَ جي نوڪري ملي هئي، پر آخوند ڪجهه کان فقيري طبيعت جو ماڻهو هوندو هو، تنهن ڪجهہ وقت نوڪري ڪرڻ بعد استعفا ڏيئي ڇڏي.

آخوند صاحب، ڪي اصلوڪي دستور موجب مير صاحبن جي طرفان گهر ويٺي ماهيانو وظيفو پيو ملندو هو. ۽ هز هائينس مير عبدالحسين خان (سانگي) جو درويش دل ۽ درويش پرور هوندو هو، سو آخوند فقير محمد کي خلاصو ساليانو وظيفو ڏيندو هو، تنهنڪري آخوند کي پنهنجي ۽ عيال جي گذران لاءِ ٻئي ڪنهن ڌنڌي ۾ مشغول رهڻ جي ضرورت ڪانہ رهي. هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت ڪتابن مطالعہ ڪرڻ. شعر لکڻ ۽ ذڪر و عبادت ۾ گذاريندو ۽ درويشن خواه علم دوستن سان صحبت ونديندو رهندو هو. مير سانگي ۽ گدا سان خاص صحبت هوندي هيس. پنهنجي ڪلام ۾ هڪڙي هنڌ آخوند فرمائي ٿو:

"عبدالحسين مير ٿيو سر چشمہ فيوض،
جهڙس سخا ۾ ناهہ ڪو عالي جناب ڪٿ.
احمد عطا ڪريس خدايار طولعمر،
ناهي سندس عديل ڪو گردون قبالہ ڪٿ
سانگيءَ جو شعر شيرين موزون و پرنمڪ،
آهي گدا بہ صاف فضيلت ماب ڪٿ."

(ديوان عاجز غزل 25)

نوٽ: انهيءَ شعر ۾ "صنعت ذو معنيٰ" يا "صنعت ايهام" طرح آخوند مير سانگي جي ٻنهين فرزندن (احمد يار خان ۽ خدايار خان) جا نالا بہ سمائي ڇڏيا آهن ۽ دعا بہ ڪئي اٿس.

ٻئي هڪڙي شعر ۾ مير سانگي ۽ گدا سان گڏ سندن هم صحبت حيدري کي بہ ياد ڪيو اٿس:

"ڪئين لطف عاجز، گدا، حيدري سان،
سنئون سانگ سانگي جو الله هادي.

(ديوان عائز غزل 188)

آخوند فقير محمد پنهنجي پاءَ برادريءَ ۾ هميشہ سيکنهن کي سچ چوندو هو، ۽ نيڪ صلاح ڏيندو هو. سچ ۾ البت مچ آهي، تنهنڪري ڪيترائي عزيز ساڻس نهندائي ڪين هئا.

هزهائينس مير حسن علي خان (حسن) جي ڏيرن جي وفات بعد آخوند فقير محمد کي مير صاحبن جي طرفان ملڻ وارو ماهيانو وظيفو بند ٿي ويو هو. تنهنڪري هز هائينس مير عبدالحسن خان (سانگي) سفارش ڪري نواب شاهہ ضلع ۾ نصرت واه تي اڍائي سو ايڪڙ زمين مالڪاڻي جي حق سان آخوند کي سرڪار مان ونائي ڏني، جا اڄ تائين سندس اولاد جي گذران جو وسيلو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آخوند عاجز جو ڪلام ۽ تصنيفات

آخوند عاجز سنڌ جي موزون ڪلام چوندڙن جهونن شاعرن مان هڪڙو مشهور شاعر هو. سندس تصنيف ڪيل "ديوان عاجز" سندس هٿ جو لکيل سندس وارثن وٽ موجود آهي، ان ۾ باقاعدي رديف وار ڪل 107 غزل آهن، ۽ غزلن کان پوءِ 83 رباعيون آهن. اهو ديوان آخوند پنهنجي هٿ سان تاريخ 25 رمضان مبارڪ هجري سنہ 1323 ۾ لکي تيار ڪيو هو.

غزلن جي پڇاڙيءَ ۾ ديوان جي پوري ٿيڻ بابت چار تاريخي مادا ڏنل آهن، جن مان ٽي آخوند پاڻ ناهيا آهن چوٿون ماده سندس هم عصر نوجوان شاعر قاضي صلاح الدين (احقر) متعلوي جو پارسي شعر ۾ ناهيل آهي.

غزلن ۽ رباعين کان پوءِ آخوند صاحب پنهنجي "ديوان" جو مختصر ديباچو بہ نثر ۾ لکيو آهي ۽ ان سان گڏ نثر ۾ سمجهاڻي لکي اٿس، تہ صوفين بزرگن جي ڪلام ۾ ڪفر، زلف، خط، خال، ابرو، عين، شراب، پيالہ، ساقي، ڪلال وغيره لفظن جي مراد ڇا ڇا سمجهڻ گهرجي.

انهيءَ سمجهاڻي ڏيندي وچ ۾ آخوند فرمائي ٿو:

(مثنوي)

"ڏسين جي شعر هن ديوان جو اي يار،
خرابات[1] و خراباتي[2] ۽ خمار[3].
جٽيو، جي بت، ڪرنائي[4]، چليپا[5].
برهمن[6]، گبر، ترسا[7]، دير[8]، مينا[9].
شراب و شاهد[10] و شمع شبستان[11].
ڏڪڙ، طبلا ۽ ساز آواز مستان[12].
گتو داروءَ جو پڻ رند[13] و خرابات،
حريف[14] و ساقي و مرد[15] مناجات.

---

1- گتو يا ڪلال خانو 2- موالي 3- گيتوال 4- شرناءِ 5- صليب يا ڪراس 6- آتش پرست 7- عيسائي 8- آتش پرستن جي مڙهي 9- ٻانڀي 10- معشوق 11- رات ٽڪڻ جي جاءِ 12- مستن جو گوز 13- موالي 14- مقابلو ڪندڙ 15- خدا پرست مرد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خط ۽ خـــال، قـــد آزاد، ابرو،
ڳـنـا ڳـاڙها ۽ ور ور وار گـيـســو.
نہ ڪر تابش انهن گفتن کان انڪار،
انهن مـان ڳولي لهہ مقصود اي يار.
اها صـوفين جي ٻوليءَ جي عـبـارت،
پروڙي مـغـز ان جي ڪر زيارت.
نظر کي تيـز ڪر سـا طرز لهندين،
هو پردا کل جـا لاهج مـغـز ڏسندين.
انهن لفظن ۾ هر ڪنهن جي نہ جان آه،
اندر ۾ تنجي مـخـفي سڀ جـهـان آه.
تون تنجي جان کي ڪڻ جسم کي ڇڏ،
مسمٰي ڳولي لهہ پڻ اسم کي ڇڏ."

نوٽ: متي جيڪا فوٽ نوٽ ۾ لفظن جي معنيٰ ڏيکاري ويئي آهي. سا لفظن جي اصلي يا لغوي معنيٰ ڏيکاري ويئي آهي. صوفين جي اصطلاحي معني آخوند نثر ۾ کولي سمجهائي آهي.

"ديوان عاجز" جي غزلن مان گهڻا غزل. "ديوان حافظ جي پارسي غـزلن جـو ترجـمـو آهن. اهڙن غـزلن تي آخـوند ڏيکاريندو ويو آهي، تہ "برتتبعِ حافظ". ڪل ٽيٽيهن غزلن تي آخوند لکيو آهي. برتتع حافظ" ۽ اهڙا پنج ڇهہ غزل ٻيا بہ آهن، جن تي فقط لکيو پيو "برتتبع". جنهنڪري ڇئي نٿو سگهجي تہ اهي ڪهڙن شاعرن جي شعر جي "تتبع" تي ٺاهيا ويا آهن. درحقيقت "تتبع" جي معنيٰ آهي ڪنهن شاعر جي ٺاهيل شعر جي فقط وزن يا طرز تي شعر ٺاهڻ، پرمضمون پنهنجو ڪم آڻڻ: جئن مرزا قليچ بيگ "سود اي خام" ۾ ٻين شاعرن جي تتبع تي ڪافيون لکيون آهن. آخوند جن جن غزلن تي لکيو "برتتبع حافظ" تن مان ڪي غزل تہ سڄائي سڄا حافظ شيرازي جي غزلن جو ترجمو آهن، ڪن ۾ ڪي بيت حافظ جي غزل جي بيتن جـو ترجـمـو، تہ ڪي بيت آخوند پنهنجا ڳنڍيا آهن ۽ ڪن ۾ فقط منڍ وارو بيت حافظ جي غزل مان ترجمو ڪري پوءِ سـاڳئي وزن ۽ قـافـيـہ تي پنهنجو مضمون شامل ڪندو ويو آهي. جيڪي غزل حافظ جي غزلن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمو آهن تن جو ترجمو نڪي اهڙو باقائدي درست ترجمو آهي، جهڙو مرزا صاحب پارسي شعرن جو ڪيو آهي: ۽ نڪي ترجمو اهڙي صاف ۽ بامحاوره سنڌي ۾ آهي، جنهن مان حافظ جي ڪلام واري مراد ڪو به سنڌي خواندو صاف طرح سمجهي سگهي. اسين مثال خاطر هت ٻه ٽي ترجمو ٿيل بيت پيش ڪريون ٿا ۽ حافظ شيرازي جي بيتن واري عبارت سان اهي ڀيٽي ڏيکاريون ٿا:

"ديوان عاجز" جو غزل نمبر 17 سڄو ئي "ديوان حافظ" جي پارسي غزل جو ترجمو آهي.

**حافظ شيرازي:**

"زباغ وصل تو يابد رياض رضــــوان آب،
ز تاب هجـــر تو دارد شـــرار دوزخ تاب."

معنيٰ:- اي حقيقي محبوب! بهشت جي باغن کي هيترو شرف ۽ عزت هن ڪري حاصل ٿي آهي، جو اُتي عاشقن کي تنهنجو ديدار نصيب ٿيٺو آهي! دوزخ جو عذاب هن ڪري تو هيبت ناڪ لڳي جو اتي تو کان وڇڙيل ٿي رهٺو آهي: يعني اي حقيقي محبوب بهشت آهي تنهنجو وصال ۽ دوزخ آهي تنهنجو وڇوڙو.

**آخوند:**

"تنهنجي باغ وصل کان بهشت ٿيو آب،
۽ درد هجر کان تنهنجي وني تو دوزخ تاب."

نوٽ:- "بهشت جو آب ٿيڻ" ۽ دوزخ جو تاب وٺڻ" سنڌي زبان جو محاورا ئي نہ آهن: تنهن ڪري ڪو بہ سنڌي خواندو مٿين بيت مان اها مراد پروڙي ئي ڪين سگهندو، جا مراد ڪو بہ پارسي خواندو ماٺهو حافظ شيرازي جي لفظن مان معلوم ڪري سگهي ٿو.

بحـــسن عـــارض و قـــد تو بردند پناه،
بهـشت وطوبي، طوبي لهـم و حـسن مـآب.

"ديوان عاجز" ۾ جيڪي بہ رباعيون ڏنل آهن، سي آخوند جي چوڻ موجب سڀ پارسي تان ترجمو ٿيل آهن. مگر اهو ڏيکاريل نہ آهي، تہ ڪهڙن پارسي، شاعرن جي رباعين تان ترجمو ڪيون ويون آهن. "ديوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاجز" کان سواءِ بہ هڪڙا نثر جا ڪتاب بہ آخوند جا ناهيل ۽ سندس هٿ جا لکيل اجا موجود آهن. هڪڙو چاليهن صفحن جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ "سوره فاتحه" جو تفسير صوفيانہ أصول تي لکيو اٿس. ٻيو ڪتاب "گلشن راحت افزا" آهي، جو اردو قصي تان آخوند ترجمو ڪيو آهي ۽ سچوئي "گل خندان" ڪتاب جي نموني تي تڪ بنديءَ سان ٺهيل آهي منجهس جدا جدا موقعن تي بيت، قطعا ۽ غزل بہ درج ٿيل آهن، جي اصل ڪتاب وارن اردو بيتن، قطعن ۽ غزلن جو ترجمو آهن. اهو ڪتاب بہ آخوند جي هٿ جو لکيل موجود آهي.

## سيد مصري شاه
## (1838ع)

سيد مصري شاه نصرپوري سنڌ جي ڪامل درويشن ۽ نامور شاعرن مان هڪڙو هو.

هي سيد قادر شاهہ جو پوٽو ۽ سيد بلند شاه جو فرزند هو. سيد مصري شاه ننڍڙو ئي هو، تہ سندس والد وفات ڪري ويو" سندس وڏو ڀاءُ سيد نافن شاه ڪنوارو ئي هو، تہ حج ڪرڻ ويو ۽ اتي وڃي وفات ڪيائين. تنهنڪري سيد مصري شاه پنهنجي ڀاءُ سيد فتح محمد شاه جي سنڀال هيٺ رهندو هو، جو هڪڙو خداپرست انسان هو.

### ننڍپڻ ۽ تعليم:

سيد مصري شاه هجري 1245 (مطابق 1838ع) ۾ تولد ٿيو هو، تن ڏينهن نصرپور ۾ پارسي ۽ عربي جي تعليم جا وڏا مدرسا هوندا هئا، جتي نہ رڳو مسلمان، پر ڪيترا ٻاتيا ۽ سهتا هندو بہ تعليم وٺندا هئا. سيد مصري شاهہ ننڍي هوندي پنهنجي ڳوٺ ۾ قرآن شريف ۽ پارسي جي تعليم چڱي طرح ورتي هئي. سندس ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو تہ قرآن شريف جي معنيٰ ۽ حديثن جي بہ واقفيت چڱي هيس. پارسي ۾ اهڙو قابل هو، جو فقيري واري زماني ۾ پنهنجي ڀاڻيجي قادر شاه بن ڏنل شاه کي مثنوي شريف جو سبق ڏيندو هو ۽ ان جي معنيٰ شرح بہ سمجهائيندو هوس. مصري شاه جا جيڪي هٿ لکيل اکر سندس رسالي ۾ موجود آهن، تن مان ڏسجي ٿو تہ سنڌي لکڻ جو گهٽو استعمال ڪونہ هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5- ڪر ڪا ڪوڏ ڳچيءَ ڳل پائين
مـيـان مـوڏ مـتـان مـڪـرائين
ڪـرهـا ڪـڙ نـہ قـصـور.

(1) پروسو (2) مجلس يا ڪچهري (3) چـو (4) پـري (5) جاءِ، آستان (6) مڙس (7) پاسو يا پر (8) پارت (9) اُٺ (10) سانڪا ڪرين، گسائين.

2- سيد مصري شاه سنڌي ڪلام ۾ ڪي بہ فعلي صورتون هالو چالو سنڌي صرف و نحو جي ابتڙ ڪم نہ آنديون آهن ڪن ٿورن هنڌن قافيہ جي پورت لاءِ يا وزن قائم رکڻ لاءِ صرف نحو جي قانون جي خلاف فعلي صورتون ڪم آنديون اٿس.

مصري شاه بہ پنهنجي ڪلام ۾ قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن جا ٽڪرا ڪم آندا آهن، پر قديم شاعرن ۽ مصري شاه جي انهي ملاوت ۾ وڏو فرق هيءُ آهي، جو قديم شاعرن جهڙوڪ شاه ڀٽائي توڙي محمد اشرف شاه جن جي ڪلام ۾ عربي تڪن اچڻ ڪري ڪلام جي مصرعہ مقرر وزن کان گهٽو وڌيو وڃي ٿي، پر مصري شاه جو ڪلام عربي تڪن گڏجاڻي ڪري بہ مقرر وزن تي قائم رهي ٿو. جئن آخوند محمد قاسم هالائي ۽ سيد محمد فاضل شاه حيدرآبادي جي موزون ڪلام ۾ آهي. ائين ٿئي ٿو تہ وزن جي برقراريءَ لاءِ بعضي عربي تڪن جي اصلوڪي تلفظ ۾ ڦيرقار ٿيو وڃي ٿي.

مثال:-

1- وحدت ڪثرت وچ ۾ فرق نہ ڪوئي ڦير،
ڪل شيي محيط ٿيو پرجهي پاتائين پير.

2- تو نوازيا ڪيئن جي عسري،
هي غلام هڪو ئي مصري.

3- فان مع العسريسري،
آن ڪيا اقرار.

شاه صاحب جو ڪلام ٽن پاڱن ۾ ورهايل آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) علم موسيقي جي اصول تي ٺهيل ڪافيون.

(2) موزون ڪلام جنهن ۾ غزل، مثلث، قصيدا، منقبت ۽ مناجاتون اچيو وڃن ٿيون. شاه صاحب غزلن، مثلثن ۽ قصيدن کي بہ علم موسيقي جي سرن جا نالا ڏنا آهن؛ ڇاڪاڻ جو ان پنهن جو سمورو ڪلام بہ علم موسيقي جي نهرايل سرن ۾ ڳارايو آهي.

مصري شاه جو ڪلام رڳو نج سنڌي يا پارسي آميز سنڌي نہ آهي، پر سرائڪي ۽ اردو آميز پنجابي ۾ بہ گهڻيون ئي ڪافيون انس جي سڀ ننندس رسالي ۾ موجود آهن انهيءَ زماني ۾ گهڻا امير أمراءَ ۽ انهن جا نوڪر چاڪر خواه لاڳاپيدار سرائڪي ٻولي گهڻي قدر ڪم آڻيندا هئا. تنهن ڪري سيد مصري شاه توڙي ان جي هم عصر ڪافيون ناهيندڙ شاعر (جهڙوڪ سيد مهدي شاه، پير اميد علي شاه شاه وغيره) بہ سنڌي ڪافين سان گڏ سرائڪيءَ ۾ پڻ ڪافيون ناهيندا هئا. ٻيو تہ ان زماني ۾ بلا شاه جون اردو اميز پنجابي ڪافيون سنڌ ۾ خاص دلچسپي حاصل ڪري چڪيون هيون. تنهنڪري سيد مصري شاه ۽ ان جا هم عصر شاعر بہ بلا شاه جي ڪافين جي طرز تي اردو آميز پنجابي ڪافيون ناهيندا هئا.

سيد مصري شاه جي ساري رسالي ۾ اهڙو هڪڙو بہ ڪلام ڪونهي، جو سجو ئي پارسي ۾ يا صاف اردو ۾ هجي.

سيد مصري شاه جي ڪلام ۾ سندس هم عصر شاعرن جي ڪلامن بہ نسبت هڪڙي خاص خوبي هيءَ بہ آهي، جو سندس ڪلام ۾ تاريخي حوالا سرس آهن، جن مان ثابت آهي تہ مصري شاه عربستان ۽ ايران جي تاريخ گهڻي قدر مطالعہ ڪئي هئي. مثلاً هڪڙي هنڌ پنهنجي ڪلام ۾ چوي ٿو:-

"ڪن ڪمان ابرو اڏواڏ رخش، رستم، زال کي،
سام برزو گيو ڪان تا ونن وارا بي سبب."

نوٽ- رخش (رستم جو خاص گهوڙو)، رستم، زال، سام، برزو ۽ گيو آهي فرد وسي جي "شاهنامہ" جا خاص اداڪار آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

پيو پرتوو طور تي نؤر خدا جو،

نہ ماهر ٿيو موسيٰ بہ مذڪور جو،

ڪٿن بار بي حد پلي بؤ ترابي.

مصري شاه جو سمورو ڪلام انڻ ڇاپيل صورت ۾ سندس هاٿوڪي جاءِ نشين سيد مريد علي شاه صاحب وٽ موجود آهي جو سڄوئي مصري شاه جي حياتي ۾ لکيو ويو آهي. ان ۾ جدا جدا نمونن جي اکرن ۾ جدا جدا ڪلام لکيل آهن. انهي جو سبب هيءُ ٻڌرو ڪندو هو، تنهن وقت جيڪو بہ پڙهيل ماڻهو وٽس حاضر هوندو هو، تنهنکي چوندو هو تہ اهو ڪلام رسالي ۾ داخل ڪري ڇڏ. پوءِ پاڻ زبان سان چوندو ويندو هو ۽ لکڻ وارو لکندو ويندو هو: ڪي لکڻ وارا پارسي دان ۽ پڪي صورت خطي لکندڙ هوندا هئا. ۽ ڪي سنڌي دان ڪچي صورت خطي لکڻ وارا. انهيءَ ڪري رسالي ۾ ڪي ڪلام اهڙيءَ صورت خطيءَ ۾ بہ لکيل آهن، جي سيڪو صحيح طرح پڙهي نہ سگهندو. ڪهڙي نہ سهٽي ڳالهہ ٿي پوي، جو ڪتاب جا مالڪ انهيءَ رسالي جو صحيح ۽ رواجي صورت خطيءَ ۾ نقل ڪرائي ڪنهن ادبي سوسائٽيءَ جي حوالي ڪري تہ شايع ٿي پوي.

انهيءَ رسالي مان ڪي ڪلام نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

## (1) ڪافي (ڏيڏي)

(هستي ڦٽي ڪر)

هستي ڇڏ هن جاءِ،

ٿيءُ ساڪن ملڪ عدم جو.

1- هيٺ هئڻ جي حيف حويلي وڪ وطن ڏي پاءِ

ڪوڙيون ملهہ تنهينجي قدم جو.

2- هي جي انديشا اتڪل وارا "لا" سين سڀ لڙهاءِ

آسانگو آڙ پيم پرم جو.

3- سير صفا تي دم درجا تي وڄ تي وهم وڃاءِ،

پيچ تهہ خانو هن طلسم جو.

4- موتواقبل الموت جو مصري منجهہ ئي مچ مچاءِ،
معنيٰ مطلب نينهن نظم جو.

**ڪافي (چوٿپي)**

(هيءُ ماڳ تنهنجو نہ آهي)

آهي اهو افسوس،
ماڳ مسافر ٿي مالڪ وينئون.

1- ديس پرائو نہ دعوا تنهن جي،
موڙهو آهن ڪري منهنجي منهنجي
گياڻو تون گس! گوس،
ناهيئي ناه نلهو هت نينئون.

2- منزل ڏور تون تنها آهين،
بار ڳرو تو بر ۾ لاهين.
پسي پاڻيءَ پوس،
پاپي پجري ۾ پاٿيهي پينئون.

3- جتان جوانن مڪڙا موڙيا،
تتي تعلق تو تڪيا جوڙيا.
پونءِ انهيءَ جو پرواس،
رکج چست چڪاسي چينئون.

4- سالڪ ان ساعت کي سڃاڻن،
پرس پرولي ڪي پرمل ڄاڻن.
دليون ڏيئي دوس،
محبت ماڪيءَ جون مصري مينئون.

**غزل (سر جوڳ)**

(حق هر جاءِ حاضر)

وسري ويم ٻئي جڳ،
جڏهن دل جان سان ڏٺم.
مهتاب سک محبوب جو،
محراب منهن منور ڏٺم.

-2 دل سجاتو سڄڻ جو اچي سير سڀ ڪنهن جاءِ تي،
منهنجي ٿيا مطلب مڙيئي پورا پرين ٻو ور ڏنم.

-3 شيخ قاضي پاڪ دامن اي مشائخ مولوي،
ڪر نصيحت کي ڦٿو هر جاءِ حق حاضر ڏنم.

-4 دين ۽ ايمان، تقوي زلف جڻي پيا پيچ ۾،
دام ۾ داڻي مثل تڪرار ڪارو تر ۾ ڏنم.

-5 عمر ساريءَ جي عبادت تر هٽي تاراج ڪئي،
ويو ڪٽي هندو هٽي ڪعبي اندر ڪافر ڏنم.

-6 ڏس همت حضرت حسين جي پٽ اڪيون اي آسمان،
دل ڪنل دشت بلا ۾ ساقي ڪوثر ڏنم.

-7 پڙ مٿي پوري ڪئي منصور مصري سڀ مراد،
سربسر صورت اللهي سونهن سندس سرور ڏنم.

## پير محمد اشرف شاه
## (1799ع)

پير محمد اشرف شاه سنڌ جي ڪامل بزرگ شاعرن مان هڪڙو هو. سندن آخرين سڪونت گاهه ۽ درگاهه ڪاماره شريف تعلقه ٽنڊه الهيار ۾ آهي.

### ولادت، تعليم ۽ رهڻي ڪهڻي

پير محمد اشرف شاه هجري سنه 2114 مطابق عيسوي سنه 1799ع ۾ ڳوٺ ڪرم خان جمالي تعلقه ٽنڊه باگي ۾ تولد ٿيو هو. سندس والد شريف جو هڪڙو علم دوست بزرگ هو. تنهن سندس تعليم، لاءِ هڪڙو مولوي وهاريو هو، پر هنڪي، جو ڪجيءَ ڪان "علم لدني" جي ذات خدا تعاليٰ بخشي هئي، سو مولوي صاحب جي تعليم تي گهٽو ڌيان ڪين ڏيندو هو. شعر ناهڻ جي ذات به ننڍي هوندي کان عطا ٿيل هيس. هڪڙي ڀيري جڏهن مولوي صاحب پڙهڻ لاءِ مٿس ڪجهه سختي ڪئي، تڏهن هيءَ ڪافي چيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (سر جوڳ)

ميان معلم مون م مار
پڙهڻ پريت ڪان ڪين تو ٿيئي

1- سڪ جنهين سان ٿئي سرسي
سو مون سبق سيکار
مٺي دل جنهين سان جيئي

2- مئي پيالو محبت مد جو
پيتو هوئي ته پيار
جڏو جيءُ جيئي پر پيئي

3- سڪڻ پڙهڻ لڳي ڪين پاڻ م
رويو هنجون رت هار
پيهه پڻ تي ڪوهه جا ڪيئي

4- وار ورق و في انفسڪم
ورق ڪلي پيا وسار
پاڙهه اها سٽ جيڪس پڙهيئي

5- وهو معڪم اينما ڪنتم
اشرف نظر نهار.
رمز ڳجهي سڪ جا نه سکيئي.

انهيءَ ڪافي ٻڌڻ کان پوءِ مولوي صاحب پير محمد غوث کي اچي عرض ڪيو، ته "هن صاحبزادي کي منهنجي تعليم جي ڪا به ضرورت ڪانهي تنهن ڪري مون کي اجازت ملي".

پير محمد اشرف شاه استاد وٽ ظاهري تعليم فقط قرآن شريف ۽ نوري سنڌي (ابوالحسن واري) بابت ورتي هئي.

پير محمد اشرف شاه ننڍي هوندي کان ئي فقيريءَ ۽ خداشناسيءَ جي خيالن وارو هوندو هو. سيد محمد محسن شاه ونجهيري (تعلقه هالا) وارو بزرگ، جنهن سان پير محمد غوث جو گهڻو عقيدتمندانه ۽ دوستانه رستو هوندو هو. تنهنڪي پير محمد اشرف شاه پنهنجو مرشد ڪري مڃيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير محمد اشرف شاه رضا تي راضي رهڻ ۽ صبر ڪرڻ بابت پنهنجي هڪڙي ڪلام ۾ هيئن ٿو فرمائي:

## ڪافي (سر ڪنيات)

مچ عاشق اتون بر سر جيڪا رب جي رضا

1- ٿي شاڪر ڪر شڪر جا ٻٽي سا ٻٽي
سا سپاٽي حق جي واحد ڪي ُوٽي.
رهه سدائين خوشتر ماڻ صبر جا مزا
مچ عاشق ...

2- جا ٿيٺي سا ٿيندي جي ڪلين جي روئين
محبوبن ڪي معلوم چا چيو ٿو چوئين
ڪين ٽري ڪنهن پر جا قادر قضا
مچ عاشق ...

3- انگ اصل ڪان لکيو پارڻ سوئي پيو
ڪوهه ڪجين ڪوهه ڪريين ڏيهه ڪي ڏوهه ڏيو
درد گهنج دل اندر سڪ جي لهندؤن سزا
مچ عاشق ...

4- اشرف روز ازل ڪان ٿيو "جف القلم"
ٿيءُ رضا تي راضي ڪوڙي قابو قدم
آگو پاڻ اپر ڏيندءِ خير جزا
مچ عاشق ...

## پير اشرف شاهه جو ڪلام

پير اشرف شاهه جو ڪلام نج سنڌي ڪلام آهي. ان ۾ نج ۽ پراڻا سنڌي لفظ بي شمار ڪم آيل آهن. جن مان گهڻا ٽتا اڄ ڪلهه جي رواجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ئي ڪين اچن ٿا. مگر انهن مان گهڻا لفظ لاڙ جي ٻهراڙين ۾ عام طرح گفتگو ۾ ڪم ايندا آهن.

پير صاحب جي ساري ڪلام (مولودن، ڪافين، مداحن خواه ڏوهيڙن) ۾ حرفي تجنيس اهڙيائي نزاڪت ڀري آهي جهڙي جهونن بزرگ شاعرن جهڙوڪ شاه ڪريم، شاه ڀٽائي، شاه عنايت، جي ڪلامن ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فصاحت ۽ بلاغت سليس ۽ سنئين سنواتي ٻوليءَ ۾ چيل ڪلام جو قدرتي ڏاج آهي، ان جي اصولن ڪم آڻڻ لاءِ شاعر کي ڪوشش ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ڪانه ٿي ٿئي. تنهنڪري پير صاحب جي نج سنڌي ڪلام ۾ تشبيهون، استعارا، مجاز، ڪنايا ۽ صنعتون چڱيءَ طرح سمايل آهن.

پير صاحب جو سمورو ڪلام هاٿوڪي سجاده نشين پير ميان حاجي خان محمد صاحب سنه 1914ع ۾ ليٿو ۾ ڇاپايو هو، جنهنجون ڪاپيون هينئر شايد ڪمياب هجن.

انهيءَ رسالي مان پير صاحب جا ڪي ڪلام نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

## مولود شريف (سر معذوري)

قاصد ڇئج ادا سيڪا منهنجي صدا

ميــر مـدينـي جي جــام کي

-1 ســڪڻ ســوراخـا ڪيـا سـيـد سـرمـدا

-2 سـرور پنهنجي سـاٿ سـان ڪريو گڏ گـدا

-3 واريو واءُ وصل جــو ڪيس فــراق فــدا

-4 ڪريـان قـرباني جندڙو مـشـفق آن مـهندا

-5 پـڇـج ڪي پـازي ڪي اڇي احــمـــدا

-6 الله لڳ اشــرف ڇـوي جــاني تـڻ م جـدا.

## (3) ڪافي (سر بلاول)

(عشق ڏاران عبادتون بيڪار)

عشق ڇاڻج تون امام - ٻيو ڇڏ ڪوڙ ڪمام

-1 رسم ريا جا نقل نمازون ايءُ نـه آهي اسلام

-2 ورد وظيفو تسبيح مصلو نينهن بنا ناڪام

-3 شــوق شــهـود جي ســرڪ سـاقي ڪــان

پي ٿي مست مدام

-4 اشــرف پيــر مــغـــان توکي مـئي جـو

جال پياري جام.

## ڪافي (سر اڄوڳ)

(لباسي فقير ڪي چينب)

نفع ضرر جي خبر رکين تو
بندگي ويلي بي خبري
ويس ڏکيو تو هنر هلائين
عين اهائي بي خبري

-1 ڪامل بزرگ نيڪ کهاٽين
نگم نڳيءَ جا ناهه نهائين
لوڪ اڳيان لس لڙڪ وهائين
اثر نہ آهي اي بي اثري

-2 نفس جي غرض جي تو تمنا ڪي
عالم ليکي استغراقي
يار وساري تيئڙين يا ڪي
ذرو نہ وسر ئي سيم زري

-3 دوست وساريو تين ديوانا
دام بنديو دزد پڙهن دگانا
يار حقيقي بنان يارانا
ڪرڻ سراسر بي ثمري

-4 ويئي جواني آئي پيري
ظاهر تيا عنوان ظهيري
ريش سفيد احوال صغيري
اجا تہ توکي بي فڪري

-5 هي هي عمر وڃايئي هاريا
بلڪل سمجهين ڪين سنواريا
نفس ڪميني جي ڪم ڪاريا
ڪري ستار نہ بي ستري

-6 اشرف عاشق نام سڏائين
پئسا پانديون ڪيو چڏائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـوءِ وريـو ڪـئـن پـانُ پـڏائـين
صــبــر اچــئي ڇــڏ بي صــبــري.

## ڪافي (سر بروو)

(ڪوڙا لاڳايا ڦتا ڪر)

تـون تــہ دانـهـن ڪـري اڻــي پـج
هت اڳــئي ســـرتين ســور پرايا

1- ڇـــــڏ اڙانـگـا ڪوڙا ســــانـگا
پـــــج پــــيــــلـــــي ٿــــي رج
ان ڦــيـــر هـئـڻ جي ڪـئين ڦــيـــرايا.

2- ويــر وڏا هـــن ويــر لـــڙاهـــايـــا
هيـــــئن م حـــــــرص ۾ هَــج
ان ڪن ڪپـــر ڪـوڙئين ڪيـــرايا

3- ڪوڙي ڦــيـل مـــقـــال اجـــائي
پـڳـل گـــهـــــڙي جـــئـن م وج
ان جـيـڏڪ نـفـاق هزارين جـيــرايا

4- اشـــرف غـيـــر گـــمـــان وجـائي
پـــريـــن ســــــان نـــــا پـــهـــج
توتـان ناحق اجـــايا ٿـــيڻ هيــــرايا.

# حضرت پير رشدالله

## (1860ع)

هي بزرگ پير رشيدالدين جو ٻيو نمبر فرزند ۽ جاءِ نشين هو. هيءُ بزرگ جهڙو هو خدا شناس درويش، تهڙو هو علم جو بحر ۽ شريعت جو پابند مجاهد ۽ اهڙوئي هو پارسي ۽ سنڌي زبان جو ڪامل شاعر.

هي صاحب هجري 1277 (1860ع) ۾ تولد ٿيو هو. سندس تعليم لاءِ سندس والد بزرگوار وڏا وڏا عالم گهرائي پاڻ وٽ رهايا هئا. پير ميان رشيد الله کي سجاده نشين ٿيڻ بعد "خلافت ڏٿي" سڏيندا هئا. ڇاڪاڻ جو هو بزرگ پاڻ کي پنهنجن وڏن بزرگن جو خليفو چوائيندو هو ۽ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصنيف ڪيل ڪتاب ”ارشاد المريدين وهدايه المتقين“ سنڌيءَ ۾ هن ڳالهه ڪي قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن سان ثابت ڪيو اٿس، ته هرهڪ عالم ۽ عارف تي فرض آهي ته اسلام ۽ مسلمانن جي ديني ۽ دنيوي سڌاري لاءِ پاڻ کي حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلواة و السلام جنجي سچن خليفن جو خليفو ڪري سمجهي ۽ ائين عملي زندگي گذاري. ازانسواءِ ”تحريڪ خلافت“ جي زماني ۾ به هن بزرگ جيڪا عملي سرجوشي چپ چاپ ۾ ڏيکاري هئي، اهڙي ان وقت جي ٻئي ڪنهن به سجاده نشين نه ڏيکاري هوندي.

هن بزرگ پنهنجي والد واري عهدنامي تي نئين سر مريدن کان بيعت ورتي. بمبئي ۽ ٻين ڏورانهن شهرن جيِ مريدن کي بيعت وٺڻ لاءِ پنهنجا خاص خليفا مقرر ڪيائين.

## علمي ذوق شوق ۽ خدمت

پير ميان رشد الله علمي ۽ علمي ذوق شوق ۽ تعليمي خدمت بجاءِ آڻڻ ۾ سنڌ جي سڀني سجاده نشينن جو نڪ تي گذريو آهي. پارسي ۽ عربي علم جي تحصيل ڪرڻ بعد هن ڪتابن گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جا قديم شهر، جي ڪهڙي زماني کان وٺي علم جو مرڪز هئا، جهڙوڪ سيوهڻ، ٺٽو، هالا پراڻا، مٽياري، پاٽ، دربيلو وغيره وغيره تن مان هرهڪ شهر جي هرهڪ علم دوست خاندان جا ڪتب خانا ناٽي سان يا پلائي ٿوري سان آڻي پاڻ وٽ گڏ ڪيائين، نه رڳو ايترو بلڪ هزارها رپيا خرچ ڪري مڪي معظم، مدينه منوره، القاهره (مصر) جي ڪتب خانن مان عجيب عجيب ڪتاب نقل ڪرائي پنهنجي هٿ ڪيائين. حيدرآباد دکن ۽ ڀوپال رياستن جي ڪتب خانن مان ناياب ڪتابن نقل ڪرائڻ تي هزارها روپيا خرچ ڪيائين. جيتوڻيڪ سندس رحلت کان پوءِ سندس پس ماندن جي وچ ۾ تڪرار ٿيڻ ڪري سندس ڪتب خانو ڪهڙي قدر هيٺ مٿي ٿي ويو آهي، ته به هن وقت سندس هاڻوڪي سجاده نشين پير ميان ضياالدين صاحب جي قبضي ۾ جيڪو ڪتب خانو وڃي بچيو آهي، تنهن ۾ سترهن وڏا ڪٻٽ آهن، جي ڪتابن سان سٿيا پيا آهن، جن ۾ هر علم ۽ هر فن جا ڪتاب (ڇاپيل خواه هٿ لکيل) سلسلي وار قطارن ۾ موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير رشدالله ايترن سارن ڪتابن ڪي رڳو ڪتب خاني جي سونهن ڪريو نہ رکيو وينو هوندو. پر راتِ ڏينهن ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ ۾ مشغول هوندو هو. نہ رڳو ڪتاب مطالعہ پيو ڪندو هو، پر حاصل ڪيل واقفيت کي تصنيف جي صورت ۾ آڻيندو هو. پير صاحب عربي، پارسي ۽ سنڌي ۾ ڪل ستر کن ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، جن مان تمام ڪي ٿورڙا ڪتاب هن وقت تائين ڇاپجي پڌرا ٿيا آهن، ٻيا اڃا دستخط حالت ۾ ئي ڪتبخاني ۾ موجود رکيا آهن. ڪيترائي ننڍا نهايت عمدي هدايت وارا ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڇاپايائون، جن تي عمل ڪرڻ ڪري ڪتاب پڙهندڙن چڱو ديني ۽ دنيوي فائدو حاصل ڪيو آهي؛ جهڙوڪ ڪتاب (ارشاد المريدين و هدايه المتقين) (مريدن لاءِ رهنمائي ۽ خدا ترسن لاءِ هدايت)، "الفارقه بين اهل الله و بين المارقه" (خداشناس ۽ گمراهن جي وچ ۾ تفاوت سمجهائيندڙ).

پير صاحب نہ رڳو پاڻ تصنيف ڪرڻ ۾ رڌل هوندو هو؛ پر وٽس رهندڙ مولوين کان بہ جدا تصنيفون ڪرائيندو هو ۽ اهي انهن مولوين جي ئي نالي سان شايع ڪرائيندو هو. انهن مولوين ۾ سندن استاد مولوي فتح محمد بن حاجي عبدالله بن حاجي غلام علي بن خدا بخش بن غلام علي بن قيصر خان نظاماڻي (ٽنڊہ قيصر شهر جو باني) برک هوندو هو. مولوي عبدالله ۽ مولوي محمد اسماعيل وغيرہ تصنيفات ۾ ان سان شامل رهندا هئا. انهن مولوين جا ناهيل عربي، پارسي ۽ سنڌي ڪتاب بہ اڃا ڪتبخاني ۾ دستخط رکيا آهن.

پير ميان رشدالله سجاده نشين ٿيڻ کان بہ سال پوءِ سندس والد واري "مڪتب قرآن" کي وڏائي مدرسو ڪيو، جنهن ۾ وڏي پيماني تي پارسي ۽ عربي تعليم ڏني ويندي هئي ۽ پري پري جا طالب علم اتي تعليم اچيو حاصل ڪندا هئا. اڍائي سئو کن طالبعلم ان مدرسي ۾ تعليم وٺندا هئا ۽ مدرسي جو ماهوار خرچ ٻارهن سئو روپيا هوندو هو. مدرسي جو نالو "دارلرشاد" (رهنمائي جو گهر) هو ۽ شروعات (هجري 1319) (عيسوي 1901) کان وٺي سانده ڏهہ سال هن مدرسي جو هيڊ معلم مولوي عبيدالله صاحب هو. جنهنجي زنده دلي ۽ حريت پسندي نہ رڳو سنڌ ۽ هندستان ۾ بلڪ پري پري مشهور آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پير ميان رشد الله جو ڪلام

پير صاحب جن جو پارسي ۽ سنڌي موزون ڪلام خواه ڪافيون ۽ مولود شريف توڙي ڏوهيڙا وڏي ڪتاب جي صورت ۾ موجود آهن، جو ڪتاب اجا اڻ ڇاپيل آهي.

شاه صاحب پارسي غزليات ۾ پنهنجو تخلص "اواهہ" (نماڻو) ڪم آندو آهي، باقي سنڌي غزلن، ڪافين، مولودن ۽ ڏوهيڙن ۾ پنهنجو اصلوڪو نالو رشدالله ڪم آندو اٿن.

پير صاحب جن جو سمورو ڪلام سندن وارث جيڪڏهن ڪنهن ادبي سوسائٽي جي حوالي ڪن، تہ هوند سنڌي ادب ۾ نمايان اضافو ٿي پوي. اسين پير صاحب جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏيون ٿا:

### غزل پارسي

منم خريده غلام تو يا رسول الله
بگوش حلقه لا م تو يا رسول الله
نشسته مستعدم از طواف فرقد تو
بانتظار پيام تو يا رسول الله
بده مرا بجوار مزار تو منزل
بحق آل ڪرام تو يا رسول الله
بہ پيش رضئہ پاڪت ڪنم بعجزو نياز
درود و ورد و سلام تو يا رسول الله
مرا بحق ڪہ پس از ذڪر نام او ديگر
پسند نيست زنام تو يا رسول الله
بخاطر اين ست تمناڪ ريش را جاروب
ڪنم بصحن منام تو يا رسول الله
براءِ ديده ڪنم توتيا زته خاطر
زخاڪ گاهہ حرام تو يا رسول الله
دريين ديار پر از فتن بنده اواه
گزيد انس ڪلام تو يا رسول الله.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پير رشيدالدين

پير ميان فضل الله شاه جهنڊي واري کان پوءِ سندس پاءُ پير رشيدالدين گاديءَ تي ويٺو. جنهن کي خدا تعاليٰ اعليٰ روحانيت سان گڏ شاعريءَ جي ڏات به بخشي هئي. هن صاحب کي "بيعت ڏٺي" به چوندا هئا. ڇاڪاڻ جو هن صاحب پنهنجن سڀني مريدن کان هڪڙي عهدنامي تي عمل ڪرڻ لاءِ بيعت (انجام) ورتي هئي.

انهن اوڻتيهن شرطن جي سمجهاڻي قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن سان تفصيلوار ڪتاب جي صورت ۾ تيار ٿيل آهي. جو ڪتاب پير صاحب جي فرزند پير ميان رشيد الله هجري سنه 1303 (1219ع) ۾ ڇاپايو هو ۽ ان ڪتاب جو نالو "بيعت نامو" رکيو هو. انهيءَ بيعت جو پير صاحب جي مريدن تي تمام چڱو اثر ٿيو هو.

پير ميان رشيد الدين پنهنجي ڳوٺ ۾ قرآن شريف جي تعليم جو وڏو مڪتب جاري ڪرايو. جنهن ۾ شاگردن کي قرآن شريف بر زبان ياد ڪرايو ويندو هو ۽ ڪيترائي پرديسي شاگرد اتي تعليم وٺندا هئا. ان وقت جا ڪيترائي حافظ سنڌ ۾ پکڙيل آهن.

پير ميان رشيدالله نهايت سادگي پسند بزرگ هو. هميشه ڪاري ڪتي، ڏکيو اڄو پهراڻ، هلڪي ڪانچ، هلڪو پٽڪو، سنڌي جتي سندن لباس هوندو هو. هڪڙي ڀيري سندس وڏي فرزند پير حامد شاه قميص پاتي هئي ته ان کي ٽوڪي اها قميص لاهرائي ڇڏيائون.

## پير رشيدالدين جو ڪلام

پير رشيدالدين جيئن اعلي درجي جا درويش بزرگ هئا. تئين سندن ڪلام به اعليٰ درجي جو ۽ حقيقي عشق، پيغمبر ڪريم صلعم جن جي حد محبت ۽ روحاني نڪتن ۽ نصيحتن سان ڀرپور آهي. سندن سمورو ڪلام صاف سنڌي ۾ آهي: ساروئي ڪلام "علم عروض" جي اصولن تي نه، پر "علم موسيقي" جي اصول تي ٺهيل آهي. يعني ڏوهيڙا، مولود شريف ۽ ڪافيون آهن. ڪن ڪلامن ۾ پنهنجو سچو نالو رشيدالدين ڪم آندو اٿن ۽ ڪن ۾ تخلص طور "سيد" نالو ڪم آندو اٿن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو سمورو ڪلام "مجموعه ڪافين جو" جي ناللي سان هجري سنہ 1329 (سنہ 1911ع) ۾ پير صاحب جن جي خاص مريد سيٺ حاجي احمد پاتولي ساڪن ٻڙ فقيرو شهر حيدرآباد سنڌ پنهنجي خرچ سان ڇاپائي بنا قيمت ورهايو هو. هن وقت اهو ڪتاب ڪنهن ورلي هنڌان هٿ اچي سگهندو. جيڪڏهن هن وقت اهو ڪلام سڌريل ٽائيپ ۾ ڇاپايو وڃي، تہ جيڪر نج سنڌي ڪلام جي نسخي جو سنڌي ادب ۾ اضافو ٿي پوي.

اسين پير صاحب جي ڪلامن مان نموني طور ٿورا ڪلام هت ڏيون ٿا:

(1) **ڏوهيڙو:**

بقا با الله جي بحر ۾ ڇوها ڇڏيائون
رحمئون رشيد چوي وڃي لنڪا لنگهيائون
سي تڙ سونائون، جت ناهي جاءِ جهاز جي."

(2) **ڪافي:**

بيرنگ رنگ وچ آيا - سيل ڪرڻ دي ڪاڻ

-1 آک "يسعني" ڪيتس احساني،
صورت وچ سمايا

-2 "آنا اعـــــرف" دا آپ الاهي،
هرجا حڪم هلايا

-3 ڪوڙين عـــاشق ڪرن الاهين
"رب ارني" رک رايا

-4 ويک سيد سائين رمز سڻيندي
چال چاڪان دي چلايا.

(3) **ڪافي:**

پورن ڪيـــڙيس پارا - هلي آءُ هوت پيـــارا

-1 نہ اٿم حـال هلڻ جـو مـوتج مـحب مـوچـارا
-2 ڍوليـا مـوتج ڍٽ جـا سـوڌا سـخن سـچـارا
-3 سختي وات سمبر جي گهيڙ گهٽيون آهن گهارا
-4 رحمتون رشيدالدين چوي سيد لهج سنيارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) **مولود شريف:**

مير مڪي مهندار اي جي مولي جا مختار
مرسل منهن ڏيکاريو

1- سرور تنهنجي سڪ ڪان الا جڙيا سڀ جنسار
ربوبيت رب ڪئي آهي اوهان لئي اظهار
مرسل منهن ڏيکاريو. الا مير مڪي مهندار.

2- آگي عرش اُٺايو اُن کي پريم سان پيزار
مولا جو محبوب تون الا درس تئين دلدار
مرسل منهن ڏيکاريو --- ---

3- عاصي عاجز آهيان الا احمد تو آڌار
سائين ڪارڻ سيدا منهنجو غور ڪيو غمتار
مرسل منهن ڏيکاريو --- ---

4- رحمئون رشيدالدين چئي منهنجو دست ونو دلدار
عاجز عصيانن ۾ آهيان شافع ري شمار.
مرسل منهن ڏيکاريو --- ---

پير صاحب جن جي ڪلام جي مجموعه ۾ ٻه سو نو ڪافيون ۽ مولود، ڏهه ڏوهيڙا، چار لوليون ۽ هڪ چلو آهي. هتي ڏيکاريل نمونو ڀڪ مشت نمونو ضرور ڄاڻڻ گهرجي.

# صوفي آسورام (هالا پراڻا)

## (1824ع)

ماستر آسومل عرف صوفي آسورام ساڪن هالا پراڻا هڪڙو درويشن جو نوازبل ۽ علم وارو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

**ولادت ۽ نندپڻ:**

ماستر آسومل تاريخ 21 مهني اسو سنبت 1910 (1824ع) ۾ ڄائو هو. اصل نالو آسومل هوس، پر پينشن وٺڻ ۽ فقيراڻي ويس ڍڪڻ کان پوءِ صوفي آسورام يا ساڌو آسورام سڏيندا هئس.

ساڌو آسورام جي پاڙي ۾ هڪڙو خدا پرست معذور درويش سيد فقير علي شاهه نالي رهندو هو. جو معذور هوندي به اعليٰ درجي جو نبض شناس ۽ حاذق حڪيم هوندو هو. وٽس بيمارن جا سدائين ميڙ لڳا پيا هئا ۽ ڪيترائي نوجوان خواه ٻوڪر وٽس دوائن سنڀ ڪڻڻ جو ڪم پيا ڪندا هئا ۽ طبابت جي تعليم پيا حاصل ڪندا هئا. ساڌو آسورام اسڪول جي تعليم وٺڻ واري زماني ۾ ان سيد جي حاضري به پيو ڀريندو هو ۽ دوائن جي سڃاڻپ ۽ نبض شناسي جي تعليم به پيو وٺندو هو. ساڌو آسورام کي تصوف جو شروعاتي اثر به اتان حاصل ٿيو. هڪڙي پاسي ڌرم شاسترن جو مطالعو، ٻئي پاسي آخونداڻي تعليم جو اثر. ٽئين پاسي تصوف جي مضمون وارن پارسي ڪتابن جو مطالعو ۽ چوٿين پاسي سيد فقير علي شاه جهڙي خدا آگاه درويش جي صحبت جو اثر انهن ڳالهين ساڌو آسورام جي دل کي سچي مذهب جي واٽ هٿ ڪرڻ لاءِ بي قرار ڪيو. اجا ڳڀرٽ جوان هو، ته مجازي عشق جي لپيٽ ۾ لڳي ويس. پر مائٽ سڪيا آسودا هئس، تن ترت شادي ڪرايس، جنهنڪري مجازي عشق ۾ گمراه ٿيڻ جي بدران وري سنئين رستي تي اچي ويو.

ويهن ورهين جي عمر اندر ساڌو آسورام سڄو قران شريف به پڙهيو ۽ انجيل به مطالع ڪيائين مگر ڪو ڪامل رهنماءُ ڪونه ٿي هٿ آيس، جو هن جي حق ڳوليندڙ روح کي هڪ ٽڪاڻي ڪري. انهيءَ وهيءَ ۾ هو حيدرآباد جي نارمل اسڪول ۾ ماستريءَ جي تعليم وٺڻ ويو ۽ اتان ڪاميابيءَ سان پاس ٿي نصرپور جي اسڪول ۾ ماستر مقرر ٿي ويو. اتي سيد مصري شاه جي صحبت مان هنکي چڱو فيض ۽ قرار حاصل ٿيو. جنهنجو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو اٿس. اتان وري جهوڪ شريف جي واقفيت مليس. پوءِ جئن جهوڪ شريف وارن صوفي درويشن سان وڃي صحبتي ٿيو. تئن سڀ اندر جا مونجهارا لهي ويس ۽ جهڙو سالڪ صوفي ڇئجي، تهڙو بڻجي پيو توڙ تائين انهيءَ قدم تي قائم رهيو.

## صوفي آسورام جو ڪلام

سنڌ جي شاعرن ۽ شمس العماءِ مرزا قليچ بيگ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به شاعر جو ايترو گهڻو ڪلام ڪتابي صورت ۾ موجود نه آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيترو صوفي آسورام جو آهي. صوفي آسورام جي ڪلام جا ٽي وڏا ڪتاب موجود آهن:-

1- ديوان آسو 2- رسالہ آسو 3- پريم غنچہ

انهن مان "ديوان آسو" 1897ع ۾ لکي تيار ڪيو هئائين ۽ سندس ئي حياتيءَ ۾ ڇاپجي چڪو آهي، جو مسٽر ويڙهي مل ڪتڻ مل پبلشر بڪسيلر لاڙڪاڻہ واري ڇاپي پڌرو ڪيو آهي ۽ باقي ٻہ ڪتاب اڃا صوفي آسورام جا هٿ لکيل سندس وارثن وٽ موجود آهن.

## صوفي آسورام جي ڪلام جي عبارت ۽ مضمون

### 1- ٻولي

ٻوليءَ جي لحاظ سان صوفي آسورام جي سموري ڪلام کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪڙو اهو ڪلام اٿس جنهن ۾ يوگ وديا ۽ ويدانت سان خاص تعلق رکندڙ اهڙا ڏکيا سنسڪرت لفظ ڪم آندا اٿس جنجي معنيٰ کو بہ مسلمان تہ سمجهي نہ سگهندو، پر سيڪو هندو بہ کنهن "ڪوش" يا "ڊڪشنري" کولڻ ڌاران معلوم ڪري نہ سگهندو، ٻڻ تصوف سان خاص تعلق رکندڙ ۽ ٻيا اهڙا ڏکيا عربي لفظ ڪم آندا اٿس جنجي معنيٰ کو بہ هندو تہ سمجهي ڪونہ سگهندو، پر سيڪو مسلمان بہ کنهن "لغت" اٿلائڻ ڌاران پروڙي نہ سگهندو.

مثال (1)

"جي پائين ملان محب کي تہ من ۾ رک محبت
من، پڌ، چت، اهنڪار ڇڏي ناداني نخوت
خناس، نفس، شيطان جي لڳي قلب ۾ ڪلفت
نفس آماره جي من مان وڃائج وسعت
چار ساڌن گيان سين سچي رک صحبت."

**مضمون:**

صوفي آسورام جي سموري ڪلام جو مضمون اهڙو اعليٰ ۽ دلچسپ آهي، جنهنجي تعريف جيتري ڪجي اوتري ٿوري آهي.

"رسالہ آسو" ڀاڱي ڀهرئين جي هرهڪ سر جو مضمون شاه جي رسالي جي ساڳئي نالي وارن سرن جي مضمون سان لڳ ڀڳ رکيو اٿس. فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سر ڏناسري" ۽ "سر بسنت" جي مضمونن ۾ هي تفاوت رکيو اٿس، جو شاه صاحب سر ڏناسري ۾ حضرت مديني جي مير عليه الصلاة و السلام کي صدائون هنيون آهن ۽ صوفي آسورام حضرت مديني جي مير کي صدائن سان گڏ حضرت جيلاني بادشاه ۽ پنهنجن بزرگ مرشدن کي به صدائون هنيون آهن.

"سر بسنت" ۾ شاه صاحب ديس جي حالتن موافق بهار جي موسم جا قدرتي نظارا بيان ڪيا آهن ۽ صوفي آسورام صاحب بهاري موسم جي قدرتي نظارن جي بيان سان گڏ هوري کيلڻ، گلال ڇنڪارڻ کي به روحاني رنگ ۾ ڳايو آهي.

"رسالو آسو" جي پهرئين ڀاڱي ڪانسواءِ ٻيو جيڪو به صوفي آسورام جو ڪلام آهي، تنهن ۾ هيٺين مضمونن کي جدا جدا لفظن، طرزن ۽ جدا جدا رنگن ۾ وري وري ٻيو ڳايو اٿس:

(1) خدا تعاليٰ جي هيڪڙائيءَ ۾ ويساه ۽ بت پرستي خواه مخلوق پرستيءَ تي ڏکار.

(2) خدا تعاليٰ سان سچو عشق رکڻ ۽ دنيا جا فرض ٻاهرين اکرين پورا ڪرڻ.

(3) مرشد ضرور ونڻ ۽ مرشد جي هدايتن موجب هلڻ.

(4) دنيا جي فنائي ۽ روح ۽ رب جي تعلق جو دائمي بقاءُ.

(5) يوگ وديا، ويدانت ۽ تصوف جي ٻيٺ ۽ سڀني مذهبن جو مقصد ساڳيو سمجهڻ"

(6) فقيريءَ سان تعلق رکندڙ هدايتون ۽ نصيحتون.

هت فقط نموني خاطر صوفي آسورام جي ڪلامن مان ٿورڙا چٽڪا ڏيون ٿا.

**(1) خدا تعاليٰ جي هيڪڙائي**

**پچن (سر شام ڪلياڻ)**

ڏين ڪفـــر سب ڇـــوڙ ســـيـــاڻا
صـــــاحب سڀ تي نيـــــارا

1- الڳ الله هڪـــڙو ٿي آهي ســـو قـــادر ڪلتـــارا
پاڻ ۾ پاڻ کي ڏس پيـــهي ڪـــولي اندر جـــا تارا
2- هرجـا حـاضـر آهي ڏس تون "ونحن اقـرب" اشـارا
باقي بقـا تنهن پاڻ ڏٺي کي بيـا فـاني جڳ سـارا
3- لا ابالي سـرڪار تنهين جي ڪنبندو رهج هوشـيـارا
ڪنهنکي کهائي ڪنهنکي نوازي عجب سندس اسرارا
4- "آسـو" قلب اجـارج سچ سـان بيـا ڪر دور خسـارا
"لا" جـو ترهـو ڪڻ تون سنگي بيـا ناهن ڪي چـارا.

(پريم غنچو)

## پٽڙ نہ پوڄ

## پچن (سر جوڳ)

مـــول چـــڏي جـــو پڪـــڙي ڏاري
تنهن جي ســـٽ گم ٿـــئي ســـاري.

1- ڏٺي نہ ســوجـهي پٽـر کي پوجي
اندر تنهنجي انڌ انڌاري ......

2- "الف" بنان بيـــا اکـــر اجـــايا
"آسو" سٽ سا آهي ساري......

## رسالہ آسو ياڳي پهرين مان بہ تي ڏوهيڙا

1- سو تيو اثبات - جڏهن هيءَ تـيو گم هن ۾.
نڪـا دوزخ بهـشت جي حـورن سندي تات.
ويئي ذات ۽ بات - آســو انهن جســن مـــان.

(يمن ڪلياڻ)

2- بـل بيـــــڙيءَ چـــــڏيو ڏنگو بيس ڏنگو.
آلات الڙي آســـو چـــوي ڍيري ٿـــيـــو ڍنگو.
شـــال م ٿـــئي ونگو - قـــرهو هن قـــتل جـــو.

(سر راڳ)

3- رکـيــو شـاه عنايت الله هادي سنڌ تي هٿ،
اڏائـو آڪـاس ۾ جنهنجـــو روحي رٿ،
ملي وڏي وٿ - آسـوءَ کي احـسـان سـان.

4- غـوث اعظم اوليـا آهي عـبـدالقـادر،
دادلو درگـاه جـو مـانجـهي منور،
جنهن کـان طريقـو قـادري سـربسـتـو صـادر،
واهر ڪندو ور - اوکيءَ ۾ آسـو چـوي.

5- اهـل الله اولـيـا آهـي عـبـدالـمـلـڪ،
جنهنجـو بنهي جهانن ۾ جهومر جهلي جهلڪ،
تنهنکي نمي فلڪ - سوپيا رسايئين سنڌ کي.

(سر ڌناسري)

## "ديوان آسو" مان ڪي نظم

### مٺو ٻول

ٻول جـو ٻولين مـڪـان سـو ٻول سڀ،
ڪينڪي آکج ڪڙهن منهن سـانءُ ڪـپ
ملڪ گـيـري ٿـا ڇـون شـيـرين زبان،
ٻاٻري ڪاندي ڪنڍي جـڻ ڪيـم چپ.
ٿـاهـ ڪـو ويري جي من سـبـتـل هجي،
ٻوءِ ويريءَ جي فـڪـر ۾ ڪيم ڏپ.
پـاڻ جي آهـي پـلـو تـان جـڳ پـلـو؛
دل و جـان سـان منجـهـہ ٻر اپڪـار رپ.
ري فـضـل آگي جي آسـو ناه نيت:
ڪـٿـن ٻوي اڳـڙي جي ڦـاتي پيـوءِ اپ.

(غزل 14)

### صلاح وٺ

پاڻ ڏاهو جي هجين تہ بہ نيڪ وٺ ٻئي کـان صـلاح
چـو تـہ ڪم پورو ٿـيـئڻ ڏاڍو ڏکـيـو ڏاران صـلاح.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهہ وڇوڙي يار جي هو بت اسانجو بيقرار
دل گهٽيون ڏانهون ڪيون ٿي ننڊ نيڻن جي حرام
يار مفتون ڏي ڏسو مرڪي هميشه دمبدم
ڪانہ ٿس بي هير محبت آ غلامن جو غلام.

سندن تخلص ”مفتون“ هو. سندن شعر جي رواني ۽ جوش الفت جي جدت هيٺئين مشهور شعر مان سچ وانگر پيئي بکي.

1- تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا،
زندان هزارين مان نہ رڳو.

2- تنهنجي جلوه جمال جي عشوه گري
ٿيا ملڪ مطيع وسيع وري
ڇا جن و ملائڪ حور پري
دربان هزارين مان نہ رڳو.

3- ڪيئي گهايل تنهنجي گهور سندا
مخمور غفور مسرور سندا
تنهنجي نور حضور ظهور سندا
نگران هزارين مان نہ رڳو.

4- ڪيئي ابرو تيغ شهيد ڪيا
ڪيئي ناز مز مريد ڪيا
ري ناٽي ديد خريد ڪيا
سلطان هزارين مان نہ رڳو.

5- ماه لقا محبوب مٺا
تنهنجي ناز ادا تان جان فدا
ٿيا دامن گير امير و گدا
حيران هزارين مان نہ رڳو.

6- دلبر پيا نور نظر
مسرور عالم مفتون سير
ٿيا توتان تارا شمس و قمر
قربان هزارين مان نہ رڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ جو آفتاب ادب

# شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ

(از مولانا حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي)

سنڌ جي ملڪ ادب جو تاج ور مرزا قليچ
بحر معنيٰ جو عجب در و گهرمرزا قليچ
صاحب علم و عمل ۽ صاحب فضل و ڪمال
صاحب خلق نبي هو سر بسر مرزا قليچ
عالمن جو شمس هو ۽ هو سيوطي سنڌ جو
صاحب تصنيف ذي شان اثر مرزا قليچ
صالح و مصلح هو ۽ هو صلح ڪل هردلعزيز
عابد و زاهد هو ۽ هو راهبر مرزا قليچ
صورت و سيرت ۾ الحق بي مثال و بي نظير
هو بزرگ وقت ۽ والا گهر مرزا قليچ
عمر جو هو پير سال ۽ همت و دل جو جوان
پارسا پرهيزگار و پر هنر مرزا قليچ
سنڌ جو منهن ڪيئين متي تصنيف ۽ تاليف سان
سنڌ ۾ ساهت جي گهر جو کوليو در مرزا قليچ
عمر ساري صرف ڪيائين علم جي خدمت ۾ واه
سنڌ ۾ ساهت وڌايو خوبتر مرزا قليچ
هوا سندس اڏو ستارا سنڌ جا ساهت نويس
آسمان سنڌ جو شمس و قمر مرزا قليچ
هئي سنديس ڪڪ و قلم ۾ واه جا قدرت رکيل
هو وهائيندو قلم شام و سحر مرزا قليچ
سنڌي ساهت تي سندس احسان آهن بيشمار
جي ابو هو ڪو ادب جو، هو مگر مرزا قليچ
علم جا آثار تيا مرحوم جي اڄ يادگار
زنده جاويد آهي ۽ امر مرزا قليچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خنده رو فرخنده خو خوش طبع خوشدل خوش مزاج
نيڪ فال و خوش خصال و خوش سير مرزا قليچ.
محسن و مشفق هو سيني تي ۽ هو منصف مزاج
صاف دل صوفي مزاج و صافتر مرزاق قليچ.
رحمتون رب جون هجن شل روح تي ان جي سدا
شال ماڻي لطف سان جنت ۾ گهر مرزا قليچ.

سنڌ جي قديم خواه جديد اديبن ۾ مرزا جو درجو ممتاز آهي. جيتري سنڌي ادبي خدمت هن صاحب ڪئي آهي، اوتري ڪنهن به ٻئي نه گذريل زماني ۾ ڪئي آهي ۽ نه هلندڙ زماني ۾. هو سنڌي نثر جو علم بردار آهي. هن کان اڳ ۾ ننديرام، ڪيولرام، ڪوڙي مل سنڌيءَ ۾ بامحاوره ڪتاب جدا جدا مضمونن تي لکيا، پر جنهن تيزي ۽ روانيءَ سان مرزا صاحب سنڌي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا تن جو اندازو اهو ڪري سگهندو جنهن اهي ڪتاب نظر مان ڪڍيا هوندا. ناٽڪ ۽ ناول نويسي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. مشهور ناٽڪ نويس شڪسپير جا ڪيترا ڊراما ترجمو ڪري سنڌي ادب جي ڪوٺ جي پوءِ واري ڪيائين. ناٽڪ نويسي علم ادب جو هڪ مکيه جزو آهي جنهن ڏانهن اسان جي سنڌي اديبن جو توجه بلڪل گهٽ آهي مرڳو آهيئي ڪون. انهن ناٽڪن ۾ مرزا صاحب پنهنجي شعر سان اصليت به قائم رکي آهي. سنڌي ناولن ۾ زينت بلند پايه جو ناول آهي جنهن جهڙو مثال اڃا سنڌ ۾ ظاهر ٿي ڪونه ٿيو آهي. قصا ڪهاڻيون ته اڪيچار لکيون اٿس جن جو بيان اڳتي ڏنو ويندو. مرزا صاحب ڪيترا ڪتاب ٻئن ٻولين مان ترجمو ڪري سنڌي ادب جو شان بلند ڪيو آهي. جهڙا تاريخ نويسيءَ ۾ ڪتاب لکيا اٿس تهڙا جدا جدا مضمونن ۾ انساني اخلاقن تي تصنيفون مرتب ڪيون اٿس. مطلب ته جهڙي سنڌي ادب کي نثر جي ڪوٺ هئي، اوترو قلم کي جنبش ۾ آڻي سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيو اٿس. ائين به چوڻ جائز آهي ته مرزا جي نثر جي عدم موجودگيءَ ۾ سنڌي نثر هڪ بيجان هستي آهي. مرزا جي تصنيف ايتري گهڻي ۽ بلند پايه جي آهي جو ماڻهو حيرت ۾ پئجو وڃي ته هن صاحب کي پنهنجي منصب کان ايتري فراغت ڪئن ملي جو هيترا گهڻا ڪتاب لکيائين. مرزا صاحب جي خدمت نه رڳو نثر نويسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين محدود آهي، پر آئنده جي نسل لاءِ اها رهنمائي ڪري ويو آهي جنهن جو شڪريه قوم کي هر موقعي تي ڪرڻو پوندو. بي- اي، ايم - اي جي نصاب ۾ سنڌي هجيئي نه ها. جيڪڏهن اهو سنڌ جو علم بردار رهنمائي نه ڪري ها.

مرزا صاحب نه رڳو نثر نويس هو، پر نظم ۾ يگانو هو. شعر جي سڀني شعبن ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس ۽ سندس برابري رڳو سانگي ڪري سگهيو آهي. رباعيات ۾ سنڌ جو عمر خيام آهي. مرثيه گوئي ۾ ثابت علي شاهه کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي. قصيده نويسي ۾ بي مثال شاعر آهي. قاسم قصيده جي شروعات ڪئي، پر قليچ هن جي تڪميل ڪئي.

## شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب

### (1853ع - 1929ع)

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جو ڏاڏو جارجيا ۽ گرجستان (ايشيٽڪ ترڪي) جي گادي طفلس جي آسپاس رهندڙ هڪڙو جاگيردار عيسائي امير هو. ايران ۽ گرجستان جي جنگ ۾ هو عيال سميت جنگي قيدي ٿي ايران ۾ آيو هو. ان جو پٽ مسٽر سدبني جو ان وقت ٻار هو، سو به ساڻس گڏ جنگي قيدي هو. ايران جي هڪڙي جاگيردار سيد مرتضيٰ شاهه، مسٽر سدبني کي پاڻ وٽ پٽيلو ڪري رکيو ۽ کيس مسلمان ڪري مٿس نالو رکيائين فردون بيگ. تن ڏينهن ۾ سنڌ جي حڪومت مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي هٿ ۾ هئي.

سنڌ جا ٽالپر حاڪم جڏهن جڏهن ڪن سرڪاري ڪمن خاطر پنهنجا ايلچي ايران ڏي موڪليندا هئا، تڏهن انهن جي هٿان انسان سهڻا ۽ سلڇڻا ڇوڪر به گهرايو ونندا هئا. جي گرجي جارجين هوندا هئا. ڇاڪاڻ جو اهو ملڪ حسن ۽ سونهن جي ڪري مشهور هوندو هو. اڳي به ڪي گرجي ڇوڪر ٽالپرن وٽ آيل هئا. جهڙوڪ مرزا خسرو بيگ، مرزا محمد باقر بيگ، مرزا قربان علي بيگ ۽ مرزا رستم بيگ. مير ڪرم علي خان جو هڪڙو ايلچي ايران ۾ وڃڻ وقت اصفهان شهر مان سيد مرتضيٰ شاهه کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرزا فريدون بيگ کي، جو اجا ننڍي عمر جو ڇوڪر هو، وٺي آيو ۽ اچي مير ڪرم علي خان جي دربار ۾ پيش ڪيائين. جنهن ان کي پاڻ وٽ پٽيلو ڪري رکيو ۽ مرزا خسرو بيگ جي سنڀال هيٺ ڇڏيائينس، جو ان وقت نوجوان هو. جڏهن مرزا فريدون بيگ وڏو ٿيو، تڏهن مرزا خسرو بيگ پنهنجي ڀياڻيءَ سان شادي ڪرايس. جنهن مان مرزا فريدون بيگ کي ست پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيون. انهن پٽن مان ٽيون نمبر پٽ مرزا قليچ بيگ هو.

ميرن جي صاحبي ٽٽڻ کان پوءِ مرزا فريدون بيگ ٽنڊه ٺوڙهي ۾ وڃي رهيو جتي تاريخ 4 محرم هجري سنه 1270 مطابق سنه 1853ع ۾ مرزا قليچ بيگ تولد ٿيو.

مرزا قليچ بيگ قران شريف، پارسي، عربي ۽ سنڌي جي تعليم وٺڻ کان پوءِ حيدرآباد سنڌ جي سرڪاري هاءِ اسڪول ۾ انگريزي تعليم ورتي. اتان مئٽرڪ امتحان، پاس ڪرڻ بعد بمبئي جي ايلفنسٽن ڪاليج. "بي - اي" امتحان جي تعليم وٺڻ آيو: پر آخرين امتحان ۾ ناپاس ٿي پيو ۽ موٽي پنهنجي وطن ۾ آيو. مرزا صاحب کي پهريائين مختارڪاريءَ جو عهدو مليو ۽ پوءِ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيو. ٽيهه ورهه نوڪري ڪري سنه 1910ع ۾ پينشن ورتائين.

مرزا صاحب ٻه شاديون ڪيون هيون. انهن ٻنهي گهرن مان ڪل ٻارهن فرزند ۽ ٻه نياڻيون ٿيس.

مرزا صاحب پنجهتر ورهيه جي عمر ۾ سنه 1929ع جي جولاءِ تاريخ 3 تي وفات ڪئي.

## مرزا صاحب جون علمي خدمتون

سنڌ ۾ شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جيتري قدر علمي ۽ قلمي خدمتون ڪري ويو آهي اوتريون هن وقت تائين سنڌ جي ٻئي ڪنهن به اهل قلم نه ڪيون آهن. هو جهڙو هو اورچ نثر نويس، تهڙوئي هو روشندل شاعر هر قسم جي مضمون جا ڪتاب انگريزي، پارسي، عربي ۽ ڪيترا ڪتاب پاڻئون تصنيف ۽ تاليف ڪيا اٿس. اخلاقي، مذهبي روحاني، تاريخي ڪتابن سان ڪيترن ئي عجيب ۽ نصيحت آميز ناولن. ناٽڪن ۽ عام واقفيت جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن سان سنڌي لٽريچر کي ڀرپور ڪري ويو آهي. سندس تصنيفات نہ رڳو سنڌي زبان ۾ آهي، پر ڪي انگريزي نثر ۽ نظم ۾ بہ ڪي ڪتاب لکي ويو آهي. سندس ناهيل ڪتاب، جي ڇاپيل آهن. تن جو تعداد ڏيڍ سو کان زياده ٿيندو. ايترو ئي تعداد اڃا دستخط لکيل (اڻ ڇاپيل) سندس وارثن وٽ موجود آهي.

مرزا صاحب جي تصنيفات جون مڪمل ياداشتون ڪتاب "قرب قليچ" ۾ درج ٿيل آهن هت فقط ڪن ڪجهہ مکيہ ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا.

چندن هار ڀاڱو پهريون - املهہ مائڪ ڀاڱو. موتين جي ڏبلي ڀاڱو پهريون. سوداءِ خادم ڀاڱو پهريون. ڪشف اعجاز ترجمہ "گلشن راز" پرشن جيمس انگريزي.

1924ع طب مطبوع ۽ مخزن منظوم. مثنوي ترڪيب الانسان. شاهنامي وارا شاه - وامق ۽ عذرا - سائنس جا عجائب غرائب ڪم - علم رمل مفتاح الرمل - منهنجو عجيب قدرتي گهر - خواب ۽ تعمير نامو.

1925ع منتخب المعلومات - انساني سڌاري جي شروعات- انگي حساب 4 ڀاڱا.

1926ع عملي مذهب - مصرنامو - ڪامل انسان - مجمع المذاهب - چين ۽ چيني ماڻهو - شرح ديوان قاسم ۽ فاضل- ۽ ماڻهو ڪيئن ٿا جمن 7 ڀاڱا.

1927ع بابل ۽ نينوا - حضرت سليمان - سچي مردانگي، گلدستہ حمد و ثنا - لسان الغيب - خطبا - مطلع الانوار - مثنوي مخزن الا سرار - بدر منير ۽ بينظير - صلح ڪل - نا چاولن ماڻهن جا روح بہ ڀاڱا- فقہ جا عجيب مسئلا - ماڻهو پنهنجو پاڻ طبيب - انسان جا محافظ ۽ موت کان پوءِ حيات - عالمگير مذهب - گلستان معرفت.

1928ع ٻڌو ۽ ڏسو - غزل ۽ ڪافيون - دنيا جي مختصر تواريخ - ديوان قليچ - باب ۽ بابي - مولانا جلال الدين رومي - ٽالپرن جي صاحبي (انگريزي ۾) خزانہ زرينہ فارسي - ڪامل انسان- زيب النسا -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺوڳي 15- نيم طبيب ۽ نيم ملا 16- انڪوائري آفيسر 17- شيخ چلي اڱڻ مسخرو 18- حرڪت مان برڪت.

**قصا يا ناول:**

1- دلارام 2- دلپسند قصا (ٻہ ڀاڱا) 3- زينت 4- موهني 5- گلن جي ٽوڪري 6- حاجي بابا اصفهاني 7- سنڌباد جهازي.

**علمي ڪتاب:**

1- علم دستور المعاش 2- پوک ڪرڻ جو علم ۽ هنر 3- باغ ۽ باغباني 4- جانور 5- پکي 6- عالم آلي 7- سرندڙ ساه وارا 8- حشرات الارض 9- عجائب غرائب 10- عالم خواب 11- مقناطيس حيواني 12- اسرار حڪمت 13- عالم ارواح.

**شعر جا ڪتاب:**

سودائي خام، رباعيات عمر خيام، ابڪارالافڪار (پنج ڀاڱا) گرجي نامہ.

**متفرقہ:**

مخزن القوامي، دلپسند لطيفا (ٻہ ڀاڱا)، لغات لطيفي، سر سهڻيءَ جي تشريح.

**انگريزي ڪتاب:**

ليير آورس (شعر)، هسٽري آف سنڌ (ٻہ جلد)، اسلامڪ ٿياسفي، پرشن پرسڊي، پرشن ايٽيمالوجي، لائف آف شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، فٺلالاجيڪل ڪيوريا سٽيز، پرشن جيمس (شعر ٻہ ڀاڱا).

## مرزا صاحب جا ڪي خاص نظمي ڪتاب

مرزا صاحب جا نظم ۾ ڏاهيل ڪتاب گهڻيئي آهن، جنجا نالا شامل ٿيل ياداشت مان روشن ٿيندا پر اسين هت فقط سندس ٽن چئن خاص نظمي ڪتابن بابت ڪجهہ لکڻ مناسب ٿا ڄاڻون، جن جي بيان ذاران مرزا صاحب جي شاعريءَ جو بيان نامڪمل ليکيو ويندو.

**(1) سودائي خام**

مرزا صاحب پنهنجي ننڍڙيءَ وهيءَ ڪانوڻي پيريءَ تائين جيڪي ناٽڪي ڪتابن لاءِ عاشقانہ ۽ اخلاقي شعر ڏاهيا آهن، يا جيڪي فرمائشي

### (2) ديوان قليچ:

مرزا صاحب تي جڏهن سنڌس ڪن دوستن زور رکيو ته پنهن جو ڪم "ديوان" (غزلن جو ڪتاب) تيار ڪر، تڏهن پنهنجا سمورا سنڌي غزل ۽ سنڌي قصيدا، جي سودائي خام جي پنهي جلدن ۾ آيل هئا، سي درست ڪري "الف بي وار" "ديوان قليچ" ۾ داخل ڪيائين ۽ جن جن رديفن وارا غزل سودائي خام ۾ موجود نه هئا، سي نوان تيار ڪري "ديوان قليچ" مڪمل ڪيائين.

مرزا صاحب پنهن جي وفات کان فقط چار مهينا اڳ "ديوان قليچ" کي جوڙي راس ڪيو هو. تنهن ڪري اهو ديوان اجا اڻ ڇاپيل آهي، مگر پڪ آهي، ته اهو علمي ۽ اخلاقي خزانو جلدئي شايع ٿي ويندو.

"ديوان قليچ" ۾ ڪل چار سؤ ٽيٽيهه غزل ۽ قصيدا آهن، سڀ سنڌي زبان ۾ آهن. ڪوبه پارسي يا اردو غزل "ديوان قليچ" ۾ داخل نه آهي.

### (3) رباعيات عمر خيام:

عمر خيام جون پارسي رباعيون دنيا ۾ مشهور آهن، يورپ جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ان جا ترجما (نظم خواه نثر ۾) آهن.

مرزا صاحب مرحوم جنهنجي منشا هوندي هئي ته هر نموني جي مضمون (نظم خواه نثر) سان سنڌي ٻوليءَ کي ڀرپور ڪجي، تنهن هنن پارسي رباعين جو سنڌي رباعين ۾ ترجمو ڪيو آهي.

رباعي پنهنجي شعر جو تمام ڏکيو نمونو آهي ۽ سنڌ ۾ رباعي ساز شاعر ڪي ٿورڙا آهن. پر پارسي رباعي کي سنڌي رباعيءَ جي صورت ۾ آڻڻ، اهڙيءَ طرح جو هرهڪ پارسي مصرع جو مضمون سنڌي مصرع ۾ سمائجي اچي، وزن به ساڳيو قائم رهي ۽ سنڌي به سليس ڪم اچي، سو وڏو ڪمال چئجي.

هيٺ نموني خاطر به رباعيون ڏيون ٿا (اصل ۽ ترجمو) جن تي غور ڪرڻ سان آسانيءَ سان سمجهي سگهندو ته مرزا صاحب ڪو معمولي شاعر نه هو، پر ڪماليت رکندڙ شاعر هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) اصل

اين دهرکه بود مدتي منزل ما
نامد بجز از بلا و غم حاصل ما
افسوس که حل نه گشت يک مشکل ما
رفتيم و هزار حسرت اندر دل ما.

(ترجمه)

هن دهر ۾ جت هئي اسانجي منزل
تيو ڪين سواءِ غم جي ٻيو ڪي حاصل
افسوس! اسان جي حل نه ٿي هڪ مشڪل
وياسون ۽ رهي هزار حسرت منجهه دل.

(2) اصل

امروز تو دست رس فردا نيست
وانديشئه فردا بجز سودا نيست
ضايع مکن ايندم ار دلت شيدا نيست
که اين باقي عمر را بقا پيدا نيست

(ترجمه)

اڄ توکي سيان جي دسترس اصلاح ناه
۽ فڪر سڀاڻيءَ جو سواءِ سودا ناه
هي دم نه وڃائي جي اٿئي دل بيدار
هت باقي عمر کي بقا پيدا ناه.

پارسي رباعيون پنج سئو آهن. پر مرزا صاحب يڪ مشت نمونه خروار موجب فقط هڪ سئو ٽيهه رباعيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيون آهن.

### (4) ڪشف اعجاز:

مولانا سعدالدين محمود شبستري جو ناهيل مثنوي گلشن راز مشهور آهي. جنهن ۾ تصوف جا ڳوڙها نڪتا ۽ روحاني عجيب گفتا ذڪل آهن. مثنوي گلشن راز جي جهڙي پارسي زبان ڳوڙهي، تهڙو مضمون. پر مرزا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب هرهڪ پارسي مصرع کي سنڌي مصرع ۾ آڻيندو ويو آهي: سنڌي بہ وري سليس.

ڪتاب جو اصل نالو گلشن راز (ڳجهو باغيچو) پر مرزا صاحب سنڌي ترجمہ تي نالو رکيو آهي ڪشف اعجاز (ڏکي ڪم جي پڌرائي) سچ پچ تہ تصوف جا ڏکيا ڳوڙها راز مرزا صاحب سنڌيءَ ۾ کولي پڌرا ڪيا آهن. انهيءَ ساري ڪتاب جي ترجمہ ڪرڻ ۾ فقط هڪ هفتو لڳو هوس، جو ڪتاب جي ڳوڙهائيءَ جي نظر تي تمام ٿورو وقت ٿيو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ مرزا صاحب چوي ٿو:

ٿيو پورو هتي هي گلشن راز
جنهين ۾ عشق جو ٿيو سوز ۽ ساز
ڪيو مون ترجمو سنڌيءَ ۾ ان جو
لڳايم ان ۾ پورو هڪڙو هفتو
اصل جو نانءُ ٿيو جڏهن گلشن راز
ڪيو مون هنجو نالو ڪشف اعجاز

اسين ڪشف اعجاز جا ٽي چار بيت هيٺ ڏيون ٿا. انهيءَ لاءِ تہ ناظرين ڪشف اعجاز جي سواد کان واقف رهن. ڪن صوفي بزرگن تصوف ۽ روحانيت تي پندرهن سوال مولانا شبستري کان پڇيا هئا. سڄي گلشن راز ۾ فقط اهي پندرهن سوال ۽ انهن جا جواب ڏنل آهن. انهن پندرهن سوالن مان هڪڙو سوال هي آهي:

سو آهي ڪير جو چئي تو انا الحق؟
چيو جنهن ائين، سچو هو يا هو احمق؟

اصل ڪتاب ۾ جواب ڊگهو ڏنل آهي، پر اسين ان جواب جي مغز وارا بہ ٽي بيت ڏيون ٿا:

انا الحق سان ڪلي سيو مطلق ٿر
سو حق ري ڪير ٿو چئي جو اناالحق؟
آهن ذرا سيئي عالم جا منصور
ڪڏهن تامست بي خود ڪڏهن مخمور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻچين جي نفس پنهنجو تون ڪپه جئن
تہ پڻ حلاج وانگي تون بہ چئين تئن
ڪپهہ پندار جي ڪڍ پنهنجي ڪن مان
ندا ساڳئي ٻڌين هر شيءِ جي واتان

**(5) املهہ مائڪ:**

مرزا صاحب جا ترجمہ ڪيل نظمي ڪتاب "موتين جي ڏبلي" بہ جلد (رباعي شعر ۾) ۽ "چندن هار" بہ جلد (قطعه شعر ۾) عجيب آهن، پر املهہ مائڪ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

مرزا صاحب "چندن هار" ۽ "عجيب جواهر" ۾ انگريزي شاعرن جا چونڊ نظم سنڌي ۾ ترجمو ڪيا آهن. پر املهہ مائڪ ۾ عربيءَ، پارسيءَ ۽ اردو شعر جا فقط فرد (مفردات) ترجمو ڪيا اٿس هرهڪ فرد ۾ فقط بہ مصرعون ڏينديون آهن، پر انهن ٻن مصرعن ۾ ايترو مضمون سمائجي ايندو آهي، جنهن جي شرح يا تفسير لاءِ جيڪر ڏهن ٻارهن مصرعن واري غزل جي ضرورت ٿئي.

املهہ مائڪ ۾ ڪل هڪ هزار ٽي سئو چوهٺ فرد لکيل آهن. مضمون جي نظر تي هرهڪ فرد سچو پچو املهہ مائڪ آهي. اسين هت نموني خاطر فقط پنج فرد ڏيون ٿا:

(1)

نماڻائي ۽ نرميءَ سان دسي سگهندين تون دشمن کي،
ڪري نرمي تي ڪيري باه تي آخر چڙهي ويهي.

(2)

جڳائي مات ڳولڻ لاءِ نت عمدن خيالن جي
جو موتين لاءِ ٽوبي کي بہ ٻوڙڻ وات لازم آ

(3)

جوانيءَ ۾ عبادت لاءِ تون جهڪ
جڏهين ڪاني سڪي، ٿئي ڪين ٻيٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4)

قـــر ســـان پـــريل درخت کـــٺي سگهندو ســـر نـــہ آه
ســـرڪش اهـوئـي وڻ آهـي جـنـهـن ۾ ثـمـــر نـــہ آه

(5)

جــي لــوه تــي پوين تــان پــڻ تــجــئين تــون آئـيـنـو
پلي ٿي جـــيـــڪي وٽئي، پر صـــفـــا رکج ســـينو.

نوٽ- املهہ ماڻڪ جا بہ ٻہ جلد آهن، جن مان هڪڙو ڇاپيل آهي، تنهن ۾ هڪ هزار اٺ سئو اٺانوي فرد آهن.

## مرزا جي شعر جو مضمون

مرزا صاحب جي ڪلام ۾ ايراني شاعريءَ جي مضمون جو نقل بہ گهٽو ڪم آيل آهي ۽ خود ساختو مضمون بہ جام سمايل آهي. صوفيانہ مضمون ۽ عشق مجازي واري مضمون ۾ گل و بلبل، لالہ و سنبل، خط و خال، زلف و ڪاڪل ايراني شاعري واري مضمون جو نقل آهن، جي پنهنجي سچي حال حقيقت لاءِ لباس طور ڪم آندا ويا آهن. باقي انساني زندگي ۽ دنياوي ڪاروبار بابت فيسلوفانہ خيالن وارو گهڻو تڻو مضمون مرزا صاحب جو خود ساختو مضمون آهي.

سنڌ جي شاعرن پنهنجن ڪلامن ۾ جيڪي دستوري مضمون ڪم آندا آهن، جهڙوڪ عشق حقيقي، عشق مجازي، اخلاق و نصيحت، فطرت نگاري، سيرت نگاري، هجو، مدح، ظرافت سي سڀ مرزا جي ڪلام ۾ موجود آهن. جئن سنڌ جي ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ مٿيان مضمون ٽڙيا پکڙيا پيا آهن تئن مرزا جي "ديوان قليچ" ۾ بہ آهن، بلڪ ڪن ڪن مضمونن تي مرزا جا خلاصا ڪتاب تيار ٿيل آهن جهڙوڪ: تصور ۽ روحاني سبقن بابت ڪتاب "ڪشف اعجاز" ۽ "مخزن اسرار"، اخلاق و نصيحت ۽ زماني جي وهنوارن بابت "موتين جي دبلي"، "چندن هار" ۽ "املهہ ماڻڪ"، ظرافت ۽ کل ڀوڳ بابت "هزليات".

مرزا صاحب جي ڪلام مان جدا جدا مضمونن جا ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

## صوفيانہ مضمون

### روحاني ترقي:

"ترقي روح جي طبعي ٿي اصل حقاني
رهان آءُ باقي جي هر حال ۾ ٿيان فاني
اول جمادي هئس پوءِ ٿيس نباتي آءُ
نباتي روح ڇڏي پوءِ ٿيس آءُ حيواني
مٿس جڏهن وري حيوان ٿي، ٿيس ماڻهو
جو روح هو اڳي حيواني ٿيو سو انساني
مرڻ کان ڪين ڊڄان، جو ٿيان ٿو آءُ بهتر
بشر جڏهن ٿي مران ٿيان ملڪ آءُ روحاني
اڃا اڏامان مٿي، ٿي ملڪ مران جي آءُ
جو "ڪل شيءِ هالڪ" ٿيو امر رباني
اچي نہ وهم ۾ جيڪي، اهو ٿيان آءُ پوءِ
ملائڪن مان ڪريان پاڻ کي جي قرباني
انهيءَ کان پوءِ عدم ۾ وڃان، جتان آيس،
"اليهہ راجعون" ان دم ٿيو حڪم قرآني.
انهيءَ طرح آهي فرمايو مولوي رومي،
"قليچ" کي پڙي اي قول آهہ حيراني."

### دوست تنهنجي دل ۾:

(رباعي)

"جو حسن جي بازار ۾ پيو سير ڪرين،
دلبر پنهنجو پاڻ سان لڪو لايو وتين.
غيرت نہ اٿيئي شرم نٿو توکي اچي،
هو توکي ڏسي ۽ تون ٻين کي پيو ڏسين.

### هر جاءِ حاضر محبوب:

"هر جڳهہ جاني! آهي جلوه نمائي تنهنجي"
هر طرف دوست آهي ديده ڪشائي تنهنجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذري ذري ۾ رهي تنهنجو ظهور و ظاهر،
آهه منجهه ارض و سما صاف صفائي تنهنجي.

(ديوان قليچ)

## عشق مجازي جو مضمون

### مجازي مان حقيقي عشق:

”ڏي پا دلاسو ڏي نہ مونکي هن جهان جو،
واعظ! آءٌ واقف آهيان حديث ۽ قرآن جو.
اڪثر ٿئي ٿو عشق شروع هت مجاز مان،
پوءِ ٿئي وڃي حقيقي جزو جسم جان جو.“

### مجازي معشوق جا ماڻا:

(غزل)

”ماڻا ڪري نہ مار سڄڻ! تون ذري ذري،
پاڻان نہ ڪر پيارل مون کي پري پري.
مون ڪيو ڪسڻ قبول مگر ڪو قياس ڪر،
خنجر وهاءِ حلق تي قاتل هري هري.
هيڪر نهار نيڻ کڻي ناز سان پرين،
وئي عمر انتظار ۾ آزيون ڪري ڪري.
هر دم هنجون وهائي ڪري ياد تو کي دل.
ڳالهيون ڪرڻ هزار ڳڻن جون ڳري ڳري.
دلبر اچي ڪو ڏيج دلاسو قليچ کي،
محبت ۾ تنهنجي محب منا پيو مري مري.

## اخلاقي مضمون

### ماءُ ۽ پيءُ جو ادب:

(مثنوي)

ادب ماءُ ۽ پيءُ جو آهي ضرور
ڪجهو ڪو نہ يارو انهيءَ ۾ قصور.
انهن کان بيو ڪو بہ بهتر نہ آهه
بزرگيءَ ۾ تن جو ڪو همسر نہ آهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هو عـــقل يا زور تو ۾ جــــڏهن
ڪئي پرورش تنهنجي تي تن تڏهن.
رهيو رات ڏينهن تن کي تي هيءُ خيال
"خدا خوش اسانجو رکج نونهال."
هو تڪليف سڀ پاڻ ســـهندا رهيـــا
ڏکن ۾ تنهنجي ســـار لهندا رهيـــا.
ڏسـي تـوکـي ڏک ۾ تـين هـو ڏکـي
سکيـــو توکي ڏسندي ٿين هو سکي.
رکـــيـــو ايتـــرو پيـــار تو ســـان جنهين
جڳـائـي رکـڻ تـوکـي راضـي تـنـهين.

## نهنائي ۽ نماڻائي:

(غزل)

"بـزرگ اصل سي جي نمـاڻـا ۽ نـيچ
وڏي وٽ اهي سمجـهجن ٿـا جي هيچ.
منڊيءَ جـو شـرف ڇـيچ کي تـو ملي
مگر آگـــرين ۾ نـنڍي آهـ ڇـــيچ.
وڏي کـــيـت ڪلراڻي کـــان تي پلي
اها تڪـري سالم ڇگي جنهنجي پيچ.
ڏٺي شـــه پيـــادو ڪري راند مـــات
ڪري بـانـد طـرفـين جي بـازي زيـچ.
نـنڍو پـاڻ کي جــاڻ ڪر نيـــاز نت
سـر افرازي حـاصل ڪرين جي قليچ."

(ديوان قليچ)

## ڏکن پنيان سک:

"تي ٿئي رحمت خدا جي خلق تي زحمت کان پوءِ،
مـنـزل راحـت اچي تـي مـنـزل آفـت کـــــان پـوءِ،

(سودائي خام)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## فطرت نگاري

### برف باريءَ جو نظارو:

برف پئي ملڪ ٿيو سفيد صفا،
پرجي ويئي جڻ اڇن گلن سان هوا.
ٿا اڏامن اڇا ڪبوتر جڻ
ڏڙڪي پنهنجي ڪان پلجي سڀ جي ويا.
پئي پجي آسمان جي جاندو
۽ اٿو هارجي پيو هرجا.
آسمان آهه جڻ پڄارو ٿيو
۽ ڪپهه ٿو پجي هوا ۾ پيا.
نہ ڏٺو اهڙو جنهن نظارو قليچ،
رهي دنيا ۾ در ڪيو تنهن ڇا؟

(ديوان قليچ)

## فيلسوفانہ خيال

### سارن جا آواز:

"دهل هر ڪنهين ڪم ۾ چئي توکي وٺون.
تون ڏٺون ڏٺون سڪي وٺ تون ڏٺون سڪ تون ڏٺون.
نغارو چوي توکي ڏيرج پڪڙ
تکڙ چڏ، تکڙ چڏ. تڪڙ چڏ. تڪڙ.
ٿي توتاڙي شرناءِ سيڪاري مون،
آهي تون ٿي تون، تون ٿي تون. تون ٿي تون.
ٿي سارنگي چئي تو کي نت اي خدا.
منهنجي ساري روءِ روءِ ٿي: روءِ سدا.
ٿا ڏڪڙ ۽ طبلا وجن ۾ چون.
تہ ڏڪ ڏڪ ٿا. ڏڪ ڏڪ اسان کي لڳن.
ٿو طنبورو چئي، ڪر نہ تون بي پچار.
تنئي تن. تنئي تن، تنئي تن تون تار.

اسان جو ڪم گهٽو ۽ عمر ٿوري
اجل ڪاهيو اچي پيو زور زوري
هي دنيا جنگ جو هڪ آهي ميدان
تون وڙهه مردن جان تنهن ۾ ٿي نه حيران
وساري ڇڏ تون مستقبل ۽ ماضي
هميشه حال تي ره يار راضي
سپائي جي خوشي ڇڏ ڪالهه جو غم
خدا ڪر ياد اچ، همت سان
ڇڏي جي نامور ويا پنهنجو نالو
ڪريون تن جان اسين پڻ اچ ڪشالو
وٺون موتي جڏهن رستو رباني
ڇڏيون ڪا پاڻ پوين لاءِ نشاني."
"ته من ڪو رهگذر ان جي نهاري
لنگهي هن رڃ منجهان پهچي ڪناري.
اٿو يارو ٻڌو تان دل جي همت
ڪريون صبر ۽ صداقت ساڻ محنت."
(سودائي خام جلد 1)

## صرف و نحو:

سنڌ جي شاعرن ۾ مرزا صاحب پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ بابت "صرف ۽ نحو" تي ڪتاب لکي شايع ڪيا. تنهن ڪري ان جي ڪلام ۾ "صرف و نحو" جي قاعدن جي بنهه پوريءَ طرح پيروي ٿيل آهي.

## فصاحت و بلاغت:

"فصاحت ۽ بلاغت" جو جن عملن تي مدار آهي، صرف و نحو، علم لغت، علم بيان، علم معاني، علم بدائع، تن جو مرزا صاحب نه رڳو عالم هو، پر سنڌي زبان ۾ انهن علمن جو پهريون پهريون شايع ڪندڙ ٿي مرزا صاحب پاڻ هو. "صرف و نحو" ۽ "علم لغت" تي مرزا صاحب جا ناهيل ڪتاب ڇاپيل ۽ مشهور آهن. علم بدائع تي سندس ناهيل سنڌي ڪتاب اڃا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تمثيل:**

(رباعي)

دنيا سان قليچ رهه نه تون دل بستو؛
دل بستو وڏيڪ جو، سووڏ دل خستو،
آهن به مٿا جي ساهميءَ کي سي ڏس،
هلڪو جو ٿيو آهه، سو وڏ برجستو.

(موتين جي ڊبلي جلد پيو دستخط)

نوٽ: دنيا جي خواهش ۽ حرص کان جيتري قدر انسان آزاد هوندو اوتري انجي روح کي وڏيڪ چاڙهو نصيب ٿيندو. انهيءَ حجت جي ثابتيءَ لاءِ مرزا صاحب ساهميءَ جي ٻن پڙن جو عام فهم ۽ سهڻو تمثيل پيش ڪيو آهي. چاڪاڻ جو بار کي خبر آهي، ته جنهن پڙ ۾ هلڪو بار هوندو سو ڳري بار واري پڙ کان جلد ڪچي ايندو ۽ مٿي بينل نظر ايندو.

## علم عروض ۽ علم موسيقي

**شعر جا قسم:**

مرزا صاحب شعر جا اهي سڀ قسم چيا آهن، جي علم عروض خواه علم موسيقي جي اصولن موجب ٺاهي سگهجن ٿا. علم عروض جي اصولن ۾ مرزا صاحب جي قابليت جو ثبوت ڪافي آهي، جو جڏهن اجا ايلفنسٽن ڪاليج بمبئي ۾ تعليم وٺندو هو، تڏهن انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن جي سهوليت لاءِ هن پارسي علم عروض جا قانون انگريزيءَ ۾ لکي شايع ڪرايا. جو ڪتاب بمبئي يونيورسٽيءَ انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪم آڻڻ لاءِ منظور ڪيو هو. ان ڪتاب جو نالو آهي ”پرشن پراسڊي“ يعني پارسي علم عروض.

سودائي خام جلد پهرئين جي پارسي نظمن مان ڪن ۾ بحرن جا نالا ۽ ارڪان بيان ڪيا اٿس. ته ڪن ۾ ”قافيه“ ۽ ”رديف“ جا خاص جزا بيان ڪيا اٿس. تنهن ڪري مرزا جي ڪلام ۾ وزن يا قافيه به نسبت ڪا به نقطه چيني جهڙي ڳالهه ڪانهي. مگر جئن هن کان اڳ وارن شاعرن جي ڪلامن ۾ ڪن لفظن جي تلفظ ۾ غير معمولي تخفيف ڪم آيل آهي تئن مرزا جي ڪلام ۾ به آهي. مثال:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**لفظن جي تلفظ ۾ غير معمولي تخفيف:**

(الف) "ڪڏهن خوشي آهہ ڪڏهن غم،
ڪڏهن سک ۽ ڪڏهن ڏک،
مسئلو ڪونہ هتي چون وچرا جو آهي.

(ب) جان وئي جسم منجهان جسم ٿيو جڏهن بي جان،
تڏهن مزو جيئڻ ۾ وري ڇاجو آهي؟

(ت) هلان، چلان، ڍڪان ڊوڙان، چڙهان لهان آسان.

(ث) چوٽون آئون رهان جهنگ ۽ ڪليل هوا ۾ نت.

(ج) مڙئي چوويهہ ڪلاڪ ڏينهن ۾ ٿيا.

(د) پهريون ننڊ جو هي جاڳ جو عالم.

نوٽ: مرزا وزن جي پوري رکڻ لاءِ "ڪڏهن" جو تلفظ "ڪڏ"؛ "تڏهن" جي بدران "تڏ"؛ "ڍڪان" جي بدران "ڍڪ"، "رهان" جي بدران "رهہ" ڪم آندو آهي. اسين هن ڪان اڳ بيان ٿيل شاعرن جي ڪلامن بابت تنقيد ڪندي بہ چئي آيا آهيون، تہ اڄ ڪلهہ جي نوجوان شاعرن کي ضرورت جي وقت اهڙن لفظن جي تلفظ ۾ غير معمولي تخفيف تي اعتراض ڪرڻ نہ گهرجي، بلڪ انهن کي گهرجي، تہ ضرورت جي وقت اهڙي تخفيف کي پنهنجي لاءِ سند ڪري سمجهن.

علم موسيقي ۾ بہ مرزا صاحب ماهر هو. ستار تي بہ راڳ ڳائڻ سندس پره ڦٽيءَ جي وقت جي وندر هوندي هئي. هن نہ رڳو علم موسيقي جي اصولن تي بہ هر قسم جا شعر ٺاهيا آهن، بلڪ علم عروض جي اصولن تي ٺاهيل شعر بہ ستار يا ٻئي ساز تي عمدي طرح ڳايو سگهندو هو.

## (الف) نثر جا قسم

نثر ٽن قسمن جو آهي:

(1) مرجز يعني وزندار نثر (2) مسجع يا مقفيٰ يعني تڪ بندي وارو نثر (3) عاري يعني بنان سينگار نظم.

مرجز اهو نثر آهي، جنهن ۾ جملي جا بہ ٽي فقرا پاڻ ۾ هم وزن ۽ موافق هجن، پر هم قافيہ نہ هجن جئن تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سواءِ ذڪر قادر ڪار ساز جي وقت وڃائڻ ۽ سواءِ شغل خالق ڪردگار جي حياتي گذارڻ نسورو نقصان آهي“.

مٿئين جملي ۾ منڍ وارن ٻن فقرن مان هڪڙي جي پڇاڙي ”وڃائڻ“ ۽ ٻي جي پڇاڙي ”گذران“ آهي اهي ٻئي فقرا پاڻ ۾ هم قافيہ نہ ٿيا، پر هم وزن آهن.

مرزا صاحب پنهنجي ناٽڪ جي ڪتابن ۾ نثر مرجز گهٽو ڪم آندو آهي.

نثر مسجع (سجع صنعت وارو) يا مقفيٰ (قافيہ وارو) يا تڪ بنديءَ وارو اهو نثر آهي، جنهنجا جملا پاڻ ۾ هم قافيہ هجن. صنعت سجع جا جيڪي ٽي نمونا لفظي صنعتن جي بيان ۾ سمجهايا ويا آهن، سي جهڙيءَ طرح نظم ۾ ڪم اچن ٿا، تهڙيءَ طرح نثر ۾ بہ ڪم اچن ٿا.

مرزا صاحب ”خورشيد“ ناٽڪ ۽ ”گلنار گلزار“ ناٽڪ ۾ تڪ بندي وارو نثر تمام گهٽو ڪم آندو آهي ۽ سجع جا ٽيئي نمونا ان نثر ۾ ڪم آيل آهن.

**مثال:**

بادشاه- اي وزير نيڪ تدبير ملڪ جو ڪهڙو حال آهي؟ منهنجي رعيت ظلم ۽ ڏک کان فارغ البال آهي يا سندن دل تي ڪو فڪر ۽ ملال آهي؟

وزير- حضور جي اقبال سان غلام جي سنڀال سان ملڪ سڄو آباد آهي. رعيت ساري شاد آهي. ننڍي توڙي وڏي جي دل غم ۽ فڪر کان آزاد آهي.

ظريف- وزير کي تہ رڳي خوشامد ياد آهي، نہ تہ ملڪ دنگي ۽ فساد سان برباد آهي.

سرڪار جي عمر دراز هجي ۽ بخت سدائين ساز هجي. هن تخت شهر ۾ ڏاڍو فساد آهي، وزيرن ۽ اميرن ۾ بغض ۽ عناد آهي، نہ داد آهي، نہ فرياد آهي جيڪو وزير صاحب جو ارشاد آهي، سو نسورو غلط ۽ بي بنياد آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوٽ- دستور آهي، تہ تڪ بنديءَ واري نثر جي جملن مان ڪي مرجز نثر ۾ بہ اچي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ جو انهن جا ڪي فقرا پاڻ ۾ اڇيو هم وزن بيهن.

عاري نثر تہ عام آهي، جنهن ۾ ڪو بہ تصنع يا ٺاهہ ٺوهہ نہ هجي، فقط نحو موجب جملن جي بناوت باقاعدي هجي.

نثر جا جيڪي ٽي قسم بيان ڪيا ويا آهن، سي فقط لفظن جي مدنظر ٿي. معنيٰ جي مدنظر ٿي نثر جا بہ قسم آهن هڪڙو سليس ۽ ٻيو دقيق.

سليس اهو، جنهن جي معنيٰ ۽ مطلب سمجهڻ ۾ ڪنهن کي بہ ذڪيائي نہ ٿئي. دقيق اهو نثر آهي، جنهن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ لغت يا ڊڪشنريون اٿلائڻيون پون.

مرزا صاحب هميشہ سليس نثر لکندو رهيو. سندس ڪنهن بہ ڪتاب ۾ دقيق نثر ڪم آيل نہ آهي. اها سندس نثر نويسيءَ جي خاص خوبي ليکجي ٿي. جيڪڏهن دقيق نثر لکڻ گهورو ٿئي ها، تہ وٽس ڳرن ڳرن عربي، فارسي ۽ ترڪي لفظن جي کا بہ کوٽ ڪانہ هئي.

ڪو ڪو نثر ٻولي جي لحاظ سان سليس مگر مضمون جي ڳوڙهي هئڻ ڪري دقيق ٿيندو آهي. مرزا صاحب جي ڪن ڪتابن ۾ ڳوڙهي مضمون وارو سليس نثر بہ لکيل آهي، سو هن ڪري جو جن ڪتابن تان هن اهو نثر ترجمو ڪيو آهي، سي خود ڳوڙهي مضمون وارا ڪتاب آهن، جهڙوڪ مقالات الحڪمت، علم دستور المعاش، حاجتمنديءَ مان طاقتمندي وغيره.

سليس توڙي دقيق مضمون کي وري ٻن قسمن ۾ ورهايو اٿن، هڪڙو رنگين ۽ ٻيو سادو.

نثر سليس بہ هجي ۽ رنگين (علم بيان علم بديع جي اصولن موجب سينگاريل) بہ هجي، سو اعليٰ درجي جي فصاحت ۽ بلاغت وارو نثر ليکبو. اهڙي نثر ۾ مرزا صاحب جا بہ ڪتاب بينظير آهن: هڪڙو ناول "زينت" ۽ ٻيو "گلن جي نوڪري".

**(ب) نثر نويسيءَ جا نمونا ۽ دفعا**

نثر نويسيءَ جا ٽي پاڳا آهن (1) تصنيف (2) تاليف (3) ترجمو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصنيف جي معنيٰ آهي پنهنجي واقفيت ۽ تجربي جي آڌار تي اهڙو ڪو به ڪتاب تيار ڪرڻ، جو اڳ ڪنهن جو ناهيل نه آهي. مرزا صاحب کي جدا جدا علمن ۽ مضمونن سان سنڌيءَ ٻوليءَ کي ڀرپور ڪرڻ جو عشق هو، جا اهڙن علمن ۽ مضمونن کان بلڪل بي بهره هئي، تنهن ڪري پنهنجو وقت تصنيف کان زياده تاليف ۽ ترجمه ۾ صرف ڪيائين. انهيءَ ڪري مرزا صاحب جا خود ساختا ڪي ٿورڙا آهن: جهڙوڪ "زينت"، "دلارام"، "انڪواري آفيسر" وغيره.

تاليف جي معنيٰ جدا جدا ڪتابن تان مضمون وٺي نئون ڪتاب تيار ڪرڻ، ۽ ترجمه جي معنيٰ ڪنهن ڌارين ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب جو مضمون پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڻڻ.

تاليف ۽ ترجمو مرزا صاحب جو خاص شغل هو. انگريزي، عربي، پارسي ۽ اردو ٻولين مان سوين ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ آندا اٿس.

تصنيفات جي دفعن ۾ اهڙو ڪوبه دفعو ڪونهي جنهنجا ڪتاب مرزا صاحب مرحوم تصنيف، تاليف يا ترجمه ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ نه آندا هجن. ناٽڪ، ناول، ادب، تاريخ، اخلاق، مذهب، کيتي، باغباني، فلاسافي، روحانيت، صحت وغيره تي نه فقط هڪڙو هڪڙو ڪتاب پر ٻه ٻه، چار چار بلڪ ڪن تي اجا به وڌيڪ لکيا اٿس.

مرزا صاحب ڪتابن پنيان ڪتاب لکندو انبار ڪندو ويندو هو. ممڪن آهي ته ڪن ڪتابن کي نظرثاني ڳهمائڻ ڌاران پريس جي حوالي ڪيو هجيس تنهنڪري سندس ڪن ڪتابن جي نثر تي ڪي ڇوٽي نظر وارا اهل قلم انگشت نمائي ڪندا آهن، جا بلڪل بي واجبي آهي، جن علمن ڄاڻڻ تي نثر نويسيءَ جو خاص مدار آهي، جهڙوڪ علم لغت، علم نحو، علم معاني، علم بيان ۽ علم بديع، تن علمن ۾ نه رڳو مرزا پورو پورو ماهر هو؛ بلڪ انهن مان هرهڪ علم تي مجمل خواه مفصل سمجهاڻيون سنڌي زبان ۾ لکي به ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرزا کان سواءِ سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ اهل قلم هن وقت تائين مٿين علمن بابت سنڌي زبان ۾ ڪجهہ بہ نہ لکيو آهي. اهڙي عالم جي نثر نويسي تي نڪتہ چيني ڪندڙ کي شيخ سعدي جي هيٺين گفتي ڏاران ٻيو ڪي بہ چوڻ مناسب نہ آهي:

بمير تا برهي اي حسود کاين رنجي است
کہ از مشقت او جز بمرگ نتوان رست

مرزا صاحب جا جيڪي ڪتاب (نظم خواه نثر ۾) ڇاپيل آهن تن جي ياداشت هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي اٿئون. هت فقط سندس ٻن خاص نثر جي ڪتابن جو ذڪر ڪريون ٿا.

**(ث) مرزا صاحب جا ڪي خاص نثر جا ڪتاب**

مرزا جا نثر ۾ لکيل (خود ساختا خواه ترجمہ ڪيل) ڪتاب سون جي تعداد ۾ آهن. جي مضمون جي نظر تي هڪ ٻئي کان ڪثر آهن. پر هت ٻن ڪتابن جو بيان نمونہ خاطر ڏيڻ ڪافي آهي.

**(1) زينت**

مرزا جيڪي ڪتاب پنهنجي خيال مان ناهيا آهن، تن ۾ زينت هڪڙو بي نظير ڪتاب آهي. هي ناول مرزا سن 1890ع ۾ ناهيو آهي. جڏهن هو روهڙي ۾ مختارڪار هو.

هي ڪتاب هڪڙي باعزت ۽ با فضيلت ڪٽنب لاءِ بي بها هدايت آهي.

منهنجو هڪڙو جهونو دوست سفيد پوش اسڪول ماستر هو.

ان سال 1898ع ۾ جڏهن زينت مطالع ڪيو. تڏهن ان تي ايترو اثر ٿيو، جو پڪو ارادو ڪيائين تہ آءٌ پنهنجو گهر ۽ ڪٽنب اهڙيءَ طرح سڌاريندس ۽ اهڙيءَ طرح حياتي گذاريندس. جهڙيءَ طرح مرزا زينت ۾ سمجهائي آهي. هن پنهنجي اڻ پڙهيل زال جو اڳيون نالومٽائي زينت رکيو، ۽ رات ڏينهن محنت ڪري مائيءَ کي اهڙي تعليم ڏنائين، جو هوءَ هڪڙي نامور ۽ نيڪدل ٿريند ماستريائي بڻجي پئي ۽ پنهنجي مڙس کان بہ وڌيڪ پگهار ڪٺندي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ کي نياڻي توڙي پٽ جي شادي جي ڳڻتي سڳ ڏيڻ وٺڻ جو شريفانو دستور، باعزت زالن جي هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ جي ريت، شادي ڪرڻ وقت ويچار جوڳيون ڳالهيون، زال ۽ مرد ٻنهي جي پڙهيل هجڻ جي ضرورت، پڙهيل زال ۽ مرد جو پاڻ ۾ اخلاق ۽ رسمن رواجن تي علمي ۽ عقلي بحث، زال ذات جي مسافريءَ جا خطرا، سختي ۽ تنڌڪائيءَ جي حالت ۾ پنهنجي لڄ ۽ عزت بچائڻ لاءِ زال ذات جا حيلا، پرديس ۾ پڙهيل زال ۽ پڙهيل مرد لاءِ باعزت گذارڻ جا رستا، اولاد جي پرورش، وغيره گهرو ڳالهين بابت ”زينت“ ۾ ذڪر آهي.

”زينت“ نه رڳو مضمون جي لحاظ سان دلچسپ آهي، پر ان ۾ وڌيڪ دلچسپي اها آهي، جو منجهنس سليس، صاف ۽ فصاحت بلاغت ڀريل گهرو ٻولي ڪم آيل آهي. اسين نموني خاطر ”زينت“ مان ٻه ٽڪر هٿ ڏيون ٿا.

سڳ گهرنڌڙ گهوٽ ماءُ کي ڪنوار ماءُ ٿي چوي:

”وري جئي شل منهنجو حامد به وينو آهي. جوان اچي ٿيو آهي، تنهنجو به نيٺ ٻلو ڪرڻو اٿم. اڄ به مائٽ چون ٿا ته ”اٿي تي اٿو، ڪارو نه ڪئو، هڪڙي هٿ ۾ ڏيو، ٻئي هٿ ۾ وٺو“. سو جي آءٌ ڪٿي اهڙو پير توسان ڀريان، ته مائٽن کان به مور ويندس ۽ منهنجو چوکر به رهجي ويندو“.

پنهنجي مڙس سان پردي بابت بحث ڪندي زال ٿي چوي:

”دنيا ۾ اهڙيون حرص وڌائڻ ۽ گمراه ڪرڻ جون شيون پکڙيون پيون آهن، جو جڏهن مڙس به انهن تي نڪجي وڃن ٿا ۽ خطا کايو وڃن، تڏهن زالون ڇا آهن؟ انهن کان گوشي تي رهڻ ۽ انهن جي وڪڙ ۾ نه اچڻ به وڏي شي آهي. جي بديءَ سان وڙهي ان تي غالب پوڻ وڏي نيڪي آهي، ته بديءَ کي اصل ويجهو به نه وڃڻ يا انکان پڄي پاسو ڪرڻ ۾ به ننڍي نيڪي نه آهي. چوڻي به آهي، ته ”جت پهچڻ ناهي جاءِ، تت پڄڻ ڪم وريام جو“ سو حقيقت ڪري زالون جاٽي واٽي پردي ۾ رهڻ ڪري وريامن جو ڪم ٿيون ڪن. اها به سندن هڪڙي بهادري آهي، اها به سندن هڪڙي تعريف آهي“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ جيڪر چوان تہ مرزا صاحب مرحوم جي سينني نثر وارن ڪتابن لاءِ "زينت" حقيقي زينت آهي. مگر افسوس! جو اڄ ڪلهہ جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون توڙي پڙهيل مرد ۽ زالون "زينت" مان ايترو فيض حاصل ڪين ٿا ڪن، جيترو فيض ان مان هٿ ڪري سگهجي ٿو.

## (3) مقالات الحڪمت

هي ڪتاب مرزا صاحب سنہ 1877ع ۾ نامور انگريزي فلاسفر لارڊ بيڪن جي "بيڪنس ايسيز" تان ترجمو ڪيو هو. سو بہ تڏهن، جڏهن پاڻ اڃا بمبئي ۾ "بي-اي" پڙهندڙ هو.

هن ڪتاب جو مضمون آهي اخلاقي فسلفہ اصل انگريزي ڪتاب جو مضمون اهڙو ڳوڙهو ۽ ٻولي اهڙي دقيق آهي، جو اڄ تائين سندس ڪيترن ٽڪرن جي درست معنائن جي شرح تي انگريزي پاڙهيندڙ پروفيسر متفق راءِ نہ آهن.

اهڙي ڳوڙهي مضمون ۽ دقيق ٻوليءَ واري ڪتاب جو مرزا صاحب اهڙي سهڻي ۽ بامحاوره سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو اڄ ڪلهہ جا گريجوئيٽ توڙي ڊبل گريجوئيٽ سندس نثر نويسي جي قابليت اڳيان سر تسليم خم پيا ڪن.

جنهن زماني ۾ سنڌي ٻولي سيکارڻ وقت اسڪولن ۾ پهاڪا، اصطلاح ۽ تمثيلات، جي ٻوليءَ جو تمام ضروري ڀاڱو آهن تن تي ڌيان ئي ڪين ڏنو ويندو هو، انهيءَ سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو ڪتاب ئي شايع ٿيل ڪونہ هو تنهن زماني ۾ پهاڪن، اصطلاحن ۽ تمثيلات ڀريل يا فصاحت سان ڀريل سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو بي نظير ڪتاب لکڻ ڏيکاري ٿو تہ نثر نويسي خدائي ڏاتؒ طور ڪچيءَ ڪان ئي مرزا کي عطا ٿيل هئي.

هيتري ڳالهہ تسليم ڪرڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي، تہ پڇاڙيءَ ۾ مرزا جو تيز رفتار قلم نثر جا ڪتاب ائين رهڙيندو ويندو هو، جيئن ڪنهن تجربيڪار سر بند جو ڪارب پنهنجي تيز رويءَ سببان سر بند کي سرن جي سر تان هٿڙي گهمائڻ جي مهلت ڏيڻ ڌاران ويندو آهي، سرن پنيان سرون جڙيندو.

هن ڳالهه ۾ شڪ ڪونهي، ته لارڊ بيڪن جو اصل ڪتاب به فصاحت ۽ بلاغت جو سرچشمو آهي، پر انهيءَ فصاحت ۽ بلاغت کي اهڙي لباس ۾ پيش ڪرڻ، جو سيڪو صحيح ڪري نه سگهي، ته "مقالات الحڪمت" انگريزي تان ترجمو ٿيل آهي، يا مرزا جو خود ساختو، سا قابليت مرزا کي ئي خدا بخشي هئي.

"مقالات الحڪمت" ۾ اصل ڪتاب کان وڌيڪ مرزا هي ڪم به ڪيو آهي، جو ڪتاب جي منڍ ۾ سمجهايو اٿس ته فلسفه ڇا آهي؟ ۽ ان جون شاخون ڪهڙيون آهن؟ نموني خاطر مقالات الحڪمت مان به ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

(1)

ڏک موت ڏانهن اڏامي وڃي ٿو، جو "مرڻ مان دل ڏکوين کي به راحت ۽ شفا پهچي" ڊپ موت کي آيو ٿو سمجهي، ۽ چوڻ ۾ به آهي، ته "گيدي چڪن موت، ڏه ڏه ڀيرا ڏينهن ۾".

رڳو رحم به ماڻهن کي موت ڏي مائل ڪري ٿو.

(2)

جي شڪ پاڻيهي ماڻهوءَ جي دل ۾ جاڳن ٿا، يا خيال ۾ اچيو گڏ ٿين ٿا، سي رڳو ڀون ڀون ڪن ٿا، ٻي گهٽي حرڪت ڪانه ٿا پهچائين. مگر جي شڪ لڳائي ۽ اٽڪل ڪري ماڻهن جي مٿن ۾ وجهن ٿا، ۽ تجويزن سان ڪن ڳالهين ۽ قصن جي رستي ٻين جي معرفت ڪنهن ۾ پيدا ڪن ٿا، انهن کي ڏنگ آهن.

هڪڙي انگريز عالم جو چوڻ آهي ته "بيڪن صاحب جو اهو ڪتاب اهڙو آهي، جنهن کي ٿورڙيئي وقت ۾ پڙهي پورو ڪري سگهجي ٿو. پر جيڪڏهن ويهه ڀيرا ڪتاب پڙهبو ته ڀيري سان نوان نوان خيال ۽ نڪتا منجهانئس هٿ ايندا".

مقالات الحڪمت کي جيڪڏهن غور سان پڙهبو ته مٿيون چوڻ بلڪل سچو نظر ايندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### مرزا مرحوم جي خاندان جون علمي خدمتون

مرزا مرحوم جي ستن پٽن مان چئن ڄڻن سنڌي ادب جي اها خدمت ڪئي آهي جو انهيءَ جوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ڇارئي سنڌي ادب جا مکيہ ارڪان هئا.

مرزا غلام رضا بيگ سنڌيءَ ۾ علم منطق تي ڪتاب لکي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ سنڌي زبان ايتري وسيع آهي جو ڪهڙو بہ سائنس جو ڪتاب منجهنس لکي سگهجي ٿو. مرزا صادق علي بيگ شرت صاحب سان گڏجي سنڌي انگريزي ۽ انگريزي سنڌي لغتون تيار ڪيون. اهي ٻئي لغتون اڄا تائين معتبر ريفرنس Reference ڪتاب آهن. مرزا صادق علي بيگ علم معاشيات تي هڪ مفصل ڪتاب لکي سنڌ تي احسان ڪيو آهي. اڄا تائين ٻئي ڪنهن بہ سنڌيءَ ۾ انهيءَ مضمون تي قلم فرسائي نہ ڪئي آهي.

وچٽ ڀاءُ مرزا علي قلي بيگ سنڌي ادب ۾ هي قيمتي اضافو ڪيو آهي جو تڪليفون وٺي خرچ ڪري صوفين جي سرتاج سچل سائين جو سارو ڪلام ۽ سندس سوانح هٿ ڪري ٻن وڏن جلدن ۾ ڇاپائي پڌرا ڪيائين.

## مولوي الهہ بخش ابوجهو

1- سنڌ جي قديم خواه جديد شاعرن ۾ پهريون پهريون شاعر مولوي الهہ بخش صاحب ٿي آهي. جنهن جو ڪلام نج قوميت جي رنگ ۾ بهاريل ۽ وطني حب جي سامان سان سينگاريل آهي.

مولوي صاحب وطني حب ۽ قومي اصلاح کي اهڙي پيرايہ ۾ بيان ڪيو آهي. جو لعل بہ لذائين ۽ پريت بہ رهجي آيس. سنڌ سان تعلق رکندڙ ڪنهن بہ غير مسلم فرد کي مولوي صاحب جي ڪلام ۾ ڪڙائي نظر ڪانہ ايندي، ڇاڪاڻ جو سارو ڪلام نيڪ نيتي ۽ سچي خير خواهيءَ جي جذبات سان پرپور آهي، ۽ منجهس بہ اڪيائي ۽ تعصب جي بوءِ ٿي ڪانهي. ڪيترا ڏسٽا وائسٽا ماٺهو. جن کي شاعرائي نازڪ خياليءَ ۽ جذبات جي ڪا بہ پروڙ ڪانهي. سي چوندا آهن. تہ سنڌ جي شاعرن جي ڪلام ۾ ڳوڙهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفيانہ خيالن ۽ عاشقي ۽ معشوقي ڌاران ٻيو رکيو ڇا آهي؟ تن صاحبن لاءِ مولوي صاحب جو مسدس ابوجهو هڪڙو لاثاني جواب آهي.

مولوي سنڌ جو هڪ مايہ ناز فرزند هو. سنڌ جي ماڻهن خاص طرح مسلمانن جئن پنهنجن ٻين قومي ۽ مذهبي پيشوائن جي حالات کي غفلت جي دفتر ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي، تئن هن مذهبي ۽ قومي اڳواڻ ۽ اهل قلم کي بہ وساري ڦٽو ڪيو آهي. ان ڪري معلوم نہ آهي تہ مولوي ڪهڙي مبارڪ سال ۾ هن دنيا ۾ قدم رکيو. مگر ايترو ضرور معلوم ٿئي ٿو تہ مولوي صاحب خانبهادر حسن علي آفندي سنڌ مدرسہ جي باني جو همعصر هو.

1899ع ۾ جڏهن سنڌ مدرسہ ڪراچي جو پرشن ٽيچر مرزا عبدالحسين پنهنجي ملازمت ڇڏي ويو، تڏهن انجي جاءِ تي ڪين مقرر ڪيو ويو. ان ڪان اڳ هاءِ اسڪول جا پرشن ٽيچر ٿي رهيا هئا. 1889ع کان 1901ع تائين سنڌ مدرسہ ملازمت ۾ ئي رهيا.

سنڌ مدرسہ جي شروع ٿيڻ وقت مولوي "معاون" نالي هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي هئي جا سنڌ مدرسہ جي پريس ۾ ڇاپبي هئي. ان ڪانسواءِ سنڌ ۾ پهريون ماڻهو مولوي ئي هو جنهن مسدس حالي جي نقش قدم تي مسدس ابوجهو تيار ڪيو.

2- مولوي صاحب جيتوڻيڪ ڪسر نفسيءَ ڪري پاڻ شاعر هئڻ جي دعويٰ نٿو ڪري ۽ پنهنجو تخلص بہ رکيو اٿس ابوجهو (اڻ ڄاڻ)؛ پر حقيقت ڪري هو سچو قومي جذبات رکندڙ بي بها شاعر هو. مولوي جن جو زمانو اهو هو، جنهن ۾ مولوي حالي، اقبال ۽ شبلي جهڙن قومي شاعرن جا ڪلام هندستان جي مسلمانن جون سرد دليون گرم ڪري ڪين تعليم ۽ تهذيب جي ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپائي رهيا هئا. ساڳئي وقت سنڌ ۾ خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان جهونن خواه نوجوان شاعرن جو سڪار هو: جهڙوڪ قاسم، حامد، فاضل، گدا، عاجز، سبزپوش، علوي، بلبل، سانگي وغيره وغيره ير وطني حب ۽ قومي جذبات واري ڪلام جو سهرو فقط مولوي مرحوم جي سگوري سر کي حاصل هو.

3- مولوي جن مسدس ابوجهي جي شروع ۾ ڪجھ جيترا پنهنجا ناهيل بند ڏيئي پوءِ مسدس حالي جا اهي شروعاتي بند ترجمو

ڪيا اٿس، جن ۾ اسلام کان اڳ ۽ پوءِ عربستان ۽ آسپاس جي حالتن جو دلچسپ نقشو ڪڍيل آهي. مولوي اهو ترجمو به اهڙيءَ خوبيءَ سان ڪيو آهي. جو اصلوڪي اردو شعر جي هرهڪ مصرع جي مراد ساڳي بحر ۽ ساڳئي وزن ۾ صاف سنڌي مصرع ۾ سمائيندو ويو آهي. جنهن جو مسدس حالي پڙهيل نه هوندو، سو ڪڏهن به سمجهي نه سگهندو ته اهو ڪو اردو شعر جو ترجمو آهي. دنيا جي اگهور جهالت تي اسلامي تعليم ۽ تهذيب جي روشني ۽ اثر جو بيان پورو ڪري پوءِ مسدس حالي ڪي ڇڏي ڏنو اٿس ۽ سنڌ جي مسلمانن جي سڌاري لاءِ مشرقي تعليم سان گڏ مغربي تعليم ضروري آهي، انهي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ مولوي صاحب پنهنجي سر توڙي ساٿين سان گڏ جيڪي اتڪاءَ ۽ مشڪلاتون پيش آيون اٿن، سي ۽ آخر ڪيئن سنڌ مدرسه ڪراچي جو بنياد وڌائون ۽ ڪيئن سويارا ٿيا، سو ذڪر نهايت مزيدار پيرايه ۾ ڏنل آهي. انهيءَ وچ ۾ سنڌ جي هندن مسلمانن کي بي تعصب ٿيڻ ۽ اچي دل سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ جيڪي نصيحتون ڏنيون اٿس ۽ نماڻا ننگ وڌا اٿس سي پڙهڻ سان تعلق رکن ٿا. مثلاً:

صلح سانت سان جي سڀئي گڏ گذاريو
انهيءَ ڳالهه ۾ جي سچي سمجهه ڌاريو
نمي ننگي وطني اوهين جي نهاريو
انهيءَ ڳالهه کي غور سان جي وچاريو
ته ڪهڙو نه سک ٿي پوي سڀڪنهين کي
ٿئي سنڌ ڪشمير وطني پنهين کي!
جي گڏجي سڀئي سنڌ جا زور لائن
گڏه جا گتل گپ ڪنان سا ڇڏائن
گڏي زور سان زور پنهنجو وڌائن
هٽي مشڪلاتن کي ماري مچائن
جو جيسين ڌرين جي ملي مٺ نه ٿيندي
ڪڏهن من گهرولي هڏهن هٿ نه ايندي.

آنريبل ديوان ڏيارام جيٺمل کي مسلمانن سان تعليمي مسئلہ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيندي ڏسي مولوي صاحب کيس سياڳو ڪري سڏي ٿو ۽ سندس تعريف هن طرح ڪري ٿو:

سياڳو جو تو هومچاري سيا جو
رکيل هو منجهس خلق خالق خدا جو
ڏنل هوس جو هر ذرو دل صفا جو
سو هو راست رو راست راهہ هدا جو
نہ دل ۾ رعونت نہ سر ۾ وڏائي
اهي ڳڻ هئس دان داد خدائي.

برٽش سرڪار جي شڪر گذاري بہ مولوي صاحب نهايت سنجيدن لفظن ۾ ڪئي آهي.

وڏا بار احسان سرڪار جو ٿئون
۽ ٿورو حڪامن مددگار جو ٿئون
سندن زر عطيہ گران بار جو ٿئون
سڀن کان وڏو شڪر ڪرتار جو ٿئون
ڪري جيڪڏهن ها نہ سرڪار واهر
ڪڏي ها متو ڪين هي سوڀ ٻاهر.

آنريبل خانبهادر حسن علي جو سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ۽ تهذيب جي ترقي واري تحريڪ جو روح روان هو. تنهنکي مولوي صاحب سبوجهو (داناءُ) سڏي ٿو ۽ سندس باب ۾ هيئن چئي ٿو:

سبوجهي وڏا وقت پنهنجا وڃايا
انهيءَ خير ۾ پير پنهنجا ڄمايا
وڏي هوش سان ڪارخانا هلايا
وڏي عقل سان ناهہ ڏاڍا نڀايا
سيئي مشڪلاتون ويئون حل ٿينديون
۽ آسانيون پير پنهنجا پرينديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇاڙيءَ ۾ مولوي صاحب سنڌ مدرسي جي شاگردن کي علم ۽ تهذيب حاصل ڪرڻ جي ترغيب سان نهايت گرمجوشي ۽ صدقدليءَ سان ڪتاب کي ختم ڪيو آهي.

هن ڳالهه ۾ ذرو به وڌاءُ ڪونهي ته، مضمون جي مدنظر تي "مسدس ابوجهو" مسلمانن جي ماضي ۽ حال جي سچي تصوير، سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي حالت ۽ ترقي جي روشن تاريخ ۽ سنڌ جي رهاڪن خاص طرح مسلمانن لاءِ قيمتي نصيحت نامو آهي.

4- "مسدس ابوجهو" سنڌي نظم جو اهو بي نظير نمونو آهي، جنهن ۾ سراسر نج، صحيح ۽ صاف سنڌي زبان ڪم آيل آهي، ۽ منجهس ڪو به تصنع يعني زور مس جو ناهه ڪتب ئي آيل ڪونهي. صاف ۽ سليس زبان هوڻ به قدرتا فصاحت بلاغت جو باغ بڻجي بيهٽي آهي، تنهنڪري جڏهانڪر علم عروض جي اصولن تي سنڌي نظم نهڻ لڳو آهي، تڏهانڪر سنڌي ٻوليءَ ۾ مسدس ابوجهو فصاحت ۽ بلاغت بنسبت ٻيو نمبر نظم آهي. (پهريون نمبر ديوان گل آهي). اهو هن ڪري جو مسدس ابوجهي ۾ به جيڪي اصطلاح، پهاڪا، تشبيهون ۽ استعارا ڪم آيل آهن، سي سڀ نج سنڌي آهن.

# حافظ حاجي حامد (حامد)

## (1832ع - 1897ع)

حافظ حاجي حامد ڳوٺ ٽڪڙ تعلقه گوني ضلع حيدرآباد ۾ هجري سنه 1248 مطابق 1832ع ۾ ڄائو هو. هو ميمڻ قوم مان هو. اڃا ٽن ورهين جو معصوم ٻار هو، ته ماتا جي بيماريءَ ڪري صفا نابين ٿي پيو هو. بيشڪ انهيءَ وهيءَ ۾ نابينائي نهايت دلسوز حالت ڇٽبي. حافظ صاحب پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ انهيءَ حالت ڏانهن هن طرح اشارو ڪري ٿو:

"سـسـئي سـرجـئي نـه سک مـاٽيو

ٻيس پيـــوند پينگهي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نماڻي نينهن جـــــا نـنـڊپڻ ۾

ڪـــائي ســـور ســـامـــاٽي."

(ارمغان حامد صفحہ 38)

حـافظ صـاحب ڪچيءَ ۾ ئي پنهنجي ظاهري نابينائيءَ تي دل جي پريشاني ظاهر ڪري خدا تعاليٰ کان باطني بينائي عطا ٿيڻ جو سوال ڪيو هو:

"ڪئي سدا صورت هٽي حيران دل

مون کي ڪر معني جو محرم يا خدا

ڪر سندو حامد سدا تون حفظ سين

دين دنيـــا ۾ چڱو دم يا خـــدا".

(ارمغان صفحہ 1)

حافظ صاحب پوءِ ملان ڪاتيار ڳوٺ ۾ مولوي ولي محمد وٽ بر زبان عربي تعليم شروع ڪئي. "شرح ملا" تائين اتي تعليم ورتائين. پوءِ ٿنڊه سائين داد واري مولوي قاضي ابوالحسن وٽ بر زبان عربي تعليم ورتائين ۽ پوءِ ڪجهہ وقت مٽيارين ۾ بہ عربي تعليم جو اڀياس ڪيائين. خدا تعاليٰ حافظ صاحب کي حافظو اهڙو اعليٰ درجي جو عطا ڪيو هو، جو خود سندس استاد بہ حيران ٿيو ويندا هئا. سندس حافظي جي تيزيءَ ۽ باطني سوجهري جون چشم ديد ڳالهيون ڪرامتن جهڙيون آهن.

ڪجهہ وقت ڪپڙي جي واپار جو دڪان ڪاميابيءَ سان هلايائين. ڪپڙي جي جنس ۽ رنگ سڃاڻڻ ۾ اهڙو ماهر هوندو هو، جو جيڪڏهن نالي خاطر چشمو چاڙهي ويهي واپار ڪري ها تہ ڪو بہ گراهڪ ڪڏهن بہ پروڙي نہ سگهي ها. تہ حافظ صاحب ڪو نابينا آهي. هو بنا چشمي ڪپڙي جو واپار پيو ڪندو هو ۽ ڪڏهن بہ گراهڪ کيس ڏوڪو ڏيئي نہ سگهيو.

آسپاس خواه پري پري جا علمي مذاق وارا خاندان حافظ کي سندس خدا داد علمي لياقت ۽ فضيلت توڙي شاعراڻي قابليت جي ڪري دعوتون ڏيو پاڻ وٽ گهرائيندا هئا ۽ کيس بہ سير و سياحت جو شوق گهڻو هوندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سندس فرزند لائق ٿيا، تڏهن تہ دڪانداري ڇڏي گھڻو وقت سير و سياحت ۾ گذاريندو هو.

سير و سياحت ڪندي هن بزرگ شاعر پنجھٺ ورهين جي ڄمار ۾ جوڌپور رياست جي چاريلي ڳوٺ ۾ هجري سنہ 1315 مطابق عيسوي سنہ 1897ع ۾ وفات ڪئي.

## حافظ صاحب جو ڪلام

حافظ صاحب گويا "سنڌ جو ملٽن" هو. مس قلم جو محتاج شاعر نہ هو. جنهن وقت ڪو خيال حال موافق غزل، قصيدو، مخمس، مسدس وغيره سربستو چئي بنا اٽڪ وڃي پار پوندو هو. حافظ تمام گهڻو ڪلام چيو آهي، پر افسوس! جو سندس وفات کان پوءِ جيڪو بہ ڪلام هٿ ڪري شايع ڪيو ويو آهي، سو ٿورو آهي.

حافظ جا "خطبا" قصيدن، مخمسن، مسدسن ۽ ترجيع بندن جي صورت ۾ مولوي هدايت الله (مشتاق) متعلوي مرحوم آڳاٽا ڇاپائي پڌرا ڪيا هئا، سي سنڌ جي هرهڪ ڳوٺ جي مسجدن ۾ جمع نماز جي موقع تي پڙهيا وڃن ٿا. سندس عربي، پارسي ۽ سنڌي غزل توڙي بيو ٿورو گهڻو متفرقو ڪلام گڏ ڪري سندس فرزند ميان محمد هاشم (مخلص) "ارمغان حامد" جي نالي سان شايع ڪرايو آهي جو سنڌ ۾ علم دوستن جي مجلس جي دلچسپ ورونهن آهي.

## حافظ صاحب جي ڪلام جون خصوصيتون ۽ ايجادون

1- حافظ حامد جي ڪلام جي پهرئين پهرين خصوصيت آهي حضرت نبي ڪريم (عليہ الصلواة و السلام) جو عشق ۽ اهلبيت ڪرام جي محبت. حافظ مرحوم پاڻ فرمائي ٿو:

"ٿا رکن مشتاق سڌ ديدار جي
مون سڪڻ تنهنجي مٿي ڪي اڪتفا
حب حامد هاشمي جو رک هوس،
آهہ جو محبوب حق جو مصطفيٰ".

(ارمغان ص 2)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سسئي ۽ پنهون"، "سهڻي ۽ ميهار"، "مومل ۽ مينڌرو"، "هير ۽ رانجهو"، "ليلي ۽ مجنو"، "ليلان ۽ چنيسر" جي ذڪر ڳائيندي به حامد پنهنجو معشوق نبي ڪريم (صلعم) کي ٺهرائيندو ويو آهي هڪڙي هنڌ حافظ مرحوم فرمائي ٿو:

"گرچہ بلبل بر گل آمد با مجاز.
در حقيقت محو بر بوءِ شما".

(ارمغان ص 5)

هڪڙي هنڌ ته حافظ رواجي "عشق مجازي" کي "هوائي حرص" ڪري سڏيو آهي:

"رکج عشق عربيءَ سان پختو پرياڻ.
بيو حرص حامد هوائي نہ ڪر".

(ارمغان ص 13)

2- حافظ حامد مرحوم جي ڪلام ۾ جيڪا ٻي خاص خصوصيت آهي، سا آهي فطرت نگاري، واقعہ نگاري ۽ سيرت نگاري. سانگيءَ ۽ سسئي جي جهاڳيل جبلن جو نقشو، سهڻيءَ جي تار ترڻ جي ڪيفيت، "پائر" ۽ "ڪائر" جي تصوير عمدگيءَ سان چٽي آهي، پر حافظ انهيءَ فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. حيرت انگيز ڳالهہ هيءَ آهي، جو حافظ ٽن ورهين جي عمر ۾ نابين ٿيل، تنهن قدرت جا نظارا ۽ انساني سيرتون بينا شاعرن کان به زياده عمديون ڪيئن چٽيون!

**1- مهراڻ جي مستي ۽ سهڻي جي سيرت:**

"ڏسي مهراڻ جي مستي
نہ ويرن کان ورڻ گهرجي
ميهر محبوب لئي موجن
۾ منڌ توکي مرڻ گهرجي
ابت ۽ آر اوپارو
ڪپڙ ڪنڌئين ڪري ڪڙڪيا
اهو اوڙاهہ آڌيءَ جو
طلب وارن ترڻ گهرجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيارو سير سائر جي
ستاڻي ڇا جهلي سڪ کي
نماڻن نينهن جي کي نيت
هن تنبي ۾ نرڻ گهرجي
ڪري مر ڪانڌ پيو ڪاوڙ
سدا ساهڙ هجي سرتو
سندو ڏم ڏوم ڏوراپو
نه ڪنهن ٻر ڪن ڪرڻ گهرجي
چريو ڪيو جنهن چٽاڪي چت
سدا سا سرڪ ساريان تي
رهي اوراڙ اونهي ڪان
نه تنهن ڪيران ڪرڻ گهرجي
ٻڌيئن تال ٻاجهه ٻانئج.
جي رسيين تان آهه سڀ رحمت
ڇڏي حيلا حبيبن ڏي
پلا ڪا وک ڀرڻ گهرجي
رکن ناتو نهارڻ ننگ
حامد تئي نه هيڪاندو
محبت وارئين موران
نه ڏونگهن ڪان ڏرڻ گهرجي.

3- حافظ حامد جي ڪلام ۾ ٽين خصوصيت آهي "هجويه" مضمون. حافظ کان اڳ وارن شاعرن يا سندس هم عصر شاعرن مان نهنجي به ڪلام ۾ هجويه ڪلام جو نه ايترو انداز آهي ۽ نه دلچسپ ز ۾ هجويه ڪلام ادا ڪيل آهي. سيد ثابت علي شاهه جو ناهيل ٺنگ" ۽ "لڪڙو". سيد خير شاهه جو ناهيل "ناني نور خاتون" ۽ فاضل ه جو ناهيل "سگڙو" به زبردست هجويه ڪلام آهن. پر اهي خاص ح مذهبي ڇيڙڇاڙ سان ڀرپور آهن. جن کي ڪو به صلح ڪل سپاءِ وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخن سنج هرگز پسند نہ ڪندو. مگر حافظ حامد جو هجويہ ڪلام گهٽي قدر پوشيدن لفظن ۾ ۽ عام مجلس کي ڪلائڻ جهڙو آهي.

"ارمغان حامد" جي صفحہ 45 وارو غزل، صفحہ 51 وارو بزم عيش (مثنوي) صفحہ 67 وارو گواه نامو (قصيدو) ۽ صفحہ 75 وارو غزل هجويہ ڪلام آهن.

ويهارو ڪن ورهيہ ٿيندو، جو هڪڙي سنڌي ڇاپيل چوپڙي ٿندو محمد خان ۾ ڏٺي وئي هئي، جنهن ۾ فقط حافظ حامد جو ناهيل هجويہ ڪلام ڇاپيل هو. انهيءَ ڪلام ۾ مير صاحبن جي هڪڙي خاص نوڪرياڻي جي ڪل چڱيءَ طرح لاٿل هئي، جنهن شايد حافظ کي ڏکويو هو. ان سان گڏ انهيءَ نوڪرياڻي جي ڏٽين جي بہ چڱي ريارام ورتل هئي. مگر افسوس جو هن وقت اها چوپڙي گهٽي ڪوشش ڪندي بہ اسان کي هٿ اچي نہ سگهي.

مثال:

منافق مدعي من ۾
اسان پانيو تہ ايماني
چڏي سادات جي سانجاه
ٿيو مردود مرواني
گلا گاندو وهو گس تي
ڪجاڙي لئي ڪري ڪوفي
عدو ۾ ناهہ ڪو اصلئون
ادب اخلاق انساني
قدر ڪاٽي جي پٽ کي
ڪهڙو پوندو پاڪ زادن جو
هچارو ٿيو حيا کان پهر
ڏس نر جي نادانـي.
چوي پلجي جو بيهودو
پين کي آل کان اگرو

پيــو منجــهــ پاپ پاراتا
چــڏي منڪــر مــسلمــاني
ايــا ڳــو عـــالـمن ڏي تـــو
رکي احــمق عــداوت ســـو
رهي تـــــو ڪين رهزن رول
حــرڪت ڪــان هنومــاني.

4- حافظ حامد جي ڪلام ۾ ايجادآهي "خطبہ سازي" حافظ کان اڳ وارن شاعرن مان ڪنهن بہ بزرگ خطبا نہ ناهيا هئا. البتہ حافظ جي هم عصر مولوي محمد عثمان نوررگ زاده ڪورواهي سنڌي نظم ۾ خطبا پختائيءَ بہ نسبت حافظ جا خطبا بي بها آهن. حافظ جا خطبا ناصحانہ ڪلام جو خزانو آهن، جن ۾ مذهبي خواه اخلاقي نصيحتون گويا املهہ ماڻڪ آهن. هي خطبا ڇاپيل آهن ۽ گهڻو ڪري سنڌ جي هرهڪ ڳوٺ جي مسجد ۾ سيڪنهن جمع جي ڏينهن پڙهيا وڃن ٿا.

## مضمون

حافظ حامد جي ڪلام ۾ خاص مضمون هي آهن:

(1) عاشقانو مضمون (2) ناصحانو يا اخلاقي مضمون (3) فطرت نگاري ۽ سيرت نگاري (4) مدحيہ مضمون (5) هجويہ ۽ مذاقيہ مضمون.

**(الف) عاشقانو ڪلام:**

حافظ جو عشق سنئون سنواٽو "حقاني عشق" هو. خدا تعاليٰ جي صفتن ۽ قدرتن ۾ پڪو ايمان،حضرت رسول ڪريم صلي الله تعاليٰ جو سچو عشق، اهل بيت اطهار، اصحاب سڳورن، اوليائن ۽ درويشن سان صاف محبت ڪان سواءِ پيو ڪو بہ مجازي عشق حافظ ڪي ڪو نہ هو. "ارمغان حامد" ۾ جيڪي مجازي عشق جي مضمون وارا بہ ٽي غزل آهن، سي حافظ صاحب جا فرمائشي ڪلام آهن. يعني حضرت گدا، يا مير سانگي جيڪڏهن ڪو عاشقانو ڪلام ناهي ان جي تتبع تي ڪلام جي گهر ڪندا هئا، تہ حافظ امالڪ ڪڙو ڪڙي سان ملائي هم مضمون غزل يا قصيدو تيار ڪريو انهن ڏي موڪليندو هو. جئن تہ مير سانگي مجازي عشق جي مضمون وارو غزل (واسع الشفتين)، جنهنجي پڙهڻ سان چپ چپن سان نٿا گڏجن (ڏسومير

سانگي جي بيان ۾ انجون ايجادون) سو ناهي پڇاڙيءَ ۾ لکيوهئائين تہ گدا، حيدري ۽ شاعر ٽڪڙ (حافظ حامد) کي ھھڙي غزل ناھڻ لاءِ انتظار ڪيڙو پوندو. اهو غزل جڏهن حافظ حامد کي پهتو تڏهن ان جي جواب ۾ هيٺيون غزل سابِّئي مضمون ۽ سابِّئي سينگار ۽ صنعت سان تيار ڪري سانگي ڏي موڪليائين:

”هوت هيئڙي هار دلجا نار گلرخ گلعذار،
جڳ اندر جاني نہ ٿيو ڪو جوڙ توسان جيءَ جيار.
جلهہ سان جهونجهار جنگي عاشقن جي سر اڇيو،
نازنين نت نيڻ تنهنجا ڪن قتال و ڪار زار.
چو هٽي هرهر هلان ڪيو تيغ اکڙين جا تکا،
گهور هڪڙي ساڻ گهايل تو ڪيا هرجا هزار.
حضرت سانگي جو يڪتا شعر لاثاني سڄو،
هر غزل ان جو تہ هڪ نوطرز تي آهي نگار.
ان جي نڪتہ ڪان نزاڪت ناسخ و ناصر سکي،
انجي عزو جاه ڪان آهہ شوڪت شهريار.
آهہ سنجيدو سخن سيد گدا ان ساڻ گڏ،
ٿو ڪري اهڙن ئي غزالن جي غزلن جو شڪار.
چست ۽ چالاڪ آهي هوش جنهنجو هر طرح،
ڪئن ڪڍي سو شاعر ٽڪڙ ادا اڄ انتظار.

(ارمغان- ص 14-15)

”ارمغان حامد“ جا بيا بہ ٽي عاشقانہ مضمون وارا غزل بہ انهيءَ طرح فرمائشي شعر آهن، جن ۾ حافظ صاحب پنهنجي حال حقيقت جو فقط ڪو هڪڙو بہ بيت شامل ڪندو ويو آهي.

## خدا تعاليٰ جي توحيد ۽ قدرت ۾ ايمان

لرب الخلق حمد باالثناءِ هو الله الذي رفع السماءِ
الله قادر بر بصير تبارڪ ربنا ذوالڪبرياءِ
هو الحي المدبر ڪل امير هو القيوم ابد باالبقاءِ
فلرحمان نشڪر شڪر نعم و للجبار نرضي باالقضاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ منا جـوڙي خلق خـالق
ڪي پڌري پانھنجي واحـد وڏائي.
صـمـد صـانع ڏٺي داناءُ دائم
عـدم ڪـان سـڀ اپت آڳـي اپـائـي.
اپن پـولين جـو او مـعـبـود مـالڪ
ٿي هرجـا حق سندي خـاوند خـدائي.
سگهي سيـڪـائي پاٽان پاڪ پرور
ڪري منجھہ ڪم پيڙو ڪو نہ پائي.

## (ب) ناصحانو مضمون

شـاعـراني دسـتـور مـوجـب "ارمـغـان حـامـد" ۾ جـا بجـاءِ اخـلاقي نصيحتون درج ٿيل آهن. پر حـافظ جي خطبن مـان هرهڪ خطبي ۾ مذهبي خواه اخلاقي نصيحتون علحدي علحدي ۽ عـمـدي نموني ۾ ڏنل آهن. مـثـال خاطر فقط هڪڙي خطبي مان ناصحانو ڪلام هيٺ ڏجي ٿو:

الحـمـد الله الذي اظهـر و آمن من حـذر
اڪرم و انجح من شـڪـر، اخزي و ردي من ڪفـر.
مـؤمن ڪريو مـردانگي دل مـان ڪـيو ديوانگي
هي سـڀ هوس حـيـرانگي آهن ابـا ڳـائي اثر.
پورا پڙهو واجب فـرض قـادر ڪـيـو جـيـڪي قـرض
غـفلت منجهان ڪهڙو غرض هردم هئو ٿي هوشـور.
سمجهي سـڌاريو سنتون تان ٿين رب جون رحمتون
بلڪل سڀ ڇڏيو بدعتون جنهنڪري سندا ڏاتار ڏمر.

## (ت) فطرت نگاري ۽ سيرت نگاري

فطرت نگاري ۽ سيرت نگاري جا مثال خصوصيات واري باب ۾ ڏنا ويا آهن.

## مدحيہ مضمون

حافظ جي ڪلام ۾ مدحيہ مضمون بہ تمام گهڻو آهي. "خطبات حـامـد" جي هرهڪ "خطبئہ ثـاني" ۾ حـضـرت نبي ڪـريم عليـہ الصلوات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

والسلام جي ساراهه. اصحابن سڀني ۽ اهلبيت اطهار جي واکاڻ ڳايل آهي. "ارمغان حامد" ۾ حضرت پير جيلاني بادشاه (قدس الله سره العزيز) جي صفت ۽ ساراهه ۾ به سندس ڪلام چيل آهن.

"سڀ خلق جو ڪيو صاحب مهندار محمد
قرآن ۾ ڪيڏي تي پلي ڪاڻ پلائي.
احمد جي اشاري سين ڦٽي چنڊ ٿيو ڦارون
سين معجزي مرسل جي اٿي ڳوهه ڳالهائي.
معراج جي منان ڪي تڪريم تنهين کي
صلوات متي سيد فائق فرمائي.
خلفاء سندس خاص ٿيا چارا پلارا
تعظيم سندين توڙ ڳنان رب رکائي.
بوبڪر پلي جام سندو صادق سهرو
سرمال جي سرورسين ڪي صديق سچائي.
فاروق ڏنا فيض سدا حق هميشه
باطل جي بهادر تہ وڌي ٻيخ وڃائي.
سر مهڙ سخاوت جو اجهو اڪمل عثمان
سختيءَ ۾ صحابن کي مدد مير ملائي.
سر صف جنهين سوره اسدالله آيو
ذري ۾ ذوالفقار سين سالار سجهائي.
حسنين شهيدين اکين نار علي جا
سي کوهه پون خارج جن مڪر منائي.
سچ بضع پلي جام جي بيبي جا بتوله
خاتونءَ تہ خدا ساڻ سدا ورونه وڌائي.
عمين سندا سيد عباس ۽ حمزه
رحمان ات رحمت هر ويل وسائي.
اصحاب اچا شاه جا انصار مهاجر
سي روهه رلن رافضي جن بغض برائي.

## هجويہ مضمون

حافظ جيڪي هجويہ ڪلام چيا آهن، تن مان ”گواه نامہ“ واري قصيدي جي سٺنيهن بيتن مان ٿورا بيت نمونہ خاطر هيٺ ڏجن ٿا، جن مان هجو ۽ ظرافت يا مذاق جي مزيداري بہ روشن ٿيندي.

”دوست دل سين بڌو
مونکان مڙي هي ماجرا
ڪئن مسلمانن مڙي
آل نبيءَ مان ڪيو اذا
هن تہ پنهنجو حق ڇڪيو
سرڪار ۾ سادات تي
تنهن ڏسي مومن مڙئي
شاهد لکايا شهر جا
زور لائي ظالمن
ڪاريو گواهن کان گناهہ
سي ڪڏي هليا قسم
ڪوڙي تي ڪورٽ ۾ ڪتا
ٿيا مگر مؤمن منجهن ڪي
دل سچيءَ سان ديندار
جي نہ يو ڪنهنجي ڪان پليا
رب جي ڳوليئون رضا
نام ان جا ٿو ڪريان
نروار آءٌ هن نظم ۾
جي ٿيا مؤمن موافق
يا مخالف ٿيا منا
پهرين پيئڙو پاپ ۾
قاسم قسم کاڻو ڪٺي
سخت ڇاتي ڪين سنهن جي
تنهن جهريل جاهل جزا

پيٽ ۾ پيءُ ڏاڏي ڪـــان
نٽوي ڪي هو جنهنجو نمڪ
ڪي وفـــا بـــدران ولــي
نعمت سين تنهن جوڙي جفا
اؤ ٻهـــر نڪـــتو تہ پيـــو
ڪـورت وري ڪـوڪـاريـو
لالچي ليندو لبوسي
پوڪ اٿـــيـــو بي حـــيا
ايءُ نـــہ هــو اربــاب اصلــي
هئي پٽس تي ڪانہ پگ
جم ڪٽي ڄاموٽ ٻٽيـــو
ڪالهـــہ يارو سين قـضـا
حـيف هونئي ٿـئين حـلالي
ڪين مـــالون مـل مـڪـي
هر طرح حـقـدار جـــو
ڪـــائي نمڪ ڪئي تو خطا
بنديون باســيــئي نہ بلڪل
جي لکيـــون تو بي لحـــاظ
حق ٻوڙيي جـئن هٿن سان
تئن ٻڌن تنهنجـــا ٻچـــا.
ڪانہ خــــوبن ڪـي...
جـــو اســـان پـــانيـــو امين
ٻڌ چـــــڏي ٻاتي جي پٽ
ٿيو حق چوندي تنهن جا حيا
تـف هجـــــــئي ڙي .....
ڪاڻ تـو ڪـي ڪـانہ هئـي

ڪئن ڪتا ڪوڙي قسم جي
بي سبب ڪاڏين بلا.

## مولوي محمد عثمان نورنگ زاده
## (1918ع وفات)

سنڌ مدرسه اسلام ڪراچي جي معلمن ۽ مولوين سنڌي ادب جي اها خدمت ڪئي آهي جا وسارڻ جي نه آهي. انهن سڀني جو رهبر ۽ اڳواڻ مولوي محمد عثمان نورنگ زاده هو. هو هڪ زبردست عالم، فقيه، تاريخ نويس ۽ قرآن جو مفسر هو. سندس شعر نصيحت آميز، منو ۽ فصاحت ڀريو هو. نورنگ پوٽن متاخرين مان مولوي محمد عثمان فارغ التحصيل ٿيڻ بعد حسن علي آفندي سان ٻانهن ٻيلي ٿي سنڌ مدرسه ۾ سنه 1850ع ۾ معلم الفقه مقرر ٿيو. ان وقت جا پرنسپال خان بهادر ولي محمد ۽ مسٽر وائينس کيس نهايت عزت ڏيندا هئا. سندس شاگرد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. علم ڪان سواءِ علم طب، علم رمل، علم نجوم ۽ جفر جو به زبردست مستند عالم هو. علم جفر تي اڪسيرالاحمر سندس ڪتاب ڇاپيل آهي. پاڻ مدرسه ۾ درس تدريس سان گڏ تفسير تنويرالايمان جي تصنيف ڪيائين. سنڌي زبان ۾ سڄو قرآن شريف ۽ تفسير اهو هڪ ئي آهي. پهريون پاره 1906ع ۾ تيار ٿيو. مولوي صاحب 1918ع ۾ وفات ڪئي ۽ انهي وقت 25 سيپاره تيار ڪري ڇڏيا هئائين ۽ 26 پاره جي ربع اولين لکجي پوري ٿي ته پاڻ داعي اجل کي لبيڪ چيائون. مرحوم نهايت سادي زندگي گذاريندو هو ۽ انهن بزرگن مان هو، جيڪي هميشه لوڪ کان لڪا وتن. شب خيزي ۽ سحري استغفار سندن روز مره جو وظيفو هوندو هو. پاڻ جڏهن سنڌ مدرسه مان مستعفي ٿي پنهنجي وطن ڪورواهه ۾ آيو تڏهن ان وقت جي ڪمشنر کيس ڪجهه زمين انعام طور ڏني. مرحوم حياتيءَ جا پويان 5 سال پنهنجي وطن ڪورواهه ۾ گذاريا ۽ انهن آخرين سالن ۾ تفسيرالايمان جي تصنيف ۾ سارو ڏينهن گذاريندو هو. ڪڙيه کهنور م کهٽو ايندو ويندو هو.

**تصنيف:**

(1) فتوح الغيب سنڌي- هي هڪ عربي ڪتاب سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمته الله عليه جي تصنيف جو ترجمو آهي.

(2) اڪسيرالاحمر في اسرارالجفر- هي سنڌي ۾ هڪ لاثاني ڪتاب آهي جنهن ۾ علم جفر نقش ۽ علميات وغيره جو بيان ڏنل آهي.

(3) حالات غوث الاعظم- ڪتاب جو مضمون سيدنا عبدالقادر جيلاني رح جي سوانح بابت آهي هن وقت هي ڪتاب ڪمياب آهي ۽ ڇاپائڻ جو لائق آهي. سيدنا عبدالقادر رح جي تبليغ جو اثر اهو آهي جو ميمڻن جي ساري قوم سندن اشاعت جي ذريعي مسلمان ٿي. سندن ئي برڪت سان ميمڻن جي قوم دين دنيا جي سرخروئي حاصل ڪئي آهي ۽ پاڪستان جي تجارت جون واڳون سندن هٿن ۾ آهن.

(4) بينات القرآن- حيدرآباد جي هڪ هندو عامل اسلام تي حملو ڪيو هو ۽ هڪ چوپڙي ڇاپائي گمراهي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، مولوي صاحب هن ڪتاب ۾ مدلل جواب ڏيئي، انهي شيطان جو بوٿ بند ڪيو ۽ آئنده هندن کي مجال نه ٿي جو وري ڪو اهڙو گستاخانه حملو ڪري. ڪتاب جي پڙهڻ سان حيدرآباد جا هندو عامل سوين مسلمان ٿيا.

(5) خطبات سنڌي- مولوي صاحب جا خطبا اڄ تائين سنڌ جي مشهور مسجدن ۾ عام جام پڙهجن ٿا. خطبن ۾ سنڌي نثر ۽ نظم عام جام آهي. نظم نصيحت آميز ۽ درد وارو آهي.

(6) تفسير تنويرالايمان- پنهنجي زندگيءَ ۾ 25 سيپاره لکي ويو هو ۽ باقي 5 سيپاره سندس پوٽي مولوي محمد نورنگ زادي تيار ڪيا.

(7) تحفته الاسلام- سنڌي زبان ۾ فقه جا 5 جلد آهن جي سنڌ مدرسي جي نصاب ۾ داخل آهن.

مرحوم مولوي سنڌ مدرسي جي ماهوار ڪرانيڪل رسالي جو ايڊيٽر هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوڙو مل چندن مل

## (1844ع - 1916ع)

ڪوڙي مل جي ادبي خدمت وسارڻ جهڙي نہ آهي. سندس تصنيفون گهڻيون نہ آهن، ۽ رڳو ٻہ ڳاڻ ٽيهون آهن، تہ بہ سندس سنڌي عبارت ڪٿي ڪٿي قليچ سان ڪلهو هڻي ٿي. هن جو تعليم کاتي سان گهاٽو لاڳاپو هو ۽ ڪجھ سال ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال ٿي رهيو هو. تنهنڪري هنڪي ڪي ڪتاب تيار ڪري کاتي کي موجود ڪري ڏيڻا هئا.

ڪوڙو مل اصل ٻرين جو وينل هو ۽ آڪٽوبر 1844 ۾ ڄائو هو. اهو وقت انگريزن جي حڪومت جو آغاز هو، تنهنڪري سرڪاري سنڌي اسڪول ڪين هئا. آخوندن جا مڪتب ڳوٺ ڳوٺ ۾ هوندا هئا. جتي هندو ۽ مسلمان گڏ تعليم وٺندا هئا. ٻرين ۾ بہ هڪ اهڙو مڪتب هوندو هو جنهنجو باني آخوند سليمان هو جنهن وٽ ڪوڙو مل پڙهيو ۽ بهار دانش سڪندر نامي تائين پارسي تعليم ورتائين ۽ ڪجھ سنڌي بہ سکيو. انهي وقت ڏاري ڪراچي ۾ هڪ نارمل اسڪول ماسترن جي تربيت لاءِ کليو، جنهن ۾ ڪوڙو مل داخل ٿيو جتي انگريزي بہ پاڙهبي هئي. اتي مسٽر ڪوڙي مل پنهنجي شوق سان چڱي انگريزي پرائي ۽ بمبئي ۾ مئٽرڪ امتحان لاءِ روانو ٿي ويو. پر ناپاس ٿي پيو. وري سنڌ ۾ موٽي اچي ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪلارڪ ٿيو. انهيءَ وقت هنکي سنڌي ڪتابن لکڻ جو شوق پيدا ٿيو، ۽ تحرير اقليدس (جاميٽري) ۽ ٻيا سنڌي درسي ڪتاب لکڻ شروع ڪيائين. جاميٽريءَ ۾ جيڪي سنڌي لفظ هن وقت موجود آهن سي ڪوڙي مل جا ايجاد ڪيل آهن. مستطيل، متبدل ڪندون وغيره، هن پارسي ڪتابن مان ڪڍي سنڌيءَ ۾ رائج ڪيا جهڙيءَ طرح مرزا غلام رضا سنڌيءَ ۾ منطق جو ڪتاب لکي منطقي لفظ سنڌيءَ ۾ رائج ڪيا يا خانصاحب مرزا صادق علي بيگ علم معاشرتي جو ڪتاب لکي پوليٽيڪل ايڪاناميءَ جا عربي لفظ سنڌي ڪتاب ۾ ڪم آندا تئن مسٽر ڪوڙي مل بہ ساڳي خدمت تحرير اقليدس جي لکڻ سان ادا ڪئي. جلدئي ڪيس شڪارپور جي ائنگلو ورنيڪيولر اسڪول جو هيڊماسٽر ڪيائون. وري جڏهن سکر ۾ هيڊ ماستر مقرر ٿيو تڏهن تعليم النسوان (ناري وديا) جي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيائين ۽ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ناري سڪيا جي باري ۾ "پڪو پهه" لکيائين. جلد ئي حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿي آيو ۽ سندس من گهريو مطلب به اتي سڌ ٿيو. يعني علم ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪوششون ڪيائين ۽ سنڌي سٽن ئي درجن لاءِ نوان ڪتاب لکيائين جن جو قدر اڄ به ڪجي ٿو.

هن صاحب جيڪي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيا هئا هي آهن:

1- روهني

2- هري درشن

3- پهاڙي بابا

ڪوڙي مل جي سنڌي شروعات ۾ پارسي عربي آميز هئي. جنهن جو اثر اهو ٿيو جو سندس ڪتابن کي هندو مسلمان چاهه سان پڙهندا هئا. انهن ڪتابن جي ٻوليءَ تي سڌو سنواٽو اثر آخوند سليمان جو هو. جنهن هن کي پارسي جي چڱي خاصي تعليم ڏني هئي. پر جڏهن هن پنهنجي هندو قوم جي شيوا ڪرڻ گهري، ۽ انهن جي پڇتي حالت سڌارڻ لاءِ ڪتاب لکيائين تڏهن پنهنجي ٻولي ڦيرائي سنسڪرت ۽ هندي آميز ڪري ڇڏيائين.

سندس ڪتابن جي ياداشت:

1- پاراٿا گيت 2- پاراٿيون آڪاٿيون 3- ڪيتي 4- قول مالا 5- ساميءَ جا سلوڪ 6- ڀڄن مالا 7- سنڌي ڳجهارتون 8- ميران ٻائي 9- ساوتري 10- درو ڀڳت 11- رتناولي 12- پهاڙي بابا 13- هري درشن 14- روهني.

## ساميءَ جا سلوڪ

سامي جا سلوڪ گمنامي جي اوڙاهه ۾ پيا هئا جن کي هن ئي گڏ ڪري شايع ڪيو. منجهن شاعراني خوبي ڪا ورلي ليندي جنهن لاءِ ڪوڙي مل ايتري ڪوشش ورتي. پر هندڪي ادب کي هٿي ڏيڻ لاءِ هن اها محنت ڪئي. هندن جو شعر انهي زماني ۾ هوئي ڪونه. تنهنڪري جيڪي مليو سگهيس سو ظاهر ڪيائين ۽ اسڪولن جي درسي ڪتابن ۾ داخل ڪرايائين. رتناولي سنڌي ۾ پهريون ناٽڪ آهي تنهن ڪري مسٽر ڪوڙو مل سنڌيءَ ۾ پهريون ناٽڪ نويس آهي. رتناولي هڪ سنسڪرت ناٽڪ جو ترجمو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هرش ديو لکيو هو. آکاڻي هڪ راجا ڪوسمبيءَ جي آهي، جنهن جي شادي اجين جي راجا جي ڌي سان ٿي هئي. گهڻي پناهڙ رڳي هندڪين رسمن جي بيان ۾ آهي ۽ ٻولي سنسڪرت لفظن سان ڀريل آهي. جا به عام فهم نه آهي. ناٽڪ جي شروعات هينئين ريت ڪئي اٿس. هر شوجي مٺي تي پشپ انجلي چڙهائڻ ڪاڻ پاروتي ڏڪندي ڏڪندي پيرن جي آگرين تي ڪڙي ٿي بيٺي پر هنئين جي دڪ دڪ ڪري اٺين ٻيهي ڪين سگهي. شو جي تنهين اکين سان ابلا ڪري جو ڏانهس نهاريو سو ڏاڍي لڄي ٿي ۽ هٿ اچي ڏڪڻ لڳس، تنهنڪري پشپ انجلي اتيئي ڪٿي ڇڏيائين. اها پشپ شال توهانجي رکيا ڪري.

مٿي چيو ويو آهي ته هنجي سنڌي ٻولي شروعات واري سولي ۽ عام فهم هئي. تنهنجو مثال سندس ڪتاب "ڪيتيءَ" مان ڏجي ٿو.

نيباهو هڪڙو زميندار هو، تنهن کي هڪڙو پٽ هو، جنهن جو نالو هو جيئندو. هو ڇوڪر مڪتب ۾ پڙهڻ ويندو هو. هن جا مٽ مائٽ جيڪي پڙهيا هئا سي وڃي سرڪاري نوڪر ٿيا پر نيباهوءَ جو مطلب هو ته ڪچيءَ کان هن ۾ کيتي جي ڪم جو چاه پيدا ٿئي، ته هو لکڻ پڙهڻ سکي هوشيار ٿي پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي ڌنڌي کي لڳي وڃي. تڏهن انهي ڪري جڏهن ڪو وجهه لڳندو هوس، تڏهن سمجهائيندو هوس ته اتم کيتي، مديم واپار ۽ نيچ نوڪري جا چئي اٿن سان انهيءَ ڪري ته کيتي جو ڪم آبروءَ جو ڌنڌو آهي.

مٿئين مثال مان ڏسبو ته ڪوڙو مل سنڌي سولي ۽ با محاوري لکي سگهندو هو. پر جڏهن ڪو موقعو ملندو هوس، ته پنهنجي سنڌي رفتار ڇڏي وڃي هنديءَ جي منجهيل وڪڙ ۾ پوندو هو.

## آخوند لطف الله (لطف) حيدرآبادي

### (1842ع - 1902ع)

آخوند لطف الله (لطف) حيدرآباد جي شيرازي آخوندن مان هو. آخوند حاجي فقير محمد عاجز جنهن جو احوال مٿي اچي ويو آهي، تنهنجو سڳو سوٽ هو. آخوند لطف الله صاحب سنڌي اسڪول ماستر هو. سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهيل تڪ بندي وارو ڪتاب "گل خندان" ساري سنڌ ۾ مشهور آهي. پراڻي اخبار مان سندس ڇهہ غزل هٿ آيا آهن، جن مان ٻہ تي هيٺ ڏجن ٿا:

1- "ڪيو دور فلڪ جي يار ڪان
مون کي جدا امشب
لکيو تقدير ۾ حرف جدائيءَ
جو قضا امشب.
سواد زلف دلبر جي
لکيو خط سياهي جو
تہ صبح وصل جو آخر
ڪندو ظاهر ضيا امشب.
دل مجنون سان يارو
اڃي منهنجي پئي ياري
تہ وحشت کان بهر لحظہ
ڪري تہ التجا امشب.
پيو تسبيح ۾ ڪو عقد
شڪل بي جميعت جو
تہ عارف ورد دوشينو
ڪيو وينو قضا امشب.
نہ هو مشڪل مگر تسبيح
جو عقد لاينحل
طبع کي عارفن جي هئي
نہ تنقين رضا امشب.
مگر منصور جو ناحق
ڏنائون سر متي سوري
نہ پرجهيم هن حقيقت کان
تعبير قضا امشب.
بہ بندي هجر اين مهجور
تا ڪئي پسندي تو

بعـــزـــــابهـــــر درمـــــان

دل مـــحــــزون دوا امـــشـب.

نـہ هو ڪو لطف ڪي هرگـــز

خــيـــال وصل دلـبـــر جـــو

مـــگـــر دفــع بـــلاڪـــارڻ

گـهـري ٿي دل دعـا امـشـب."

(سنڌ سڌار سيپٽمبر 1880ع)

2- "جٺن گهورن سان دل کي گهائين ٿو

تٺن سجڻ سهٽا ساه کي سهائين ٿو.

ڇـاهي ســورج ۽ چنڊ چــوڏهينءَ جـو

هڪ جلوي سـان ڦبـئي جهپائين ٿو.

سؤ سؤ سرڪش تون سجڻ سر ساعت

نـاز نيـــٽن جي ســـان نمائين تـــو.

راءِ رانجـــــهن وينـــــو رقـــيبن جي

ڪٺن نمـاٺن ڪـان اڄ نـتـائين تــو.

ڏيئي دلاســـا دليـــون ڪـــسي دلبـــر

مـيت مـحـبت وري مـتــائين تـــو.

رس رهاٽيـــون رکـــيـــو رقـــيبن ســـان

عـاشـقن کي سـجڻ سـڪـائين تـو.

پي پهـــــرين وصل جـــــو وعــــدا

پوءِ گـوشـو ڪيـو گـسـائين تـو.

عـاشـقن کي عـتـاب جي منجـهہ آڳ

جيءَ جــڙيا جي جگر جـلائين تـــو.

قـــرب جـــو عـــاشـــقن جي قلبن ۾

راز ڪنهن رمـــز ســان رلائين تــو.

حلقــہ درگـــوش جگ تــئي جـــاني

هر طرح حـــڪم اڄ هلائين تـــو.

عــيــد ٿي اڄ عــجــيبن منهنجي اڳڻ
پرت جــا پيــر پر جــو پائين تــو.
سچ ســـــخن ۾ ادا ســــخن پرور
قـاسـمـا كيـمـيـا كمـائين تـو.
ٿي مــشــفق ۽ مــهــربان مــنــا
لئون جـڏهن لطف سـاڻ لائين تـو.
(اخبار سنڌ سڌار سيپٽمبر 1880ع)

3- غزل (ذوقافيتن)
هر هر پڇــان ٿي پنڌڙا مننــار يار ڪاڻ
مــشــڪل ٿــيم گــذارڻ دلدار ڌار هاڻ.
ڇـڏ ڪيم تون ڇـپـر ۾ تـر ۾ نـه هي ٽـڪي
گــولي نيــو قطاري ڪيــچي قطار ســاڻ.
خوش هوس، هوس جڏهين ڪون عشق بي خبر
آٽــي وڌم ڏڪـن جــي ڏولــي ڏوار ســــاڻ.
هوءَ جا تري نـه جاٽي گمراهـ منجهـ گسن
ڏيڪاريو ٻليءَ ڪي ٻــيـلو ٻــتــار ٻــاڻ.
جــيــڪــر اڇين ٻــلائي منهنجي اڱڻ عــجــيب
قــربان نثــار توتان قــربان يـار پاڻ.
هن بحــر ۾ ســخن ڪي ذوقــافــتين جــوڙ
در ســـخن ســيـــاڻا هئن آبدار پاڻ.
جــا لطف رمــز ســهــٽي هن شــعــر ۾ ســئي
ڪل ڪان ڪسر تنهن ڪي تون هوشيار ڄاڻ".
(سنڌ سڌار ڊسمبر 1876ع)

## ميان شمس الدين (بلبل)

## (1857ع - 1919ع)

ميان شمس الدين (بلبل) ميهڙ شهر (ضلع لاڙڪاڻو) جو وينل زميندار هو. پارسي ۽ اردو ٻوليءَ جو چڱو ماهر هوس. اوائل ۾ اردو اخبارن ۾

رسالن وارا شعر شوق سان مطالع ڪندو هو پاڻ به اردو ۽ پارسي شعر ناهيندو هو. ڦوه جوانيءَ جي وقت دائي پاٽي جي قسمت ڪراچي جا وڻ ڏيکاريس. اتي خان بهادر حسن علي سنڌ مدرسه الاسلام جي هفته وار "معاون" جي ايڊيٽريءَ جو ڪم ميان شمس الدين جي حوالي ڪيو. "معاون" اخبار ۾ سنڌ جي جدا جدا شاعرن جا سنڌي غزل جام ڇپبا هئا. اهي ڏسي پوءِ شمس الدين صاحب کي به غزلن ناهڻ جو شوق پيدا ٿيو.

ڪراچي ۾ بلبل صاحب کي مجازي عشق جي چيٽ به لڳي ويئي. آخر پنهنجي معشوقه پارسياڻيءَ کي ڪراچي مان ڪٽي وجي ميهڙ ڪان ڪڍيائين ۽ جيڪي قانوني تڪليفون پيش آيس: تن مان پار نڪري ان مائيءَ سان شادي ڪيائين ۽ ڪراچيءَ جي پچر ڦٽي ڪري پنهنجي وطن ۾ زمينداريءَ جي ڌنڌي ۾ مشغول رهيو.

بلبل صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هڪڙي هنڌ چوي ٿو:

"جي نه اچي کي بلبلان ڪين ٿئي اي گل گلان،
روز چمن ۾ چهچٽو تازه بتازه نو بنو."

(ديوان بلبل غزل 91)

نوٽ: ان مائيءَ جو نالو گلان هو. نه رڳو انهيءَ غزل ۾ پر ٻين به ڪيترن ئي غزلن ۾ بلبل صاحب پنهنجي معشوقه جو نالو ذومعني طرح نروار ڪري ڇڏيو آهي.

بلبل صاحب ڪراچيءَ رهڻ واري زماني جو احوال ٻئي هڪڙي غزل ۾ هن طرح ڏنو آهي:

"عشق انسان لاءِ اکهازو آهه
عقل جي وڻ ۾ چڻ ڪهازو آهه.
فوج حسينن جي دل ڦري ٿي جهٽ پٽ
هي به هڪ دلبرن جو هڪ ڌاڙو آهه.
جاڏي دل جو سلام ٿئي تاڏي
سرڪري نشڪر لڳن جو لاڙو آهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خرچ ڪثرت سان ٿئي ڪراچيءَ ۾ آهه.
موت هرڪنهن مڪان جو پاڙو آهه.
فائز نهن جو آهه نيپئر روڊ
واه ان ۾ امام واڙو آهه.
جو ڏسو هت جوان مڙس بلي
سيکنهن کي هي سوز ساڙو آهه.
باغ فرقت ۾ گل ري بلبل کي
رات ڏينهن روج رنج راڙو آهه.
(ديوان بلبل رنج 93)

## بلبل صاحب جي تصنيفات ۽ ڪلام

بلبل جهڙو عمدو شاعر هو، تهڙو قابل نثر نويس هو. ڪراچي ڇڏي پنهنجي وطن ۾ وڃي رهيو، تنهن کان پوءِ ڪجهه وقت اخبار ”آفتاب سنڌ“ (سکر) جي ايڊيٽري به ڪُجھ هلايائين ۽ نثر ۾ به ڪي ڪتاب لکيائين.

نظم ۾ سندس مشهور ڪتاب آهي ”ديوان بلبل“ (بمعه ڪريمانيچرل“.

## ديوان بلبل

### صورتخطي ۽ ڇاپو:

”ديوان بلبل“ جنوري 1981ع ۾ ليٿو گراف ڇاپي ۾ ڇاپيل آهي. منجهس جيڪا صورتخطي ڪم آيل آهي، سان هاڻوڪي رواجي صورتخطيءَ سان موافق نه آهي. گهڻن هنڌ ”نون غنه“ جي بدران منجهس به زيرون، يا به پيش ڪم آيل آهن. تنهن ڪانسواءِ ”جنهن“، ”تنهن“، ”ڪنهن“، ”مينهن“، ”نينهن“ ۽ ٻيا اهڙي نموني جا لفظ جهوني نموني ۾ لکيل آهن. ڇاپي جون چڪون به تمام گهڻيون آهن: ڪٿي ڪٿي لفظن جا لفظ ڪاتب وساري ويو آهي، ته ڪٿي پنهنجي اوت تي زياده لفظ ملائي ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (2) ڪلام جي خصوصيت:

بلبل جي ڪلام جي جا خصوصيت آهي، سا آهي "مذاق" ۽ "ظرافت". پاڻ انگريزي پڙهيل ڪين هو ۽ ان وقت انگيزي پڙهيل مسلمانن جي سوٽ پتلون ۽ مغربي فئشن جي ڳالهه ۽ مذهب کان بيپرواهي عام طرح مسلمانن ۽ مولوين کي ناپسند هوندي هئي. تنهنڪري بلبل مرحوم پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا مذاق ۽ ظرافت ڪم آندي آهي، سا خاص طرح مغربي فئشن پسند ڪندڙن انگريزي دان مسلمانن لاءِ ڪم آندي اٿس. ڪن ٿورڙن هنڌن اهڙن وڏيرن ۽ زميندارن تان به مذاقون ڪيون اٿس، جي بازاري عورتن جي عشق ۾ گهر ڦوڪي ڏياري ڪندا آهن. "ديوان بلبل" مان به ٿي مثال مذاقيه ڪلام جا هيٺ ڏجن ٿا:

مرد ٿيا مڪار چو ڪهڙي ڇيم
ڪي رنون ٿيون خوار چو ڪهڙي ڇيم.
جاڪٽ ۽ پتلون پايو دوستو
جي ٿيو. سرڪار چو ڪهڙي ڇيم.
جنهن مٽايو وضع پنهنجي ڪي ادا
سو ٿيو ناڪار، چو ڪهڙي ڇيم.
فخر جي حاصل ڪيو سيني مٿان
ٿيو ولايت ٿيان، چو ڪهڙي ڇيم.
جي اجان صاحب سڏايو سنڌ ۾
تان رهو هوشيار، چو ڪهڙي ڇيم.
چرٽ ڪي هر وقت بابو وات ۾
سينڌ جو سئڪار چو ڪهڙي ڇيم.
ڪر مچون مضبوط مرد وڏنديون وڃن
ڪوڙڏاڙهيءَوار، چو ڪهڙي ڇيم.
پي براندي خوب ڪائو پيا ڏڪا
بر سر بازار، چو ڪهڙي ڇيم.
جي گهٽو سڏجو سياڻا تان ٿيو
دين کون بيزار، چو ڪهڙي ڇيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجـــر ۾ نـالان رهي ٿـــو بي وطن
بلبل بيمـــار، جـــو کهـــڙي چـيم.

(ديوان بلبل غزل 76)

”نيـــچــري فن ۾ ڏيکارين
ٿـــا نـئـــون فن پنـهنجـــو
خـــوب فـــرزات ۽ بـــرزات
ســـان فـــئـــشن پنهنجـــو
ڇـا اسـان کي اوهين سـمجـهو ٿـا
تـــہ ســـنـــڌي آهـــيـــون
خـــاص لـندن ســـان آهي نـاتو
۽ نـيـــشـــن پـنـهـنـجـو
مـــور مـــاني جـــو آهي زور
نـاهہ کـو فـــئـــشن ۾ مـــزو
حـــسن لـيـــدين جـــو آهي روز
۽ فـــئـــشن پنهنجـــو.“

”کريما نيچرل“ تہ خاص طرح ”مذاقيہ“ ڪلام آهي. شيخ سعدي جي تصنيف ڪيل ”ڪريما پارسي“ جي مصرعن اڳيان انگريزدان فئشنل جوانن تان مذاق ڪرڻ لاءِ بلبل صاحب پنهنجون مصرعون ڳنڍيندو ويو آهي. اهو سڄو ڪتاب ”مثنوي شعر“ جي صورت ۾ آهي. هت انهيءَ مثنوي مان ٿورا بيت نموني خاص ڏجن ٿا:

”پيارج ڪو اڄ تيرو وسڪيءَ جو پا
ڪريما ببخشاء بر حال ما
متان هي اسان کي منجهائڻ ملان
نگهدار مارا ز راهہ خطا
سڪيو جو نہ ڳڊ مارننگہ ماءِ ڊيئر
بهشتي نباشد بحڪم خبر

ڪتي پستڙي کي تون ڪج ڪور ڪور
نباشي ز گلزار فردوس دور.

نوٽ:- "ظرافت" ۽ "مذاقيہ ڪلام" جي ڪري بلبل پنهنجن هم عصر خواه پيشين شاعرن کان گوءِ کڻي چڪو آهي. سارو مذاقيہ ڪلام انَ سنڌيءَ طرح ناصحانو ڪلام آهي.

# ديوان ليلارام سنگ وطنمل (خاڪي)

ديوان ليلارام سنگ حيدرآباد سنڌ جو لعلواڻي عامل حيدرآباد جي پارسي خواندن ديوانن مان هڪڙو هو. هو انگريزي، سنسڪرت، هندي، پنجابي ۽ سرائڪي ٻوليءَ ۾ ماهر ۽ جڊيشيل کاتي ۾ سول ڪورٽ جو جج هوندو هو. هو صوفيانہ خيالن وارو ويدانتي ۽ نانڪ پنٿي هو. اول ديوان ليلارام نالو هوس ۽ پوءِ حيدرآباد شهر جي نانڪ پنٿين جو اڳواڻ ليکبو هو ۽ انهيءَ پنٿ جون قيمتي خدمتون ڪيائيون.

## ديوان ليلارام سنگ صاحب جي تصنيفات ۽ سنڌس ڪلام

ديوان ليلارام سنگ صاحب شاه ڀٽائي ۽ انجي ڪلام بابت انگريزيءَ ۾ هڪڙو ڪتاب "ديوان لطيف" نالي تصنيف ڪيو هو ۽ اڃا سرڪاري لئبررين ۾ ان جون ڪاپيون موجود آهن. سنڌيءَ ۾ "سورجن راڌا" نالي هڪڙو عمدو ناٽڪ تصنيف ڪيو هئائين، جو ناٽڪ "ڊرئميٽڪ سوسائٽي" وارن ڪيترا ڀيرا اسٽيج تي ڪري ڏيکاريو هو، ۽ عام خاص کي پسند آيو هو. اهو ناٽڪ جو ڪتاب بہ ڇاپيل صورت ۾ موجود آهي. ديوان صاحب "علم عروض" توڙي "علم موسيقي" جي اصولن تي شعر چوندڙ چڱو شاعر بہ هو. سندس ناهيل شعر جو هن وقت تائين شايع ٿيل آهي سو هڪڙو علم موسيقي جي اصولن تي ناهيل راڳ آهن، جي سندن ناهيل ناٽڪ "سورجن راڌا" ۾ موجود آهن ۽ ٻيو علم عروض جي اصولن تي نهيل ڪلام جو "ديوان خاڪي" جي نالي سان ڇاپيل آهي. اسين هت فقط "ديوان خاڪي" کي ادبي نظر سان جاچيون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مصنف جي باري ۾



مرحوم محمد صديق ميمڻ ولد محمد يوسف ميمڻ 30 مارچ 1890ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم حيدرآباد مان ۽ گريجوئيشن علي ڳڙهه يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين. پاڻ 1940ع کان 1947ع تائين ٽريننگ ڪاليج فارمين، حيدرآباد جو پرنسپل ٿي رهيو. 1935ع ۾ سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي قائم ڪيائين. جنهن جو پهرين سيڪريٽري ۽ پوءِ صدر ٿيو. سوسائٽيءَ جي اهتمام، هيٺ مسلمان نياڻين لاءِ پهريون سنڌي اسڪول "مدرسة البنات" نالي سان ۽ پوءِ 1952-53ع ۾ "مسلم گرلز آرٽس اينڊ سائنس ڪاليج حيدرآباد" قائم ڪيائين.

مذڪوره سوسائٽيءَ جي انتظام هيٺ سنڌي ڪتابن جي اشاعت لاءِ سنڌي مسلم ادبي (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ پريس کوليائين. جنهن جي نگراني پاڻ ڪندو هو.

پاڻ ڪيترائي ادبي، علمي، نصابي ۽ تاريخي ڪتاب لکيائين ۽ شايع ڪيائين. جن مان "سنڌ جي ادبي تاريخ" اهم آهي. 1941ع ۾ سنڌس تعليمي ۽ سماجي خدمتن جي عيوض، ڪيس هندستان جي وائسراءِ، هن کي "خانصاحب" ۽ 1946ع ۾ "خانبهادر" جي لقبن سان نوازيو ويو. پاڻ 20 نومبر 1958ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪيائين.

ISBN-969-405-053-7

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book